نيڻين نِنڊَ حرام



منوهر بيدي - جگديش لڇاڻي

وڊيو فلم اسڪرپٽ

نيڻين ننڊ حرام

(شاهه جي حياتي، ڪلام ۽ ثقافتي تصورات جي آڌار تي)

رچناڪار :

منوهر بيدي - جگديش لڇاڻي

وينا پبليڪيشن

۷۰۱، راجهو اپارٽمينٽ،

گول ميدان، الهاسنگر - ۴۲۱۰۰۱.

فون : 540103

نيڻين ننڊ حرام : هڪ نئون ڪرشمو

— پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي

"نيڻين ننڊ حرام" هڪ ويڊيو - ناٽڪ آهي، جو منوهر ٻڌي ۽ جگديش لکاڻيءَ جي قلم جو هڪ نئون ڪرشمو آهي. هنن اڳ ۾ به ڪن نامور هستين تي اهڙا ناٽڪ لکي پيش ڪيا آهن جي اڃا ٽائيم پردي تي پيش نه ٿيا آهن پر عام اڳيان پستڪن جي روپ ۾ پڌرا ٿيا آهن ۽ مقبوليت حاصل ڪئي اٿن. هنن کي اهو امتياز حاصل آهي جو هنن سنڌي ادب ۾ اها هڪ نئين صنف ايجاد ڪئي آهي. اهو به هڪ معجزو آهي جو هو بنا ڪنهن رقابت ۽ دلي صداقت سان اهڙيون رچنائون رچيندا رهن ٿا. اهو هڪ حيرت انگيز مثال آهي؛ نه ته هن رشڪ ۽ حسد جي زماني ۾ ڪيئن جهڪر هڪ ٻئي کي ساٿ ڏيندا اچن! اهو به هڪ راز آهي ته هو ڪهڙي طريقي سان ڪنهن موضوع جو اڀياس ٿا ڪن ۽ ان کي لباس پهرائڻ ۾ ڪهڙو فنڪاريءَ جو نمونو ٿا وٺن. ٻنهي جو روحاني مطلب آهي ۽ جڻ روحاني لوڪ آهي.

هي ويڊيو ناٽڪ شاهه ڀٽائيءَ جي زندگي ۽ سنڌس سير-و-سياحت جي نسبت ۾ آهي ۽ ان کي مطالع ڪرڻ سان ٿو ڄاڻجي ٿو ته هنن نه رڳو خود رسالي جو اڀياس ڪيو آهي، پر رسالي ۽ شاهه جي سوانح عمريءَ تي عالمانه ادب به ڪافي پڙهيو اٿن ۽ موزون هنڌن تي شاهه صاحب جي ڪلام سان اثر انگيز مثال پيش ڪيا اٿن. جوڳين جي صحبت ۾ سنڌس قلب ڪيئن روشن ٿي ڪيميا جي صورت ورتي، سو ساڻس ڪيل سوالن جي گفتار مان پڌرو آهي.

عنوان : نيڻين ننڊ حرام
رچناڪار : منوهر بيدي ۽ جگديش لڇاڻي
سال : ١٩٩٣
تعداد : ٥٠٠ ڪاپيون
قيمت : ٩٩ رپيا

ڇپائيندڙ : راجيش لڇاڻي، ويٽا پبليڪيشن،
٧٠١، راجيو اپارٽمينٽ،
گول ميدان، الهاسنگر- ٤٢١٠٠١.
فون : ٥٤٠١٠٣
ڇپيندڙ : ڊيپ پرنٽرس،
٦، اما ساگر اپارٽمينٽ،
بابا ڍولورام دربار جي سامهون،
الهاسنگر-٤٢١٠٠١. فون : ٥٤٨١٦٣

Title : NENEN NIND HARAM
(Video Film Script on the Life, Poetry & Creative Imagination of Shah Abdul Latif)
Authors - Manohar Bedee & Jagdish Lachhani
Year : 1993
Copies : 500
Price : Rs. 99/-

Publisher : Rajesh Lachhani
701, Rajiv Apt. Goal Maidan,
Ulhasnagar-421001. Tel. 540103
Printers : DEEP PRINTERS
6, Amma Sagar Apartment,
Opp. Baba Dholuram Darbar,
Ulhasnagar-421001, Ph. 548163

حوالي ۾ وڌيڪ ٿيو. قدرت کي شايد منظور هو ته ڪنهن محبت جو ڦهري ڪات لڳي ۽ سندس قلب ۾ سمايل شاعراڻي خزاني جي ڪليد ڪنهن عطا ڪئي. اهو ٻهراڙون واقعو هو جنهن مٿس ايڏي اثر پيدا ڪيو ۽ جوڳ جو مارڳ ورتائين. سنياسين جي صحبت جي اثر ۽ مجاز جي اثر کي ناٽڪ ۾ اظهاري اُڀار ڪيو آهي:

يار سڄڻ جي فراق،
ڏي جنڌيون! آئون ماري...!
عبداللطيف چئي ٻڌان اسان جو،
هميشه آ حسناڪ!
يار سڄڻ جي فراق...

مٿين سٽي واڻي موزون هجڻ تي آڻي شاه جي دلي ڪيفيت کي آئيني مثل روشن ڪيو اٿن.

شاه گهڻي ٿڪر کان هنگلاج تائين ڪاپڙين جي قافلي سان جهڪي نظارا ڏٺا، تن ڪنهن سهڻي جي ڪشالن جي ياد ڏياري ۽ ڪينجهر پائي تي نوري ۽ ڄام تماچي جي عشق ۽ محبت جو نظارو اچي اکين اڳيان بيٺس، موڪندي دريا جي دهشت جو درشن ڏنائين. دل جي آئيني ۾ سهڻي جو حال پرو ڏيکاريائين. موڪندي گجرات ڪچ، ڪاٺياواڙ، ٿر جو سفر ڪندي، مومل ۽ راڻي، پنهل ۽ راءِ ڏياچ، ليلا-چنيسر ۽ مارئي جي قصن کي دلنشين ڪيائين ۽ پنهنجي ڪلام ۾ وقت-آميز امولي پيش ڪيائين. انهن سڀني سون مان هن ناٽڪ ۾ سندن ڪلام مان اثر-پذير لمحا آندا ويا آهن. فردوسي جنهن شاهنامو لکي، ايران کي امر ڪيو، سو چوندو هو ته جهڪي به جڳهون يا نظارا وغيره مون بيان ڪيا آهن، سي منهنجي تصور جي پردي تي عيان اچي ٿيندا هئا. مهاڀارت ۾ سڄڻ جو مثال ڏيکاري ٿو ته- اهڙن پهتل شخصن جو قلب

آلا نشان اڳي ئي هئا، موٽي ٿين نه ميس-
هو ناپاڪائيءَ کان آجا هئا ۽ موٽي مٽن کا ميراڻ نه چڙهي.
روميءَ سچ چيو آهي - گروهه سنگ خاره...
" جيئن ٽڪ ٽون سخت پٿر هجن ته ان کي درويش جي صحبت ۾ گوهر ٿي پوندا. " پنهنجي لکڻ تي ان ساڳيو پرڀاوُ پيو آهي.

اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته شاه صاحب جي همت اڪري ڪئي ان موجود ناهي پر هو پاڻ سان هميشه روميءَ جي مثنوي ۽ شاه ڪريم جو رسالو گڏ رکندو هو. اهو به ڏيکاريو ويو آهي ته ڪهڙين سندس تڙ ڏاڏا شاه ڪريم ۽ پٽ واري هنڌ تان لکيندي پيشنگوئي ڪئي هئي ته " اسان جي پوين مان هڪ لاثاني گوهر پيدا ٿيندو. " ظاهريءَ طرح پنهنجي استاد نور محمد پٽي وقت الف کان زياده اڳتي نه وڌيو پر اهڙن خدا دوستن کي علم لدني نازل ٿيندو آهي، جنهن ۾ سڀئي علم سمايل هوندا آهن. مون کي خوشي آهي، جو جگديش ۽ منوهر الهيءَ جو ذڪر آندو آهي. الهيءَ مان ثابت آهي ته سندن مطالعو وسيع ۽ صحيح آهي. روميءَ جو مشهور سخن شاهديءَ طور پيش ڪيو اٿن :

علم اهل - دل نه از مکتب بود،
بلکه از تعليم ها خير، رب بوُد.
بي کتاب و بي حساب و بي ادب
اوليا را حق کند علمي نصيب.

مطلب ته درويشن جي تعليم ڪنهن مدرسي مان ناهي، پر سڌو ڪين رب کان عطا ٿيل آهي. بنا ڪنهن حساب ڪتاب ۽ اُستاد جي کين هيءُ علم عطا ٿئي ٿو.

مرزا جي دختر جي خليفاڻيءَ ۾ دنيا طاميءَ لاءِ ڪيس سندن

پنهنجي پاران :

اسان ٻن اديب - دوستن جي "نيڻين ننڊ حرام" اسڪرپٽ فارم ۾ ٻنهن گڏيل رچنا آهي. هيءَ رچنا شاهه جي (نامڪمل ئي سهڻي!) تصوير آهي. هن تصوير ٺاهڻ ۾ ٻن ڄڻن ڀاڱو ورتو آهي. هڪ لڪيرون ڪڍيون آهن ٻي رنگ ڀريا آهن. هڪ دل لڳائي آهي، ٻئي دماغ لڳايو آهي- تڏهن ئي رچي شاهه جي هيءَ نامڪمل تصوير مڪمل بڻي آهي

سنڌ جي ڀوتر ڀوميءَ تي سنه ١٦٨٩ ۾، هڪ اعليٰ درجي جو، مهان سنت ڪوي شاهه عبداللطيف پيدا ٿيو، جو دنيا جي مشهور ۽ معروف شاعرن ۾ هڪ ممتاز هستيءَ جو مالڪ آهي هنکي شاعراڻي قوت اعليٰ پيماني تي عطا ٿيل هئي، جنهن کيس هر طرح ڪامل ۽ هر دلعزيز شاعر بڻائي ڇڏيو- شاهه جو شعر، انيڪ ادبي جوهرن سان معمور آهي، جنهن تي سنڌ ۽ هند جي سنڌين کي ناز آهي.

شاهه ڀٽائيءَ جي امر ڪوتا ۾، سنت ڪوي ڪبير، سورداس، تلسي ۽ ميران وانگر ڀڳتي، ويراڳ، يوگ ۽ گيان جو ميل آهي. هن پنهنجي وقت جي مذهبي تنگدليءَ، تعصب ۽ ڪٽرپڻي خلاف آواز اٿاري، عالم جي صحيح نموني رهنمائي ڪئي. حسام الدين راشدي شاهه لاءِ ٺيڪ ئي فرمايو آهي، "... درحقيقت هن جي ذات يا هنجو پيغام نه ڪنهن خاص طبقي جي ميراث ۽ نه ڪنهن خاص ملڪ جي ملڪيت آهي. هن جو ڪلام هر انساني برادريءَ جي ميراث آهي ۽ هن جو پيغام سڀني انسانن لاءِ آهي، ڀل هو مشرق ۾ رهندا هجن يا مغرب ۾."

ئي آندو آهي؛ انهيءَ ڪري هو ستپوش ڏرواشن کي ڪرڪيٽر جي بلند سماچار ڏيئي سگهيو. ملڪن ۽ قومن لاءِ هڪڙا بر اساطيري نظر سان پرکيو ۽ آڪاش جا درشن پيش ڪيا اٿس. شاهه جو ڪلام به اهڙي نموني الهام جي صورت ۾ آهي، جهڙين جوڳين پروڦيٽ ٿو فرمائي. مطلب ته شاهه جا سڀ تجربا ۽ تصوف ـ پاڻ ڏانئون ناٽڪ ۾ آيل آهن ۽ درويشن سان ملاقاتن سان گڏ شاهه سان جوڳين جي گيان ـ گوشت ۽ قاضين ۽ مخدومن جي ديني ۽ روحاني گفتار جو به ذڪر آندو ويو آهي. رسالي جي جدا جدا سرن مان ٻه مثالي بيت پيش ڪيا ويا آهن.

وڌيڪ وستار جي ضرورت ناهي ڇو ته ”عيان را چه بيان“ يعني جيڪي پڌرو آهي، تنهن کي بيان ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ ناٽڪ پڙهڻ سان شاهه بابت سموري ڄاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ ناٽڪ ڏسڻ سان (جي پيش ٿيو) حاضرين تي سنڌس اعليٰ شخصيت جو سڪو دل تي دائم قائم رهندو. مان ليکڪ ۽ ايڊيٽر کي بيحد مبارڪون ٿو ڏيان جو هن ناٽڪ جي صورت ۾ شاهه کي زنده روپ ڏنو آهي.

حافظ سچ ٿو چوي ته:

هرگز نه ميرد آنکه دلش زنده شد به عشق
ثبت است بر جريده عالم دوام ما (حافظ)

”هرگز اهو نٿو مري، جنهن جي دل عشق سان زنده آهي. دنيا جي دفتر ۾ اسان جي امرتا هميشه لاءِ اڪري ويئي آهي.“

سئنيما جي ايجاد جتي ناٽڪ - ڪلا کي ڪافي ڌڪ هنيو، اتي ريڊيو جي ايجاد ”براڊ ڪاسٽ اسٽوڊيو“ ۾ اُن جو جڳ اهو جنم ٿيو. پهريون دفعو ناٽڪ - ڪار کي مورتين جي محتاجي جي سيٽن، ڏاڍن ۽ گوڙ شور کان مُڪتي ملي. ريڊيو لاءِ ناٽڪ لکڻ وقت ناٽڪ - ڪار کي پڙدن جو مٿهون اسٽيج رکڻ ۽ فرنيچر ٺاهڻ کان ٻاهر آڻڻ لاءِ Sexual Bribery ڏيڻ جي ضرورت نه هئي. تنهنڪري سواءِ ريڊيو - ناٽڪ، ليکڪ کي اسٽيج جي پابندين ۽ زمان ۽ مڪان جي پابندين کان به مُڪت ڪري ڇڏيو، جو ته ريڊيو - ناٽڪ ۾ زمان ۽ مڪان جي سوچنا صرف آوازن (Sound Effects) ذريعي ئي ڏني ويندي آهي. ٽيلي اڄ جي يُگ ۾ سائنس اسان کي اهڙا ته وڌيڪ سهوليتون مهيا ڪري ڏنيون آهن ۽ اهو سائنس جي سهوليت جو اُهو يُگ. ڪلا جي ڪيترن ۾ به ٿيڻ لڳو آهي. اڄ وگيان وڊيو - يُگ کي جنم ڏنو آهي ۽ وڊيو - يُگ جو اهم ذريعو آهي ٽيليويزن، جا تمام تيزيءَ رفتار سان سئنيما تي به حاوي ٿيندي ٿي وڃي. اڄ اسان کي وگيان جي بدولت اها به سهوليت مهيا آهي جو اسين پنهنجي گهر جي ڊرائنگ روم ۾ ويهي، پنهنجي مرضيءَ مطابق پنهنجي دل - پسند ڪا به وڊيو ڪئسيٽ ڏسي سگهون ٿا. مطلب ته گهر ۾ ئي اسان کي ونڊر جو ذريعو مهيا ٿيڻ لڳو آهي

اڄ راماڻ ۽ مهاڀارت دنيا کي پاڳلپڻي جي حد تائين عجب ۾ وجهي ڇڏيو آهي، اها سڀني کي خبر آهي. ”بنياد“ جي رسمي پنجابي تهذيب جي سگند سرحدون لتاڙي دور دور تائين اهڃي چڪي آهي. ”تمس“ سالن جا سال ماڻهن کي ياد ڏياريندي رهندي ته پنجاب جي سکن و رهاڳي جي اڳ ۾ ڇا ڇا سواها ڪيو ۽ ڪيتري حد تائين شعلن جي لپٽ سنائون ۽ قربانيون ڪيائون. ”چولي دامن ۽ سانجها چولها“

صحيح معنيٰ ۾ شاعر اهڙي ئي سڏي سگهبو آهي، جنهن جو ڪلام زمان و مڪان جي پابندين کان پري، هر دؤر ۽ هر ماحول سان ٺهڪندڙ هجي. شاهه صاحب کي شعر چئي ٻن صدين کان مٿي عرصو ٿيو آهي پر پوءِ به سندس ڪلام جي ڪشش ۾ ڪمي ڪين آئي آهي. اڄ به سندس ڪلام اسان لاءِ ساڳي موزونيت ۽ مناسبت رکي ٿو. شاهه، پنهنجي ڪلام ۾ جن باهمت جي اها تند تنواري آهي، جا اڄ ڏينهن تائين سنڌ ۽ هند جي باشندن جي ڪنن ۾ گونججي رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان هن دفعي پنهنجي اسڪرپٽ جو مرڪز شاهه کي ئي بڻايو آهي. پر اسان ”لطيفن ننڊ حرام“ ۾ شاهه جي حياتيءَ جي هڪ اڻ ڇهيل باب کي ئي رٿيڪ ڪيو آهي، جنهن جي اپٽار اسان جي سنڌي عالمن ڪير ڪا ڪئي آهي. شاهه صاحب هنگلاج ڏانهن ويندي سڄا سارا ٽي سال جوڳين جي سنگ ۾ رهيو. اسين سمجهون ٿا ته اهو عرصو شاهه جي زندگيءَ جو هڪ اهم ترين عرصو آهي، جنهن شاهه کي ٺاهيو، ٺپيو ۽ نکاريو. اسان شاهه جي شعرن کي آڌار بڻائي ئي ان جي اپٽار ڪئي آهي ۽ موزون هنڌن تي شاهه صاحب جي ڪلام مان مثال پڻ پيش ڪيا آهن. ائين برابر آهي ته اسان ڪلپنا کان ڪم ضرور ورتو آهي، ليڪن ڪلپنا به اها، جنهن کي ڪو ٺوس آڌار آهي. جيڪڏهن هن ڏس ۾ اسان جي همت- افزائي ٿي ته شاهه جي تصوير کي اهڙن جلدن ۾ مڪمل ضرور ڪيو ويندو، اها منهنجي توهان کي خاطري آهي.

هاڻي سوال ٿو اٿي ته اسان شاهه کي اسڪرپٽ فارم ۾ ڇو لکيو؟ جواب تمام سولو آهي. اڄ جو زمانو صرف ڪتاب پڙهڻ يا ريڊيو ۽ ٽيپس ٻڌڻ جو ناهي. اڄ جو زمانو آهي ڏسڻ- ٻڌڻ جو، يعني ٽي. وي. ۽ ويڊيو جو. ٽي. وي. اڄ جي دؤر جو هڪ زوردار ماڌيم آهي.

عاشق آنگن چڙهيا

(شاهه : سير و سفر ۽ تخليقي تصورات)

۾ سکن جي تهذيب کي سندن ذاتي گڻن کي نکاري سنواري پيش ڪيو ويو آهي. "مرزا غالب" ۽ "گفتگو" ۾ اردو ادب ۽ اسلامي تهذيب ۽ ان جا نمايان پهلو اجاگر ٿيل ملندا آهن. "امير خسرو" ۾ صوفي مت کي پرڪاشت ڪيو ويو آهي ته "ڀارت ايڪ کوج" ۾ ڀارت جو اتهاس دلچسپ ۽ پر اثر نموني دنيا جي اڳيان جلوه نما ڪيو ٿو وڃي.

ٻر جن سنڌين آزاديءَ جي صدقي سڄي سنڌ قربان ڪري، ڀارت ۾ شرڻارٿي ٿيڻ قبول ڪيو، ڪٿي آهي انهن جي دکن، دردن، ارمانن ۽ ٽٽل خوابن جي تصوير؟ جن سنڌين ڀارت ۾ اچي مٽيءَ مان سون بڻايو، پنهنجي عقل ۽ محنت سان نه فقط پاڻ کي سکيو ستابو بڻايو، بلڪ هزارن هندستانين کي روزگار ڏنو، ڪٿي آهي انهن جي پرشارٿ ۽ پرمارٿ جو داستان؟ جيڪڏهن سنڌي ان طرح نظرانداز ڪيا ويا ته نه صرف دنيا پر اسانجون ايندڙ پيڙهيون به اسانجي گڻن، قربانين کان اڻ-واقف رهجي وينديون.

انڪري اڄ اسانکي پنهنجن مهان-هستين، سنڌين جي گڻن ۽ ڪلائن جو پاڻ پرچار ۽ ڦهلاءُ ڪرڻو آهي. ٻيو ڪوئي وانءُ ڪونهي، جو اسان سنڌين جي گڻن، ڪلائن ۽ مهان شخصيتن کي ويهي پڌرو ڪرڻ جي تڪليف گوارا ڪري.

اسانجي دلي تمنا آهي ته سنڌي ڪلائون، سنگيت، گيت، لوڪ-ڪهاڻيون، لوڪ ڳيت ۽ مهان-هستين جا جيون-چرتر پروچڪ نموني پڻ اڳيان پيش ڪريون ان لاءِ اسان ٽي-وي - اسڪرپٽ ماڌيم چونڊيو آهي. جيڪڏهن ڪو سنڌي دانشور ۽ سنڌي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جو شيدائي اڳيان وڌي ويڊيو فلمون يا ٽي. وي سيريل ٺاهڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻي ته اسان ان سان هر ڪنهن قسم جو سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

— پروفيسر جگديش لڇاڻي

(هڪ وڏو سائو ٻن وچ مان ان طرح ڏيکاريل آهي جو ائين ڳرانوند مان آسمان "اَلله" لفظ ٺاهي رهيو آهي.)

مرداڻو آواز: سنڌ جي عظيم ترين شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڏاڏو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو هڪ دفعي نون هالن کان ٻه ڪوهه پري ڪراڙ ڍنڍ ڀرسان لنگهي رهيو هو. آس پاس واريءَ جا دڙا هئا ....

(شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو واريءَ جي دڙي جي ڀرسان لنگهي رهيو آهي. ڪراڙ ڍنڍ ۾ ڪنهن ڪنهن وقت هوا لهرون پيدا ڪري رهي آهي. ٻيءَ حالت ۾ پاڻي شانت آهي. آس پاس جي زمين تي ڪجهه ٻڪي ڇهڪي رهيا آهن. دور دور تائين واري ئي واري ڦهليل آهي. اوچتو هوا جي رفتار ڪجهه تيز ٿيندي لڳي وڃي ۽ آسمان لٽجي ٿو وڃي. شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو آسمان ڏانهن نهاري ٿو ۽ ريتيءَ کان منهن ۽ اکين کي بچائڻ لاءِ پٽڪي جو ڇوڙ ڪڍي ٿو منهن تي وجهي ۽ ڪجهه ڌيمي رفتار سان اڳتي وڌي ٿو.

اوچتو اَذان اقامت جو آواز چئني هوائن تي ترندو ترندو سڄي ماحول تي ڇانئجي ٿو وڃي.)

اَلله اڪبر الله اڪبر الله اڪبر

اَشهد اَن لا اِلا الله ....

مان گواهي ڏيان ٿو ته الله کانسواءِ ڪوئي معبود ڪونهي.

مان گواهي ڏيان ٿو ته الله کانسواءِ ڪوئي معبود ڪونهي.

مان گواهي ڏيان ٿو ته حضرت محمد الله جو رسول آهي.

مان گواهي ڏيان ٿو ته حضرت محمد الله جو رسول آهي.

شاه :

سڄڻيان جي سونهن جي، ڳالهه ڪين وڃي،
وڃي در دوستن جي، سوريءَ سر هڄي،
عاشق انگن چڙهيا، پر سڪو لاهي،
لاهڄ لوه پرينٽون، ٻاهران سر سٽي،
عاقل ني اوچون ٿيا، پورو ڪين لاهي.

(سر يمن ڪلياڻ-داستان ٧)

ڪيو آهي ۽ اسان کي قيامت جي روز شفاعت نصيب ڪجانءِ.
بيشڪ تنهنجو واعدو ڪوڙو ناهي پنهنجي رحمت سان
او سڀ کان وڏا رحم ڪرڻ وارا!

(شاه عبدالڪريم الڙهيءَ وارو ڪعبه شريف ڏانهن منهن ڪري سعادت مندانا انداز ۾ بيٺو آهي)

شاه عبدالڪريم: نيت ڪئي آهي مون....
(ڪجهه دير چپ ۾ ڪجهه ادائي ٿو.)
الله اڪبر

(شاه عبدالڪريم الله اڪبر چئي ٻئي ٻنهي هٿن کي ڪن تائين آڻي ٿو ۽ ٻوءِ ڏن کان ڪجهه هيٺ کابي هٿ جي مٿان ساڄو هٿ رکي ٿو ۽ هٿن کابي هٿ کي پڪڙي ٿو. هو نماز ادا ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار آهي. ماحول ۾ ثنا جي گونج.)

ثنا: تنهنجي پاڪيءَ سان گڏ اي الله منهنجي دل
توکي ياد ٿي ڪري
۽ تنهنجيءَ تعريف سان گڏ
مبارڪ نالو آهي تنهنجو
۽ بلند آهي تنهنجو شان
۽ توکان سواءِ ٻيو ڪوئي معبود ناهي.

أعوذ بالله من الشيطن الرجيم

بسم الله الرحمان الرحيم

(شاه عبدالڪريم نماز پڙهي رهيو آهي. سورة فاتحه جي ماحول ۾ گونج)

سوره فاتحه: الحمد لله رب العالمين
الرحمان الرحيم.....

نماز جي لاءِ حاضر ٿيو!
نماز جي لاءِ حاضر ٿيو!
نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اچو!
نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اچو!

اَلصلوٰة خير من النوم......

نماز سمهڻ کان بهتر آهي.
نماز سمهڻ کان بهتر آهي.

(ڪجهه وقفو کان پوءِ)
قد قامت الصلوٰة ....

”هيءَ“ نماز قائم ٿي وئي.
”هيءَ“ نماز قائم ٿي وئي.

الله اڪبر الله اڪبر الله اڪبر

(ڪجهه وقفو کان پوءِ)
اَللهم رب هذه ....

الله تون پروردگار آهين انهن سڀني ماڻهن کي سڏائڻ جو،
۽ قائم ٿيندڙ نماز جو.

ڏي محمد صلي الله عليه و سلم جي وسيلي ۽ ان اعليٰ
درجو عطا فرماءِ

انهن کي مقام محمود ۾ کڙو ڪجانءِ جنهن جو تو واعدو

۽ نه مان توهان جي معبودن جي
پرستش ڪندس
۽ نه توهان منهنجي معبود جي
پرستش ڪندؤ.
توهان کي توهان جو
۽ مون کي منهنجو
بدلو ملندو

لکم دينکم ولي دين.
الله اڪبر ....

(الله اڪبر جو پڙاڏو جڻ ته هر هنڌ گونجي رهيو آهي. ڪراڙ ٻليءَ. واريءَ جا دڙا ، آسمان. شاهه عبدالڪريم هڪ واريءَ جي دڙي جي پاسان بيٺو آهي، هن جي سامهون ڪجهه الله لوڪ فقير ۽ صوفي لاڪوفي بيٺا آهن)

شاهه عبدالڪريم : الله لوڪو! فقيرو! صوفيو! هو سامهون وارو واريءَ جو دڙو ڏسو ٿا نه؟ انهيءَ دڙي جي پاسان اسان نماز پڙهي هئي....
(ڪجهه دير دڙي ڏانهن نهاري ٿو.)
..... اسان جي اولاد مان هڪ ولي ۽ وڏو شاعر هن هنڌ پنهنجو آستان جوڙيندو.

(شاهه عبدالڪريم جون اکيون! اهي جڻ مستقبل کي صاف ڏسي ۽ پڙهي رهيون آهن.)

✻

(واريءَ جا دڙا .)

آواز : شاهه عبدالڪريم اڳيءَ واري جي اها پيشنگوئي لفظ بہ لفظ سچ ثابت ٿي. ٻه چڱي عرصي کان پوءِ. جڏهن سنه

هر قسم جي تعريف الله جي لائق آهي
جيڪو تمام عالم کي پالڻ وارو آهي
وڏو مهربان
۽ نهايت رحم وارو آهي
روز جزا جا مالڪ (اي الله)
اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا
۽ توکان ئي مدد وٺون ٿا
اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ
انهن ماڻهن جي رستي تان جن کي
تو انعام سان نوازيو
۽ نه انهن جي رستي تان
جن تي تنهنجو غضب نازل ٿيو
۽ نه ئي گمراهن جي
رستي تان
آمين
بسم الله الرحمان الرحيم

(شاه عبدالڪريم الحمد شريف کان پوءِ سوره الڪفرون پڙهي ٿو.
سوره الڪفرون جي ماحول ۾ گونج.)

سوره الڪفرون: قل يا ايها الڪفرون....
چئي ڏيو
اي ڪافرو!
نه مان توهان جي معبودن جي
پرستش ڪريان ٿو
۽ نه توهان منهنجي معبود جي
پرستش ڪريو ٿا

٣- اُهيان تي آهون ڪريان، نعرو منجهه نصيب!
درد جدائي، حب حبيبي!
٤- ڪاهل آهيان ڪوڙي، رسي لاه رقيب:
درد جدائي، حب حبيبي!
٥- حاذق آهئين هن جو، اُچين شال عجيب!
درد جدائي، حب حبيبي!
٦- دوا آهئين دل جي، ٻيچ ٻيچ رهيس، طبيب!
درد جدائي، حب حبيبي!
٧- اُلا! عبداللطيف کي، ڪوڙي لاه، قريب!
درد جدائي، حب حبيبي!

(شاه جي بيت جا فقير وائي اهڙي تلفظ ۾ ڳائن ٿا جو شايد ئي ڪنهن کي چڱيءَ طرح سمجهه ۾ اچي. پر ڳائڻ جو نوع اهڙو ته دلسوز ۽ دردناڪ آهي جو درد جي تصوير اکين جي سامهون اڀري اچي ٿي.
دلسوز موسيقي ماحول کي لرزائي رهي آهي.)

"شاه جو رسالو" جو ڪلوز - اپ
پنا اٿلائيندا وڃن ٿا.
هڪ صفحي تي لکيل آهي:

سوانح عمري
۽
سير و سفر

بئڪ گرائونڊ ۾ شاه جي تصوير.
اکين جو ڪلوز - اپ.

※

1689ع ۾، ڪاهوڙن جي صاحبيءَ ۾، حيدرآباد ضلعي
جي هالا تعلقي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو جنم ٿيو ....
شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ۽
دنيا جي عظيم ترين شاعرن مان هڪ! شاهه عبدالڪريم
جي اها پيشنگوئي ان وقت سچي ثابت ٿي جڏهن
سندس ٽڙ پوٽي شاهه عبداللطيف خلوت پسنديءَ جي لحاظ
کان ڪوٽڙي ڇڏي نيڪ انهيءَ جاءِ تي اچي پنهنجن
فقيرن صوفين لاڏوفين سان گڏ واريءَ جي دڙي مٿان
چيڪي مٽي وجهي پنهنجي لاءِ هڪ جهوپڙو اڏيو. هڪ
ننڍڙي مسجد. اڄ سيد حبيب شاهه ۽ امڙ لاءِ حويلي.
فقيرن ۽ صوفين لاڏوفين لاءِ مقرر حدون. اهو هو ڀٽ
جو اصلوڪو روپ ....

وقت بدلجندو رهيو ۽ ان سان گڏ ڀٽ جو روپ رنگ
پڻ تبديل ٿيندو رهيو ....

(چيڪي مٽيءَ جو جهوپڙو بدلجي سادي، سودي ڀٽ جي شڪل
اختيار ڪري ۽ .... پوءِ .... موجوده ڀٽ اڀري ٿي اچي.
ماحول وجداني موسيقيءَ سان ڀريو پيو آهي، احاطي ۾ فقير شاهه
جي وائي ڳائي رهيا آهن- تن-بدن کان بيخبر، وجداني حالت ۾
ڄڻ ڪنهن ٻيءَ دنيا سان جڙيا پيا آهن.)

وائي: معلوم حال حبيب!

مون کي درد قديمي، ورا
درد جديدي، حب حبيبي!
١- الودي آزار کان، تو ته تبس طبيب!
درد جديدي، حب حبيبي!
٢- شادي ڏئين صحت جي، غمي لاءِ غريب!
درد جديدي، حب حبيبي!

نور محمد: چوڻ اِي ...

شاهه: ٻي وري ڇا جي؟ الف کان پوءِ ته ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه.

(نور محمد کان هلڪو ٽهڪ نڪري ٿو وڃي. هڪ پل لاءِ هن جي چهري تي عجب جا نشان نمودار ٿين ٿا. پوءِ هو شاهه جي اکين ڏانهن نهاري ٿو. شاهه هن جي اکين ڏانهن اول ئي نهاري رهيو آهي. ٻنهي جون نظرون ملن ٿيون. ڪجهه دير مليون ئي رهن ٿيون نيڻن جي اچ وڃ ٿئي ٿي. پوءِ نور محمد هلڪي مرڪ مرڪندي ڪنڌ ٿو اکيون هيٺ ڪري. ان وقت ماحول مان هلڪي مرداڻي آواز ۾ هيٺ ڏنل بيت اوور لئپ ڪن ٿا.)

بيت: اکر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار،
اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا.
(ڏيمو سڪيمع)
هلائيج هيئين ۾، الف سندي اوڙ،
ته ڪتابن جي ڪوڙ، سمجهاڻي معلوم ٿئي.

نور محمد: ابا، تون پنهنجي حق تي آهين.

شاهه حبيب جي گهر ۾ ڪمرو/ اندر/ ڏينهن

(شاهه حبيب جي چهري جو ڪلوز- اپ)

شاهه حبيب: تون بيشڪ حق تي آهين. اول ۽ آخر الف ۾ فقط الف ئي آهي...

(شاهه حبيب پٽ کي ڀاڪر ۾ ڀري بيٺو آهي.)

شاهه حبيب: پٽ، انهيءَ علم جي مون کي پروڙ آهي. پر دنيا جي ريت نباهڻ لاءِ ظاهري علم ضروري آهي.

(پيءُ ۽ پٽ جون پاڻ ۾ نظرون ملن ٿيون.)

شاهه حبيب: مان اعتقاد سان چئي ٿو سگهان ته توکي پڻ لدني علم جي تحصيل آهي.... عام ماڻهن کي اها خبر ڪونه هوندي آهي.

واڱي ڳوٺ / آخوند نور محمد ڀٽيءَ جو گهرو مدرسو / اندر / ڏينهن

پنجن ڇهن سالن جي ٻالڪ شاهه عبداللطيف جو ننڍپڻ، معصوم اکيون، ڪئميرا جي پل پل ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته واڱي ڳوٺ جي مشهور عالم آخوند نور محمد ڀٽيءَ جي گهرو مدرسي واري صفحي جي وچ ۾ ٻالڪ لطيف کي هٿ کان پڪڙي هڪ ماڻهو بيٺو آهي. سامهون ڪاٺ جي چؤرس منجيءَ تي نور محمد ويٺو آهي.

ماڻهو : سائين، شاهه حبيب صاحب سلام مڪو اٿو.

نور محمد : اچ ابا، ويهه اچ. هيءَ ٻار ته شايد ...

(ان وچ ۾ اهو ماڻهو نور محمد جي اڳيان اچي هن جي پيرن جي ڀرسان ويهي ٿو رهي. ٻالڪ شاهه لطيف هڪ طرف ادب سان بيٺو آهي.)

ماڻهو : هائو سائين، هي ٻار اٿو شاهه حبيب جو نور نظر لطيف... شاهه صاحب جي مرضي آهي ته سندن جگر جي ٽڪري کي واڱي ڳوٺ جو مشهور عالم فاضل سائين آخوند نور محمد ئي دنيوي علم عطا ڪري.

نور محمد : اها شاهه صاحب جي وڏي قدر شناسي ۽ عزت افزائي آهي جو هو اسان جهڙن ناچيز کي ان لائق سمجهن ٿا ....

(نور محمد شاهه لطيف کي پيار سان هٿ کان پڪڙي پنهنجي ويجهو آڻي ٿو. مٿي تي هٿ گهمائيس ٿو. لطيف جي چهري تي معصوميت ڀري مرڪ آهي.)

نور محمد : پٽ، تنهنجو نالو آهي؟

شاهه : لطيف - عبدل لطيف ...

نور محمد : ڀلا، چؤ الف ...

شاهه : الف.

ڪوٺڙي / مرزا جي حويليءَ جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

(ميڊيم شاٽ: مغل بيگ، اوغون جي ڌيءُ آئشه ڪُنڊ ۾ وڇڙهي سيڙهي بستري ۾ پئي آهي. چهري مان صاف صاف بيمار ۽ ڪمزور لڳي رهي آهي. پر، اِن هوندي به چوڏس جي چنڊ جهڙو هن جو حسن بيماريءَ جي حالت ۾ به نکرجي بيٺو آهي. آئشه جي پيرانديءَ کان سندس ماءُ ويٺي آهي ۽ ڌيءُ جي پيرن جون ترِيون ڪپڙي سان مهٽي رهي آهي. اوچتو هڪ داشته ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي.)

داشته: مرزا صاحب ڪمري ۾ اچي رهيا آهن- هنن سان گڏ نئيو سيد صاحب به آهي.

(آئشه جي ماءُ ڌيءَ جي پيرن جون ترِيون مهٽڻ بند ڪري ڌيءَ کي ڍڪي ٻوهي ٿي ۽ پاڻ به لباس ٺيڪ ڪري ٿي. داشته ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ادب سان اچي بيهي ٿي رهي. اوچتو دروازي تي لڳل چلمن هٽائي مرزا ۽ شاهه لطيف اندر داخل ٿين ٿا. هنن کي اندر ايندو ڏسندي ئي آئشه جي ماءُ پلنگ تان لهي زمين تي بيهي ٿي رهي.)

مرزا : (شاهه لطيف کي) شاهه صاحب، هيءَ اٿوَ منهنجي نور- نظر آئشه- ڪافي ڏينهن کان بخار ۾ پئي آهي. دوائون ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون، هاڻي دعائن جو ئي ڀروسو آهي.

(شاهه لطيف آئشه جي ويجهو وڃي هن جي منهن ۾ چتائي نهاري ٿو. آئشه به اکيون کڻي شاهه ڏانهن نهاري ٿي. ٻنهي جون اکيون ملن ٿيون ۽ شاهه بيخوديءَ جي حالت کي رسي ٿو وڃي. اُن بيخوديءَ ۾ ئي شاهه جو هٿ اڳتي وڌي ٿو ۽ آئشه جو هٿ پڪڙي، [illegible] کي کڻي ٿو هٿ سان سوگهو جهلي. سڀ عجب

شاهه لطيف : جي آبا ... جيڪو توهان جو حڪم.

شاهه حبيب : پٽ، تون ٻهريون دفعو مرزا سائين جي دولت خاني ڏانهن وڃي رهيو آهين....

(پيءُ پٽ جون اکيون پاڻ ۾ ملن ٿيون)

... مرزا مغل بيگ ارغون آهن ۽ سندن گهر ۾ سخت پردو آهي. وڏا ماڻهو آهن، ڪافي رسوخ ۽ رسائيءَ وارا، پر اسان کي عزت سان ڏسندا آهن- اسان جا، انهن کٽي سمجهه، چڱا معتقد آهن. اسان سيدن کان سواءِ ڪنهن به ٻئي اشر کي سندن گهر جي چائنٺ اورانگهڻ جي اجازت ڪونه آهي...

(پيءُ پٽ جون نظرون وري هڪ ٻئي سان ملن ٿيون.)

.... پٽ لطيف. تون وڃ ۽ الله کان اهڙي دعا پن جيئن مرزا صاحب جي دختر جي علالت يڪدم دور ٿي وڃي ۽ صحتياب ٿي پوي....

(هڪ دفعو وري پيءُ پٽ جون نظرون پاڻ ۾ ملن ٿيون. ڪجهه دير ملهيون ٿي رهن ٿيون. پوءِ شاهه لطيف ڌيمو ڌيمو سر لوڏي ٿو ۽ ڪجهه به ڪڇڻ کان سواءِ ٿي اوطاق کان ٻاهر وڃڻ لڳي ٿو. گماشتو تڙ تڪڙ ۾ شاهه حبيب کي سلام ڪري شاهه لطيف جي پٺيان پٺيان وڏيون وڏيون پرانگهون پريندو ٻاهر نڪري ٿو وڃي. شاهه حبيب ڪجهه دير ٻاهرئين دروازي ڏانهن خال ۾ نهاريندو ٿو رهي پوءِ اکيون ٻوٽي ليٽي ٿو پوي.)

شاهه حبيب : (ٻيهد ڌيمي آواز ۾)

علم اهلِ دل نه از مڪتب بود،
بلڪ از تلقين خاصهٔ رب بود.
بي ڪتاب و بي حساب و بي ادب،
اوليارا حق ڪند علمي نصيب.

ويٺو ٻاهران ماٺ ۽ صبر اختيار ڪيائين ۽ ان وقت پنهنجي مرشد جي نورچشم کي تڪڻ ۾ ڪو نه ڇڏيائين. مرزا مغل بيگ سمجهي ويو ته دعا جي بهاني آتش جي ڇڪ پڪڙي چڻ اشاري ۾ شاه لطيف هن سان شادي ڪرڻ جي خواهش جي پذيرائي ڪئي آهي.

(پردي جي تصوير بدلجي ٿي. هاڻي اسان ڏسون ٿا ته مرزا مغل بيگ ارغون ۽ شاه حبيب هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا آهن. مرزا جي چهري تي ڪٺورتا ملبل گمڀيرتا آهي ۽ شاه حبيب جي چهري تي نرمائي ۽ خاڪساري ڇانيل آهي. مرداڻو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

آواز : جڏهن شاه حبيب کي خبر پئي ته سندس لخت جگر جي دل وڃي مرزا مغل بيگ ارغون جي دختر جي حسن و شباب جي ڪنڍي ۾ اڙي آهي ته کيس ڪو خاص عجب ڪو نه لڳو. هو خود به هڪ پهتل شخص هو، شاعر هو، جهانديده هو ۽ کيس اول ئي اهڃاڻ ٿي نظر آيا ته لطيف سان اهڙو ئي ڪو عجيب و غريب حادثو ٿيندو. کيس خبر هئي ته اهي حادثا ئي زندگيءَ ۾ موڙ آڻين ٿا ۽ انسان ڪٿان جو ڪٿي وڃي ٿو پهچي. مجاز حقيقت جي پل آهي.

اَلمجاز قنطرة الحقيقه

شاه حبيب کان پٽ جي عشق جو درد سٺو نه ويو. هو لڪ لاهي مرزا جي ڇانئٽ لتاڙي سندس گهر وڃي پهتو ۽ سندس ڌيءَ جو هٿ پنهنجي پٽ لاءِ طلبيائين. مرزا کي ان وقت به ڏاڍو غصو آيو پر پي ويو. پنهنجن ڏندن مان هڪ لفظ نه ڪڍيائين. فقط ايترو چيائين:

ڏسنداسين.

مان شاه جي ان حرڪت کي جاچي رهيا آهن.)

شاه : (بي - اختياريءَ ۾) جنهنجي آگر سيد هٿ ۾
تنهنکي لهر نہ لوڏو ....

(مرزا مغل بيگ ارغون غصي ۾ لال ٿي ٿو وڃي. پر پوءِ هڪدم پاڻ سنڀالي ٿو وٺي. آئش جي ماءُ جي چهري تي بہ غصي ۽ عجب جون لڪيرون اڀري ٿيون اچن. هوءَ ڪجهہ چوڻ ٿي چاهي پر مرزا اشاري سان بيگم کي روڪي ٿو ۽ ڌيري ڌيري شاه جي پرسان اچي هن جي ڪلهي تي هلڪو هٿ ٿو رکي.)

مرزا : شاه صاحب، توهان جا لک لک شڪرانہ - منهنجيءَ دختر جي دوا بہ ٿي وئي ۽ ڪيس دعا بہ ملي چڪي.

(اشارو صاف آهي تہ هاڻي وڃو. مرزا ڪمري کان ٻاهر وڃڻ لاءِ دروازي طرف وڌي ٿو. شاه بہ ڌيري ڌيري هن جي پٺيان پٺيان هلندو چلمن هٽائي ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. چلمن جنبش کائي پنهنجيءَ جڳهہ تي اچي ٿي وڃي. آئش خالي خالي نگاهن سان چلمن طرف نهاري رهي آهي.)

(شاه عبداللطيف جي هٿ ۾ آئش جي چهري واري تصوير جو پردي تي Statue . مرداڻو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

آواز : شاه عبداللطيف، ويهن ورهين جو نوجوان، آئشا جو ماه منير چهرو ڏسندي ئي بيخوديءَ جي حالت ۾ اچي ويو ۽ بي اختيار سندس زبان مان هي لفظ نڪري ويا.

جنهنجي آگر سيد جي هٿ ۾،
تنهنکي لهر نہ لوڏو.

اهي لفظ ٻڌندي ئي مرزا مغل بيگ ارغون غصي ۾ لال ٿي

پنهنجي اصل ۽ نسل کي ياد ڪر. تون معمولي عورت ڪو نه آهين. تون مخدوم دياني عربيءَ جي دختر آهين. مخدوم دياني جهڙو مجذوب هو. خدا جو مجذوب، الله جو ديوانو.

بيگم : پر سائين، منهنجو ٻهريون پٽ ته ....

شاهه حبيب: درويش جي دعا ڪان پوءِ جيڪو ٻهراون پٽ ڄائو ۽ خدا کي پيارو ٿي ويو. اهو ان لاءِ جيئن ان جو عقل، ان جو فهم، ان جي ذهانت ۽ ان جي عمر اسان جي هن پٽ لطيف کي ملي وڃي. ڏهوج ڏار وهلور نه وڃ.

بيگم : سائين، توهان ڀلي مون کي سڀ سجهائيون ڏيو ۽ هزارين حيلا هلايو پر ماءُ جي دل دل آهي .... مون کي ڪهڙين نه ڪري، ڪهڙي اسـ طريقي سان لطيف آڻي ڏيو - سائين لطيف آڻي ڏيو.

(بيگم روئي ٿي وڃي. شاهه حبيب به رومال جي ڪنڊ سان آليون اکيون اگهي ٿو. مسند تان هيٺ لهي ٿو. اکيون ۾ جتي پائي ٿو ۽ زال جي منهن کي پنهنجي هٿن ۾ پڪڙي، اکين سان آٿت ڏيئي، ڏيري ڏيري ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. بيگم جون اکيون اڃا آليون آهن.)

واريءَ جا ڍڙا / ٻاهر / ڏينهن

(دور دور تائين ڦهليل ريگستان. واريءَ جا ڍڙا. آسمان ۾ سج. زمين تتل. چوطرف واري ئي واري. واريءَ جا طوفان. شاهه حبيب پنهنجي پٽ جي ڳولها ۾ ڀٽڪي رهيو آهي. هر سڄو

بيگم : مان لطيف کي ڏسڻ کان سواءِ رهي نه ٿي سگهان. سائين ڪو ٻلو ڪريو. ڪجهه ڪريو. اڄ ٻيا ٽي ڏينهن ٿي ويا آهن جو لال جو مکڙو ڪو نه ڏٺو اٿم. سائين ڪجهه ڪريو نه ته مان مري ويندس سائين....

شاه حبيب: (گنڀير ۽ ڌيمي آواز ۾) جنهن جگر جي ٽڪڙي نور - نظر کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون لکين جتن ڪيا، هڪ ٻئي جي پٺيان ٽي شاديون ڪري تنهنجي سيني جي مٿان ٻن پهاڄن جو بوجهه وڌم، ڇا ان کان هڪ پل به پري رهڻ مون لاءِ ممڪن آهي؟ بس، هڪ ٻيڙو آهي، هڪ وساهه آهي ته جيڪو لطيف، سائين لطيف جهڙي الله - لوڪ جي دعائن سان مليو آهي، ان جو ڪڏهن به ڪنهن به حالت ۾ وار به ونگو ٿيڻ وارو ناهي....

(شاه حبيب چپ ٿي ٿو وڃي. سندس زال ڪجهه ڪڇي ڪو نه ٿي فقط خاوند جي منهن ڏانهن نهاري ٿي.)

شاه حبيب: ياد اٿيئي لطيف سائينءَ ڇا چيو هو؟ چيو هئائين- وڃ، وڃي خوشيون ملهاءِ ميان حبيب! توکي هڪ پٽ ڄمندو جيڪو پنهنجي وقت جو قطب ٿيندو ان جو نالو منهنجي نالي پٺيان رکجانءِ - يعني عبداللطيف- دلجاءِ رک، اسان جي لطيف کي ڪجهه به ٿيڻ وارو ناهي. هن کي ته پنهنجي وقت جو قطب ٿارو ٿي ڪري سڏجي، دنيا کي رستو ڏيکارڻو آهي....

بيگم : سائين، دنيا کي رستو ڏيکارڻ وارو، مون کي ته ائين ٿو لڳي، اڄ پاڻ ئي رستو ڀلجي ويو آهي.

شاه حبيب: تون ائين نه چئو، خدا جي نالي ائين نه چئو.

شاهه لطيف : ٻنهي ڪٺي ٻساهه، ٻسڻ ڪارڻ ٻرڻ ۽ جي.

(شاهه حبيب ٻيهر حب ۽ پيار مان ٻت کي ڪٺي ٿو ڳلي لڳائي ۽ پوءِ ٽڪڙو ٽڪڙو واريءَ جا ٽهه هڻائيندو ٿو وڃي. ان وقت ۾ شاهه لطيف جون نظرون دور-تمام گهڻو دُور ڪجهه تلاشي رهيون آهن.)

*

سانگرو واهه / ٻاهر / ڏينهن.

(سالگرو واهه جي ڪپ تي شاهه لطيف ويٺو آهي. هو پنهنجن ئي خيالن ۾ ايترو ته گم آهي جو هن کي اها به سمجهه ڪو نه ٿي هوي ته هن جا هٿ ڪڏهن ننڍا ننڍا پٿر- پٿر چونڊين ۽ ڪڏهن ٿا واهه ۾ اُڇلي لهرون پيدا ڪن. اڃايل ٻڪريون پياس ٻجهائڻ لاءِ دور ڪنان واهه طرف ڊڪنديون اچي رهيون آهن. ٻڪرن جي "مين مين" جو آواز، ڊڪڻ جو آواز ۽ ڳلي ۾ پيل گهنڊڙين جي ڪن ڪن جو آواز شاهه لطيف جي محويت جي تار ٽوڙي ٿو ڇڏي. هو ٻڪرين ڏانهن نهاري ٿو.

ٻڪريون واهه ۾ منهن وجهي پياس ٻجهائن ٿيون. شاهه کين ڏسندو ٿو رهي.

پياس ٻجهي وڃڻ کان پوءِ اهي ئي ٻڪريون واهه ۾ ڦولڙيون ٿيون وڃن.

شاهه لطيف ڏسندو ٿو رهي.

واهه ۾ ڦولڙيون ڪرنديون ٿيون رهن.

شاهه ڏسندو ٿو رهي. شاهه جون اکيون ڪنهن سوچ ۾ گم آهن.

واهه ۾ ڦولڙيون وجهي ٻڪريون واپس هليون ٿيون وڃن. شاهه سوچ ۾ گم آهي.

واريءَ سان لٽجي ويو آهي. هر هر اکين کي ٻانهن جي ڪنڊ سان صاف ڪري هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو آهي ته من ڪو لطيف جو نشان پتو ملي.

اوچتو هڪ جت اچي ٿو اتان لانگهائو ٿئي. هو شاهه حبيب جي پرسان اچي ٿو اهي. طوفان جي آوازن سبب اسان کي ڪجهه ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿو اچي پر اشارن مان ائين ٿو لڳي جڻ ـ ايڪ سليڪ کان پڇي جت شاهه حبيب کي هڪ طرف اشارو ڪري ڪجهه ٻڌائي ٿو. جت سلام ڪري پنهنجي راهه وٺيو ٿو وڃي. شاهه حبيب ان طرف ڏانهن وڃي ٿو جيڏانهن جت اشارو ڪري ڪجهه ٻڌايو هوس.)

(شاهه عبداللطيف نيم بيخوديءَ جي حالت ۾ واريءَ جي ڍڳي ۾ اڌ دٻيو پيو آهي. واري سندس بدن تي ته چاڙهندي ٿي وڃي پر شاهه لطيف کي ڪائي ڪل ڪونه ٿي پوي.

شاهه حبيب دور کان اچي رهيو آهي.

شاهه لطيف واريءَ ۾ پيو آهي.

شاهه حبيب جي نظر پٽ تي پوي ٿي. هن جا قدم ڪجهه تيز ٿي وڃن ٿا.

شاهه لطيف جي نيم - بيخود جسم جي مٿان شاهه حبيب جو پاڇو پوي ٿو. شاهه حبيب پٽ جي اهڙي حالت ڏسي ڪجهه دير لاءِ ته سڪتي جي حالت ۾ اچي ٿو وڃي. هو پٽ جي اڌ پوريل بدن ڏانهن خالي نگاهن سان نهاريندو ٿو رهي. شاهه لطيف کي ڪجهه نه خبر ڪونه ٿي پوي.)

شاهه حبيب : (نهايت ئي دردناڪ انداز ۾) :

لڳي لڳي واءُ، ويا الڪڙا لٽجي.

(شاهه لطيف ان سوزناڪ صدا تي محويت جي حالت مان چرڪ ڀري سجاڳ ٿئي ٿو ۽ پيءُ کي وراڻي ٿو ڏئي.)

شاهه حبيب ۽ شاهه لطيف يعني پيءُ ۽ پٽ جو مڪمل ميلاپ ظاهري ثابت ٿيو. هڪ ڏينهن موهه ۽ ممتا جا سڀ بندڻ ٽوڙي اوچتو ئي اوچتو، بنان ڪنهن کي ٻڌائڻ چتائڻ جي شاهه لطيف جهنگ منهن ڏنئي، مائٽن کان الوپ ٿي ويو. دنيا جي سچي ۽ حقيقي تصوير ڏسڻ لاءِ دنيا کان دور هٽي. ڪنارو ڪري ويٺو.

⊗

(شاهه عبداللطيف ريگستان ۾ واريءَ جي هڪ دڙي تي چڙهي رهيو آهي. Statue شاهه کي سادي سودي پوشاڪ پهريل آهي. بدن تي ڪاري ڌاڳي سان سبيل هڪ گيڙوءَ رنگي ڪفني، مٿي تي سفيد رنگ جي وڏي ٽوپي ۽ ڪلاهه ۽ ان جي مٿان ڪاري رنگ جو ڪپڙي جو ٽڪر ويڙهيل. سندس هٿ ۾ جوڳين جي ٻيراڳين جهڙي لٺ آهي. پاڻي پيئڻ لاءِ ٺاڪ سان هڪ ڪشڪول ڪلهي اٽڪايل. پيرن ۾ جتي ڪو نه اٿس. شاهه جي ان تصوير سان گڏ ئي شاهه جي باري ۾ هيٺ ذيل بيان ڏنو وڃي ٿو.)

بيان : (مرداڻي آواز ۾)

ڀيرومل مهرچند "لطيفي سير" ۾ لکيو آهي ته - سير ۾ تعليم آهي. پر جو اکيون کولي نه هليو تنهن جهڙو سير ڪيو تهڙو نه ڪيو. سچو سيلاني سدائين اکيون کولي هلي ٿو ۽ هيءَ ساري قدرت، جا هڪ ڪامل ڪتاب جي مثل آهي تنهن جو هر هڪ جزو چڱيءَ ريت جاچي، خاص خاص ڳالهين مان اهي وڏا وڏا سبق سکي ٿو. اهڙو سچو سيلاني شاهه لطيف هو. عام خلق رواجي ڪتاب پڙهي ٿي پر

شاهه لطيف : (پاڻ سان) ڪڪرن جي واٽ مان پياس نه ڀڄائين
ها ته واهه ڪي گدلو نه ڪن ها....
(ڪجهه دير بعد)
ڳولهيندي ٿي ڳولهيندي رهان.
شل نه ملان هوت!
جو ته سائين!
جيڪو فراقان سو وصالان نه ٿئي!

(شاهه جو گمبير چهرو - سوچ ۾ ٻڏل اکيون. واهه. هاڻي واهه جو پاڻي صاف آهي. ڦلڙين جو ڪٿي به نالو نشان آهي ئي ڪونه. شاهه لطيف واهه ۾ اڀرندڙ لهرن ڏانهن نهاريندو ئي رهي.)

※

(پردي تي شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز- اپ)

آواز : شاهه عبداللطيف تي عشق جو خمار اهڙو ته غالب پئجي ويو جو هن لاءِ گهر ۽ شهر جڻ شمشان ٿي پيا ۽ بيابانن صحرائن ۾ ڀٽڪڻ ۾ ئي هن جي دل کي عجيب سڪون ٿي مليو ۽ بي-انداز راحتون ٿي مليون.
شاهه جو اندر ته اول ئي اجلو هو. عشق جي جلون ان اجالي ۾ بي-پناهه جلوه ۽ رنگ پري ڇڏيا. عشق جي ڪيف وسرور شاهه لاءِ روحانيت جون راهون کولي ڇڏيون ۽ روحانيت شاهه جي عشق ۾ اٿاهه اونهائي پري ڇڏي، بعد اڏام پري ڇڏي، گمبير گهرائي پري ڇڏي ۽ پرستش جي قابل پاڪيزگي پري ڇڏي.
شاهه جو عشق فقط شخصي عشق نه رهيو. هاڻي اهو سڄي عالم لاءِ روحانيت جو رهبر بڻجي پيو.

شاھ حبيب ۽ شاھ لطيف يعني پيءُ ۽ پٽ جو
مڪا ميلو تاريخي ثابت ٿيو. ھڪ ڏينھن موھ ۽ ممتا
جا سڀ بندن ٽوڙي اوچتوئي اوچتو، بنان ڪنھن
کي ٻڌائڻ-چتائڻ جي شاھ لطيف جھنگ-منھن ڏئي،
مائٽن کان الوپ ٿي ويو. دنيا جي سچي ۽ حقيقي
تصوير ڏسڻ لاءِ دنيا کان دور ھٽي. ڪنارو ڪري
ويٺو.

(شاھ عبداللطيف ريگستان ۾ واريءَ جي ھڪ دڙي تي چڙھي
رھيو آھي. Statue شاھ کي سادي سودي پوشاڪ پھريل آھي.
بدن تي ڪاري ڌاڳي سان سبيل ھڪ گيڙوءَ رنگ جي ڪفني، مٿي
تي سفيد رنگ جي وڏي ٽوپي ۽ ڪلاھ ۽ ان جي مٿان ڪاري
رنگ جو ڪپڙي جو ٽڪر ويڙھيل. سندس ھٿ ۾ جوڳين جي
بيراڳين جھڙي لٺ آھي. ڪاڌي پيتي لاءِ ھٿ سان ھڪ ڪشڪول
کنيو اٿائين. پيرن ۾ جتي ڪونہ اٿس. شاھ جي ان تصوير سان
گڏ ئي شاھ جي باري ۾ ھيٺ ڏنل بيان ڏنو وڃي ٿو.)

بيان : (مردانھي آواز ۾)

ڀيرومل مھرچند " لطيفي سير " ۾ لکيو آھي تہ-
سير ۾ تعليم آھي. پر جو اکيون کولي نہ ھليو تنھن
جھڙو سير ڪيو تھڙو نہ ڪيو. سچو سيلاني سدائين
اکيون کولي ھلي ٿو ۽ ھيءَ ساري قدرت، جا ھڪ
کليل ڪتاب جي مثل آھي تنھنجو ھر ھڪ جزو
وٺيءَ رمز جاچي، خسيس خسيس ڳالھين مان ا-
وڏا وڏا سبق سکي ٿو. اھڙو سچو سيلاني شاھ
لطيف ھو. عام خلق رواجي ڪتاب پڙھي ٿي پر

هن اڪثر قدرت جو ڪتاب پڙهيو هو ۽ قدرت جو
نظارو هن جو مڪتب هو. شاهه صاحب جو انهن
اول ئي ڪليل هو باقي قدرت جي مڪتب ۾ پڙهي
ڪماليت حاصل ڪرڻي هئس.

قدرت جي مڪتب مان ڪماليت حاصل ڪرڻ لاءِ
شاهه صاحب جي پڙهڻ جو نمونو ئي نرالو هو. هن
جون اکيون، ڪن ۽ ٻيا حواس سڀ ٻيءَ طرح جا
هئا ۽ هن جي خيال جي رفتار به نرالي هئي.
شاهه صاحب جيڪي سير سفر ڪيا سي سڀ سچي
سائينءَ جي اکين ۽ اکيون وچان... سفر جي آزمودن
۽ اتر سندس حقيقي عشق کي تحريڪ ۽ ترقي
ڏني. هو اڳ ئي سون هو، پر هاڻ پارس ٿي پيو...
اهڙو سهڻو ۽ سڄيڻو، مٺو ۽ من موهيندڙ ڪلام هو
تڏهن چئي سگهيو آهي جڏهن هرهنڌ اکيون کولي
هليو آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي هن کي سچو سيلاني
سڏجي ٿو.

(فوٽو ٽيل تصوير ۾ حرڪت پيدا ٿئي ٿي ۽ اسان شاهه لطيف
کي واريءَ جي ڍڳي تي چڙهندو ڏسون ٿا. چوگرد واري ۽
واريءَ جا ڍڳا. دور دور تائين ٿلهو ريگستان. خاموشيءَ ۽
تنهائيءَ وارو ماحول. شاهه واريءَ تان اڳتي وڌندو ٿو وڃي.
فضا ۾ هڪ ڏوهيڙو گونجي ٿو.)

ڏوهيڙو: هنري سڄڻ ساريا،
ڪٿي هو سندم سمر؟
اڄي لالن اسان ڏٺن،
مٿي ملڪن ٻير؟
لڳي ورونهڻ وير،
ڪهه ڪير هيان ڪن سين؟

(شاهه اڳتي وڌندو ٿو وڃي. اوچتو ڪيس کي جوڳي نظر ۾ ٿا اچن جيڪي پنهنجيءَ ئي مستيءَ ۾ مگن، دنيا کان بيخبر ريگستان لتاڙيندا ڪنهن منزل ڏانهن هلندا ٿا وڃن.

شاهه اڳتي وڌي رهيو آهي - ڪجهه تيز رفتار سان. جوڳي هلندا ٿا وڃن.

شاهه جا اڳتي وڌندڙ پير.

جوڳين جا اڪيچار پير.

شاهه جوڳين سان ملي ٿو وڃي ۽ مستيءَ ۾ اچي ڳائي ٿو.)

شاهه : ڏوري سا ڏورين، جا جوءِ سڃي، نه پڌي،
پاسا مٿي پاڻئين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
وڃا اُس وڙين، جت اُهايت ناهه ڪا.

(جوڳي ۽ شاهه اڳتي وڌندا ٿا وڃن)

شاهه : ڏٺ نه ڪنو ڏوٺين، جيڪي ڏٺ ڪيائن،
اهڃاڻيون عالم جون، اوريان لسي آئين،
تهان پوءِ ڏسين، پرهان سندي ڳالهڙي.

(جوڳي ۽ شاهه اڳتي وڌندا ٿا وڃن)

شاهه : سدائين سفر ۾، رهن مٿي راهه،
پرن پُرب پند ڏي، مڇهه موالي ماهه،
جن الڪ سين آگاهه، هلوا تڪيا پيرون تن جا.

(جوڳين ۽ شاهه جو سفر جاري آهي.)

شاهه : سامي ڪامي پرينءَ لءِ، ڪسي ليا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوهه ڪي، تهڙو تن ثواب،
او تن آرلي ڳاڙ لسون، مڇهان اکين آب،
سندو ذات جواب، تون ڪئين پڇين تن کي؟

(سفر جاري آهي)

هن اڪثر قدرت جو ڪتاب پڙهيو هو ۽ قدرت جو
نظارو هن جو مڪتب هو. شاهه صاحب جو انهيءَ
اول تي ڪليل هو باقي قدرت جي مڪتب ۾ پڙهي
ڪماليت حاصل ڪرڻي هئس.

قدرت جي مڪتب مان ڪماليت حاصل ڪرڻ لاءِ
شاهه صاحب جي پڙهڻ جو نمونو ئي پنهنجو هو. هن
جون اکيون، ڪن ۽ ٻيا حواس سڀ ٻيءَ طرح جا
هئا ۽ هن جي خيال جي رفتار به نرالي هئي.

شاهه صاحب جيڪي سئر سفر ڪيا سي سڀ سچي
سائينءَ جي اڪنڊ ۽ اُڪير وچان... سفر جي آزمودن
۽ اُرن سندس حقيقي عشق کي تحريڪ ۽ ترقي
ڏني. هو اڳ ئي سون هو، پر هاڻ پارس ٿي پيو...
اهڙو سهڻو ۽ سنجيدو، مٺو ۽ من موهيندڙ ڪلام هو
تڏهن چئي سگهيو آهي جڏهن هر هنڌ اکيون کولي
هليو آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي هن کي سچو سڏالي
سڏجي ٿو.

(فوٽو ڏيل تصوير ۾ حرڪت پيدا ڪئي ٿي ۽ اسان شاهه لطيف
کي واريءَ جي دڙي تي چڙهندو ڏسون ٿا، جو گرد واري ۽
واريءَ جا دڙا. دور دور تائين ڦهليل ريگستان. خاموشيءَ ۽
تنهائيءَ وارو ماحول. شاهه واريءَ تان اٿي وندو ٿو وڃي.
فضا ۾ هڪ ڏوهيڙو گونجي ٿو.)

ڏوهيڙو: هيڏي سڄڻ ساريا،
ڪٿي هوندم هير؟
اچي لالن لڏ ٻڌن،
مٿي ملڪن ميـر؟
ٿي ور ونهڻ ور،
جهڙ پر هلان ڪن سيـن؟

گنجي ٽڪر کان پوءِ شاهه جي رسالي ۾ ڪنجهر ٻنڊ جو ذڪر اچي ٿو. انهيءَ تعلق ۾ ”هيلايا“ نالي ڳوٺ آهي. هيلاين واري ٽڪريءَ جي هيٺان ڪنجهر ٻنڊ اچي وهي.

هيٺ جر، مٿي مڇر، پاسي ۾ وٽراهه،
اهي وهي وچ ۾ تماچيءَ جي ساهه،
لڳي اُتر واءُ، ڪنجهر هندورو ٿئي.

شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ لوڪ ڪهاڻين جي رستي جيڪو روحاني راز ۽ آتمڪ انڀون جو وستار ڪيو آهي، ان جي شروعات، لڳي ٿو، اتان ٿي ٿي.

(شاهه لطيف هيلايا ٽڪريءَ تي ويٺو آهي. اڪيلو، پنهنجي خيالن ۾ گم.)

هيلايا ٽڪريءَ تان شاهه صاحب ڪلپنا جي اکين سان اهو نظارو هو-بهو ڏٺو....

شاهي محلات. هيٺان وهندڙ ڪنجهر ڍنڍ. گلن ڦلن کي رقص ڪرائيندڙ اُتر جي هوا. چانڊوڪيءَ جهان چمڪدار لهرون. ڪنجهر ڍنڍ ۾ هڪ ٻيڙو جنهن ۾ لڏندي لڏندي جام تماچيءَ نُوريءَ سان پيار جون سرڪيون پيئندو هون.

نُوري هئي نه مهاڻي هار:
جنهن سڳو وچ سرلنڌڙي ڏين رانٽن ۾ راڻي.

(ڪئميرا هيلايا ٽڪريءَ تي ويٺل شاهه لطيف جي نظر جي ڪنڊ کان ڪنجهر ڍنڍ کي ڪَوَر ڪري ٿي. ڪنجهر ڍنڍ ۾ هڪ شاهي ٻيڙو تري رهيو آهي.)

ٻيڙيءَ ۾ جام تماچي ۽ نوري پريم - ليلا ۾ مگن آهن. ٻئي جهڙا هڪ ٻئي تان صدقي وڃي رهيا آهن. آس-پاس کان بيخبر. لڳندو جڻ ڪامديو ۽ رتي هڪ وڏي عرصي جي وڇوڙي کان پوءِ هڪ ٻئي

شاهه : جي پانڌيئڙن جوڳيُن ٿيان تہ سگهہ سمهيءَ ڇڻ،
وڃي ڏر دوستن جي، ناڻگا ڪم لڳن،
پٽ نيڻن جي پاڻ، جن پڄهي نہ پڄهو.
جي پاليئن جوڳي ٿيان تہ سگهہ سمهيءَ ٽوڙ،
جي چاوا نہ چاهيندا، جيءَ نيڻن سي جوڙ،
تہ تون پاڇين ٽوڙ، محبت جي ميدان ۾،
(سفر جاري آهي)

شاهه : پٽ چڙياڻون پٽ ۾، ڏٺب چڙهياڻون ڏس!
آلا ٿيان اڳيئي ليا، مرڻي ٿيڻ لئہ مس،
هيءَ چڙهياڻون حس، وڃي ڪاله ڪل ليا.

(جوڳي ۽ شاهه اڳتي وڌندا ٿا وڃن. نظارا بدلبا ٿا رهن. واري، ميدان، پهاڙ، جهنگ، درياهہ. سفر جاري آهي.)

⊛

جابلو پرڳڻو / ٻاهر / ڏينهن

(شاهه لطيف جي ڇهري جو ڪلوز-اپ. هو جابلو رستا پار ڪندو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

آواز : (مردانو) شاهه عبداللطيف ڀٽائي رسالي جي سر ڪاهوڙيءَ
۾ گنجي ٽڪر جي واکاڻ ڪئي آهي، ڇو تہ الهيءَ ٽڪر
رستي تي هو ڪن جوڳين جي سنگ ۾، هنگلاج جي
تيرٿ تي ويو هو. گنجي ٽڪر تي روحاني اسرار لاءِ
ڏانئين ۽ ڪاپڙين جي لاءِ بہ جاچيائين. هتي ”گنجي“
جي معنيٰ ”روحاني ديس ڏانهن راهہ“ ورتي ويندي.
گنجو ٽڪر حيدرآباد سنڌ جي ڏکڻ طرف آهي ۽ ان
جي دامن ۾ ڪاليءَ جو مندر آهي.

٢- گلدستيءَ گوشو ڪيو
عطر اوس ۽ تلائن :
هوري ....

لوريءَ سان جام جي عادي.
شاد مانا.

٣- انـڌا، مدا آئـيـا
سڄا سڏ وڏائـين !
هوري ....

مهاڳا مـالا مال تي ڏـا وڄن.
سڌن خوشيون ايمنال آهـن.

٤- پسو جوڙ جوان جو
ڪر هڪ ڪو نه مٽائين!
هوري ....

لوريءَ جام جي سهاڳ راس .
ٻئي هڪ ٻئي جي آغوش ۾ .

٥- ڦـمـمـڪ ڪمڙن سمن،
جهڙي ومڪ و ٿيائين ا
هوري ....

لـوري سڄاو تون لئي لي
ڪري. سڀ هن مان خوش آهن.

٦- موتي ميچيءَ هٿ تي،
ڪوڏن جڻن ڪڍائين ا
هوري ....

سڀون لوريءَ ومڪ سلام لاءِ
اچن ٿيون. لوري امرتا سان
لمش اچي ٿي.

٧- مالڪ مهاڻـن ۾
چاڙن جڻن چڙهائين ا
هوري ....

اسڙي تي لوري جام جي لهرن
تي سر رکي لهنل آهي. جام
هاڪر ۾ لوڏس لو .

٨- ڏاڍي سون سوال ۾
راسي رانـد ڪيائين!
هوري ....

سڀون خوب سهڪار لل. لوري
الاڻي وڃي ۾. جام لوريءَ کي
هاڃ سان وڃي لو وهي.
لوري لهت-راڻي.

٩- ياڻمٽ آڻي ڀاڄ سمن،
لعلون سـب لٽيائين ا
هوري ....

١٠- ڦمرو زا فـڪـرن تـان
گهوري سب گهورائين ا
هوري ....

ٻڙيءَ ۾ لوريءَ ۽ جام جي
لو لر - ليلا .

سان ملي رهيا آهن.
شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز-اپ. هو ٻه ٽڪ ٻاهر ڏانهن نهاري رهيو آهي.
شاهه : (چپ محويت ۾)

سر سلامت سپرين، مرڪڻا تون ۾ مرڪج!
آهين ٺار اکين جو، ڏٺان مون ۾ وهج،
تماچي! تڪيج، ڪر ڏينهن ڪينجهر ڪنڌين.

(شاهه ٻاهر ڏانهن نهاري ٿو، ٻاهر ۾ نه ٻيڙو آهي نه جام ۽ نه نوري. لهرون، لهرون ۽ فقط لهرون.)

❋

هيلايا ٽڪري - ڪينجهر ڍنڍ/

(لانگ شاٽ، ٽڪريءَ تي شاهه اڪيلو ويٺو آهي. ڪينجهر ڍنڍ وهي رهي آهي. سنگيت.)
شاهه : هيري همٿ وڌائين،
وهي سائين وچ ۾!
(سنگيت. وائيءَ سان گڏ ٿي نوري-جام تماچيءَ جو سچو عاشقاڻو قصو دهرائجي وڃي ٿو.)

وائي	درشيه
هيري همٿ وڌائين،	شاهي ٻيڙيءَ ۾ سوار جام-
وهي سائين وچ ۾!	نوريءَ تي نظر ٿي ٻاسي-
هيري	
١- نوازش نوريءَ جي،	نوريءَ جا لڙڪ جام کي ڏهائي
آهي تماچيءَ تائين!	ٿا وجهن - نظرون ملن ٿيون.
هيري	

هندو : هائو سوامي‌جي، اهو ٺٽو نگر ئي آهي.
(ـ ڪجهه ڌيمي آواز ۾)
ٺٽو، جتي سمن سؤ سال اڳ ٻاڇي مرڪز راڄ ڪندو هو جنهن هندن سان ڀلائي ڪئي هئي ۽ جنهن کي ورڻ ديو جي اوتار امر لال سهڪمت ڏيئي سمڻ دڳ لاتو ۽ سمجهايو ته هندو - مسلم هڪ ٻئي جا وري نه پر ڀائر آهن، ڀائر.

شاه لطيف: ابا، جي توکي ست سؤ سال پراڻين ڳالهين جي خبر آهي ته سهڻي ميهار جي پريم - ڪٿا جي به ڄاڻ هوندءِ، ڪيئن؟ اسان ته ٻڌو آهي ته سهڻيءَ جي قبر هتي ٺٽي ۾ ئي ڪٿي آهي.

هندو : سائين. سهڻيءَ جي قبر ته ٻاراڙ هتي نه آهي. ٻـر سهڻي-ميهار جي قصي بابت ڪيئن ڳالهيون مشهور آهن.

شاه لطيف: اَبا، جيئن ته؟

هندو : سائين، ڪي چوندا آهن ته اهو پنجاب جو قصو آهي. اُتي سهڻي-ميهار کي چون سوني-مهوال. ڪن جو وري چوڻ آهي ته اهي ٻئي ٻڙيءَ شهداد پور ۾ ٿي گذريا آهن. شهداد پور مان اڳي درياه وهندو هو. سهڻيءَ جي قبر شهداد پور شهر جي ٻاهران جڙيل آهي ۽ ميهار جي قبر ته شهداد پور شهر جي وچ ۾ هڪ پاڙي ۾ آهي.

شاه لطيف: اسان جو خيال آهي ته اها پريمين جي جوڙي نگر ٺٽي ۾ ٿي گذري آهي. ابا، اسان سهڻيءَ جي قبر جو ديدار ضرور ڪنداسين. اَبا، سهڻيءَ جو ساهڙ سان ازلي ناتو هو. ڏٺيءَ جي عاشقن جي محبت

١١- اتي، عبداللطيف ڇتي اڃلي اصل ڏنائين! ڀري ....

جام اڳيان لڙيءَ جو ارادو ڪري. جام هن کان صدقي وڃي رهيو آهي.

ڪڇو رستو / ٻاهر / شام

(جوڳي ۽ شاهه لطيف ڪڇا رستا، دڙا، جهنگل پار ڪندا اڳتي وڌندا ٿا وڃن ۽ مرداڻو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

آواز : سنڌ ۾ جڏهن سمن جي صاحبي هئي تڏهن سمن گاديءَ جو هنڌ ٻهڙيائين ساموئي نگر هو. اڄ اهو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي جيڪو مڪليءَ ٽڪريءَ جي اتر طرف، ٻه ميل تي، هڪ ماٿري پٽ تي قائم آهي. جام تماچي ۽ نوريءَ جون تربتون اڄ تائين اتي آهن. ساموئيءَ کان پوءِ گاديءَ جو هنڌ ڪلان ڪوٽ ٿيو ۽ ان کان پوءِ ٺٽي جو شهر سنه ١٣٤٠ع ڌاري ٻڌو.

ٺٽو اڳتي هلي ان ڏس سان ٻڌو ۽ هڪ وڏو نگر ٻڻجي پيو ۽ جنهن ۾ نواب جو محل ٻڌو هو. نواب جي محل جي چوگرد سدائين رونق لڳي پئي هوندي هئي. جيئن ٺيڪ ٺٽي جون گهٽيون سونهون هيون ٻار ۽ ٻـ. اتاهه واپار جو مرڪز هو ٺٽو. سر سبز کيت، گهرو هنر، ۽ لهري بند، چاهي بين سامونڊي بندرن تان ڏيساورن سان واپار، جو سلسلو. ان وقت ٺٽو سنڌ جو لڪ هو....

(جوڳي ۽ شاهه ٺٽي جي وچ ۾ پهچي چڪا آهن. هڪ ماڻهو جيڪو هٿ جامع مان هندو لڳي رهيو آهي، سامهون کان اچي رهيو آهي. جوڳين جي وچ اچي هو هٿ جوڙي سڀني کي پرڻام ڪري ٿو.)

جوڳي : ادا، هو سامهون ٺٽو نگر ني آهي نه؟

شاهه لطيف: نہ ڪاتيءَ نہ ڪانهن، نڪو ڏوهه قلم جو،
انگ اُتهئي لکيو، جت لَهه رسي پانهن،
ڪنهن کي ڏيان ڏانهن؟ قضا قلم وهائيو.

(سنگيت. ماحول ۾ وائي گونجي ٿي ۽ سهڻي-ميهار جي زندگيءَ جا خاص خاص واقعا ڏيکاريا وڃن ٿا.)

وائي	درشيہ
مدد ٿي ميهار! يار! ساهڙ! سائر سِر ۾ ! مدد ٿي	سهڻي درياهہ ۾ ٻڏندي ٻڏندي ميهار کي سڏي رهي آهي.
١- اونها ڪن، اٿانگ تڙ، اُولـي هڻ، آڌار ! مدد ٿي	سهڻيءَ کي ڏسندي ٿي عزت بيگ هوش وڃائي ٿو ويهي.
٢- ڏينهن ڏهلا ڏم سهن، آهيان اوهان ڌار ! مدد ٿي	سهڻيءَ کي ڏم سان نفرت. عزت-بيگ تلا ڪنڀر وٽ نوڪر ٿي رهي ٿو.
٣- پهچل پاڻيي پار ڪري. اُس اَيا آر ! مدد ٿي ...	عزت بيگ ميهار. سهڻي تہ ميهار تي فدا ٿي وڃي ٿي. پيار.
٤- تني گهڙي سهڻي، آيهہ رءِ آڌار ! مدد ٿي	سهڻيءَ جي ڏم سان شادي. ميهار سنياسي ٿي ويو.
٥- ڪاري رات، ڪچو گهڙو، ٻوڏيءَ کي تنوار ! مدد ٿي	سهڻي ميهار کي جوڳيءَ جي ولس ۾ سڃاڻي ٿي.

۽ ازلي آهي ...
عدد ناه عشق، ڳجهاڻي ڳالهه لهي-
ڏيڻ جي ميهار کي، ڏيئي سي مهار،
ڏرهو تنهن بار، عشق جنهن کي آکرو.

(هيدو شاه لطيف جي اکين ۾ عجيب چمڪ ڏسي ٿو. جوڳين جي مقناطيسي ڪشش کان ۽ هو بچي نه ٿو ۽ آخر سهڻي کي ڳهر ڳام ڪري ڳهڻجو رستو وٺي هلهو ٿو وڃي.
سج لهڻ وارو آهي. جوڳي نر جي هڪ جهوُر وڻ جي ڀاسي ۾، زمين تي ٿي دهرو جمائي ويهي ٿا رهن.
شاه لطيف جوڳين کان ٿورو پرڀرو وڻ جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي ٿو رهي. هن جي ڪلپنا جي اکين ۾ سهڻي-ميهار جي ڳولهڻ-کهاڻي رقص ڪري رهي آهي.)

شاه لطيف: ڏه تڪ، واهڙ تڪ، جمع نيڻهن، تڪ لوالي،
هن کي عشق عميق جو، خاوند خيالي،
وارثين سي، والي ا هڏڙو جن هٿ ڪيو.

(شاه جي تصور ۾ اهو نظارو ڦري ٿو وڃي جنهن ۾ سندس هٿ ۾ الله جي چيچ آهي. شاه جي اکين جو ڪلوز - اپ.)

درياه / ٻاهر / رات

(لانگ شاٽ. درياه ۾ دهشت آهي ڪچو گهڙو ٻڙا ٻڙا لڳي ڪو آهي. سهڻي ٻڏندي ٻڏندي ميهار کي پڪاري رهي آهي. پر درياه جي دهشتي شور و غل سبب هن جو آواز لهرن ۾ ٿي دفنائجي ٿو وڃي.)
(شاه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ)

هڪ ڏوبي: يا الله! هيءَ ڇوڪري ته سونهن ۾ سج چنڊ آهي.
ڪهڙي سنگدل ماءُ - پيءُ هن کي هيئن ڪٺي لهرن
جي حوالي ڪيو آهي.

ٻيو ڏوبي: آها، هل ته هلي هيءَ درياهه جي سوڪڙي لالا محمد
جي حوالي ڪريون.

(ڏوبي صندوق ۾ ٻي ڪنيا کي وجهي، ٻڪ ڪولي، محمد جي گهر طرف وڃن ٿا. محمد پنهنجون ٻئي ٻانهون وڌائي ڪنيا کي هنج ۾ کڻي ٿو. هو ڏاڍو خوش آهي.)

محمد: پنيور جي شهر ۾، محمد ڏوبيءَ جي گهر اسان تو جهڙي
هيري جو استقبال ٿا ڪريون. ڌيئڙي، تون خدا تعاليٰ
جي نعمت ٿجي لالا جي گهر جيءُ آئينءَ، نچه آئينءَ. مان ٻاڻ
اؤلاد جو سڪايل آهيان. مون کي ته ٻن - گهرني بي بها
خزانو ملي ويو. خزانو.

هڪ ڏوبي: سائين، سونهن ۾ ته نديڙيءَ سانئڻ سان چنڊ نه پڄي...

محمد: رڳي يار، جڏهن چنڊ جو نالو کنيو اٿيئي ته هن ماڻڪ
جو نالو به ٿا ڪٺي رکون سسئي. چوڏس جو چنڊ سسئي.

(سنگيت.)

وائي: ١- پنهل! ليو پاڻ سان، ٻو رهيت ٻر نياڻي!
ڇوري ....

(راڌيون ڪنڌي ڪنڌي، ڊڪندي ڊڪندي سسئي جوان ٿي
وڃي ٿي. سونهن ۽ جواني جي شبنم ۽ شعلو.)

وائي: ٢- ٻو رهيو ڪنڌيس ٻر جو،
پر نه ڏيس ٻاڻي!
ڇوري ....

(ٻنهون پنهنجي تنبوءَ ۾ شان سان گاديءَ تي ويٺو آهي. هن جي
سامهون هڪ ماڻهو ويٺو آهي.)

مندر کٽ تي سمهي پيئي آهي. سندس ڀر ۾ نئين ڄاول کنيا
ليٽي پيئي آهي. کٽ جي پاسي ۾ مندر جو پتي نائون ٻانهن ٻڌو
آهي.)

نائون: مندر، مان ٻرهمڻ آهيان، جوتش جو ڄاڻو آهيان. هن
کنيا جي گرهن جو گهرو اڀياس ڪيو آهي. اسان ٻنهي
۾ هڪ ماڻڪ - موتيءَ جهڙيءَ کنيا کي جنم ته ڏنو، پر...

مندر: پر ڇا سائين؟

نائون: هن کنيا جو انگ، هڪ اچنڀيءَ سان لڪيل آهي.

مندر: اچنڀي؟ ڪهڙي ڪير؟

نائون: ڪوئي ٻه ڏاريو - ٻئي ديس جو، ٻيءَ جاتي جو، ٻيا
ٻئي ڌرم جو ... ڪوئي ٻه ڏاريو ماڻهو...

مندر: پوءِ؟

(ٻنهي جون اکيون پاڻ ۾ ملن ٿيون. ڪجهه ٽائم ٿي وڃي ٿو.)

(نائون هڪ صندوق پاڻيءَ واهه جي لهرن جي حوالي ڪري ٿو.
صندوق ترندي اڳتي وڌندي ٿي وڃي. نائونءَ جي اکين ۾ پاڻي
آهي. هو ڏوتيءَ جي ڪناريءَ سان اکين جون آليون ڪنڊون
اگهي ٿو ۽ واپس وري ٿو. صندوق ترندي رهي ٿي. سنگيت.)

وائي: ڇوري چنڊ ۾ ڇپريتن

پارو چنڊ ٻانهي،

جانب جهڙو جڳ ۾، ناهي ڪو ثاني!

ڇوري ....

(ڌوٻيءَ جي پڙ ۾، درياه جي ڪناري تي ڪجهه ڌوٻي ڪپڙا
ڌوئي رهيا آهن. اوچتو هڪ صندوق ترندي ترندي اچي ٿي
ڪناري تائين پهچي. ڌوٻين جي نظر صندوق تي پوي ٿي.
صندوق ڪناري تي آڻي کولن ٿا ته اندر هڪ نئين ڄاول کنيا
ٿا ڏسن.)

(پنهون درياهه جي ڪناري تي ڪپڙا ڌوئي رهيو آهي. سسئي هن جي ڀرسان بيٺي آهي. پنهونءَ جي هٿن ۾ زخم ٿي ٿا وڃن ۽ ڪپڙا به ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي ٿا وڃن. پنهون ملول آهي.)

سسئي: (پنهونءَ جي هٿن ۾ پيل ڇالن ۽ ٿيل زخمن کي چمندي)

صدقي وڃانءِ تو تان، قربان وڃانءِ تنهنجي محبت تان...
فڪر نه ڪر. هرهڪ ڪپڙي جي تهه ۾ هڪ-هڪ اشرفي
وجهي ڇڏ ته پوءِ ڪنهن وٽان به شڪايت ڪو نه ايندي.

(سسئي ۽ پنهونءَ جي شادي وڏي ڌومڌام ۽ شان مان سان ٿئي ٿي. آري جام بيهوش ٿي ٿو وڃي. سندس ٽي پٽ چنري، هوتي ۽ نوتي کيس هوش ۾ آڻن ٿا.)

چنري: ابا، مان توهان جي سر جو قسم ٿو کڻي چوان ته اسان
ٽيئي ڀائر پنهونءَ کي هر حال ۾ واپس وٺي ايندا سين.

(مجلس چار ٿي خان ڀائر رقص به ڏسي رهيا آهن ۽ شراب به پي رهيا آهن.

پنهونءَ کي باقي ٽي ڀائر گهڻو شراب پيئارن ٿا. پنهون بيهوش ٿي ليٽي ٿو پوي.

اڌ رات جو خان ڀائر پنهونءَ کي اٺ تي کڻي ڪيچ مڪران ڏانهن هليا ٿا وڃن.

سسئي ننڊ ۾ الومت آهي.

اٺ ڊڪندو ڊڪندو اکين وڏندو ٿو وڃي.

سسئي ننڊ ۾ غلطان آهي.)

وائي: ٣- اديون ا عبداللطيف چئي،
ايندم آريساڻي ا

چوري....

(سسئي زار و زار روئندي پربتن، جهنگلن ۽ جبلن ۾ پنهنجي پنهونءَ کي ڳولهي رهي آهي.)

ماڍُهو: قبلا، ڪيچ مڪران کان وٺي سنڌ-هند تائين هن اکين
هزارين-لکين حسن جا شهپارا ڏٺا آهن. پر حضور، سسئي،
سسئي آهي. آهي ته محمد ڌوٻيءَ جي دختر پر رهندي
آهي محل جهڙي مڪان ۾.

پنهون: اڇا!

ماڍُهو: پنهنجن ساهيڙين جي وچ ۾ ائين لڳندي آهي جيئن جيئن...

پنهون: (مرڪندي) ستارن ۾ ماهتاب!

ماڍُهو: (سر لوڏي) جي، جناب!

پنهون: ته هل ميان! دير وري ڇا جي؟ هاڻي اسان جو قافلو
ڀنڀور ۾ ئي هلي منزل ڪندو.

(سسئي ساهيڙين سان گڏ مشڪ ۽ عنبر خريد ڪرڻ لاءِ پنهونءَ جي
قافلي ڏانهن اچي ٿي.
سسئي ۽ پنهونءَ جون نظرون پاڻ ۾ ملن ٿيون.
ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهن ٿا.
سسئيءَ جون ساهيڙيون هن کي گهلي وٺي ٿيون وڃن. پر تو به
اڳتي وڃي سسئي وري پنهونءَ ڏانهن نهاري ٿي.
ٻنهي جون نظرون ملن ٿيون. چپ مرڪي سلام ڪن ٿا.)

وائي: ته هوت! م ڇڏيو هيڪلي
هيءَ جا ولدر وڪاڻي!
ڇوري....

(محل جي هڪ ڪمري ۾ سسئي پلنگ تي ويٺي آهي. محمد
بيٺو آهي.)

محمد: مان تنهنجي شادي ڪنهن به حالت ۾ اهڙي شخص سان
نه ٿو ڪرائي سگهان جيڪو نه فقط پرديسي اجنبي آهي
بلڪ تنهنجي ذات جو به نه آهي.

سسئي: ابا، پنهون به ذات جو ڌوٻي آهي. جي اعتبار نه
اچيوَ ته آزمائي ڏسو.

کي ڌڪاريو، جنهن ڦاٽي کيس پنهنجي گود ۾ انتم
وشرام ڏنو. پنهوار جو ارادو ڏسي سسئيءَ به
پرماتما در پڪاريو. پرماتما سندس لڄ رکي. پهاڙ
ڦاٽو ۽ سسئي اندر سمائجي ويئي.

ٻيو جوڳي : اهو برهمواسي. مان ئي برهم آهيان. پاڻ کان الڳ
نه برهم آهي، نه پرجاپتي، نه پرماتما ۽ نه پرميشور.

شاهه لطيف : ڪوڙهي آهه ڪرهيار، جت تو پوري! پاڻڻو،
هٿ ۾ ڪر پهاڙ ڏي، وجود نه وڪار.

جوڳي : الک نرنجن...

(وڻ ٽيڪ جامد. دور کان جوڳين جو گرو مهايوگي پروتمانند اچي
رهيو آهي. هن جي عمر جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. سهڻو
شڪل شرير ان مان شڪتيءَ ۽ چستيءَ جون جهلڪون نڪري
رهيون آهن. قد ڪجهه ڊگهيرو، ٿڌي لنبي، ڪمر سنهڙي، مٿي تي
جٽائون، ڏاڙهي مڇون صاف، ڳچيءَ ۾ رڌراڪش جي لنبي مالا،
اکين ۾ تيج، نراڙ تي ترپنڊ. هو ان طرف وڌندو ٿو اچي جنهن
جي چاهه ۾ جوڳي ۽ شاهه لطيف ويٺا آهن. سڀ کان اول شاهه
لطيف جو ڌيان مهايوگي پروتمانند ڏانهن ڇڪجي ٿو. ان کان
پوءِ ٻيا جوڳي به گروءَ ڏانهن نهارن ٿا. مهايوگي ويجهو ايندو
ٿو وڃي. سڀ جوڳي ۽ شاهه هن جي سواگت ۾ اٿي ٿا بيهن.)

شاهه لطيف: جت نه پکيءَ پير، تت ٽمڪي پاهڙي،
پهو پار پنڌ ڪير ڪاهوڙڪيءَ ڪير رسي؟

(پروتمانند سڌو اچي ٿو شاهه لطيف جي اڳيان بيهي ۽ نمجوان
اکيون کڻي ٿو شاهه جي اکين سان اٽڪائي. شاهه پنهنجو گنڀير
آهي. ڪجهه ئي پلن ۾ پروتمانند جون ڪوڙي اکيون پنهنجي تڪ
ڇڏي مرڪڻ لڳن ٿيون. ساڳي وقت هن جي چپن تي به هلڪي
مرڪ اڀري ٿي اچي.)

(شاهه لطيف ۽ جوڳي هڪ ڪاهي وڻ جي هيٺان ويٺا آهن.)

شاهه لطيف: اِي ڪير ڪميڻين، جنِ سهڻين لاءِ ڏکَ ڪري،
لوچين ڇو نه لطيف چئي، ڪاڙي! اُٺ هوتن؟
لعل نه لاهين ڪي، او پالا اڄن،
سي پنهون ڪوهه پڇن؟ جي سنجهي رهن سهڻي.

هڪ جوڳي: تون ڪري آهين. تنهنجي بابت ڀري ڀاري
ڳالهين آهي، سرسوتيءَ جي تولي ڪريا آهي.
سنگيت ۽ منڊتا تنهنجيءَ ڪرتا جون خاص
خوبيون آهن. هنگلاج هلين ٿو. اتي ڪالي ماتا
سهيل منڊل ۾ آهي. ڪاليءَ جي ڪرپا ٿيڻ لاءِ
تنهنجيءَ ڪرتا ۾ اوچ تُرا ۽ اڃي وسندو. سورج
لي جهڪندان، جڳ مڻان، سورج لي، اهڪ چنڊ
پيدا ڪندين، اهڪ چنڊن ۾ پرڪاش پسرائيندين،
اهڪ چنڊن کي ڪاڻون ڏان ڪندين.

(شاهه لطيف سر جهڪائي ٿو. عن جي چهن تي هلڪي
مرڪ آهي.)

ٻيو جوڳي: الک ...
سڀ جوڳي: لسوڪن ...
جوڳي: جئه گورکناٿ ...
سڀ جوڳي: جئه گورکناٿ.

شاهه لطيف: سڄڻ سنجهائي، منهن ونرڄي ماڻن جتي،
او جاڳو اکين کي، جاڳو نه ڏيئي،
هتان تو پڇئي، اُي ڪجهه ڪوڄن ڪراڻ!

هڪ جوڳي: سڀئي اپانڌ ڏسي. شڪي ليو چنڊرما. سو سڄي
بحي چنڊ رمڪي. سڄيءَ جي ڪمائيءَ تي سو
ماتا جي جون ڪٿا جي پراڻي چاپ آهي
جون پر ڏک سهي سڀي آلمر سڀئا نه ماتا ٻرادي

قرآن کي الله جو ڪلام مڃيو ٿو وڃي، بلڪل ٺيڪ آهي. انهن گرنٿن جي رچنا ڪندڙن جو ايشور سان سڌو سمبنڌ هو. هنن پنهنجن ساڌنائن ۽ تپسيائن سان پنهنجيءَ آتما جو، پنهنجيءَ چيتنا جو ايترو ته وڪاس ڪيو هو جو هو ايشور سان گفتگو ڪري ٿي سگهيا، پنهنجي سامهون گهرائي ٿي سگهيا ۽ پاڻ هن وٽ وڃي ٿي سگهيا .... پر لطيف، اهو سڀ چمتڪار مانسڪ استر تي ٿيندو آهي جنهنکي صوفي تصوف سڏيندا آهن ۽ اهم برهماسمي يا اناالحق جهڙا لفظ چئو آهن. اهي منتر پڙهائيندا آهن ته چوڻ جي ڪيتري آتمڪ اُنتي ٿي آهي- روحانيت جي رستي تي ڪيترو اڳتي وڌيو آهي.

شاه لطيف: پر سوامي جي، اهي منتر ته ڪير به چئي ٿو سگهي.

پروهت: (مرڪندي) ابا، ڪوبه چئي ٿو سگهي پر پوءِ انهن منترن مان آتما لڪري ويندي. پوءِ اهي فقط لفظ هوندا، منتر نه. لطيف، من-وچن-ڪرم جو مطلب ٿي شبدن کي منتر بڻائي ٿو.

شاه لطيف: گيان جو، وديا جو آهي ڪوئي انت؟

پروهت: نه ڪو آد، نه ڪو انت! اهڙي ڪوئي جنم ڪٿي هن وٽ، هن سرشٽيءَ کي ڪجهه سمجهڻ لاءِ. پوءِ به رشين چيو آهي- نيتي نيتي. هي به نه، هو به نه!

شاه لطيف: ڪامل پرکن اهين به چيو آهي ته پاڻ سڃاڻي لهه پرماتما-

پروهت: ها، پاڻ سڃاڻڻ ايترو سولو ٿو سمجهين؟ جو پنڊي، سو برهمنڊي.... جيڪو برهمانڊ ۾ آهي سو تنهنجي شرير ۾ به آهي. پر، مان وري ٿو چوان: ها پاڻ کي،

پروهت: پر لطيف، مٺا وارو آهن، پر ڪنهن لئه ڇڙهيل الٽي- سنساري سنڌ جي لئه. سٺو آهي، تمام سٺو آهي. جن چالاڪ ماڻهو آهي، اهي ڪڏهن ڪڏهن پر به اچي پيا آهن. ڏاڍو ڏاڍو ڪري ڇڙهڻ ٿي سچي گيان جو صحيح مارگ آهي.

شاه لطيف: (اکيون جهڪائي) سوامي، منهنجي من ۾ توهان جي باري ۾ نه ڪو سنسو آهي نه سنڌهه.

پروهت: (شاه کي اڳ ۾ ڪري، ساڄو هٿ مٿي کڻي) پر لطيف، يوگي ترڪال درشٽا ٿيندا آهن. هڪ يوگيءَ لاءِ نه پورس آهي نه پوتر - پر هڪ لمبو ورتمان آهي. هڪ يوگيءَ جي سامهون جڏهن ڪاٺ جي ڪاٺي لڪڙي آندي ٿي وڃي ته ان جو سڄو اتهاس يوگيءَ جي ڪلپنا درشٽيءَ جي سامهون گهمي اچي وڃي، اتهاس - وڻ جي ٻج کان وٺي ان لڪڙيءَ جي شڪل ۾ ليڻ ٿي وڃڻ تائين سڄو اتهاس - سڄي ياترا.... لطيف، تون اهو ٿي سمجهي ڀلو هوڏن نه ته هڙو سڪل، بڪايل ۽ ڪمزور ورهيه ۽ ڪالو پروهت!

شاه لطيف: سوامي جي، مون ڪي تپرس هو. توهان آءِ من ۾ ڪائي گستاخيءَ جي ڀاونا ڪونه هئي. مان خدا جو....

پروهت: نه، پر نه، قسم نه کاءُ. تون قسمن، شاهدين ۽ ثبوتن کان گهڻو گهڻو مٿي آهين. تنهنجو پول ئي پرمان آهي، ساکشي آهي.

شاه لطيف: ته ڇا سوامي جي، وهه قران ان ڪري ٿي....

پروهت: هائو، ان ڪري ٿي. بلڪل ان ڪري ٿي وهدن کي ابهو ورهيه ڇمو وڏو آهي. بلڪل ٺيڪ آهي.

آهن. ڇو ته هنن لاءِ به ڪيترائي نقطا لاڳاڪاري ۽ روشني-افش آهن .)

پروتنات: آتمڪ مارگ ۾ ڪٿي موڙ آهن، ڪٿي طلسمي دوکا آهن، ڪٿي گمراهه ڪندڙ شڪتيون آهن، ڪٿي سبز باغ آهن ۽ ڪيترين ئي مرگ-ترشنائون آهن . انهن سڀني آفتن مان فقط هڪ پورڻ گروءَ ئي جگياسوءَ جي رکيا ڪري ٿو سگهي .

(شاهه لطيف پروتنات ڏانهن ان طرح ٿو نهاري ڄڻ ان گفتي جي ڪيس اڃا به وڌيڪ سمجهاڻي گهرجي- وضاحت گهرجي.)

پروتنات: ٺيڪ آهي پٽ لطيف، اسان توکي اها حقيقت سولي نموني ٿا سمجهايون .... آتمڪ مارگ تي ڪجهه ئي قدم کڻڻ کان پوءِ تماشا شروع ٿي ٿا وڃن .... اسان ڏين ٿيندڙ گهٽنائن کي تماشا ٿا چئون جيتوڻيڪ جگياسو انهن کي چمتڪار سمجهندو ۽ ان مايا جال ۾ ڦاسي اُتي سوچيندو ڄڻ ته ڪيس ڪي الوڪڪ شڪتيون مليون آهن . حقيقت ۾ اهي مايا جا رنگ هوندا آهن، شيطان جون شرارتون ۽ ڪارستانيون هونديون آهن- هڪ جگياسوءَ کي، هڪ طالب کي گمراهه ڪرڻ لاءِ ، همت ڪيرائڻ لاءِ جيئن اهو جگياسو پنهنجي منزل تائين نه پهچي سگهي- نه ايشور ۾ لين ٿي سگهي ۽ نه الاهه جي اڳيان سرخرو ٿي سگهي- اُن سرو شڪتيمان سان هڪ ٿي سگهي.

شاهه لطيف: شيطان جي ڪارستانين کان ته مان به واقف آهيان. ان کان بچڻ جو طريقو آهي- خاڪساري، تواضع ، سوامي جي، جا سهڻي ڳالهه ۾ موڙ ڪري آهي. جڏهن وقت هوندي لوڙيس اُن وقت اها ڳڻ ڀاڻهي پهچندا ايندا

پنهنجي پنڌ کي، پنهنجي هستيءَ کي سڃاڻڻ سولو
آهي؟

(شاهه لطيف ڪين اونهي سوچ ۾ گم ٿي ٿو وڃي. لڳيتو هو ڄڻ ٻيءَ دنيا ۾ پهچي ويو آهي. پروتناٿ ڪجهه دير ٽڪٽڪي لڳائي هن جي چهري کي ڏسي ٿو ۽ پوءِ پاڻ به خيالن ۾ گم ٿي ٿو وڃي. اتي ڪٿا ٽلپا جوڳي جهڪي ڌيان سان پنهنجي گروءَ ۽ شاهه لطيف جون ڳالهيون ٻڌي رهيا هئا، هاڻي اٿن ٿا ۽ ڪجهه پرڀرا ٿيندا ٿي ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳن ٿا. ٻه - ٽي جوڳي اڳتي وڌي وڃي هڪ وڏي پٿر تي ويهي ٿا رهن. انهن جي ڏيکا ڏيکي ڪجهه ٻيا جوڳي به آس پاس ڪٿي نه ڪٿي ويهي ٿا رهن. پر سڀ آهن پنهنجي گرو پروتناٿ ۽ شاهه لطيف جي واجهو ٿي.)

شاهه لطيف: گروءَ بنا گت ڪونهي-

(پروتناٿ خاموش آهي)

شاهه لطيف: دُود دل تان دور ڪري،
ڪر ساجن! صفائي،
من لاشيخ له فشيخه الشيطان،
ان ري اونداهي.

پروتناٿ: هائو لطيف، گروءَ بنا، مرشد بنا اونداهي ئي آهي. آتمڪ ياترا ۾ ايڪ وگهن- وائڙائون آهن، خوف ۽ خطرا آهن. جگياسوءَ کي، طالب کي جيسين ڪونه سچو گرو، ڪامل رهبر نه ٿو ملي تيسين هن لاءِ منزل تي رسڻ ممڪن ناهي....

(شاهه لطيف پوري ڌيان سان مها يوگي پروتناٿ جون ڳالهيون ٻڌي رهيو آهي. جدا جدا مدرائن ۾ ويٺل ۽ الڳ الڳ قسم جي ڪمن ۾ لڳل جوڳي به هن جي گفتگو ڪن لائي ٻڌي رهيا

شاه لطيف: سوامي جي، مون قرآن شريف جو مطالعو ڪيو آهي مڪمل صدق سان. جلال الدين روميءَ جي مثنوي به ازبر ياد اٿم. منهنجي ترڏاڏي شاه عبدالڪريم بلڙيءَ واري سائين جو ڪلام به رڳ رڳ ۾ رچيو پيو آهي. پر، سوامي جي، هيءَ اونڌي منهن وارو ادرست-ڪند.... چندر تتو... انهن جو لاڳاپو شايد يوگ وديا سان آهي.. مون لاءِ اهي نيون ڳالهيون آهن ...

پروتناٿ: سنسار ۾ گهڻو ڪجهه نئون ناهي- فقط نالا بدليل آهن. مول وستو ساڳي آهي، فقط جدا جدا ڪنڌن ۽ جدا جدا ڀاشن تي جدا جدا ودوانن ۽ وچارڪن پنهنجي درشٽي وڌي آهي.... تو پنهنجي ترڏاڏي جي باري ۾ ٻڌايو هو ته تنهنجي باري ۾ هن هڪ اڳڪٿي ڪئي هئي...

(شاه لطيف جواب ڏيڻ جي بجاءِ هاڪار ۾ سر لوڏيتو. هن جون اکيون ٻهرئون هيٺ آهن پوءِ منهن ٿورو مٿي ڪري پروتناٿ ڏانهن نهاريتو.)

پروتناٿ: ان کي يوگي پوشيه درشٽي ۽ سنڪلپ شڪتي چوندا آهن. ٿي ٿو سگهي تنهنجي ترڏاڏي جي آئينده ڏسڻ اک توکي ۽ تنهنجي آستان کي پنهنجي سامهون مورت-روپ ۾ ڏٺو هجي.... يا ائين به ٿي ٿو سگهي ته هن جي من ۾ اها اڇا پيدا ٿي هجي ۽ هن پنهنجي سڀني روحاني قوتن کي گڏ ڪري سنڪلپ ڪيو هجي ته هيئن ٿئي ۽ ائين ٿي ويو- تنهنجي ترڏاڏي جو اهو سنڪلپ ته پورو ٿي ويو. تون سنسار ۾ اچي وئين....

(پروتناٿ مرڪندي لڳڻ سان شاه لطيف ڏانهن نهاريتو. هن جي

۽ شيطان جو ڪلا بازيون، هن جو وار نه ونگو نه
ڪري سگهندا ھون. سوامي جي، مان تہ هر هڪ ڳالھ
کي اهو ئي چوندو آهيان ته:

ڀلايو منهن موٽي ۾ غربت ساڻ گذار،
مفتي منجهه وهار، ته قاضي ڪانيارو نه ٿئين.

(اوم جو آواز اوور اٿمي ڪريٿو. پروتناٿ ۽ شاه آواز طرف نهارن ٿا.

ٿورو ئي پرڀرو هڪ جوڳي ٻئي ٻانهون پکيڙي ڪري، هٿن جي آڱرين جي آڌار تي زمين تي پيرو ليٽيو پيو آهي. هو پنهنجن ئي خيالن ۾ مگن آهي ۽ ان حالت ۾ ئي هن جي منهن مان ٻه-چار دفعا اوم - اوم جو آواز نڪري ٿو وڃي. اوچتو، آسمان طرف نهاريندي هو ڪبير جو هڪ دوهو آلاپي ٿو.)

جوڳي: گگن منڊل ۾ اونڌا ڪٽان،
تهه امرت ڪا واسا!
سگرا هوئي سي ڀر ڀر پيا،
نگرا جاه پياسا!!

(شاه لطيف سولي نگاهن سان مهايوگي پروتناٿ ڏانهن نهاريٿو.)

پروتناٿ: گگن-منڊل ۾ اونڌي منهن وارو هڪ امرت-ڪنڊ آهي. ان کي جوڳي چنڊر تتو به چوندا آهن. ان امرت-ڪلش مان لڳاتار امرت-ڌارا وهندي رهندي آهي. جيڪو ان امرت-ڌارا جي چکي پيئندو آهي، اهو اجر-امر ئي ٿي پوندو آهي. پر اهڙو نصيب ڪنهن ڪٽ-يوگي جو ئي ٿي سگهندو آهي، جنهن کي ڪو ئي پورڻ-گرو ملي ويو هجي. ڪبير ان دوهي ۾ انهي يوگين جي ان مهتا جو ئي ورڻن ڪيو آهي.

٢. ڪاھوڙين وٽ رات گذار

(شاھ : ھوگ - مار گ، تي ڪجھ قدم)

لٽمن لنڊ ھرام : ويڊيو لاٿڪ - ٢

چپن تي ٻه هلڪي مرڪ آهي. شاهه لطيف بالڪل چپ آهي.)

پروهتناٿ: پرماتما چاهيو ته تون آستان ته جوڙيندين- آخر، ڀٽ لطيف، هي سڄو برهمانڊ پرميشور جي سنڪلپ جو ئي ته نتيجو آهي. قرآن ۾ به ته اهڙو ورڻن آهي. ڪين؟

شاهه لطيف: هائو. آهي - ڪن فيڪون. ڌڻيءَ حڪم ڪيو ته "ٿيءُ" ۽ ڪائنات پيدا ٿي وئي. پر، سوامي جي، ايتري طاقت ڇا ڪنهن ماڻهوءَ ۾ به ٿي سگهي ٿي؟ آخر ولي ۽ جوڳي به ته انسان ئي آهن....

پروهتناٿ: ڪنڊلني... ڀٽ لطيف، ڪنڊلنيءَ جي جاڳ.

شاهه لطيف: ڪنڊلني؟ ڪنڊليءَ جي جاڳ؟ ڇاهي اها ڪنڊلني؟

پروهتناٿ: سڀ ڪجهه هڪ ئي ڇنڪ ۾ ڄاڻي وڃڻ ٿو چاهين ڀٽ لطيف؟ ڌيرج رک. ڦل کي پچڻ ڏي. انتظار ڪر ان گهڙيءَ جو جنهن گهڙيءَ کان وٺي تنهنجيا جيون ۾ وشش گهٽنائون ٿيڻ شروع ٿينديون- ان سمي جي پرتيڪشا ڪر.

(شاهه لطيف کي اتي ئي ڇڏي پروهتناٿ اڳتي وڌي ٿو وڃي. شاهه لطيف جو ڪلوز-اَپ.)

شاهه لطيف (پڙ پڙ ڪندي) ڪنڊلني....

(شاهه لطيف جي سوچ ۾ ٻڏل اکين جو E.C.U)

موڙي جو مقام / ٻاهر / پرڀات

(وائيڊ شاٽ. ڪراچيءَ کان ٻه ڪن ميل پري، جبل جي دامن ۾ جڙيل "موڙي جو مقام" جي آس-پاس جو ميدان اُفق ۾ سج نڪري رهيو آهي. اونداهي-اجالي جو ڇهڻ ميلاپ اکين کي آنند ڏيئي رهيو آهي. هڪ ساڌو يڪتاري تي ڪبير جو پد ڳائيندو ميدان لتاڙي جبل طرف وڌندو وڃي رهيو آهي.)

ساڌوُ: اَوَ ڌوُ جوڳي جڳ سي نيارا!

مدرا مُدرا سُرت ڪي سنگي ناد نه کنڊيءَ ڌارا !!

اَوَ ڌوُ ....

(پروتڀات، جوڳي ۽ شاهه لطيف ميدان طرف اچي رهيا آهن. ساڌوءَ جي گيت جو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

ساڌو: بسي گگن ۾ دني نه ديکي چيتن چوڪي بئٿا!

چڙهه آڪاس آسن نهين ڇاڏي، پيوي مهارس ميٺا !!

اَوَ ڌوُ ....

(شاهه لطيف ڪجهه رڪجي مٿا ڀوڳي پروتڀات جي منهن ڏانهن سوالي نظرن سان نهاري ٿو. پروتڀات مطلب سمجهي اڳ وڃي. هٿ جي اشاري سان سڀني کي رڪجڻ لاءِ چوي ٿو. سڀ جوڳي رڪجي ٿا وڃن.)

پروتڀات: ان پد ۾ ڪبيرداس سهج-يوگ جو اصلوڪو روپ سنسار جي سامهون رکيو آهي....

ساڌوُ: اوگٽ ڪيٽا مانهين، جوڳي، دل ۾ دوارا جو وي!

سهس اکمس ڇهه سنگ ڌاڳا، لهڪل لهڪي ٻو وي !!

اَوَ ڌوُ ...

پروتڀات: سهج-يوگ جو ساهه کڻڻ ۽ ڇڏڻ ئي جاپ ٿي آهي. ڏينهن اهڙا ايڪيهه هزار ڇهه سو جاپ پورا ٿيندا آهن ته اجمرادو "ناد" پيدا ٿيندو آهي.

شاه

مون سين ڏٺا، ماءُ! جنين ڏٺو پرينءَ کي،
رهي اچي راتڙي، تن جنگن سنديءَ جاءِ،
تنين جي ساجاءِ، ترهو لئي تار ۾.

(سر کاهوڙي-١)

اَڄ نه اوطاق ۾، جاڳڙ جوڳيئڙن جو،
ساري سامين کي، روئين ٿا ان رو،
هس! پاريان لوءِ، لاهوتي لڏي ويا.

(سر رامڪلي-٨)

ڪڏهن ته ان پاڄهه ائي، ساڄن! مڃڄ سلام،
سڪ تنهنجيءَ سڄڻين! ڪيو ٿس تمام،
هنين هاڃ وهُ لسي، ليڪن لڏ حرام،
دوس! نه سهان دام، توءِ ولڙ لو ويلا ڪريان!

(سر ڊهسي-٧)

۽ . اهو ئي شايد مورڙي جو مقام آهي جتي سسئي
ئي پائر دفن ٿيل آهن .

(ڪنهن مورڙي جي مقام ڪي ڪوڙ ڪري رهي آهي. هن وقت مقام بلڪل سنسان لڳو پيو آهي- نه مجاور ۽ نه ورڻي ڪو مسافر.)

پروتنات: هاڻي ڪلاچي پري ناهي- ڪوه ڪن پنڌ مس هوندو .

شاه لطيف: هنگلاج ته ڪلاچيءَ جي اولهه طرف آهي نه ؟

پروتنات: هائو ، اٽڪل سٺ پنجهٺ ڪوه پري.

(جوڳي جئه جئه ڪار ڪن ٿا.)

سڀ جوڳي: جئه شو شنڪر-
جئه امبي ڀاروتي-
جئه هنگلا ديوي-

هڪ جوڳي: الک ....

سڀ جوڳي: نرنجن.

پروتنات: پت لطيف...

شاه لطيف: (ڪجهه مرڪندي) هاڻي سواميجي توهان سڀ
سورج - نمسڪار ڪندا ڇو نه ...

پروتنات: سورج-ديوتا درشن ڏيئي رهيو آهي.

(شاه لطيف هڪ پٿر کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهي. هو پنهنجن ئي خيالن ۾ گم آهي.)

پروتنات: (سورج نمسڪار ڪندي سڀو ڀي ڇاتيءَ جي سامهون
آڻي هٿ جوڙي)
اوم مترا يا نمه
(اٿي هٿ مٿي اڀا ڪري ڪمان وانگر ٻهي)
اوم راوَ يئا نمه...

(سڀ جوڳي هيٺ جهڪي پنهنجن هٿن جون اڀي آڱرين ڌرتيءَ سان لڳائي جهڪن ٿا . پروتنات به اُن مدرا ۾ جهڪيل آهي.)

شاهه لطيف: ناد - انهد ناد؟

پروتداس: هائو، انهد ناد - انهيءَ انهد ناد مان ئي پرڪاش ٿيندو آهي ۽ ان پرڪاش جو ظاهري روپ آهي "مها بندُ" مها بندو ٽن قسمن جو ٿيندو آهي - اڇا، گيان ۽ ڪريا. پوءِ انهن کي ئي ڪڏهن سورج، چنڊ ۽ اگني چوندا آهن ته ڪڏهن برهما، وشنو ۽ شو به سڏيندا آهن.

(ساڌوءَ جي گيت جي وچ وچ ۾ پروتداس ۽ شاهه لطيف ۾ جيڪا ڳالهه ٻولهه ٿئي ٿي، ان وقت به گيت سان واسطو ڌيمو ڌيمو سنگيت چالو آهي. گيت اڳتي وڌيو.)

ساڌو: سرهم اڳن ۾ ڪايا جاري ٽرڪٽي سنگم جاڳي!
ڪهي ڪبير سوني جو ڏيسو، سهج مين لو لاڳي!!
آءُ ڌؤ ....

(ساڌو يڪتارو وڄائيندو وڄائيندو اڳتي وڌندو ٿو وڃي. ڪبير جو پد پورو ٿي چڪو آهي پر يڪتاري جو ڌيمو ڌيمو آواز ماحول ۾ اڃا ڦهليو پيو آهي.)

پروتداس: ترڪٽيءَ تي ڌيان ڪندڙ ۽ شرير جا سڀ پاپ برهم-اگنيءَ ۾ ڀسم ڪندڙ يوگي ئي يوگيشور جو پد پراپت ڪري ٿو.

شاهه لطيف: وڏو گورک ڌندو آهي.

پروتداس: سو ته ٿيندو ئي- آخر به يوگ مارگ کي هنديءَ وٺيءَ اوچ تي پهچائيندڙ يوگيشور گورکناٿ ئي ته آهي.

(پروتداس ۽ شاهه لطيف اڳتي وڌن ٿا. باقي جوڳي به هنن جي پويان هلڻ لڳن ٿا. ڪجهه دير اڳتي وڌندا ئي رهن ٿا.)

شاهه لطيف: سوامي جي، لڳي ٿو اسان موڙيءَ جي مقام تائين پهچي ويا آهيون هو ڏسو سامهون، جبل جي دامن

ڪنڌا ۽ ڪيلا مادر مڇ جي ڄاڙين ۾ وڃي ٿا اٽڪن ۽ پيڙا سبب هو تڙڦڻ لڳي ٿو. ٺيڪ اُن وقت مورڙو وٺي ٿو رسا لوڏي.

ٻاهر مورڙي مير بحر جا همراه سانن سان پاڇاريون جوڙي وٺي ٿا انهن جي پٺن تي ٻرال مڇا رکن. سان وٺي ٿا ٻيڙين ۽ انهن سان گڏ ئي رسا مٿي ڇڪيا ٿا اچن.

شاهه لطيف جي جهوپڙي جو ڪلوزاپ. هو خيالن ۾ گم آهي. اوچتو هو ڌيرئي ڌيري اکيون کولي ٿو ۽ سامهون نهاري ٿو.

ميدان ۾ جوڳي آسڻ ڪري رهيا آهن. ڪي ارڌ متسيندر آسڻ ته ڪي اشٽراسن ڪري رهيا آهن. ڪي پروتاسن ڪندي انساني ٻهاڙ لڳي رهيا آهن ته ڪي وري سڪاسن جو آنند ماڻي رهيا آهن. مهايوگي پروتنات پدماسن ۾ ويهي ڌيان ڪري رهيو آهي.)

شاهه لطيف: آئين جا لڏو لوڏ...

ڪن ڪلاچيءَ ڪوڏ...

(ڪجهه دير چپ چاپ جوڳين ڏانهن نهاريندو ٿو رهي جهڪي يوگ - آسڻ ڪرڻ ۾ مگن آهن.)

شاهه لطيف: آئين جا لڏو لوڏ،

اي ٻر گهاتو ٿڙن جي،

ڪن ڪلاچيءَ ڪوڏ،

سڪ نه ستا ڪڏهين.

(شاهه لطيف جوڳين ڏانهن نهاريندو ٿو رهي.)

شاهه لطيف: (پاڻ سان ڳالهائيندي) نماز ادا ڪرڻ وقت اسان مومن ته اُت ويهه ڪيندا آهيون... ڏينهن ۾ پنج

پروتداڀ: اوهه سورٺيا يا لهو...

(شاهه لطيف جوڳين جي سورٺ - نمسڪار ڪري ڏسي ضرور رهيو رهيو آهي ته هن جي چهري مان صاف ظاهر آهي ته سندس خيال ٻئي پاسي لڳي رهيا آهن.)

شاهه لطيف: ڪو جو ڦهر ڪلاچ ۾، گهڙي سو لئي،
ڪير ڪو نه ڏئي، ته رڇ ڪپاڙي رنديا ؟

(شاهه لطيف جي اکين جو ڪلوز - اپ. هن جي ڪلپنا جي نظرن جي سامهون مورڙي مير بحر جي زندگيءَ جو اهو واقعو چٽو ٿيندو ٿو وڃي...)

(مورڙو مير بحر پنهنجن سائين سان ڏڏ ڪلاچيءَ جي ڪن طرف وڃي رهيو آهي. هن جا سائي پاڻ سان هڪ مضبوط لوهي پڃرو کڻي وڃي رهيا آهن، جنهنجي ٻاهرين پاسي ڏکا ڪنڊا ۽ ڪيلا لڳل آهن. هنن سڀني جي چال تيز آهي...

ڪلاچيءَ جي ڪن جو دريشيه. مورڙو مير بحر پنهنجن سائين سميت اچي پهچي ٿو ۽ ڪن ڏانهن چتائي نهاري ٿو. هن جا سائي لوهي پڃرو پرسان ئي رکي ٿا ڇڏين. مورڙو هڪدم وڃي ٿو پڃري جي اندر وهي.)

مورڙو : (سائين کي) پارو، پڃري کي ڪن ۾ ڪيرايو. جڏهن
مان لڏندا ڏسو تڏهن ان کي ڇڪي ٻاهر ڪڍو.

(پيڪر مانگرمڇ شڪار لاءِ تيار ويٺو آهي.

پڃري کي ڏسندي ۽ پهرو محسوس ڪندي ئي، مورڙي کي ڳڙڪائڻ لاءِ واڇ کولي پڃري کي جهپٽو ماري ٿو. پڃري ۾ لڳل

جهڙا ڪي افلاطون طالب ڪهڙجن....
ڪنڌي سارڻهان ڪان،
يا أمن! أمان!
يا الاهي! پاڇهه بلائي پانڻهان...

پروتناٿ: اندر ۾ يڪ چالو آئي- ڪنڊڻ، ڪرو ڪنڊڻ...

(اُن وقت دور کان ترلي ۾ ڪوتا جون ڪي سڏون پڌڻ ۾ اچن ٿيون. آواز مرداڻو، پر پيهڪ دردناڪ آهي.)

ڇوڳياڻي: نِمد نه ٻوڙه ڀِلن جو آوا،
سهج ڪمڻواڻ جان ڪوه لاوا!
ڏهه چند اڙ چندن ڇمرو،
ڏڪڻ ڪرو تن ٻوڙه ڪنهورو!
ٻوڙه ناگ هوءِ سر چڙه ڏسا،
هوءِ اڳن چندن مهن اسا!

(شاه لطيف ڇوڳياڻي ڳالهائيندي ڀوڳي، ڏانهن نهاريندو.)

شاه لطيف: هي ته ڪمل ناٿ آهي.... دردفراق جو قتل لڳو
لڳي ڪو.... ڇا ٿئي ڳالهين؟

(ڪتيمرا ڪمل ناٿ کي ڪر ڪري ٿي ڪوءِ ٻ-سنڀالي، واري عالم ۾ آهي.)

ڪمل ناٿ: محمد ڪوي جوڙ اولي ڪا،
نا ٿي رکت نه ماٿس!
جوڳه مڪ ڏيکا ٿيڻه هسا،
سدا تو آلي آلس!!

(پيا جوڳي ڪمل ناٿ جي ٻرواهه نه ڪندي اڳتي وڌن ٿا ڪمل ناٿ جوڳين ڏانهن نهاري ٿو ۽ ”الک نرنجن“ جو نعرو هڻندي اڳتي وڌي ٿو ۽ انهن جوڳين سان وڃي ملي ٿو.

ڪتيمرا پروتناٿ ۽ شاه لطيف کي ڪر ڪري ٿي. هو اُٿي

دفعا ... نماز ... پوڄا ... نماز جي اُٿڻ ويهڻ ... پوڄا جا
آسڻ ۽ مدرائون ... ڪٿي نماز ۽ پوڄا ۾ ...

(ڪجھ دير لاءِ اونهي ننڊ ۾ پئجي ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: ڏسڻ ڏسڻ جي ته همه ڪي حق چون.

(شاهه لطيف اُٿي ٿو بيهي ۽ جبل جي دامن ۾ جڙيل "موريءَ جو مقام" طرف ڌيري ڌيري هلڻ شروع ٿو ڪري. جوڳي پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ رُڌل آهن. شاهه لطيف هلندو هلندو اچي ٿو ان مقام تي پهچي، جتي موريءَ جا ڇهه ڀائر ۽ مورڙو پاڻ دفن ٿيل آهن. شاهه لطيف مقام ڏانهن خيالن ۾ گم نگاهن سان نهاريندو ٿو رهي.)

شاهه لطيف: رام ويو، راوڻ ويو، ڪرشڻ ويو، ڪنس ويو،
حضرت محمد ويو، حسن ويو، حسين ويو، معاويه
ويو، يزيد ويو.
ادا مورڙا، هر چيز جاسي،
رهي سي خدا ... بس رهي سي خدا!

(شاهه لطيف خيالن ۾ گم ٿي ٿو وڃي. هن کي آس پاس جي سمڪ بلڪل ڪوله ٿي رهي. اوچتو ڪوئي هن جي ڪلهي تي هٿ ٿو رکي ۽ ان سان گڏ ئي مهاجوڳي پروتناٿ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.)

پروتناٿ: بس لطيف، هاڻي اسان کي به هلڻ گهرجي.

(شاهه لطيف اڃا به پنهنجن خيالن ۾ گم آهي.)

شاهه لطيف: (جڻ پاڻ سان ڳالهائيندي جيتوڻيڪ نهاري پروتناٿ جي منهن ڏانهن رهيو آهي.)
انسان جو نفس مانگر مڇ مثل آهي ۽ سندس طمع
جي حد ئي ناهي .... الهيءَ نفس کي نهوڙڻ لاءِ،
ماري ماٺ ڪرڻ لاءِ، شڪست ڏيڻ لاءِ موريءَ

ڪوئي هو. سنڌس حياتيءَ ۾ دهليءَ جي تخت تي سڀ
سارا ڇهه بادشاهه ويٺا - سڀ سارا ڇهه - بهلول لوڌي،
سڪندر لوڌي، ابراهيم لوڌي، بابر، همايون ۽
شيرشاهه! پر جائسيءَ گڻگان شيرشاهه جو ئي ڪيو
آهي. چوندا آهن جائسي ڪاڻو ۽ ڏاڍو ڪروپ هو.
هو. هڪ ڪن کان ٻڌي به ڪونه سگهندو هو. پهريون
پهريون جڏهن شيرشاهه جي درٻار ۾ ويو ته درٻاري
سنڌس بدصورت چهري کي ڏسي خوب کليا. جائسيءَ
شانت ڀاو سان پڇيو، موهيڪا هنسس ڪ ڪوهره؟
مون تي کلو ٿا يا ڪنڀر تي؟....

شاهه لطيف: واهه! واهه! موهيڪا هنسس ڪ ڪوهره...
واهه جو سوال آهي.

پرڀات: پوءِ ته ڪويءَ جو شيرشاهه سان پريم ٿي ويو.
هن هندي اَمر گرنٿ پدماوت ۾ شيرشاهه کي آشيرواد
به ڏني اٿائين. صوفي طبيعت وارو انسان هو ۽ عربي،
فارسي، سنسڪرت ڀاشائن جو ودوان هو.

شاهه لطيف: پدماوت ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾ لکيو اٿائين؟

پرڀات: ٺيٺ اوڌي ڀاشا ۾... پدماوت جي رچنا جي عربي،
فارسي يا سنسڪرت ۾ ڪري ها ته ايڏو پسند نه ڪيو
ويئي ها.... ڪوتا اها جا لوڪ جي منهن ۾ واسو
ڪري وڃي. جائسيءَ جي ڪوتا سنڌس جيون- ڪال
۾ ئي پرسڌ ٿي وئي هئي. ڪمل ناٿ ٻڌائي ٿو ته
سنڌس هڪڙو چيلو ناڳمتيءَ جو بارهماسو ڳائي ڪري ڀکيا
پنندو هو. امٿيءَ جو راجا بارهماسو ٻڌي ايترو ته
پرسن ٿي ويو جو چيلي کان ڪويءَ جو اَتو پتو
پڇيائين. راجا عزت سان جائسيءَ کي امٿيءَ گهرايو.

”موزي جو مقام“ کي ڀونئي ڇڏي اڳتي وڌي رهيا آهن.)

پروتمات: ٻڍيا ۾ ڏوکو ڪائي جوڳي ٻڌيو آهي. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ هوڪ اٿندي اٿس ته ڪوڪ لڪري ٿي وهندي اٿس.

شاه لطيف: اهڙن ماڻهن لاءِ ڀوڳ آهي؟ ڇا اهڙا ماڻهو ڪنهن به وقت ٿابو ڪائي همٿ ڪري نه ٿا سگهن؟

پروتمات: ڀٽ لطيف، ٿابو ڪائي ته هرڪو ٿي ڪري ٿو سگهي. مان به ته ٿون ٿي. هوڏين جپ تپ، ڀوڳ وڙاڳ، گيان ڀڳتي سڀني لاءِ آهي. جيڪو وهندو سو لهندو. ڪرڻ جي ڳڻ ڪان ڪو ڪرم ڪرڻ ڇڏي ڪو نه ڏيو. جي ڪريو ته وري ڇڙهڻ جو جتن ڪيو.

شاه لطيف: هندن کي اهو وڏو سهارو آهي ڇو ته ٻيو جنم ۾ توهان جو وشواس آهي. مومن لاءِ ته قبر کان ٻوءِ قيامت تي آهي.

(پروتمات ۽ شاه لطيف جون اکيون ملن ٿيون. ٻئي هلڪو هلڪو مرڪي رهيا آهن.)

پروتمات: ان جو ذڪر نه ڪر ڀٽ! ٻيو جنم هوندو ته سڀني لاءِ هوندو. قيامت هوندي ته سڀني لاءِ هوندي. پرماتما جو وڌان سڀني لاءِ سمان آهي. الک کي ٻولڳن جي پرواه ناهي. سڀ سرشٽي تي هن جي آگيا هلندي پئي آهي.

(ٻئي اڳتي وڌندا رهن ٿا.)

شاه لطيف: هوءَ اگن چندن مهن اسل... واه واه! اهي سڏون اون اون اون ....

پروتمات: جانسي ڪوي جون آهن. گهڻي ته مون کي جاڻ ڪو نه آهي. پر ڪمل ناٿ جي مکون ٻڌم ته وڏو

(ڪجھ دير چپ چاپ اڳتي وڌندا رهن ٿا. ٻيا جوڳي به ٽولي لاهي اڳيان پٺيان هلندا ٿا رهن.)

ڪمل ناٿ: ڪنبڪڙهه جي راجا راجاسنگهه جي درٻار ۾ درٻاري ڪوي هوس. راڻا جيءَ جو مون تي وشواش ڀروسو هو. ٻيو درٻار يعني مصورن ۽ شاعرن جو گرب-استان. ڪوئي ڪنهن کي سهي ڪو نه. هرڪو ٻئي کي ڪمزاٽ ۾ ٻي پنهنجي جيون جي سارٿڪتا ڀو سمجهي. مهنجا ٻه ڪٽرا ٿي دشمن ها. راڻا جيءَ جا ڪن ڀرپائون ته مان ڀلط ڪوي ڪو نه آهيان ڀر سنڌو گايڪ به آهيان. پنهنجي ڪي وڏيڪ ڀختو ڪرڻ لاءِ اهو به چيائونس ته مان تڏهن ٿي اهترا ٽولي ڳائي سگهندو آهيان جڏهن ڪنچنا نرتڪي مهنجي سامهون هوندي آهي. راجائن جي دل ۽ دماغ جو نه دين ۽ نه ايمان. ٻئي ڏينهن درٻار ۾ آيس ته ڇا ڏسو ڏسان، راڻا جي مون ڏانهن نهاري منڊ منڊ مرڪي رهيو آهي ۽ سڀ درٻاري اک-ٽمٽ ڪري هڪ ڪنڊ ڏانهن نهاري رهيا آهن. جان جو اوڏانهن نظر وڌم ته دماغ ڦري ويو. ڪنچنا ٻيٺي هئي اتي، سو رلهن سينگار ڪري نرتيه لاءِ بلڪل تيار...

شاه لطيف: ته ڇا تو ڪنچنا سان ڪيڏي ازلي هئي؟

ڪمل ناٿ: هئي. بلڪل ازلي هئي. دشمن به چٽي چٽي ٿڪ هنيو هو.

شاه لطيف: سو ڪنچنا سورهن سينگار ڪري نرتيه لاءِ بلڪل تيار بيٺي هئي... پر ڪمل ناٿ! اهي سورهن سينگار آهن ڪهڙا؟

ڪمل ناٿ: ٻڌ رهن ٺرڪ گهرجن. پر نه سورهون سينگار آهي

ان وقت کان ڪوئي آئي ٿي رهي هو؟ ان ڏرلسي
ٿي ٿي ابراڻ ڪاڳهائين.

شاهه لطيف: عالمن کي آسمان ۾ سهڻا ٿي ڏٺا ٻون. ٻر آسر ڦيري کي جوهري ۾ ملڻ وارو ٿي آهي. لال ڪمڻالمن مٿي ۽ ڏيهو رهندو؟

پروتمات: اشتاوڪر جو ٻه اهڙو ئي قصو آهي. وڏو ودوان هو، ٻر شريسر ۾ اٺ وڪر هئس. سو هوندا ئي هئس اشتاوڪر. راجا جنڪ جي درٻار ۾ ويو ته سڀ درٻاري مٿس کلڻ لڳا. پر جنڪ سان جيڪا گيان-گفتگو ڪئي اڻالهن اها بيمثال آهي. اشتاوڪر جي گيتا سنسار جي اُوليه پستڪن مان هڪ آهي ۽ ڪن حالتن ۾ ته ڪرشڻ جي گيتا کان به چار قدم اڳتي وڌي ٿي وڃي.

(ان وقت ڪمل ناٿ هلندو هلندو هنن جي ڀاسي ۾ اچي ٿو ٻيهي. هن سان گڏ ڪجهه ٻيا جوڳي به آهن. پروتمات ڪمل ناٿ کي اشارو ڪري ويجهو اچڻ لاءِ چوندس ٿو. ڪمل ناٿ ٻين جوڳين کي پاسيرو ڪري پروتمات ۽ شاهه لطيف سان گڏ هلڻ لڳي ٿو.)

پروتمات: ٻيا ڪمل! شاهه لطيف کي ته ويراڳ ڪمائن وڪڻ ۽ جوڳي جو لنئن.

ڪمل ناٿ: گرديو ٻيا رکيو آهي انهن اجاين ۽ وڻيڪ لڇائن جي دهرائڻ ۾ .... جيڪو ٿيڻو هو سو ٿيو، جيڪو ٿيڻ وارو هوندو سو ٿيندو. اسان آهيون ٿي ڪم جو ويٺا اسنا پڙهون ۽ حساب-ڪتاب ڪريون.

پروتمات: ٻيا، لطيفي جي ته ٿو جوڙي ئي حالت آهي.

ڪمل ناٿ: گرو ديو، لوهان کي ته منهنجي ڪهاڻي جي پوري پوري جاڻ آهي. لوهان ٿي ڪجهي پڌائيس.

پروتمات: ته ٻيا، تنهنجي مکون وڏيڪ اڙدا، هيٺي.

(راڻيءَ جي سنواد ۾ سمايل حرف-تجنيس تي درٻاري واهه واهه ڪن ٿا. راڻي مسڪرائيندي چوگرد نهاري ٿي ۽ پوءِ ڪمل ناٿ ڪجهه ڪروڌ ۾ اچي رهيو آهي.

اوچتو ڪمل ناٿ راڻيءَ ڏانهن پٺي ڪري ۽ ڪنچنا ڏانهن منهن ڪري ڳائڻ شروع ٿو ڪري. سازندا ساز وڄائين ٿا ۽ ڪنچنا نرتيه جون مدرائون پيش ڪري ٿي.)

ڪمل ناٿ: جڏهن نه سنتا ڪي جهلڪ، جهلڪيو جوڀن انگ،
ڏيپڪ ڏيهه ڳهون مل، دپنت تاقتا نرتڪ رنگ،

(راڻي ۽ درٻاري واهه واهه ڪن ٿا.)

ڪمل ناٿ: دپت تاقتا رنگ وسن پوڇي ڪڙهائي سي،
ڇتراڻي نهن چڙهي تنهن ڪڇ لاج پرڪاسي،
ڏيهه لڪمڻ پسار اجهون ڪٽ پلي ليئي نهن،
جوڀن آيو جتو تنهن مکڙا ڇپي نهن.

راڻي: واهه واهه ڪمل ناٿ، واهه!... جوڀن آيو جتو تنهن مکڙا
ڇپي نهن، جواب ناهي...

(درٻاري به وچ وچ ۾ واهه واهه ڪندا ٿا رهن.)

راڻي: ڪنچنا ڪامني! تنهنجو به جواب ناهي! ڪوي جي
ڪلپنا کي ڏيهه ڏيئي مدرائن سان تو ساڪار ڪري
ڇڏيو.. اسان جي اکين جي سامهون وڃهه-سنڌيءَ جو
چترچٽي ڇڏيو-هان وٽ..

(ڳلي مان موتين جي مالا لاهي ڪنچنا ڏانهن اڇلي ٿو. ڪنچنا مالا کي جهٽي هردي سان لڳائي ڳلي ۾ پائي ٿي ڇڏي ۽ جهڪي ڪري پرڻام ٿي ڪري. راڻي ۽ ڪنچنا جون نظرون ملن ٿيون. هڪ جي نظرن ۾ پياس آهي ته ٻئي جي نظرن ۾ سمرپڻ. ڪمل ناٿ ڪجهه پريشان نظر اچي رهيو آهي.)

راڻي: ڪوي مهاراج، اڄ اسان جي پياس ڪو نه اجهي

استريءَ جو پٽ ۽ هٿڙ ۽ هڪ ڇوڪريءَ مان آهيان
آشا رکڻ آهي پرين ڪان پرگهرڻ....
(پروڊيوسر شاه لطيف هلڪو هلڪو مرڪن ٿا.)

ڪمل ناٿ: اوچتو راڻيءَ جو حڪم ٿيو - هاڻي اسان جي
دربار جو سرمور ڪري ڪمل ناٿ هڪ مندر ۽
منوهاري پربت - گيت ماڪيءَ جهڙي مٺي سُر ۾
ڳائيندو ۽ ڪمل کي ڪنهن ٽهن پولن تي ٽرتيب
ڪندي...

(ڪمل ناٿ جي چهري جو ڪلوز-اپ. تنبورن جو آواز. ڪمل ناٿ جي اکين جو ڪلوز-اپ. تنبورن جو آواز جاري آهي. ڪمل ناٿ جون اکيون ماضيءَ جي وادين ۾ گم ٿيون وڃن. تنبورن جو آواز جاري آهن.)

راڄ درٻار اندر اصبح

(ڪئميرا ڪمل ناٿ جي اکين تان لانگ-شاٽ ڪري ٿي. اسان ڏسون ٿا ته هو راڻيءَ جي سامهون بيٺو آهي. مندري، سينا پتي ۽ ٻيا درٻاري عهديدار پنهنجين پنهنجين جاين تي ويٺا آهن. راڻيءَ جي تخت جي سامهون اسٽيج قطارن ۾ هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا آهن. دربار ۾ عام جنتا به ويٺي آهي. دربار جي وچ وارو دائرو خالي پيو آهي جنهن جي هڪ طرف ڪجهه سازندا ويٺا آهن. راڻيءَ جي اشاري تي ڪنهن ساز اندازميان ٽمڪندي ٽمڪندي دائري جي وچ اچي ٿي بيهي.)

راڻي: ڪوي ڪمل ناٿ، ڪنهن ۽ ڪامني سامهون آئي
هاڻي ڏيکار پنهنجيءَ ڪلا جو ڪرشمو

راڻاجي: ٺمري الڪما ۾ ڇو ٿا ٻيٺا ڪوڙي...

(ڪنچنا خوب ايمانداريءَ سان ٻاڦ ٻيوڌش ڪري ٿي.)

ڪمل ناٿ: ٺمري الڪما ۾ ڇو ٿا ٻيٺا ڪوڙي!

آن جوئون آهو سم اِس ٺرنيلو،

مٿن ليسو ڇو ٿا ڇوڙي!

ٺمري...

(راڻاجي ۽ ٻيا حاضري خوب واهه واهه ڪن ٿا ۽ تاڙيون به وڄائن ٿا)

ڪمل ناٿ: جوڙ ٻيٽي ڪمن بند ڪوليا،

بِڪرن جو ڊمر اُڏوري!

ٺمري...

(سڀ واهه واهه ڪن ٿا.)

ڪمل ناٿ: "ڪمل ناٿ" ان دولن ٺمري،

ناٿن ڪمي ڇڪڻ ڇوري!

ٺمري...

راڻاجي: بلڪل ٺيڪ. ڪوڙ جو ڪٿو به ناهي

ان ۾. ان دولن ٺمري ناٿن ڪمي

ڇڪڻ ڇوري...

(اوچتو گھنگھرن جو آواز راڻاجيءَ جي سمدار ڪي ڪني ٿو پوي.
ڪنچنا ٻاري جوش و خروش سان اچي رهي آهي. جنهن جو
ڏيان ڪنچنا ڏاڍي چڪجي ٿو وڃي.)

ڪنچنا: ٺمري لپڪ ليو آڍ هوش ٺمري چھڻ ٻچالون ڙي،

ٻه ٻس ڪٿ وس ليڪ اڏرن ڪو ڪر ٻهالون ڙي،

ڪارو امبر اٽڪاس ڇاٻن ڪس جو سرالون ڙي،

ٺمري ٻيلو آئيو ڪر جازون ليٺ اڪھر جالون ڙي.

راڻاجي، ڪنچنا جي اتون آهي ته ٺمري ڏٺيار ۾ اسان کي
هوش ڪرڻ اسان جو هوش اڏاڻ. اسان کي انهنجي

آهي اڄا ٻهار، ڪونا جو امرت گهول

(ڪمل ناٿ جهڪي پرڻام ٿو ڪري.)

ڪمل ناٿ: دڙڪن لڳن، پيڙ هو، ٻڪل ڪرڻ انگ آن،
اي ٿوري سڀ لئي وشرِ، اهڙين ٿيڻ ٻان.

(درٻاري واهه واهه ڪن ٿا، پر راڻاجي ٻنهي جي تي خيالن ۾ گم آهي. ڪمل ناٿ ڪنهن جون ٻاقي چار سٽون ڪجهه جوش ۾ چوي ٿو.)

ڪمل ناٿ: اهڙين تيڻن ٻان، آج اُٺ اچرج ڀاري،
ملڻ ڪرڻجي گهائه ڪري، اهڙي ته ماري،
ڪاڙهي اوڙهه نسڻ ٻڙهڻ اُپڇار تڙڪ ڌڙڪ،
جيڪي لاڳٽ ٿيڻ لڳن ڏيٺ نهن لڳن لاڻه ڌڙڪ.

راڻاجي: (پنهنجي پاڻ سان ساڳئي ڳالهه ٿي چئي) هاءِ! ڪمل ناٿ، هاءِ!
ڪليجو ٽڪري ٽڪري ...
جيڪي لاڳٽ، ٿيڻ لڳن ڏيٺ نهن،
لڳن لاڻه ڌڙڪ! ... واهه واهه!!

ٽڪ اڙيا ته ٻوه ٻيٺين ٽڪ ايندي ڪٿان؟

(ڪنهنجا ڇهڙ چمڪائي لهرائي ٿي. راڻاجي جو ڌيان ڇڪجي ٿو ۽ ڪنهنجا جي شرمسار ڏانهن ٻناسين لڳون سان نهاري ٿو. ڪنهنجا ڪجهه وڌيڪ اتهڪ مڙائون ڏيکاري ٿي.)

راڻاجي: ڪنهنجا جهڙي ڪامڻي سامهون آهي. ڪوئي جي،
پرهڻ ڪي ڪهه ڏ، ڪامڻون جاڳاهه ڪامڻون.

(ڪمل ناٿ جو منهن سڄو وقت ڪنهنجا ڏانهن آهي ۽ راڻاجي ڏانهن نه. فقط پرڻام ڪرڻ وقت هو راڻاجي ڏانهن منهن ڪري ٿو.)

ڪمل ناٿ: ٿوري انگيا ۾ چوڙ سڻن گوڙي!

راڻاجي: واهه! واهه! واهه!

درٻاري: واهه! واهه! واهه!

(راڻاجي منتري ڏانهن سوالي نظرن سان نهاري ٿو.)

منتري: ڪوڙي ڪمل ناٿ جي ايتري همٿ جو هو توهان ڏانهن هٿ ڏيئي ڪوڙا ثابت ڪري ۽ گيت ڳائي! اسان اهو برداشت نه ڪري سگهنداسين. ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو پوندو. هو هاڻي تمام حد کان ٽپي ويو آهي. توهان ڪيترا ڏينهن کان برداشت ڪندا رهيا آهيو ۽ هي ڪمل ناٿ، توهان کي هٿ ڏيئي هليو آهي! اسان کان وڌيڪ هو راڻا ۽ راج-دربار جو ڪهڙو ته اپمان نٿي سگهي؟ آهي، راڻاجي، گستاخيءَ جي به ڪا حد هوندي آهي. هي ڪمل ناٿ ته مريادا جون سڀ سيمائون پار ڪري ويو آهي.

ڪيترائي درباري: ها ها! منتري جي لفظن ۾ سچائي آهي. ڪمل ناٿ گستاخيءَ جون سڀ حدون لتاڙي ويو آهي.

(راڻاجيءَ تي شراب جو نشو صاف ظاهر آهي.)

راڻاجي: گستاخي... گستاخي! ڪوڙي ڪمل ناٿ، تو اسان جو اپمان ڪيو آهي، اسان جي وفادار درٻارين ۽ امير امراوَن جو اپمان ڪيو آهي... تو... تو... اسان جي خانداني شاهاڻي... هچ... هچ...! اسان جي خانداني شاهي دربار جو اپمان ڪيو آهي..

(ڪجهه دير چپ ٿو رهي.)

راڻاجي: اسان توکي... اسان توکي هن وقت کان وٺي جلاوطن ڪريون ٿا... نڪري وڃ... دفع ٿي وڃ. اسان جي راڄ جي حدن کان ٻاهر هليو وڃ. ورنه... ورنه... اسان توهانجو سر هن تلوار سان... قلم ڪري ڇڏينداسين.

(راڻاجي ڪمر سان ٻڌل پنهنجي تلوار کي ميان مان ڪڍي ٻاهر

ٻاهران شور ۽ ڪتوالو ٻڌاهو...

(اشارو سمجهي، اُٿي اڳتي وڌي داسيون سوني جي تري ۽ سوني صراحين ۾ ڀريل انگوري شراب کڻي راڻاجيءَ جي ٻنهي پاسي بيهي ٿيون وڃن. جام به سوني جا ئي آهن. راڻاجي صراحيءَ مان شراب جام ۾ اوتي ٿو ۽ جام چپن سان ٿو لڳائي.

ڪنچنا هڪ ٿورو ڪاري جهٽڪي سان پنهنجي شرير جي ملڻ جهٽڪن کي سمٽ زمين تي ڪري ٿي پوي. هال ۾ فقط الڳيا ۽ الله رسولو ۽ راڻاجيءَ جي سامهون دائري ۾ اٿي آهي...

درٻاري عجب ۾ ٻاهي ٿا وڃن...

ڪمل نائڪ جي پٺي راڻاجيءَ طرف آهي ۽ چهري تي غصو اٿس. درٻاري ان لقاءَ مان سمجهي ٿا وڃن ته هوا جو رخ ڪهڙي طرف آهي.

ڪنچنا ان ئي حالت ۾ جيئن ٿورو تيز رفتار سان ترنم ڪري ٿي. سازندا هن کي ٿورو ٿورو ساٿ ڏين ٿا. ڪجهه دير تائين اهو بدتميزيءَ جو طوفان جاري رهي ٿو.

راڻاجي جام تي جام پيئندو ٿو رهي.

آخر راڻاجي ڪنچنا کي هٿ جي اشاري سان ٻاهر وڃڻ گهرائي ٿو. ڪنچنا راڻاجيءَ جي سامهون اچي بيهي ٿي. راڻاجي پنهنجي ڳلي مان ڪجهه موتين جون مالائون لاهي ڪنچنا جي ڳلي ۾ وجهي ٿو.

درٻاري خوشيءَ ۾ تاڙيون وڄائن ٿا.

ڪمل نائڪ راڻاجي ۽ ڪنچنا کي ٻئي ڏسندو آهي. هن جي چهري تي ازحد نفرت آهي.

درٻارين ۾ ڪجهه ڀس ڀس ٿئي ٿي.)

هڪ منتري: (اٿي ڪري) راڻاجي، هي ڪهڙو اپمان آهي... درٻار جو اپمان، درٻارين جو اپمان ۽ سڀ کان وڌيڪ توهان جو اپمان آهي...

ڇڏيو. دل، دماغ، جسم سڀ جلي رهيا ها، ٽانڊن
وانگر ٻري رهيا ها. دربار مان نڪتس ته نه
هوش ٺڪاڻي ها نه حواس. جڏهن واٽ ملير،
هلندو وئس. ڪيترائي ڏينهن ويرانن جي خاڪ
ڇاڻيندو رهيس. نه بک نه اُڃ. نه سڌ نه سماءُ.
ڪڏهن ڇا منهن موڙيو، منهنجو ته ڄڻ دين ئي
ويو، دنيا ئي وئي.

(ڪجهه دير سڀ خاموشيءَ سان هلندا ٿا رهن)

ڪمل ناٿ: هڪ ڏينهن بکايل، اڃايل، ٿڪل، ٽٽل، اڌ بيهوشيءَ
جي حالت ۾ هڪ وڻ جي هيٺان پيو هوس ته
سواميءَ جو ديدار ٿيو. هٿ پنهنجي مٿي تي محسوس
ڪيم... ٿيو ته ڄڻ هڪ قسم جو چمتڪار ٿي ويو.
سواميءَ پنهنجي ديا درشٽيءَ سان، پيار ڀري
وچن سان، پنهنجائپ واري وهنوار سان ۽ گهڻ
گنڀير گيان سان مون ۾ سمپورڻ ڦيرو آڻي ڇڏيو.
ڇا جي ڪڏهن، ڇا جي راڄ-دربار ۽ ڇا جا ٻڌن!

شاهه لطيف: ٺيڪ پر اها ته ڪڏهن درد جاڳندو اٿئي.
ڪٿي ؟

ڪمل ناٿ: اها ڪٿو آهيان-ڪجهه ڪٿو. ڇڪ ٿي محسوس
ڪريان ٿو ڦاٽڻ وارو ٿيان. ڪرندس ڪر ۽
نه ڪر ٿيو ڪاٺيندس.

پروتنات: گهمنڊ نه ڪر ڪمل ناٿ. مايا کي گهٽ نه سمجهه.
پرماتما پنهنجون سمپورڻ شڪتيون، سندر روپ ۾
مايا ۾ ڀري ڇڏيون آهن. تنهن جو مثال هميشه ياد
رکندو ڪر.

ڪمل ناٿ: ڪرپا ڪريو گرو ديو، ڪرپا ڪريو.

ڪري وري ٿو ۽ زور سان اندر وڃي ٿو ڇڏي. دربار ۾ شمشيرباز
شروع ٿيڻ لي رهي. سڀني جون نظرون ڪري ڪمل ناٿ تي
آهن. ڪمل جي چهري مان غم ۽ غصو صاف ظاهر آهي. هو
ڌيري ڌيري هلندو هلندو ليولڪي ڪنچنا جي اڳيان اچي
ٿو بيهي.

ڪمل ناٿ: هنن کي ڇو ساڻ ڪيو؟

ڪنچنا: (اوچتائي ۾ ٿان) ڪهڙا؟

ڪمل ناٿ: ڇا ڪولڻ لاءِ مون کي ڪنهن ليکالو ملدو آهي؟

ڪنچنا: توهان مون کي ٻهار ٿو ڪيوان، منهنجو سچ ٿو سڏائين
... ٿو ۽ وقيت سوارلي او توهان جهڙي جو مرهلت هلين؟

ڪمل ناٿ: سوارلي او مرو؟ توهان ڇو ٿا پڇو؟

ڪنچنا: مان بلڪل ٺيڪ ٿي رهي آهيان. اڄ تي نه منهنجو
... نصيب ڪهڙو آهي. اڄ تي نه ٻاگهه تيرو ڪالو آهي جو
اڄاڻي ۾ نهن ڪرڻ ڏيندو شي مون تي لڳي آهي. ۽ اڄ
تي، هاڻي تي توهان چاهيو ٿو ته منهنجي سڪ ۽ ٻاگهه
کي لبيڊي ڏيان ڪڏ هلي ٻن ٻان ٻنڪان؟

(ڪمل ناٿ ڪجهه دير غم ۽ غصي ڪان ڪري نظرون سان ڪنچنا
ڏانهن نهاريندو رهي ٿو. ڪنچنا چهري ۾ اکين مان بلڪل اوچتو،
معصوم ۽ وچاري لڳي رهي آهي. ڪمل ناٿ زور سان زمين تي
پير ٺڪالي نڪري نڪرو دربار کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي.)

ڪلهو منظر / ٻاهر ۾ ڏينهن

(پرو تيار ۾، ڪمل ناٿ ۽ شاه لطيف هڪ ئي ڪمرو ۾ اڳتي وڌي
رهيا آهن. ٻيا جوڳي هن جي پٺيان هلندا اچن ٿا ٿا.)

ڪمل ناٿ: ڪنچنا جي رهواز مون کي بلڪل ناڳل ٿالي

ترسرا جي هتيا ڪري ڇڏي". ترسرا جي پيءُ ورتر اندر کي شڪست ڏني ۽ اندر کي هن سان صلح ڪرڻو پيو. دشمن دوست ٿي ويا. پر اندر آهي حرفتي. سام، دام، ڏنڊ، ڀيد سڀ نيتيون ڄاڻي. هڪ ڏينهن دوکي سان اندر ورتر کي به ختم ڪري ڇڏيو. اندر تي ٻيو پاپ چڙهي ويو- هڪ برهم هتيا ۽ ٻيو وشواس گهات جو پاپ. ان ڪري اندراسن ڇڏي، پراشچت ڪرڻ لاءِ ڪمس ايڪانت جل ۾ سماڌي لڳائي ويٺي.

سوال اٿيو ته تيستائين سرڳ جي رکشا ڪير ڪري ۽ ڪاروبار ڪير هلائي. ان لاءِ ڀرتري لوڪ جي راجا نهش کي هر طرح يوگيه سمجهيو ويو ۽ نهش پنهنجي جيون-ڪال ۾ ئي اندراسن تي ويٺو!...

(پروتماڻ، ڪمل ناٿ، شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي ڪڇ ديس ڇپ ڇاپ اڄتي وٺندا ٿا رهن. ماحول ۾ مڪمل گنڀيرتا پيل آهي.)

پروتماڻ: ٻڌ لطيف، ٻڌ ۾ سدائين مڌ سمايل هوندو آهي. سڀاوَ جي لحاظ کان ديوتائون سدائين ديوتائون هوندا آهن ۽ دئيت سدائين دئيت. پر انسان جي ڪٿ-مٿ نرالي آهي. هو ڪنهن به پاسي وڃي ٿو سگهي.

هڪڙي ڏينهن نهش جي نظر وڃي اندر جي پتني شچيءَ مٿان پئي. سونهن ڏسي سراپجي ويو. من ۾ وڪار جاڳي اٿيس. وڪار کي دليل سان پختو ڪري ديوتائن کان طلب ڪيائين ته مون کي پورو اندر بڻايو. اندراسن ڏيئي اڌورو اندر بڻايو اٿو. هاڻي اندراڻي ديوي شچيءَ سان منهنجو وواهه ڪرائي مون کي پورو پورو اندر بڻايو.

شاهه لطيف: نهش جو ڪهڙو مثال آهي؟
(ڪجهه دير سڀ چپ چاپ هلندا ٿا رهن.)

پروتمات: نهش جو نالو ويدڪ ڪال کان وٺي هلندو آهي ۽ هن جو مثال ڏنو ويندو آهي. "شريمد والميڪي رامائڻ" ۽ وياس-ڪرت "مهاڀارت" ۾ به نهش جي ڪٿا اچي ٿي. ان ڪٿا مان پتو ٿو پوي ته انسان بار بار مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ انساني ڪمزوريون بار بار کيس هيٺ گهلي نيون اچن. انسان کي پنهنجين ڪمزورين تي جيت حاصل ڪرڻي ئي آهي چاهي ان لاءِ کيترائي ڀيرا کيس ڪرڻو ڇو نه پوي...

شاهه لطيف: ٻي اها ڪٿا آهي ڪهڙي؟

پروتمات: پٽ لطيف! توهان ۽ يوگ-ساڌنائن جو انديشو، هڪڙ گهر جي ٻڌم ۾ ليس ٿيڻ- آواگمن جي چڪر کان مڪتي ۽ موڪش جي پراپتي. پر ڪي رشي-مني-جپي-تپي اهڙا به ٿي رهيا آهن جن سک-ڀوڳ ماڻڻ لاءِ ۽ اپ-ڪتڪي عيش-عشرت ڪرڻ لاءِ تپسيائون ڪيون. اهڙو ئي هڪڙو تپسوي هو ترسرا جنهن کي اندر، جو تخت حاصل ڪرڻ جي اڇا هئي. اندر، ترسرا ڏانهن اپسرائون موڪليون ته تپسوي ان جار ۾ ڪري ٿو...

شاهه لطيف: (مرڪندي) واه! جي چوڙين ڏنا چال،
ته به لاهوتي لنگهي ويا...

پروتمات: بلڪل ائين ئي. لاهوتي لنگهي ويو. پر اندر به اندر آهي. پنهنجو راڄ بچائڻ لاءِ هٿيارن ڪرڻ کان به جهجهڪندو ناهي. اندر وٽ هڪڙو اچوڪ ۽ اموگهه هٿيار آهي وجر ۽ ان وجر سان ئي هن تپسوي

مون ٻيا ڏر گهڻا نهاريا، آهين تون ئي تون.
تون ئي تون سائين!—
تون ئي تون!! تون ئي تون!!

پروتنات: لطيف، هير ائين لهش جي ٻالڪي ڪير ڪٺي هلما هيءَ جي ڪير ڏانهن؟ ڏسي سڀ ڏسي. سنها، سڪل ۽ لوڙل ڏسي ڏيري ڏيري هلي رهيا ها. ويچارا هر هر پيا ڪندو پدلائن. راجا لهش کي تڪڙ ڏ بس آڏامي وڃي شڇي ومڪ پهچان. سو ڪروڌ ۾ ٻرجي لهش وٽي هڪ ڏشيءَ کي لمڪ وهائي ڪڍي! لمڪ ته هڪ ڏشيءَ کي لڳي ۽ ڪروڌ ۾ سڀ ئي ڏشي تپي ٻاه ئي ويا. پنهنجن آمڪ شڪين کي ڪروڌ جي اڳيءَ ۾ تپائي لهش کي شراپ ڏنائون: ”لانگ، اسان توکي ڪير پهاريو، اولهي پڌ ئي وهاريو، تو اسان کي ئي ڪيو! وڃ، لانگ ٿي ڪري پرآوي لوڪ جي ڪيهن اُر ۾ وڃي واسو ڪر.“

(ڪجهه دير خاموشي.)

پروتنات: لطيف پٽ، اهو سڀ ڇڙهڪ سپنو هو. الدراسن سپنو هو، شڇيءَ جي ڪامنا سپنو هو، ڏشين جو ٻارانسو سپنو هو. ڦقط ڏڪ ئي سچ هو— سپنن جي ان لانڊ ۾ ڦقط هڪ ئي سچ هو. اهو سچ هو، انسان جي اندر ۾ نواس ڪندڙ وڪارن جو لانگ. لهش لاءِ ڪرڻ مڪيه ناهي، مکيه آهي پاڻ سنڀالڻ. پاڻ سنڀالي الڻ. اڳي اڳتي وڌڻ. اڳتي وڌي پنهنجي منزل حاصل ڪرڻ!

شاه لطيف : (ڄڻ پاڻ سان ڳالهائيندي.)
ويهن لساه و راڪو، سڄين ڪونهي سڌ.
هوميه هليدن ڪٿهو، جن الڪن چاڙهيو انگ،

آخر نهش سان شڪيءَ جي شاديءَ جو ذهن مٿو ر
ٿيو ....

شاه لطيف: (ٻروتماٽ کي وچڙ ڪٽي) اوهه! شيطان جي اٿي ۽ جيت ٿي. سوامڻي، انساني من جو نه دين نه ايمان... نهش نفس جي ڪٽڻ ۾ وڃي ڦاٿو. سو ۽ اُتي جتي چوگرد سرها گل ٿي ڪِل ها ا...

هي من جو چانگو:

ڪاني نه ڪٽهار، چندن جا چوُها ڪري،
اگر اوڏو نه وڃي، سرڪنڊ لهي نه سار،
لاٽـــيءَ جي نغار، مهو مٿارو ڪمو.

ميا! چانگا! ڪرها!
ٿين نه سوڪ،
لکهو چڏيين ٿوڪ،
لڪ لعنتون ٿي دوزخي!

ٻروتماٽ: واه بت لطيف، رچندو ٿو وڃين، ٻچندو ٿو وڃين، رگهندو ٿو وڃين! تون دلو ذسي دلي لساهڻ وارو لاهين. ڪيمياگر آهين. تنهن ڪي ٿو ٻڪڙان.

(شاه لطيف ٻروتماٽ جي اکين ۾ نهاري اکين سان سلام ٿو ڪري ۽ ٻوه اٿي هڪ آسمان ڏانهن ڪٽي ڏٽيءَ جا شڪرانا ادا ٿو ڪري.)

ٻروتماٽ: (اکين ۾ چمڪ ۽ مرڪندي)
گرو گوبند دولو ڪڙي؟

شاه لطيف: نهاري گرو آهٽي ...

(ڪجهه دير سب خاموشيءَ سان اٽي وڌندا ٿا رهن.)

شاه لطيف: (گدگداني ٿو.)

توٽي ٽڙين تون، يا الله! تو در توه نه ڇڏيان!
مونکي سو مشاهدو، جي مهن نه ڏٺين موُن،

آهي منهنجي اندر جي حالت. سمنڊ جي سڪ ۾
سڀ ساٿي نه پهتا ٿي آهن نه! ڪهڙي ڪل نه
الائي هو ڇا ۾ ٿو راضي ٿئي.

ڪلاچي ڳوٺ جو ٻاهريون حصو / ڏينهن

(وقت: شام. ڪلاچي هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو آهي جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي مهاڻا ئي رهن ٿا. ڪجهه مهاڻا ڪکيءَ هاٿيون ڪاريون ۽ ڇڄيءَ هاٿا ڇڄي ڪنهن اڳ-وڃ ڪري رهيا آهن. ڪن مهاڻن جي ڪلهن تي ڄار به آهن. ڪي مهاڻيون مٿي تي مڇين سان ڀريل ڪارا ڪٽيو پنهنجن پنهنجن گهرن طرف وڃي رهيون آهن. ڪارن مان بدبودار پاڻي هيٺ وهي رهيو آهي. مهاڻيون رنگ جون ڪاريون شڪل ۾ بدزيبون ۽ جسماني طور چست ۽ ڦڙتيون آهن.

شاهه لطيف هڪ وڏي پٿر جي وڻ جي ڇانو ۾ اڪيلو ويٺو ڪجهه سوچي رهيو آهي. هن وقت جوڳي هن جي آس-پاس ڪونه آهن. هڪ مهاڻي، جنهن جي مٿي تي خالي ڪارو آهي، لنگهندي لنگهندي، چپن کي مرڪائيندي شاهه لطيف جي پرسان لنگهي ٿي وڃي. هوءَ ڪجهه ڳنگنائي رهي آهي.)

مهاڻي: لوڪ لاڄ دي فڪر نه ڪيتي،
سستي ني جند وار ڏتي،
مٺن لئي صدقي جاوان يار تُون!
سر گهول گهما وان يار تُون!

(مهاڻي ته اڳتي وڌي ٿي وڃي پر شاهه لطيف هن جي پٺيان نهاريندو ئي رهي.)

سائين ملڻ ۾ آهي سوڀ ۽ وڇڙڻ ۾ آهي هار.
جيڪي سمنڊ سمورن سي لي ماڻڪ ۽ موتي ميڙين
ٿا . جيڪي رڳو هلڪڙيون ٻيڙيون ڦوليندا آهن جي
همت ته رڳو سنگ ۽ سپون لڀندون آهن. اهڙي
راه الله جي، اهڙي، اهڙي ئي پت !

(پردو کلي ٿو، ڪملناٿ ۽ شاه لطيف جي ٻيلاڻ ٻيلاڻ ۽ آس-پاس ويٺل جوڳي ڏاڍي اتساهه سان "الک نرنجن" جو گهوش ڪن ٿا ۽ ان کان پوءِ هڪدم سڱيون ۽ تنبورا وڄائڻ شروع ڪن ٿا. جٽائون جڙيل ، ديهه تي ڀڀوت مليل، پير اگهاڙا ، ڀڳيون ويس اوڍيل جوڳي، ماحول تي پنهنجي عجب ڇاپ ڇڏيندا ڪرنگل ۽ ڪوچ ڪندا پيا وڃن .

شاه لطيف جي ڏاڙهي ڪجهه وڌي وئي آهي ۽ وار به وڏا ٿي ويا اٿس. بدن ۾ ڪجهه لهڪاريل ۽ ڦڙتي ۽ چستي. پير اگهاڙا جيڪي مٽيءَ سان لٽيل ويا آهن. هن وقت تائين شاه لطيف جي بدن تي اڇي سلوار ۽ اڇو چوغو ٻي اوڍيل ٿيل رهيو آهي. شاه لطيف ٽڪٽڪي لڳائي جوڳين جي ٽولي وٽ ڏانهن نهاري رهيو آهي) ...

شاه لطيف : اڄ ملنديس ماءُ ! ته ڇا ڪنديس ڪڙا ،
جهجل ! جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهل م پاه !
مون کي جهل ۾ پاه !
اڄ ملنديس ماءُ !

(پردو موڪلي شاه لطيف ڏانهن نهاري ٿو .)

شاه لطيف : سوامي جي، هنگلاج واري ڪالي ماتا به ته ماءُ ئي
آهي.... مان پاڻ به ته هڪ جوڳياڻي ٿي ته آهيان.
منهنجو جوڳي ته آهي اهو هڪ ڏٺي جنهن جي
ڦوق ۾ جهنگل-جهنگل، ٻرپٽ-ٻرپٽ ٺڪي رهي

شاهه لطيف: مون پاتيو مزمان، هميشهه هولدا پرين،
مون پاتيو مزمان !...
(سسئي لڙڪ ڪري ٿي.)
سسئي : مون پاتيو مزمان !
هميشهه هولدا پرين ، مون پاتيو مزمان !
شاهه لطيف: ڪهي ڪميڻي هلما، ڪهل ڪيائون ڪان ،
ڏيئي ويا ڏاهه ڪي ، سورن جا سامان ،
جورو راهه جوان ، جيڏهون جت ڪري ويا !
(سسئيءَ جو پاڻ - لڙڪ جاري آهي.)
شاهه لطيف: وارو ! ور ولي وبسا ، آرڇا اظلام !
سسئي : وارو ! ور ولي ويسا ، آرڇا أظلام !
شاهه لطيف : آلدائون آريءَ جا، پنهون ڏي پيغام ،
پهه ڪمائون پاڻ ۾ ، مهان مخفي مام ،
سنپوُرا ساٿ ڪڻي ، ويساهي ورسام ،
ڪاڪدون! راهه قيام ، جيڏهون جت ڪري ويا!
(شاهه لطيف جي سامهون سسئيءَ جو ديوانا وار ، جنون ڀريو رقص.
رقص غم ۽ عشق جو عجيب سنگم آهي.
اوچتو رقص ڪندي سسئي الوپ ٿي وڃي ٿي.)

(ڪجهه جوڳي ميدان پار ڪري شاهه لطيف ڏانهن اچي رهيا آهن.
هنن سان گڏ هڪ پروهت اڳوڻو به آهي. اڳوڻي کي پڪي ڏوڙي
پهريل آهي، مٿي تي تلڪ ، چوٽي، جڻيو ۽ هٿ ۾ هڪ لٺ.)
شاهه لطيف: ولهون ويلا ، واڻ ، جوڳين جهليا جان ۾ ،
آجهو رهه الاهه ، ڪرلهي ڪاپڙين جو .
(اُن وقت پروتهاڻ ۽ ڪن جوڳين سان گڏ اهدو لطڙ اچيو .

شاه لطيف: سسئي! منهنجي ۽ منهنجي هڪ ئي راه آهي.
توکي ان ڪنهن جي تلاش هئي ته مون کي ان ڪنهن
جي تلاش آهي. تون ٻه دردن جي ماري هئين ته مان
به فراق ۾ قتيل آهيان.

لکين لوڙائو، سهسين آهين سڄ ۾،
سر ۾ ٻوراڻو، ڪو ٻاڏي پاڻ سين!

(دور ڪان فراق جي ماري سسئي اچي رهي آهي. اُگهاڙا ڏڏر
سان ڦٽيل ۽ چيڙيل وار، سڪل منهن، اکين ۾ ڳوڙها ڀريل، شرم ۾
اسرائي، لباس ليڙون ليڙون ٿيل ۽ قتيل، سراپا درد و سوز
جي تصوير. هوء آهستي آهستي هلندي شاه لطيف جي سامهون
اچي ٿي بيهي.)

سسئي: لطيف، منهنجو ٻوراڻو آهي عشق ۽ اڪيلو آهي فرقت
جو سوز ۽ منزل مقصود آهي پنهون.... ٻوراڻو جي
ضرورت پوندي توکي، هيڪلاج ڪو وجهن نه، ان
ڪري.

شاه لطيف: ڀلي آئين. چوڪ آئي. سسئي، شاه لطيف سلام ڪو
ڪري انهيءَ عشق کي ۽ تنهنجي درد کي!

مدد نه منجهان تن، پسي لڪ لڱن جي،
جا ٻر ڪاهوڙين، سا ٻر سکي سسئي....
اي عشق ۾ فدا ٿي وڃي سسئي!
سندي لالن لاءِ، مٽان پوء مڏ ٿئي!

سسئي: اهو هرگز نه ٿو مري جنهن جي دل عشق سان زنده
ٿيل آهي. اسانجو ٿئالو هميشه لاء دنيا جي دفتر ۾
اڪريل رهندو. وسري ويندو؟

(ماحول ۾ سنگيت جي گونج، ڪلام جو شروعاتي سنگيت. ٻر
ڏين ان ٻس جي آهي جو ان تي ترنم ڪري سگهجي.)

شاهه لطيف کي جوڳين جهڙو ئي لباس اوڍيل آهي.)

پري وتناٿ: ٻهراڙون ٻاٽو حب نديءَ تي ڪنداسين.

شاهه لطيف: ٻاٽو؟

پري وتناٿ: منزل پڙاءُ. جتي جل-پان ڪجي، ڇپر-ڇور و ڪجي.

شاهه لطيف: جوڳين کي به ٻاٽو ڪرڻ جي لوڙ پوي؟

پري وتناٿ: لطيف، ڏنگو به آهن... ڇا جوڳين کي شرير ڪونهي؟
شرير آهي ته شرير جا سڀ بندڻ به هوندا ۽ اهو به نه
وسارج ته اسان سان گڏ اڳوڻو به آهي ۽ ويچارو ٻروهت
جوڳي ڪونهي.

شاهه لطيف: ڇرچو سچهي آهو سوامي! ٻيو ڪو مطلب ڪو نه
هو ....

پري وتناٿ: لطيف، جوڳين جو ٻاٽو اڱڻي پوڳ، ڌيان، پرماتما جو
چنتن. سنسار ۾ آيا آهيون ته سنساري ڌرم ته پالڻا
ئي آهن ... فرق آهي اديشه جو، انتر آهي وچار-
ڌارا ۾. جڳت لاءِ سنسار سچ آهي، هڪ جوڳيءَ لاءِ
سنسار جا سچ به مٿيا ئي آهن.

شاهه لطيف: هوءَ ڏسو قافلو. هنگلاج جا جاتري.

(جوڳين کان ڪجهه پنڌ اڳيان هڪ قافلو هنگلاج ڏانهن وڃي رهيو
آهي. قافلي ۾ زالون، مرد، ٻار، ٻاٽيون، ٻڍا، جوان سڀ
آهن. ان قافلي جي اڳيان به هڪ اڳوڻو هلي رهيو آهي جنهن جي
ٻمت سان لٺ ٻڌل آهي.)

شاهه لطيف: سوامي جي! حب نديءَ ۾ واڳهوءَ آهن. ڪلاچيءَ جي
ڪن وانگر؟

ڪمل ناٿ: ڇو لطيف، ڇا تو به مورڙي جهڙي ڪا ڪهاڻي
ڪهڻي ڇا؟

پري وتناٿ: نه. حب ندي اجا ته واڳهن ۽ مانگرمڇن کان آهي

ڪجھ ئي دير ۾ پروهتاڻي، سڀ جوڳي ۽ اڳوڻو شاهه لطيف جي اڳيان اچي ٿا بيهن. شاهه لطيف به اٿي کڙو ٿئي ٿو. پروهتاڻي اڳوڻي ڏانهن نهاري ٿي. اڳوڻو هڪدم کيس پرڻام ڪري ٿو. اڳوڻو شاهه لطيف جي چهري ۽ لباس ڏانهن عجب ڀريل نظرن سان نهاري ٿو. شاهه لطيف سڀ سمجهي ٿو وڃي ۽ مرڪي ٿو.)

شاهه لطيف: اڳوڻا سائين! منهنجي منزل به هنگلاج ئي آهي. هنن جوڳين سان گڏ ئي مان ماتا جو درشن ڪندس.

(شاهه لطيف اکيون بند ڪري ٿو جنهن تي مرڪ آڻي هڪ ازغيبي مستيءَ جي عالم ۾ اچي ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: اڄ ملهندس ماهه! ڏاڍا ڪندس ڪوڙا،
جهجان! جوڳياڻي لطيف، مون کي جهل ۾ ماهه،
هوت پروڙي لاهه، ڪيئن ڪنر پائيان.

پروهتاڻي: لطيف، پاڻ کي سڀني سان ملائي هڪ ڪري ڇڏيو اٿئي. هن تائين پهچڻ جا الهڪ رستا آهن - ڪي جاتل ۽ ڪي اڻجاتل. سڀني جو پيرو ڪري ٿو پرماتما تائين پهچي سگهجي ٿو. اصل تت آهي اندر جي آڳ. ٻيو سڀ ته رک آهي رکر.

ڪچو رستو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز اڳوڻي تي. هو اڳتي وڌندو ٿو وڃي. ڪئميرا جي پل هڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته اڳوڻي کي هڪ چڙهي ٻيٽ سان ٻڌل آهي. هو اڃان اڳيان هلي رهيو آهي ۽ جوڳين جو قافلو هن جي پٺيان پٺيان هلندو پيو اچي. پروهتاڻي ۽ شاهه لطيف ميڙ ۾ گڏ هلي رهيا آهن. هنن جي بلڪل پٺيان ڪمل ناٿ ۽ ٻه ٻيا جوڳي آهن. باقي جوڳي انهن جي به پٺيان آهن.

شاهه لطيف: (وچ ۾ ڪٿي، ٻڪدم) وحده لاشريڪ آهي.
(پروتناٿ، شاهه لطيف ۽ ڪمل ناٿ مرڪن ٿا. هنن جي مرڪ آتمڪ سنتوش جو ثبوت ڏيئي رهي آهي.)
پروتناٿ: هو هڪ آهي پر سرشٽيءَ جي ڪڻ-ڪڻ ۾ سمايل آهي.
شاهه لطيف: (ڪجهه سوچي)

ڪوڙين ڪاپائون تنهنجيون، لکن لک هزار،
جيءَ سڀ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڌارون ڌار!
بس. درسن ڌارون ڌار!

اڳوڻو: (رڙ ڪري) هنگلاج جا جاتريو! جب لدي اچڻ واري آهي. ٻاٽو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. جئه هنگلا ديوي!
جوڳي: (هڪ آواز ۾) الک لوڄن.

✻

ڪچو رستو / ٻاهر / ڏينهن

(جوڳين جو قافلو اڳتي وڌندو ٿو وڃي)

آهي. باقي هن طرف، حب نديءَ جي آس-پاس
روجهه سو هوندا آهن.

شاه لطيف: روجهه؟

پروتڪات: روجهه هڪ جابلو هرڻ آهي. روجهن جا ڌڻ اُڃا لڀندا
آهن. ڏينهن جو ڪٿي به نظر ڪو نه ايندءِ. ويچارا
ماڻهن کان لڪندا آهن. پاڻي پيئڻ لاءِ به رات جو ئي
حب نديءَ تي ويندا آهن. لطيف، تون ڪهڙيءَ ڳڻتيءَ
۾ ٻڏجي ويو آهين؟

شاه لطيف: (چڻ پاڻ سان ڳالهائيندي)

اوتڙ ڪيهن ۽ اوليا، ستڙ ويٺا سالم،
همڪالي هيڪ ٿيا، احد سين عالم،
بي پها بالم، آڳي ڪما اڳهين.

(پروتڪاش سڪ ڀريل نظرن سان شاه لطيف ڏانهن نهاريٿو)

پروتڪات: شل وڏي آورجا ماڻين پت لطيف، تون به پاڻ سالم
آهين، ٻرٻر هوڏي وارو آهين. سدائين ستڙ ويٺل.
تنهنجي لاءِ ڪولي اوتڙ آهي ئي ڪونه. تون پاڻ
سمپورڻ پرڪاش آهين.

شاه لطيف: سواميجي، سچن کي ڪو سور ئي نه رسندو.
قرآن پاڪ ۾ به فرمايو الائون:
لا خوف عليهم وَلاهم يحزنون

پروتڪات: سنساري جيون مان آتماڪ اُمڪ ڪڍڻ پرماڻ آهي
تنهنجي آتمڪ وڪاس جو ۽ پرڪاشمئه آتمه جو
تون اگياني سنسار کي پڙالهيندين ته ڪيئن ۽ سنسار هڪ
ئي آهي، فقط نالن جون ڦڪڙون الڳ الڳ آهن.
تون وڏي واڪي چوندين ته جي پرماتما هڪ آهي ۽
اسم آهي ته الاه به ...

پاسو وٺي ٻيهي ٿا وڃن. واپسيءَ وارو قافلو هنن جي پاسي کان
ڌيري ڌيري هلندو ٿو وڃي.)

شاهه لطيف : ان الله وتر يحب الوتر - ڌڻي هڪ آهي ۽
کيس هيڪڙائي وڻندڙ آهي. ڪلام پاڪ جو فرمان
آهي سوامي جي!

ڪمل ناٿ : ايڪو اهم دو تيو ناسٿي - ان الک برهم کان
سواءِ ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه! اهو ويدانت -
واڪيه آهي لطيف سائين!

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف کلن ٿا. ڪمل ناٿ جي منهن تي شرارتي
مرڪ آهي.)

شاهه لطيف : مون کي هندو ڌرم ڪافي پسند لڳندو آهي.
هندو نرگڻ برهم ۾ به وشواس ڪن ته سگڻ برهم
۾ به! پرماتما الک به آهي ته اوتار به وٺي ٿو.
برهما، وشنو ۽ مهيش شڪتيون به آهن ته تريو
به آهن! سوچيندي ئي مٺو ڦرڻ ٿو لڳي.

پروتناٿ : پر لطيف، هڪ مکيه منتر وساري ڇڏيئه. سڀ
ڪجهه ڇڏڻ کان پوءِ رشين ڄاتو آهي- نيتي نيتي!
هي به نه، هو به نه. سڀ رهسيه ان سوتر ۾ ئي
سمايل آهي وتس! هي به نه، هو به نه.

شاهه لطيف : يعني؟ يعني ته...

پروتناٿ : هائو، ائين. يعني ته فقط تون ۽ فقط تون.
تون هڪ بوند مان اڀريو آهين. تون پاڻ هڪ
بوند آهين، توکي ئي ساگر پڪڙيو آهي. ڇو
ڪيئن؟ هي سڀ شاستر، هي سڀ مت- متانتر،
هي سڀ يوگ، وات روپ پراپت ڪرڻ جا
ئي رستا آهن. رشين ان کي مڪتي به سڏيو

سوتر ڌار (فقط آواز)

هنگلاج جا جاتري حب نديءَ کان پوءِ ٻوليءَ جي ڪوهيءَ تي منزل ڪندا آهن. هتي ديوي ٻوليءَ جو ڪوئي مندر ڪونه آهي، فقط نالو رکيل آهي. شاهه لطيف به جوڳين سان گڏ اتي منزل ڪري پوءِ اڳتي وڌيو...

ٻوليءَ جي ڪوهيءَ کان پوءِ واٽ تي ڪافي ور-وراڪا آهن. انهيءَ هنڌ کي عام طرح "گهٽيڪا" چوندا آهن. اها سموري واٽ ڏاڍي تنگ ۽ ور-وڪڙن سان ڀريل آهي.

درشيه

جوڳين جي قافلي کان اڳ ويندڙ قافلو ميدان ۾ هڪ هنڌ آرام ڪري رهيو آهي. هڪ هنڌ رڌ پچاءُ ٿي رهيو آهي.

جوڳي ۽ شاهه لطيف اڳتي وڌي رهيا آهن.

تنگ ۽ ور وڪڙن سان ڀريل واٽ.

(گهٽيڪا مان گرهستين جو قافلو ۽ انهيءَ پٺيان پٺيان جوڳين جو قافلو هنگلاج طرف وڃي رهيو آهي. هڪ ٻيو قافلو هنگلاج جي ياترا ڪري واپس اچي رهيو آهي.
ٻنهي قافلن جي اڳواڻن جي نظر هڪ ٻئي تي پوي ٿي. ٻئي اڳواڻ هٿ جي اشاري سان پنهنجن پنهنجن قافلن کي روڪن ٿا.)

موٽندڙ اڳواڻ: جئه هنگلا ديوي!

ويندڙ اڳواڻ: جئه هنگلا ديوي!

(ويندڙ اڳواڻ هٿ سان اشارو ڪري موٽندڙ قافلي کي رستو پار ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. هنگلاج طرف ويندڙ ٻئي قافلا هڪ

وڌيڪ لاڙو رکندا آهن. صوفين جو مجازي عشق انسان جي ان مشڪلات کي دور ڪرڻ جو ئي هڪ رستو آهي. ڇو ته من، بدن، پيار ۽ صدق جي نه ڪٽي لڳڻ وارو ئي ناهي. پوءِ به ان نامراد من کي قابوءِ ۾ آڻڻ جو هڪ رستو آهي.

ڪمل نات: لطيف، ڪبير جي هڪ سٽ آهي:

اوڌ پرش ديواڻو پيو،
ڀڳت هيمت پرسيه پئي!

اهو سڄو ڀڳتيءَ جي پاونا جو ئي چمتڪار آهي جو ديون جو ديو وراٽ پرش پڻ هن ڀڳت پرهلاد لاءِ نرسنهه اوتار ڌارڻ ڪري ساڪار روپ ۾ پرگٽ ٿئي ٿو پر اسلام پورڻ - روپ ۾ ايڪ - ايشور - وادي ڌرم آهي - فقط هڪ الله ۾ عقيدو رکندڙ مذهب

پروتمات: ان ڪري اسلام جي پيروي ڪندڙن ۾ انوکي ايڪتا ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

شاهه لطيف: هندن ۾ دائره ايڪتا ته آڻيندا ئي سواميجي!

پروتمات: پٽ لطيف، سڀ جي هوائن کي سهائيندڙ - سگرپو جي پاڻ پاليءَ کي ورڊان مليل هو ته دشمن هن جي سامهون ايندي ئي پنهنجي اڌ شڪتي وڃائي ويهندو. رام جهڙي اوتاري پرش به هنجي سامهون وڃڻ ليڪ نه سمجهيو ۽ وڻ جي پٺيان لڪي پاليءَ تي تير ڇڏيو. پاليءَ چيو به ڏلس ته: رام، مون کي تو ويڙهن وانگر نه، پر هڪ شڪاريءَ وانگر ماريو آهي. پٽ، منهنجو اشارو سمجهي ويو هوندين.

شاهه لطيف: سمجهي ويس سائين! بلڪل سمجهي ويس. پر،

آهي. وراٽ روپ ۾ مڪتي، پڻ پراڻا آهي
نہ پرماتما جي مايا اپرمپار؟ ان اپرمپار جي پار
وڃڻو آهي توکي.

شاهه لطيف: سوامي جي، صدين جو رچيل آهي اهو مايا جار.
پر ويدن ۾ نہ پرماتما جو نراڪار روپ ئي پرڪٽ
ڪيل آهي...... ساڪار روپ ۾ اوتار تہ......
پوءِ ڀي ڪلپنا آهي نہ؟

پروهت: اهڙين ناهي، پرماتما جي ساڪار روپ جو بيان
سڀ کان اول رگويد جي پرش - سوڪت ۾
ملي ٿو. جيئن:

सहस्त्र शीर्षा पुरुष: सहस्त्राक्ष: सहस्त्रपात ।
स भूमिं विश्वता वृत्वात्यतिष्टद्दशाङ्गुलम ॥

رگويد ۾ پرماتما جي وراٽ سروپ جو ذڪر
ڪيل آهي. ان وراٽ پرش جا هزارين مٿا،
هزارين نيڻ ۽ هزارين چرڻ آهن. هن ڀرتيءَ کي
چئني طرفن کان گهيري رکيو آهي ۽ پوءِ بہ هو
فقط ڏهہ آڱر آهي.

لطيف، جيتوڻيڪ برهم جو اصلي روپ نرگڻ،
نراڪار ۽ الک ئي آهي پر نرگڻ برهم جي ڀڳتي
ڪٺن آهي. ڀڳوان شري ڪرشڻ "گيتا" ۾ صاف
صاف چيو آهي: "اويڪت (نرگڻ) ۾ چت
کي ايڪاگر ڪرڻ ۾ تمام گهڻو ڪشٽ ٿيندو
آهي ڇو تہ. نراڪار گتيءَ کي ڏکڙي / ٻالڪ،
ديهہ - ڌاري منش لاءِ سہاوڪ طور ڪشٽ -
پرپو آهي.

ان لاءِ، پيارا لطيف، ڀڳتي سگڻ ساڌنا ڏانهن

لطيف، تون هن دنيا ۾ پنهنجي هستيءَ کي نور
۾ لپيٽيو آيو آهين، تون پرڪاشمان آڳ آهين. ان
آڳ جي تئو ۾ مايا جا جار پکڙجي وهي ويندا ۽
فريب جلي خاڪ ٿي ويندا.

(قافلي جو سفر جاري آهي.)

شاه لطيف: هڪ ذرتي پيو اندر ۾ عشق جي آڳ - عاشق
کي اُن جيون جي وچ ۾ پهچندي پهچندي نينهن
نباهڻو آهي.

پروتمات: اهائي چاشني صوفين جي ڪلام ۾ رنگيني ۽
دلڪشي پري ٿي ۽ ڀڳتن جي ڀڳتيءَ کي رس-
ڀريو بڻائي ٿي. يوگ - مارگ ۽ گيان - مارگ تي
سڪل لوڪ رسيا آهن. ڪوئي فولادي هرد ۽
لوهي شرير وارو سادڪ لئي انهن مارگن تي
لڳاتار ياترا جاري رکي سگهي ٿو.

ڪمل نات: سمجهيم، لطيف! تون ڀرم جي ڪمر مان جهڪا
ڪمرٽي ڏاهيندين ان ۾ يوگ ۽ گيان جو، بستن ۽
ڪاچن جهڙو ئي انداز هوندو. چيعا اسي هڪ.
تنهنجي ڪمرٽي ماڻهو آڱريون چٽي چٽي ڪاليندا -
ڪاليندا ۽ گرٺ ڳاليندا......

شاه لطيف! مان ڪمرٽي ڏاهڻ وارو ڪمر؟
ڀانئين ٻي ٻاٽ کي، ڀانئين محبوب،
ڀانئين حلقي خوب، ڀانئين طالب تن جو ا

پروتمات: ڪمل نات، وڏي ٻيد واري ڳالهه آهي اها. اها
فقير جي ڪشڪول ۾ هٿان هٿان ڪني ڪيل
گيان جي مٺاڇري وارتا ناهي. لطيفو، پڏو ۽ آهي
۽ اڏيو ۽ آهي.

(قافلو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

رام ٻلي ٻاليءَ کي لڪي ماريو هجي، هنومان ڪيس
سامهون وڃي ماري ها!

(پروتمانڪ هڪدم ڀڄي ٿو وڃي ۽ ڪجهه دير پڪ ٽڪ شاهه لطيف جي منهن ۾ نهاريندو ٿو رهي. پوءِ مرڪي، ڏاڍيءَ سِڪ سان ڪٺي ٿو شاهه لطيف کي ڳلي لڳائي. ڪمل ناٿ پنهنجين اکين جون ڪنڊون اگهي ٿو.)

✻

(هنگلاج مان واپس ايندڙ قافلي جا سڀ جاتري سوڙهو لڪ پار ڪري چڪا آهن. گرهستين جي قافلي جو اڳواڻ جاترين کي اڳتي وڌڻ جو اشارو ڪري پاڻ به اڳتي وڌي ٿو. انهن کي اڳتي وڌندو ڏسي جوڳين جو قافلو به اڳتي وڌي ٿو.)

شاهه لطيف: مون کي لڳندو آهي ته هوديءَ ۽ هدا هڪ جاءِ رهڻ وارا ناهن. توهان جو سنگ ۽ ساٿ ملڻ کان اڳ مون ۾ ايئن لکيا ها ته:

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه نماز،
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئو.
جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئو.

پروتمات: پاڪل سچ چيو آهي تو لطيف! پنهنجو آپو وڃائڻ کان پوءِ ئي پرماتما جي وڏائي ڪري سگهجي ٿي. جيسين اندر ۾ خودي هوندي، اهنڪار هوندو، مان - پڻو هوندو، تيسين انسان پرماتما جي ناليءَ ۾ فقط پنهنجي پيو وڏائي ڪندو، پنهنجون صفتون پيو ڳڻائيندو ۽ پنهنجو ڳڻ - گان پيو ڪندو.

ٻيون ڇلڪا ڏين. قدرت
هن جڳهه جي نظاري کي
عجيب نزاڪت بخشي آهي.
ٻيڙي لڪ جي نزديڪ
ٽورٻون ڪوهيون آهن، جن
کي ”سيتا ماتا جون ڪوهيون“
ڪري سڏيندا آهن.

هنگلاج پراڻ جي انوسار شري
رامچندر جڏهن پنهنجي پتني
سيتا ۽ ڀاءُ لڪشمڻ سان گڏ
چوڏهن سالن جو بنواس ڀوڳي
رهيو هو تڏهن انهيءَ عرصي
۾ هنگلاج آيو هو. سيتا
ماتا جون ڪوهيون ڪچيون
آهن. تنهنڪري جلد جلد
ڊهي وڃن ٿيون ۽ ماڻهو
اُهي وري سوري صفا ڪندا
آهن.

ٻيڙي لڪ کان پوءِ ڪارڙي
ناڪو اچي ٿو. شاهه صاحب
جي وقت ۾ انهيءَ ناڪي
تي لس ٻيلي جي جام جا
ملازم هنگلاج جي جاترين جو
سامان ڪولائي ڏسندا هئا.
بدن تي ٻيل ڪرڻ کي
ڇڏي ڪري باقي سڀني

سمنڊ جو درشيه

سيتا ماتا جي ڪوهن
جو درشيه

ڪرهتين جي قافلي جو سڄو
سامان کليو پيو آهي. ملازم
ڏيڻو لڳائي رهيا آهن ۽
ان مطابق محصول وصول
ڪن ٿا.

شاهه صاحب جي لکي ڇهري
جو ڪلوز اپ.

سوڊ ڌارا: (فقط آواز)	درشيه
شاه لطيف سر ديسيءَ ۾ سسئيءَ جي منهن مان چوايو آهي ته: ورو وراڪا وچ ۾ لکين آڏا لڪ، هوُجي آڏا حق، سي ڪندا ڪوه ڪدهن ڪي؟	جوڳين جي ياترا جاري آهي.
ٽڪرن ۽ وروڪرن واري واٽ جنهنکي عام طرح گهٽڪا چوندا آهن ۽ جنهنکي روحاني معنيٰ ڏيئي شاه صاحب "سوڙهي سگهه" ڪوٺيو آهي انهن گهٽڪن مان لنگهبو ته اول متاهون پٽ ايندو ۽ پوءِ لڪن پٺيان لڪ ايندا ويندا. سڀ کان اول ايندو اروڙ لڪ.	گهٽڪن جا ڪجهه درشيه
اروڙي لڪ جو نظارو نهايت وڻندڙ ۽ دلڪش آهي.	اروڙي لڪ جو درشيه
هيءَ قدرتي طرح هڪ ٽڪري جبلن جي قطار کان جدي، ڌار ٿي، عمدو لقاءُ لڳائي بيٺي آهي. اروڙان سمنڊ جون چوليون	جبلن جي قطار ۽ ٽڪريءَ جو درشيه

تحقيق جي تڪبر ڇڏي، جسمان ڪيائون جواب،
تن کهڙو ڏوهه حساب، جن هنئڙي هادي حل ٿيو!

پرو ٺڏات: پٽ لطيف، تون ڇو ٿو پاڻ کي شرمندو محسوس ڪرين؟ جو ڪرڻگا سو ڀرڻگا، هم ڪيون هون اداس؟

شاه لطيف: ڏک ٿو ٿئي ته مغلن جي راڄ ۾ هندن ڪي هيڏيون جزائون مڙهيون وڃن......

پرو ٺڏات: مغلن جي راڄ ۾ نه ڇوُ... ڇوُ اورنگزيب جي راڄ ۾. پٽ، مغل ته اڪبر به هو.

(ڪجهه دير سڀ خاموشيءَ سان هلندا ٿا رهن.)

پرو ٺڏات: پرجا جو پيارو ۽ انصاف پسند راجا ٿيڻ به نصيب وارن جي قسمت ۾ لکيل هوندو آهي. اڪبر نصيبن وارو هو. لطيف، سڀئي سمجهه ۽ ڀاڳن سان ملندي آهي. سو ٿو پرسٽ آهي ته ونااش ڪالي وپريت ٻڌي. جڏهن ماڻهوءَ جو وناش ٿيڻ وارو هوندو آهي، ڀاڳ پهرين سندس ٻڌي ڀرشٽ ڪندو آهي.

شاه لطيف: مون ٻڌو آهي ته اڪبر بادشاه سڀني ڏر مان راڳ جو رواج ئي ڪڍي ڇڏيو هو.

پرو ٺڏات: ماڻهن ۾ ڳهٽيو هو. ڇاڪاڻ ته هن تي احسان جهڙو ڪو ٻوجهه ڪونهي ۽ احسان فراموشيءَ جهڙو ڪو گناهه. امرڪوٽ ۾ ڄائو هو، راڻي پرساد جي محلات ۾. ان جي سوڍن جا اڪبر جي پيءُ همايون تي احسان ها. ٺٽي جي حاڪم شاه حسن ارغون سان لڙائي ڪرڻ لاءِ راڻي پرساد همايون کي پنهنجو لشڪر ڪڍي ڏنو هو. ان لاءِ اڪبر هندن سان سدائين

وڃن چاهي سنڌي سامان تي
محصول لڳائيندا ها. جيئن
ته اهو محصول فقط هندن
کان وصول ڪيو ويندو هو
ان لاءِ شاه صاحب کي ڪافي
ڏک رسيو هو.

(پردو کلي ٿو، ڪمل لاءِ، ٻيا جوڳي ۽ شاه لطيف ناڪي وٽ اچي قطار ۾ بيهي ٿا رهن. ملازم جوڳين کي ڏسي کلن ٿا.)

شاه لطيف: اسان جوڳين - سنياسين تي ڪهڙو ڍُو ٿا؟ مهرباني ڪري حساب ڪري ٻڌايو ته. اسان کي ڪيترو محصول ڏيڻو پوندو؟

(ملازم مذاقي انداز ۾ جوڳين جي شڪلين ڏانهن نهارين ٿا.)

هڪ ملازم: توهان جوڳي چار ئي پهر در در ۾ ڀٽڪندا رهو، توهان جون ڪفنيون مٽيءَ جهڙيون ميريون ٿا ن. توهان جي جٽائن جا رسا چڪل، توهان جي بدن تي ڪپڙن جي بجاءِ فقط لنگوٽي ڪڙ لاءِ لنگوٽ ۽ ڀڀوت جا تهه، توهان ڀلو ۽ ڪانو. اسان توهان کان محصول وٺي توهان جو مان - شان گهٽ ڪرائينداسين. وڃو اڳتي، ڇڏيو جاءِ.

(پردو کلي ٿو، شاه لطيف ۽ جوڳي ناڪي کان اڳتي وڌي ٿا وڃن. شاه لطيف ڏاڍو دکي لڳي رهيو آهي.)

شاه لطيف: سوامي جي! هي سورا نادان ڪاني ۽ هيري ۾ فرق به نه ڪري ڄاڻن. هي اگهاڙي جا ڄاڻن ته جوڳين، سچن جوڳين جي شڪتي ڇا ٿيندي آهي...
مُلان جن محراب، جسو جامع تن جو،
قبلي نماءُ قلب ڪري، تن کي ڪعبو ڪن طواف،

ھي آھي. ان ڪري انھيءَ
جڳھ کي سڏيندا ٿي آھن
اٻاولي.

اٻاولي: ڪان ڀِرو اھڙي
ولدرلن. ولدرلن اٻاولي ۾
سونھاڻي جي وچ آھي.

ولدرلن جو نظارو.

ولدرلن: ڪان سونھاڻي ڀي
ڪوھ ڀري آھي.

سونھاڻي: ڪان ڪوھ ڪن اڳ
ھڪ زبون ٿيل قلعي جا
نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان
قلعي کي "ٻالا وارو ڪوٽ"
ڪري سڏيندا آھن. ان ڪوٽ
جو نرماڻ دربارھي چورن ۾
ڊاڪن تي نظر رکڻ لاءِ ڪيو
ويو ھو.

"ٻالا وارو ڪوٽ" جا اوشيش
ڏيکاريا وڃن ٿا.

سونھاڻي اصل ۾ مھاڻن جي
مھاڻي ھئي. سمنڊ جي ويجھو
ھئڻ سبب ھي ھنڌ واپار ۾
ايترو تہ ڦليو ڦوليو جو مٿس
نالو ٿي پجي ويو- سونھالي!

سونھاڻي ۾ سمنڊ جا ڪجھ
شاٽس.

سونھاڻي: ڪان ڀوءِ شاھ لطيف
جوڳين سان گڏ "ڳرو ڇھلي
جي رڻ" ۾ داخل ٿئي ٿو.
"ڳرو ڇھلي جو رڻ...

جوڳين جو قافلو اڳتي وڌندو
نو وڃي.

سدا ٻـڌو پيا. جڏهن گاديءَ تي ويٺو ته هڪدم
امرڪوٽ جي راڻن کي لکيائين ته توهان منهنجي
پتا سان بلڪل وفادار ٿي هليا هئا ۽ مان هاڻ
امرڪوٽ ۾ ڄائو هوس، تنهنڪري توهان جي
ملڪ مان ساليانو ڏن وٺڻ مان حرام ٿو سمجهان،
ان ڪري توهان کي سڀ ڏلون معاف آهن.

شاهه لطيف: اڪبر امرڪوٽ ۾ ڄائو هئڻ ڪري...
نڪا جهل نه پل، نڪو راڙو ڏيهه ۾!

ڪمل ناٿ: لطيف، اها سٽ مان جيڪر ڪرتا ۾ هيئن چوان:
نه ڪو ڏن نه پل، نڪو راڙو ڏيهه ۾!

شاهه لطيف: ڪري جي! ڏن، پل ۽ راڙو - ڌهراءُ ناهي
هڪ ئي معنيٰ ۾ ساڳي لفظن جو؟ جهل ۽ پل
لفظ سڀني کي مليل آزاديءَ جو اهڃاڻ ٿا ڏين
ٿو وارن کي مليل سکن جو ساڳيو ن وڌائي ٿا
ڇڏين. توهان جو ڪهڙو راءِ آهي سوامي جي؟

پروتناٿ: هاڻي ٻوڳن کي ڪاوڙ - ڪلا جي ٻه چار ڪٽي
پوندي؟

(قافلو ڪجهه دير چپچاپ اڳتي وڌندو ٿو رهي.)

*

سوتردار (فقط آواز):

ڪارڙي ناڪي کان پوءِ واٽ
تي هڪ هنڌ ٿوري ٻاغاس
آهي. اتي جهڪي وڻ آهن
انهن ۾ گهاٽي انهن جي وڻن

درشيه

انباوليءَ جو درشيه.

پروتناٿ : لطيف، هيءَ آهي سا ڦوڙندي الهئي جهڙي وهڪري جي دهشت سبب سسئي اڳتي نه وڌي سگهي هئي ۽ واپس وري وئي هئي.

شاهه لطيف : سوامي جي، مون ڪئي سسئيءَ کي الائي گهڻا سلام ڪرڻا پوندا. عشق جو اوتار هئي ۽ درد جي لهن کان ڇوڪريءَ ڌاڻين جي تصوير... سوامي جي، سورمي سسئي پلي ڦوڙ نديءَ جي وهڪري جي لڪ جي دهشت سبب واپس وري هجي، پر اهو نه مڃڻو ٿي پوندو ته هن درد جي ماريءَ پب پهاڙ جا ڏکيا رستا پار ڪيا ها.

(شاهه لطيف پنهنجي ٻانهون آسمان طرف کڻي دردناڪ آواز ۾ بيت ترنم ۾ چوي ٿو.)

شاهه لطيف : ڏُونگر! ڏو راءِ، پهڙون چوندس پرين کي:

"پهڻ پنهنجا لڙون ڪيا، ڪڙيون ڇنو تو،
رحم نه پيئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو،
واڪو ڪندس :
وو! مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري!"

ڪمل ناٿ : لطيف، تو ۾ سسئيءَ جي روح واسو ته ڪونه آهي ڪيو آهي ؟

شاهه لطيف : شل ڏٺي ڪري انهن ٿئي، ادا!

(ٺيڪ ان وقت پب پهاڙ جي قطارن ۾ ٽڪي ۽ درديلي زالي آواز ۾ "وو او او او او" جو واڪو ۽ ان جو پڙاڏو گونجي ٿو ۽ ان کان پوءِ "مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري - مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري - مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري" جي گونج ماحول ۾ چوڌاري ڦهلجي ٿي وڃي!

شاهه لطيف جي اکين جو .E. C. U

(ڪئمرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي. ڪئمرا جي پل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هو پروتداس سان گڏ اڳتي وڌي رهيو آهي، سندن پٺيان پٺيان ٻاقي جوڳي ۽ ٽولهون لاهي اچي رهيا آهن)

شاهه لطيف: گرو چيلي جو رڻ! آخر هن جڳهه تي اهو نالو ڪيئن پيو ؟

پروتداس: ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ گرو پنهنجي چيلي سان گڏ جي، هنگلاج جو درشن ڪرڻ ٿي ويو. جڏهن وقت پئي گرو چيلو هن جڳهه تي پهتا ته اڃ اچي پريشان ڪيئن. هنگلاج جي واٽ تي جيڪي به پاڙا آهن، انهن سڀني تي پاڻي ملي ٿو سگهي، فقط هن جڳهه جي آس پاس ئي پاڻي ملڻ ناممڪن آهي. گرو - چيلي کي اڃ اهڙو ته وياڪل ڪيو جو هو ماندا ٿي ڌرتيءَ تي ڪري پيا ۽ اتي ئي ڦٿڪي ڦٿڪي پراڻ ٽياڳيائون. ان ڪان پوءِ هن استان جو نالو ئي پئجي ويو: گرو - چيلي جو رڻ.

(جوڳين جو قافلو هنگلاج طرف وڌندو ٿو وڃي.)

اڳوڻو : (جوڳين ڏانهن منهن ڪري) جوڳيو! هنگلاج جا جاترو! گرو - چيلي جو رڻ لتاڙي آيا آهيون. هو ڏسو، سامهون ٿي ڦوڙندي آهي. هن وقت ته ڄڻ سڪي پئي آهي، پر چوماسي ۾ ڦوڪجي ڪري وهندي آهي. ڦوڙندي هاڙهي جبل جي پيڙهيءَ وٽ آهي. جوڳيو! هاڙهو جبل بلوچستان کان هلي، هتي ڦوڙنديءَ وٽ اچي ڪٽي ٿو.

(پروتداس، شاهه لطيف ۽ جوڳي ڦوڙنديءَ جي پرسان اچي ٿا بيهن.)

وڃي ڪنهن نه وڃڻ،
تن آڏ ٻيمن آرام،
رڻ ۾ گڏئن رام،
ٻيڌان چٽا ڪاٽڙي.

تيرٿ آستان جي ياترا تي وڏي مهما واري آهي. رڻ ۾ گڏئن رام. ياترا ۾ ٿي جڳماسوءَ ڪئي گيان جا امله ماڻڪ - موتي ملي ٿا وڃن. قادر جي قدرت جو جلوو ڪان آجو ۽ نجو ديدار ساڃ ڪ ڪئي سڀني جي تمام وجهو آڻي ٿو ڇڏي.

هنگلاج جا ياتري چندر ڪوپ کان هلي ”سنگل“ تي اچي منزل ڪندا آهن.
حقيقت ۾ ”سنگل“ ٻه مڪان آهن: هڪ ننڍو سنگل، ٻيو وڏو سنگل.

سنگل نالي وارا ٻه مڪان ڏيکاريا وڃن ٿا. جوڳين جو قافلو اتي رکجي پاٽو ڪري ٿو.

سنگل کان پوءِ اچي ٿي:
اگهور ندي !
هيءَ ندي هاڙهي جبل جي هڪ پاسي آهي ۽ ٻئي پاسي هنگلور يا هنگول ندي !

اگهور ندي جو درشن:

اسڪام شامت. هاڙهي جبل ۽ ان جي ٻنهي پاسن کان وهندڙ

سنڌي ٽاٽا ڪانيمدي ڀب ڀهاڙ ڀار ڪري رهي آهي.)

اڳوڻو : جوڳيو! هتان اڳڀرو هلو ته جلد ئي هڪ ڪلرالو ميدان ڏسڻ ۾ ايندو. ان ميدان کي چندر ڪوپ ڪري چوندا آهن. اتي جيڪي ٻه کوه آهن، اهي قدرتي آهن يعني ڪنهن ماڻهوءَ جا کوٽيل ڪونه آهن.

(ڪئمرا ”چندر ڪوپ“ کي ڪوڙ ڪري ٿي. اتي ڪاري ڪپ لڳي پيئي آهي. ان ڪپ جا ڪئين ٽڪ، هڪ ٻئي مٿان جهڙي تمام وڏا وڏا ٿي پيا آهن. ان وقت، اتي رکي رکي ڪي آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

جوڳين جو قافلو دڙن جي ورسان بيٺو آهي.)

اڳوڻو : هي آواز ٻڌو ٿا نه؟ هنگلاج ٿي ٻولي، هنگلاج ٿي ٻولي! ڀاڳن وارا آهيو جو آواز ٻڌي رهيا آهيو. جي آواز ٻڌڻ ۾ نه اچن ته سمجهو توهان جي ياترا اجائي ويئي، شرف قبول نه پيو.

(رکي رکي پڙاڏو ڪي آواز ايندا ٿا رهن.)

✻

سوترڌار (فقط آواز)

شاه صاحب سر رامڪليءَ ۾ چيو آهي ته:

ٻڌندي ٻڌي ٻير ٿيا،
چڙهي ڪنجو ڪامر،
ڪروءَ سڻدي ڪن ۾،
جن ڪيا تن تمام،

درشيہ

اڳوڻو ۽ جوڳي هنگلاج طرف وڌندا ٿا وڃن.

وڃي ڪنهن نه وڃڻ،
تن آڻ پسڻ آرام،
رڻ ۾ ڪڏهن رام،
پنڌان ڇڏي ڪاهڙي.

نهوڙ آسمان جي پاتڙا تي وڏي مهم واري آهي. رڻ ۾ ڪڏهن رام. پاتڙا ۾ تي جڳماسو، ڪي گمان جا اهڙ ماٺڪ - موتي ملي نه وڃن. قادر جي قدرت جو ڇال - ول کان آجو ۽ نجو ديدار ساڻ ڪي سڀڙن جي تمام وجهو آڻي ٿو ڇڏي.

هنگلاج جا ياتري چندر ڪوپ کان هلي ”سنگل“ تي اچي منزل ڪندا آهن.
حقيقت ۾ ”سنگل“ ٻه مڪان آهن : هڪ ننڍو سنگل، ٻيو وڏو سنگل.

سنگل ٽالي وارا ٻه مڪان ڏيکاريا وڃن ٿا. جوڳين جو قافلو اتي رکجي پاٽو ڪري ٿو.

سنگل کان پوءِ اچي ٿي:
اگهور ندي!
هيءَ ندي هاڙهي جبل جي هڪ پاسي آهي ۽ ٻئي پاسي هنگلور يا هنگول ندي!

اگهور نديءَ جو درشن.

اسڪام شامت. هاڙهي جبل ۽ ان جي ٻنهي پاسن کان وهندڙ

سڀئي ٽاڻا ڪاٺيندي پڻ ٻهاڙ ٻار ڪري رهي آهي.)

اڳوڻو : جوڳيو! هتان اڳيرو هلو ته جلد ئي هڪ ڪلراٺو ميدان ڏسڻ ۾ ايندو. ان ميدان کي چندر ڪوپ ڪري چوندا آهن. اتي جيڪي به کوه آهن، اهي قدرتي آهن يعني ڪنهن ماڻهوءَ جا کوٽيل ڪونه آهن.

(ڪئمرا ”چندر ڪوپ“ کي ڪَوَر ڪري ٿي. اتي ڪاري گپ لڳي پيئي آهي. ان گپ جا ڪيئي ٿلها، هڪ ٻئي مٿان چڙهي تمام وڏا ڏڍا ٿي پيا آهن. ان وقت، اتي رڪي رڪي ڪي آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

جوڳين جو قافلو ڏڍن جي ڀرسان بيٺو آهي.)

اڳوڻو : هي آواز ٻڌو ٿا نه؟ هنگلاج ٿي ٻولي، هنگلاج ٿي ٻولي! ڀاڳن وارا آهيو جو آواز ٻڌي رهيا آهيو. جي آواز ٻڌڻ ۾ نه اچن ته سمجهو توهان جي ياترا اجائي وئي، ترت قبول نه پئي.

(رڪي رڪي پڙاڏو ۽ ڪي آواز ايندا ٿا رهن.)

سوتر ڌار (فقط آواز)

شاه صاحب سر رامڪليءَ ۾
چيو آهي ته:
ٻوليندي ٿي ٻول تماه،
چڙهي گنجو گام،
گروءَ سندي گس ۾،
جن ڪيا تن تمام،

درشيه

اڳوڻو ۽ جوڳي هنگلاج طرف
وڌندا ٿا وڃن.

ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ماتا جو درشن سڀ ڪشٽ
ٽي ڪري ٿو ڇڏي، سڀ دک درد دور ٿو ڪري
ڇڏي .

(مهايوگي پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف هڪ وڏي ڪمري ۾ سندن ڪن ٿا، ڪورو ڪپڙو پاتن ٿا، سرن (ننڍين غفائن) ۾ آندر گھڙي، ڦيرو ڏيئي، ٻئي ھنڌان ٻاھر نڪري ٿا اچن . جيئن تہ سرن مان فقط ھڪ ماڻھوءَ جي لنگھڻ جي جاءِ آهي ان ڪري سڀ جاتري ھڪ ٻئي جي پٺيان پٺيان قطار ۾ لنگھي ٻاھر اچن ٿا.

هنگلا ديويءَ جي پٿ تي ليٽيل اوسٿا ۾ ٻوڙهي مورتي!

هنگلا ديويءَ جي سڄي شرير تي سندور لڳل آهي. ڪيترا ئي هندو چاهي مسلمان درشن ڪري رهيا آهن. هندو ۽ مسلمان جاتري چاهي هنگلاج جا فقير ديويءَ جي شرير تي هر هر ڪپڙ اوڍي رهيا آهن. هنن جي اها ئي ڪوشش آهي جيئن ماتا جي شرير تان ڪپڙ سڪي نہ ۽ ماتا سدائين ڪپڙ سان آلي رهي. ان وقت پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف بہ ديويءَ جي استان ۾ داخل ٿين ٿا ۽ ڪجهہ گھڙيون، خاموشيءَ سان ديويءَ جي الوڪڪ سندرتا جو آنند ماڻيندا رهن ٿا.

هڪ فقير : يا علي! ناني اي اي اي .. حق ! ناني اي اي
اي ... حق! هنگلاج جي نانيءَ جو ڪپڙ نہ سڪي!
يا علي، هرگز نہ سڪي! ورنہ، ورنہ، اسان جو
نصيب رڻ ۾ رلي ويندو.

(هنگلاج جا فقير ۽ هندو - مسلمان جاتري ديويءَ تي ڪپڙ اوڍڻ لڳن ٿا .)

شاهه لطيف : هيءَ بہ هڪ عجيب رسم آهي.

پروتناٿ : رسم نہ چئو لطيف، صدق آهي، وشواس آهي،
عقيدو آهي. هنگلاج جي فقيرن، پوڄارين ۽ هندو -

اگهور نديءَ وري پٽن جبلن جي وچ مان وهي ٿي. اُهن جبلن مان هڪ کي سڏين "چندر" ۽ ٻئي کي "وچندر".

ٻه نديون.
چندر - وچندر جبلن جي وچ مان وهندڙ اگهور نديءَ جو درشن.

پراڻن ۾ هڪ ڪٿا ٿي اچي ته چندر - وچندر نالي ٻه وڏا دئيت ها جن جو ديويءَ سنهار ڪيو هو.

هنگول ۽ اگهور ندين جي نزديڪ آشاپور نالي مڪان ۾ ڪالي ماتا جو آستان آهي ۽ ان جي ٻرپان ڏيڍ ڪوهه ڪن پنڌ تي آهي هنگلاج!

آشاپور جا ڪجهه شانس.
ڪالي ماتا جو درشن.

هاڙهي جبل جي ڀاڙ / ڀاهر / پر ڀات

(لاڪ شامت. هاڙهي جبل جي ڀاڙ ومت هنگلا ماتا جي غفا جي ٻرسان زمين جي سڌي آڪر تي جوڳي وٺا آهن . پروتنامت ۽ شاهه لطيف سيڻي کان الڳ الڳ وٺا آهن.)

شاهه لطيف : چڙون چڙ ڪمت، ٻهڻ پٽڙاٽمون ٻالتمان ،
جتي رهان راتڙي، مرون مڌهبا مت ،
سيڻن جيءَ سهت، ڏو ڏکر ڏ ولي مون ٿمو!

پروتنامت ٻت، هنگلاج جي ٻاترا برابر اٿارڪي ۽ چوُر - چور

چڪجي ويو آهي ۽ سندن چهرن تي عجيب قسم جا جذبا نمايان ٿي رهيا آهن، ان ڪري پروتمات اک جي اشاري سان شاهه لطيف کي ونڊيڪ ڳالهائڻ کان روڪي ٿو. شاهه لطيف اشارو سمجهي هڪدم چپ ٿي وڃي ٿو ۽ هنگلا ديويءَ ڏانهن نهارڻ لڳي ٿو.)

پروتمات : هت لطيف، ڪير جاڳي سچ چيا آهي. اڪهن ته
ڪنهن ڪجهه ڏٺو ناهي. ڪنهن ٻڌو ن پيا ٿا. وري
ته آخرين سچ ته صدق ئي آهي. فقط صدق ....

ڪمل ناٿ : لطيف، هنگلا ماتا ته سڀني جي آهي- جوڳين جي،
سنياسين جي، گرهستين جي، هندن جي، مسلمانن
جي، سڀني جي... دل ۾ صدق ۽ شردا رکي هن
در تي اچ ۽ مرادن واري جهولي ڪنهن - ڀار
ڀري وڃ!

(پروتمات، جوڳي ۽ شاهه لطيف هنگلا ديويءَ کي نمسڪار ڪري قطار ۾ ٻاهر نڪرن ٿا. فقير خالي خالي نظرن سان هنن کي ٻاهر ويندو ڏسي رهيا آهن.)

*

هاڙهي جبل جي ٻاڙ / ٻاهر / ڏينهن

(لانگ شاٽ. هنگلا ماتا جي غفا جي ڀرسان زمين جي سڌي نڪرندي ڪيمرا ٿي جاتي، ماتا جو درشن ڪرڻ کان پوءِ جل- پان ڪري رهيا آهن

پروتمات، جوڳي ۽ شاهه لطيف هنگلا ديويءَ جي ٿان مان ٻاهر اچي رهيا آهن. شاهه لطيف سڀني جي اڳيان اڳيان آهي ۽ مجذون حالت ۾ آهي. ڪيس پنهنجي تن بدن جي بلڪل سڌ ڪونه آهي.

مسلم جاتين جو اهو وشواس آهي تہ جڏهن هنگلاج ديويءَ جي شرڻ تان ڪير سگهي ويندو تہ هُن لاءِ ڀرو ٿيندو. ڪير سگهي وقت کي هر هڪ قسم جو ڀيانڪ اڀسوڳ ڪري سمجهندا آهن.

شاهہ لطيف: انسان بہ عجيب عجيب قسم جا آڌار ۽ سهارا ڳولهي لڌا آهن... پوءِ بہ آخر ۾ ملي ڇا ٿو انسان کي؟

ڪملناٿ: ڪجهہ بہ نہ، ڪجهہ بہ نہ..... رج رج ۽ رج.

شاهہ لطيف: ڪمل، رز کي اسٽو ڪيو تہ رز ٿي تہ ملندي. رز يعني عام لوڪن جي زبان ۾ رج... مٽي ۽ ڌوڙ......

پروتناٿ: هنگلاج ديوي هندن لاءِ ماتا آهي پر مسلمانن لاءِ ناني! ناني، ماءُ جي ماءُ - ناني! وري مسلمان هنگلاج ديويءَ کي حضرت عليءَ جي دائي ڪري سمجهندا آهن.

(شاهہ لطيف جي اکين ۾ چپن تي رهسيہ ڀري مرڪ آهي. پروتناٿ هن ڏانهن نهاري ٿو.)

شاهہ لطيف: هنگلاج ديويءَ کي ڪالي ماتا بہ سمجهو ويو آهي تہ ماتا پاروتي بہ. جنهن حالت ۾ هنگلاج ديوي ايتري پراڻي آهي، قديمي آهي تہ حضرت عليءَ جي دائي ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟ شايد توهان کي خبر نہ هجي تہ حضرت علي خليفي عثمان غنيءَ جي خون ٿي وقت ٿي هجري ٢٥ ۾ چوٿون خليفو اٿاريو ويو هو. حضرت عليءَ جو هر مسلمان جي دل ۾ خاص درجو ان ڪري آهي جو هو صاحب نہ فقط حضرت محمد جو ناٺي هو پر حسن-حسين جو پيءُ بہ هو...

(جيئن تہ ڪجهہ مهاڙن جو ڌيان شاهہ لطيف جي گفتن ڏانهن

جي ڪاني طاقت ڪالهي. لطيف، وڏي ڪربلا
تي اٿيئي، وڏو مهمت ملهه المئي.

شاه لطيف: (المستيءَ ۾ آلاپي ٿو)

سانوڻ نندا ٻار، وو!
تن ٻانڌڻ نندا ٻار،
توکي آرس اڪيڻ ۾!
ٻاتا ٻاڙ ٻوارڻ ٻڳهه منجهه ٻاتار،
ٻتڙ ٿو ٻور ڪري، آئي ٿمهنجڙي وار،
ڇڄون راتيون سهڻين، ڪيو منجهه هنار،
ڪ تو ڪمين ن سڃي، هاڻ جي هاڪار؟
تائب ٿيو ٽڪڙا، سڄي ايءَ سنڀار،
لعب نه ڪجي ابتري، سڄه ادا يار!
سانوڻءَ مڪين سڄ، ڪي، تون ڪوڙو منجهه قطار،
ڪ تو ڪمين ن سڃي، ڪڇر جي ڪرڪار؟
گهڙان ٿي ره گهڙي، الاهي تهار!
هوُ جو شڪ شارڪ جوه تڻان رڪ ستار!
ڪل نفس ذائقه الموت، پڙهو اي ٻچار!
سڪار تون شهباز جو، تون تان منجهه شڪار!
يوم يفر المرءُ من اخيه، جت ٻڇندا ٻار،
ترهو چڙو تار ۾، اچه تون اوسار!
لڪ مڙهئي لڻيا، هڪٿهن وڃا هزار،
ڏنه جي الاه ڪي، هوند ٿڻن ٻرڻن ٻار،
جوڙن مٿان جڪي، دلي ٿمهنجي دار،
جيڦو آه حديث ۾، الذيءَ "ايءُ" آچار،
وڻيءَ ڪمن ولهن سڻن، ڪنبي ٻر قهار،
سا ڪمڻن هلي ترسڻن، جا ٻڳي ڪان ٻڻار؟

مستيءَ جو عالم هنجي دل و دماغ تي طاري آهي. هنجي المست چال مان اهو فيصلو ڪرڻ تمام مشڪل آهي ته هو هلي رهيو آهي، جهومي رهيو آهي، ڦيرڙيون پائي رهيو آهي يا رقص ڪري رهيو آهي.

جوڳي ۽ ڪملناٿ عجيب نظرن سان شاهه ڏانهن نهارين ٿا.

پروتناٿ جي چپن تي جانڪاريءَ ڀري مرڪ آهي. هن جي اکين جي چمڪ مان ۽ منهن تي ڇانيل سنتوش جي ڀاوَ مان ظاهر آهي ته هو سڀ ڪجهه سمجهي رهيو آهي. هنکي ڄاڻ آهي ته ڇا ٿي رهيو آهي ۽ ڇو ٿي رهيو آهي.

پروتناٿ : (شاهه لطيف ڏانهن نهاريندي چوڻ ڀاڻ سان
ڳالهائيندي) پٽ لطيف، ماتا هنگلا ديويءَ جي
توتي وشيش ڪرپا ٿي آهي......
(شاهه لطيف جي المستي جاري آهي.)

پروتناٿ : ماتا توکي وري گهرائيندي... لطيف، ڌرتي ماتا
جي مهر جا مينهن سدائين وسندا رهندا... پٽ،
جس تنهنجي در جو دربان ٿي رهندو...

(شاهه لطيف زمين تان مٽيءَ جي مٺ کڻي ان ڏانهن نهاري ٿو. مٽي ڌيري ڌيري هن جي آڱرين جي وچن مان وهندي ٿي رهي.)

شاهه لطيف : مٽي ملهائتي مولهن کان،
مٽيءَ جو ڏس مان،
جهڙي ٻلي لعل ڀنس ٻون هنان،
موندين ته سچو ٻڌن ٻڪيندو،
رهندو سدا سر مٿان سوار ا
مٽيءَ جو ڏس مان،
شان ۽ طومان ا

پروتناٿ : (ڀاڻمرادو) هنگلا ديويءَ جي مٽيءَ جي مٺ دليا

(شاهه لطيف فقط ڪنڌ ڌوڻي ڪري هاڪار ڪري ٿو.)

پروتناٿ : تنهنجي جيون پر وشمش گهڻائون ٿيڻ شروع ٿي ويون آهن. هاڻي توکي ڪنهن به ڪندلني جي جاڳرتا جي ڄاڻڪاري ڏيڻ تمام ضروري آهي - بيحد ضروري .. پر لطيف، اڃا پنڌ ڀري آهي، منزل دور آهي. هن لمبي ياترا جي انت پر ڇا ملندو، ان جي نه توکي خبر آهي ۽ نه اسان کي- پر، اڳتي وڌڻ ضرور آهي، ضرور......

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف ڪجهه قدم گڏجي اڳتي وڌن ٿا)

✲

پهاڙي رستا / پاهر / ڏينهن

پروتناٿ، ڪملناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف اڳتي وڌندا ٿا وڃن. اڻانڱا رستا، لاهيون، چاڙهيون، ڇپن تي چڙهڻ، ڇپن تان گسڪندي لهڻ. هڪ هنڌ ڪجهه ڇايادار استان ڏسي جوڳين جو قافلو اتي پڙاءُ ڪري ٿو.

ڪملناٿ : سوامي جي، توهان سڌو ڪيو جو اڳوڻي ڪان اسان کي آجو ڪيو. هاڻي اسان آزاد آهيون.

پروتناٿ : پر ڪمل، اسان کي ڪو واپس نه ڪلاچي ڏانهن ورڻو ڪونه هو جو اڳوڻي کي اڪائي رکون. اسان رمتا جوڳي، اڄ ڪٿي ته سڀاڻي ڪٿي. ماتا جو درشن ڪيوسين، هاڻي ڏسون ته ماتا ڪيڏانهن ٿي موڪلي.

شاهه لطيف : ته به سوامي جي، ڪاٿي منزل ته ضرور خيال ۾ هوندي توهان جي؟

جهڙ جهال نه لهي، سڄ اڀي سنهار،
جر وسارين وسرا! پڇن جي پڪار.

(شاهه لطيف جي وائي ۾ سمايل درد جي خوشبوءِ نه فقط آس-پاس وينل جانين کي پروتناف سوڌو جوڳين کي به ڏڪائي ٿي ڇڏي. هر ڪو ٿي پنهنجا پنهنجا ڪم ڇڏي پري ڏيان سان شاهه لطيف جي دلدلي صدا کي ٻڌندو ٿو رهي. ڪجهه فقير ۽ جوڳي جاني ته طنبور به ڪرڻ شروع ٿا ڪن.)

پروتناف: ڪهڙو پت، ڏاڍو لطيفي جي ڪلام جو ڪمال؟
هي نوجوان انهن ٻين ماڻهن کي پنهنجي وس ۾
ڪندو، پنهنجي ڪوتا جو ديوانو بڻائيندو ۽
سنسار ۾ خوشبوءِ ڦهلائيندو.

شاهه لطيف: اڀرندي ٿي سج، پرين جي پسندو ن،
ڪڏهن پيئي ڏج، اکڙيو ن ڪانگن کي!

پروتناف: اهو الهي هڪلا ديويءَ جو چمتڪار. ماتا تنهنجي
جاتين اکيون لئي چاڙهيون، ڏنو هوءِ نه ڪمل؟
ڪويءَ جي ڪاڪنا ۽ ڀرم جي آڳ ۾ سڙن ۾ ٿي
اکين کي مهاڀاڳي ۽ ان-ڀاڳي بڻائي ڇڏيو آهي!

(پروتناف ڏاڍي ڏيري هلندو شاهه لطيف جي سامهون اچي بيهي ٿو. جنهن ٽيڪ هن وقت شاهه لطيف شانت آهي ته به سندس اکيون دور دراز آسماني ويراني ۾ ڪجهه ڳولهي رهيون آهن. پروتناف پنهنجو ساڄو هٿ آهستگيءَ سان شاهه لطيف جي ڪلهي تي رکي ٿو.)

پروتناف: هاڻي وقت اچي ويو آهي ته تنهنجي سوال جو
جواب ڏجي پت لطيف!

(شاهه لطيف سوالي نظرن سان پروتناف ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتناف: ڪنڊلني ۽ ڪنڊلنيءَ جي جاڳ - ياد اٿئي لطيف؟

مهرشي پاتنجليءَ جو يوگ - درشن مکيه استان
والاري ٿو...

شاه لطيف: هون هندن جا چار ويد ته پڌا آهن پر اهي ڇهه
شاستر ڪهڙا آهن؟

پروتناٿ: وئشيشڪ، نياءِ، سانکيه، يوگ، اُتر - ميمانسا
ءُ ويدانت. اِن کان سواءِ سؤ کن اُپنشد به آهن،
جيڪي اصل ۾ ويدن سان ئي واسطو رکن ٿا......
پر لطيف، تون اِن چڪر ۾ نه پؤ - بلڪل ڦاسجي
ويندين. نياءِ ترڪ - وترڪ سيکاريندو، سانکيه
ناستڪ بڻائي ڇڏيندو. اهڙا ته رستا آهن جو
هڪ ۾ رستو هٿ نه ايندو. اِن لاءِ ئي ته آخر
هار مڃيندي رشين چيو - نيتي نيتي: هي به نه،
هو به نه.

(شاه لطيف ڌيان سان ٻڌي رهيو آهي- ڪملاسڻ ڪجهه
چنچل ٿو لڳي، شايد اِن لاءِ جو ته کيس انهن سڀني ڳالهين جي
ڄاڻ آهي.)

پروتناٿ: مهرشي پاتنجليءَ يوگ شبد جي معنيٰ سمجهائي:
چت جي ورتين تي روڪ ٿام رکڻ واري ساڌنا.
پر اڳتي هلي يوگ جو ارٿ ڪافي کليو ٿي
ويو. اُها هرڪا ساڌنا جيڪا آتما جو پرماتما
سان ميل - ميلاپ ڪرائي اُن کي يوگ چوڻ لڳا.
اِن جو نتيجو اهو نڪتو جو ڀارت ۾ ڪيترن ئي
قسمن جا يوگ شروع ٿي ويا. خود گيتا ۾ ئي
اَرڙهن قسمن جي يوگن جو اُپديش ڏنل آهي.
پر ساڌنا جي ڪيتري ۾ مکيه طور اشٽانگ يوگ ئي
قبول پيل آهي. اِن اشٽانگ يوگ جي آڌار تي

پروتنات : منزل ته پڄاڻ، هڪ ئي آهي. باقي سڀ ته وشرام- گهر آهن. جوڳي رُلن رُلي ۽ ڪاريه ڪرم لاهي ڪرم ڪوله ڪندا آهن. اسان جي جيون جي لاءِ هوا جي حوالي آهي ۽ هوا جو مالڪ آهي پرماتما. پنهنجو سڄو جيون هن هڪ جي حوالي ڪري ڇڏ. لطيف، پوءِ تون مڪمل ٿي ويندين- ڪامل مڪمل. تنهنجا سڀ ڪرم هن جا ڪرم ٿي ويندا ۽ پنهنجا ڪرم هو پاڻهي پورو ڪندو.

(سڀ جوڳي ڪاني نه ڪاني جڳهه ڳولهي ويهي ٿا رهن. سڀني ڏاڍا ٿڪل، ماندا، بکيا ۽ پياسا آهن. ڪپڙي جي ڳوڙيءَ مان ڪجهه رکيون سڪيون روٽيون ڪڍي هڪ- ٻه گراهي کائن ٿا ۽ پاڻيءَ جا ٻه- ٽي ڍڪ پيئن ٿا. پروتنات ۽ شاهه لطيف ڪجهه پري ڪونه ٿا ويٺن. اٿي سڀني کان الڳ هڪ ڇپ جي ڇانو ۾ وڃي ٿا ويهن. سندن پيشان ڪملايل آهي ٿو ۽ پروتنات جي موڪ آڳيا پائي هنن سان ئي گڏ ويهي ٿو رهي. هن وقت به شاهه لطيف کي جوڳين جهڙو ئي لباس اوڍيل آهي.)

پروتنات : پٽ لطيف، اسان کي ياد ٿو اچي ته اول به اسان توکي ٻڌايو هئوسين ته پورم- پد- پراپتيءَ جا ٽي مارگ آهن: يوگ- مارگ، گيان- مارگ ۽ ڀڳتي- مارگ. ڀارت ۾ يوگ- ابياس تمام پراچين ڪال کان ٿيندو آيو آهي. يوگ جو ذڪر ويدن ۾ به مليل ٿو. اُپنشدن ۾ ته يوگ کي اڃا به وڌيڪ مهتو ڏنو ويو آهي. جنهن کي اڄ ڪالهه سڀ هندو ڌرم ٿا سڏين، اهو اصل ۾ سناتن- ڌرم آهي ۽ سناتن- ڌرم جا ڇهه پراچين شاستر آهن جن ۾

ٻرو تناٿ : ۽، ڇو ته تون هڪ بالڪ وانگر سرل آهين. نروڪار آهين ۽ معصوم آهين.

(شاه لطيف اکيون کڻي ٿو جهڪائي)

ٻرو تناٿ : ڀڳتي نرگڻ ۽ نراڪار به ٿيندي آهي ته سڳڻ ۽ ساڪار به ٿيندي آهي. برهم ۽ الله جي ڀڳتي نرگڻ ۽ نراڪار ليکبي پر رام، ڪرشڻ، محمد ۽ عليءَ جي ڀڳتي سڳڻ ۽ ساڪار ليکي ويندي...

شاه لطيف : پر اسلام ۾ ته فقط الله جي عبادت ئي جائز آهي...

ٻرو تناٿ : سمجهڻ جي ڪوشش ڪر پٽ لطيف! جڏهن تون حضرت محمد جو گڻ گان ٿو ڪرين يا عليءَ جي تعريف ۾ ڪجهه چوين ٿو ته اها سڳڻ ۽ ساڪار ڀڳتي ئي ليکبي. يا محمد! يا يا علي! چوڻ وقت ڀي ڪائي تصوير، ڪائي صورت تنهنجي ڪلپنا ۾ اڀري ٿي ۽ ان وقت، ان گهڙيءَ ۾ تنهنجي اها سڳڻ ۽ ساڪار ڀڳتي ئي آهي. پر جي ”محمد“ جو نالو تون الک پرماتما جي اَرٿ ۾ ڪم آڻين ته اها نرگڻ يا نراڪار ڀڳتي ئي ليکبي. ڪبير جو رام، ياد رکج، ”دشرٿي رام“ ڪونه آهي پر ”پرم برهم“ جي معنيٰ ۾ اچڻ ڪري ئي کيس نرگڻ اُپاسڪ به چيو ويو آهي...

اڃا پٽ، وڌ اڳتي. وڌڻ سان ئي وڌڻ ٿيندو. هل ته ڪجهه حاصل ٿئي.

(ٻرو تناٿ، ڪمل ناٿ ۽ شاه لطيف اُلي اڳتي وڌن ٿا. هنن سان گڏ ئي ٻيا جوڳي به هنن جي پٺيان پٺيان هلڻ شروع ٿا ڪن جوڳين جو اڳتي وڌندڙ قافلو.)

ئي ڪجهه ٻيا يوگ ٺاهيا ويا آهن جيئن ته هٺ-
يوگ، راج يوگ، تپ يوگ ۽ منتر يوگ. هاڻي
ته يوگ جي معنيٰ ئي وڃي هٺ-يوگ ۽ منتر-
يوگ رهي آهي.

سو، پٽ لطيف، تون ڏٺو ته يوگ مارگ ڪيڏو نه
تن جي تسما سان ڀريل آهي. گيان مارگ اٿئي
رکو. ويتو جيون ۾ درشن-شاسترن ۽ گرنٿن جو
ابياس ڪر، واد-وواد ڪر، ترڪ-وترڪ ڪر
۽ هن-هن سان پيو متو ٽڪراءِ. ٻيو، ڀڳتي
مارگ اٿئي سرس، رس-ڀريو، رس-ڀڏو
۽ رس-ميو. تون ڪوي آهين. ڪوين کي گهڻو
ڪري ڀڳتي مارگ ئي وڻندو آهي. سورداس کي
ڀڳتي مارگ وڻيو، ميران کي ڀڳتي مارگ وڻيو،
تلسيداس کي ڀڳتي مارگ وڻيو ۽ ڪبير کي ڀ-
ڀڳتي مارگ ئي وڻيو. جيتوڻيڪ هو ڌرم اپديشڪ
نه هو، سڌارڪ نه هو، يوڳي نه هو ۽ وڏو وچارڪ
نه هو، پر هو نيو ڀڳت ڪبير جي روپ ۾ ئي
مشهور. پٽ ڀڳتي ۾ هڪ عجيب قسم جي
مستي آهي، شڪتي به آهي ئي.

شاه لطيف: سوامي جي، توهان مونکي ڪنڊليني جي باري ۾
ڪجهه ٻڌائڻ وارا ها...

پروتمات: ڌيرج سان پٽ، ڌيرج سان سڀ سلسلو سمجهڻ جي
ڪوشش ڪر. اُتاولو ٿي ئي ۽ تون آهين ته-
ڌير-گنڀير ٿي هن وقت ايترو ڇو ٿي رهين آهين؟

شاه لطيف: ڇو ته سواميجي، مان هڪ بلڪل نئين ڳالهه ٻڌڻ
وارو آهيان، ڪجهه بلڪل نئون سکڻ وارو آهيان.

پرو تماٽ: لاکپت کان وٺي وڄرپان تائين ياترا ڪندين ته
پاڻ مرادو سمجهي وٺندين ته انسان ڪڏهن
ڪيئن ٿو پرم-پد-پراپتي جي ڀاڳ پنهنجا سوارٿ
پورا ڪري ۽ اندرين جا سک ماڻي. آتمڪ ڪيتر ۾
ڪهڙيون ٿيون شيطاني شڪتيون گهيري اچن. اهو
بلڪل چٽو ٿي ويندو تنهنجين اکين جي سامهون...
ان لاءِ اسان توکي چيو هئوسي ته سڀ کان وڏي
سندر ۽ سرڪشٽ آهي ڀڳتي مارڳ. پرماتما کي
نرگڻ ڪري ڪٿين يا سگڻ، ڪوئي فرق ڪونه ٿو
پوي. سهارو اوم جو وٺين، الله جو وٺين، رام
جو وٺين، ڪرشڻ جو وٺين يا محمد جو وٺين.
ڪهڙو ٿو فرق پوي. مقصد ته آهي پنهنجي من
جي ورتين کي اونچائين تي پهچائڻ. ياترا ته توکي
پاڻ ئي ڪرڻي آهي، اهي نالا ته فقط نالا آهن-
دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ بهانا آهن. چڙهڻو توکي ئي
آهي...

شاهه لطيف: پر هٿ وٺي ته هو هلندو نه؟

پرو تماٽ: لولو لنگڙو آهين؟ ڪوئي هٿ وٺي ڪو نه هلندو.
تون پنهنجو هٿ پاڻ ئي پڪڙيندين پر سمجهندين
ته تنهنجو اشٽ ديوتا ٿو توکي هلائي. اهو ئي راز
آهي، اهو ئي ڀيد آهي. اهو ڄاڻين ته سڀ ڄاڻين.

(شاهه لطيف سوالي نظرون کڻي پرو تماٽ ڏانهن نهاري ٿو.)

پرو تماٽ: پٽ پٽ لطيف! جڏهن وقت اسان تنهنجي سامهون نه
هونداسين ان وقت جي توکي اسان جي ضرورت
پوندي ته تون اسان کي ياد ڪندين، اسان کي سڏ
ڪندين ۽ اسان تنهنجي سامهون اچي بيهنداسين ۽
توسان ڳالهائينداسين... پر، اهي اسان نه هونداسين.

شاهه لطيف: سگهن سڏ نه سُور جي، تا ولڪن رلجوري ،
ٻيا آهن ٻهت ۾ ، مٿن مامُوري ،
لڳن لڏو لطيف چئي، سدا جي سُوري،
پرت جن پوري، تن روپو وهامي راتڙي !

پروتمات: سچ ٿو چوين لطيف ! جن جي دلين ۾ پرماتما لاءِ پريم آهي، تن جي رات ته ڇا پر سڄي زندگي درد ۽ سور سهندي ئي گذري ٿي. پر، جن جي لنءَ لڳل آهي پرماتما سان، انهن جي پريم وهڻ سان ئي ڪشٽ ڪٽيو وڃن، آنند آنند جي سڳنڌ ان سان تن من وهنجيو وڃي.

شاهه لطيف: وڃان واٽ وڙهان ، رهي اڄجي راتڙي !

(ڪجهه دير پروتمات، شاهه لطيف ۽ جوڳي چپچاپ اڳتي وڌندا رهن)

پروتمات: اسان ناٿ پنٿي آهيون.

شاهه لطيف: ناٿ پنٿي ؟

پروتمات: جوڳين جا ٻه ڪئين پنٿ هوندا آهن. اسان ناٿ- پنٿي آهيون. اسان شو ڀڳوان کي آدي- ناٿ ڪري مڃيندا آهيون. ڪي وري ٻڌ- مت کي مڃيندڙ مهاياني ۽ هينياني هوندا آهن. تنهنکان سواءِ چوراسي سڌ به آهن سڌ- پرمپرا ۾ وري ڪي سهجياني ته ڪي وري وجرياني. يوڳ ۾ سڀني جو وشواس آهي پر هر ڪنهن جو يوڳ پنهنجو پنهنجو آهي.

(شاهه لطيف جي چهري مان ائين ٿو لڳي ڄڻ هو سڀ ڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي به گهڻو ڪجهه ڪري نه ٿو سمجهي سگهي. پروتمات هن جي اها الجهن ڏسي هلڪو مرڪي ٿو.)

ٻروٽي راهون / ٻاهر / ڏينهن

(ڇوڪري ۽ شاهه لطيف ٻروٽي راهون جهاڳيندا اڳتي وڌندا وڃي رهيا آهن. الائي ڪيترو هليا آهن، ٻيو سندن مٿهن تي آڪاش جو نشان به ڪونه آهي. ازغيبي المستيءَ جي عالم ۾ هلندا ٿا وڃن. لڳي ٿو ڄڻ هلڻ ۽ هلڻ ئي هنن جي منزل آهي.)

شاهه لطيف: رڳان ٿي، راڻا! هند نهاري ڀيرا،
ٻيئي ڪهه ڪڍن ٿي، ٿيا ٻلنگ ٻراڻا،
ڏرٻاڻي ڏوڙا ٿيا، ڦر رهه وهاڻا،
جايون، گل، جاجم، وڻ تو ره ڪوماڻا،
مينڌرا! ماڻا، تو ره ڪندي ڪن سمهن.

ڪمل ذات: لطيف، اها لڳي ٻيئي ائين، ڄڻي ڪاهه ٿي......
ڇوڙون نه ڇوڙي، ٽوڙون نه ٽوڙي، ائين لڳن
لڳي ساجن سون! ڪيئن؟

ٻر وڏات: هرو ڀرو ائين ناهي. ڀت لطيفي جي انداز ۾ ڀرپور
جو ساز نه سڏائين ويندو نه ٿي رهندو. ٻر ان ۾
سر ۽ ٻول، ٻرماٿما جا هوندا. ڪوبسر جي ڪنهن
جهڙي ڪلا ٽيڪ جي مول ڪوله وڪامندي.
لطيفو ڀرپور - مارڳي ڪوي آهي، صوفي شاعر آهي.
هن جو عشق الاه جو ئي هڪ ٻيو نالو آهي.

شاهه لطيف: جڳه جڻن ئي ڇوه، عاشق تڻن نه سکو،
اکين تڻن نه روه، ڳوڙهو جڻن ڳل ڳڙي.

ٻر وڏات: ڀڄه ڪمل ڀت؟ لطيفو عاشق ٻراٻر آهي ٻر صبر
وارو نه آهي، ڦار ڪيهر نه آهي. روئندو، ٻس
اکين مان ڀاڙي وهي ڳلن تان ڳڙندس ڪونه...
ٻيالهن ۽ والکر جلندو سڄو ڏينهن، ٻر ٻاهر ٻاڦ نه
ڪيلندو!

اهي اسان نه هونداسين. اهو تون پاڻ هوندين- تون پاڻ هوندين. تون پاڻ ئي، اسان جو روپ ڌارڻ ڪري، اسان جي گيان ۽ ساڌنائن ۽ شڪتين کي پاڻ سان کڻي پنهنجي سامهون ئي اچي پنهنجن ۽ پنهنجي رهبري ڪندين.

(شاه لطيف ايترو ته گد گد ٿي ٿو وڃي جو هن جي اکين ۾ پاڻي ٿو اچي وڃي ۽ مدهوشيءَ جي حالت ۾ سوامي پروتانند جا ڪٽي ٿو پير پڪڙي. هڪ عجيب نظارو آهي. سڀ جوڳي اهڙي ٿا وڃن ۽ ان نظاري جو آنند ماڻين ٿا.

شاه لطيف: سوامي جي! سوامي جي!

پروتانند: هائو پٽ لطيف! هائو! تون ئي آهين. تون ئي آهين. تون پاڻ آهين. تو کان سواءِ ٻيو ڪير ٿي آهي ئي ڪونه. هيڏانهن هوڏانهن، هيڏي هيڏي، جتي ڪٿي تون جنهن کي ڏسين ٿو، محسوس ڪرين ٿو، اهو ٻيو ڪوئي ناهي- تون، تون ۽ فقط تون ئي آهين. سڄي برهمانڊ ۾ سمايو پيو آهين تون. تون پاڻ ئي گرو آهين، پاڻ ئي چيلو آهين ۽ پاڻ ئي گيان ۽ ڀڳتي آهين. تون پاڻ ئي پاڻ کي ئي جدا جدا ڪرم ڪندو جدا جدا نظارن ۾ ورهايل ڏسين ٿو. پٽ لطيف، آهين تون پر ڪڏهن به "مان" نه ڇڏجانءِ. سڀ ڪجهه، "مان" سوڌو، "هو" جي حوالي ڪري ڇڏجانءِ. ان کو تان گسندين نه سو چوڻ ڪاڻيندين.

(شاه لطيف آليون اکين سان پروتانند ڏانهن نهاري ٿو. پروتانند شاه لطيف کي ڀاڪر پائي ٿو. مها - ملن جو هڪ الوڪڪ درشيه آهي اهو.)

آهي سوئي ننڍي يعني شرير ۾ آهي. ٻيو لطيفو، انسان جو شرير سموري سرشٽيءَ، سڄي ڪائنات جو هڪ ننڍڙو روپ آهي. ان آڌار تي ئي ڪلپنا ڪئي وئي آهي ته هر منش جي شرير جي اندر وشو-شڪتي به آهي ته قسمين قسمن برهمانڊ به آهن. انهن کي ئي چڪر چيو ويو آهي. سمپورڻ سرشٽيءَ جي سمپورڻ شڪتيءَ کي مها ڪنڊلني چيو ويو آهي. ڪنڊلني شبد هيٺين ٺهيو آهي :

कुण्डले अस्या: स्त: इति कुण्डलनी

يعني اها شڪتي جنهن جا ٻه ڪنڊل هجن، ڪنڊلني آهي. اهي ٻه ڪنڊل آهن اڙا ۽ پنگلا - جن کي ڪبير پنهنجيءَ چنڊ - سورج جي ڀاشا ۾ انگلا - پنگلا جي نالن سان پڪاريو آهي.

شاهه لطيف : ڪبير صاحب يوڳ جي خاص لفظن جو استعمال به ڪيو آهي؟

پرونمات : ڪبير جي وائيءَ ۾ يوڳ ۽ تنتر جا گهڻا وشيش شبد ڪم آيل آهن، شايد ئي ڪنهن ٻئي ڪويءَ جي ڪاوي ۾ هجن. اها ڪبير جي ئي وچتر شڪتي آهي جو اڄ به هو ڪوين ۾ پرڌان جڳهه والاري ٿو.

شاهه لطيف : (ڌيمي آواز ۾) سچ آهي سوامي جي !

پرونمات : اڙا ۽ پنگلا ٻه ناڙيون آهن. انهن جي وچ ۾ سشمنا ناڙي آهي. انهيءَ سشمنا ناڙيءَ مان ئي ڪنڊلني شڪتي مٿي ويندي آهي.

اڙا ۽ پنگلا ناڙين جو اڀياس ته هلندو ئي رهندو آهي پر سشمنا ناڙيءَ جي راهه اڪثر بند ئي رهندي آهي. يوڳ جون خاص ڪريائون ڪرڻ سان ئي سشمنا - پٿ کلندو آهي ۽ ڪنڊلني - شڪتيءَ

شاهه لطيف: سوامي جي! ڪنڊلني ...
(پروتنات هڪ پل رکجي شاهه لطيف ڏانهن نهاري ٿو. پوءِ مرڪي ٿو.)
پروتنات: هائو، ڪنڊلني. اسان کي چڱيءَ طرح ياد آهي.
(ڪجهه دير خاموشي.)
پروتنات: ڪنڊلني جاڳائڻ جو ورڻن هٺ - يوگ جي گرنٿن سان گڏو گڏ تنتر جي ڪيترن ئي گرنٿن ۾ ملي ٿو. ڪنڊلني جاڳائي ڪري ئي اسان يوگي آتم - جيوتيءَ جو درشن ڪري سگهندا آهيون ۽ انهد ناد ٻڌي سگهندا آهيون.
ڪنڊلني پنهنجو پاڻ ۾ ئي ناد-سروپ، جيوتي-سروپ ۽ شڪتي-سروپ آهي. هو ناد، جيوتي ۽ شڪتي پراپت ڪرڻ لاءِ سادڪ کي چڪر-ڀيدن ڪرڻو پوندو آهي. يوگ سوتر ۽ شو-سنهتا گرنٿن ۾ ڇهه چڪر ليکيا ويا آهن ۽ اسان ناٿ-پنٿي ۽ تانترڪ چڪرن جي سنکيا ڇهن کان وڌيڪ مڃيندا آهيون. اهي چڪر ٽوڙڻا پوندا آهن تڏهن ئي سادڪ جي ڪنڊلني جاڳندي آهي ۽ ڪيترن قسمن جون سڌيون کيس پراپت ٿينديون آهن.
(ڪجهه دير شانتي)
پروتنات: پٽ لطيف! جيئن ته اهو سڀ گورک‌ڌنڌو ڪلپنا ۾ هلندو رهندو آهي، سوکم آهي، اسٿول ناهي، ان ڪري مٿن ۽ وچار ڌارائن ۾ ايڪتا ناهي. جيئن جيئن پائو، تيئن ئي مڃو ۽ پڙهو. هو هڪ ڳالهه ۾ سڀ يوگي شامل راءِ آهن ته ڪنڊلني - سادنا سڀني قسمن جي يوڳڪ - ڪريائن جو آڌار آهي.
يوگ - شاستر جو سڌانت آهي ته جيڪو برهمانڊ ۾

ڪندلني - شڪتيءَ جو جاڳرڻ هرگز نٿو ٿي سگهي.

شاهه لطيف: بلا شيخ من يمشي في الطريق - جو مرشد کان سواءِ طريقت ۾ هلي ٿو سو ڄڻ بنا ٻيڙيءَ جي سمنڊ ۾ هلي ٿو......

(اوچتو هوا جي رفتار تيز ٿي وڃي ٿي. گهوگهاٽ جا آواز اچي رهيا آهن. دور کان واچوڙو اچي رهيو آهي. چوطرف ڌوڙ ئي ڌوڙ ڇانئجي ٿي وڃي. بروقت، شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي ٻاڙ جي ٿڙن جو سهارو وٺي ويهي ٿا رهن. چوگرد دز جو بادو ڇانئجي ٿو وڃي.)

❋

سوترڌار (فقط آواز)	درشيه
شاهه لطيف سر سسئي آبري	
جي داستان ٻڌڻ ۾ ڇهو آهي:	
جيڪس ٻاد ڪهاس،	سرسبز زمين جا نظارا.
و، وجهي وٽڪار ۾،	ماٿري ۽ چراگاهه
جلد جو بدي ٻهڻ ۾،	
ادٻون اڄ ٿماس،	
وجي ڪڇه ٻهياس،	
ٻارو چاٽي ٻاجهه سان.	
۽......	
واقف نه وٽڪار جي،	
ٻاٽي ڪنهن نه ٻاٽ،	”جانو“ چراگاهه
جبل جلداٻون ڪري،	”جانو“ ٻهاڙ...
ڏکر ڏيکاري ٿاٽ،	

جو مٿائين پاسي وهڪرو نڪرندو آهي ۽ ڪنڊليني
شڪتي جاڳندي آهي. ان پد تي پهچي سادڪ جا
پراڻ شڪتيءَ تي وس ٿيندا آهن ۽ هو ان شوليه-پٽ مان
نڪتل الهه ناد ٻڌندو رهندو آهي.

(ڪجهه دير لاءِ سڀ چپ چاپ اکيون هڻندا ٿا رهن. او چتو
پروتناٿ هڪ هنڌ پهچي ٿو وڃي. شاهه لطيف جا هي جوڳي به
هتي ٿا رهن.)

پير رتناٿ: پٽ لطيف! برهم کي پرڪاش ۾ آڻيندڙ ناد به برهم
ئي آهي. ان جو سڌن سادن شبدن ۾ اهو مطلب
آهي ته برهم ئي برهم کي پرڪاش ۾ آڻي ٿو.

شاهه لطيف: وڏو گورکڌندو آهي.

پير رتناٿ: گورکڌندو شبد اُهي ئي لاءِ ها جي مهايوگي
گورکناٿ جو يوگ اهڙو پرسڌ نه ٿئي ها. لطيف، اسان
جيڪو ڪجهه توکي پڙهايو سين ۽ اڃا به جيڪو ڪجهه
توکي پڙهائيندا سين اهي سڀ پستڪ ۽ پوٿيون پڙهڻ
سان يا ڪنهن جي پڙهائڻ سان سمجهه ۾ اچڻ واريون
ڳالهيون ڪو نه آهن. يوگ جي اها جٽل سادنا-پڌتي
مڻ، چنتن چاهي ڌيان ڪرڻ سان ئي پراپت ٿيڻ
واري نا هي. ان کي ته اکين جي سامهون، رو برو،
ڪري ڏيکارڻو پوندو آهي. گرو ڪندو، شش
ڏسندو ۽ سکندو. يوگ سادنا ۾ گروءَ جي پد - پد
تي ضرورت پوندي آهي. ان ڪري لڳي اسان
ناٿ پنٿي يوگي، سهجياني، وجرياني، ڪانڀٽڪ ۽
سنت پورڻ گروءَ ۽ ڪامل مرشد جو اهڙو گڻ - گان
ڪندا آهيون. سچي گروءَ ڪالسواهه سدار جا چاهي
پيا سڀ ڪم راس ٿي وڃن پيو يوگ - سادنا ۽

وارِي اڀراڻيءَ ۾ ساوڪ ۽ سرسبز زمين آهي. انهيءَ ماڙيءَ ۾ وسيع چراگاهه آهن. انهن چراگاهن مان هڪ جو نالو آهي : جاڙو !

ماڙي
وسيع چراگاهه.

"جاڙو" نالي وارو هڪ ڀاڙ به آهي ۽ انهيءَ ڀاڙ جي ڀاسي ۾ ئي "جمر" ۽ "جر" نالي وارا جبل به آهن.

"جالو" ڀاڙ
جمر ۽ جر جبل

"وٽڪار" هڪ ڳوٺ جو نالو آهي ۽ اهو ڳوٺ لس-ٻيلي کان ڪمرڙ جبل جي قطار سان لڳو لڳو آهي.

"وٽڪار" ڳوٺ
ڪمرڙ جبل جي قطار.

ان ڪمرڙ جبل مان ئي "ٻارن" ندي نڪري ٿي جا ڀٽيارا ٻت لتاڙيندي، ڪونڙي تعلقي جي ڳوٺ "سال مڪان" وٽان لنگهي سنڌو ندي ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي.

ٻارن ندي جو آسمان مان نظارو
ٻارن ندي جو سنڌو نديءَ ۾ ڇوڙ ڪرڻ جو نظارو :

ڪونڙي کان "سال مڪان" ستن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي ۽ ان ڳوٺ جي آباديءَ ۽ خوشحاليءَ جو دارو مدار

سال مڪان ڳوٺ جو نظارو.

لڳي لک لطيف چئي،
مڌور ن متاع،
اُتي اوڏو آءُ،
جت هوس هڪلي آهيان.

۽......

وڏا ونڻ وڻڪار جا،
جت لالڪ سڄڻ ليلا،
اُتي عبدال لطيف چئي،
ڪيا هڪلين هيلا،
جت ڪڙم نه قبيلا،
اُس ريح رهبر! راه ۾.

”جهر“ ۽ ”جر“ جهل......

۽......

وڻچاري ۽ وڻڪار،
اڳ نه ڏٺو ڪڏهين،
مهر نه هٿي ماڙهين،
هو سڀ هندو ڪار،
جت ڪهاڻين يار،
سڙون ڪارڻ سرڻيون!

ڪرڙ جهل جي قطار...
”وڻڪار“ گهاٽ...
”ٻارن“ لڙن جو قطارو...

هنگلاج جي ياترا ۽ هنگلا ماتا
جو درشن ڪرڻ کان پوءِ
شاهه لطيف مهايوگي پروتداس
۽ ٻين جوڳين سان گڏ لاهوت
طرف ويو جيڪو اصلوڪو
نالو گوڪل هو.

لس- ٻيلي جي ان اتر- اوڀر

پروتناٿ : (گايتري منتر جو جاپ ڪندي.)

ॐ भूर्भुव: स्व: तत्सवितुर्वरेण्यं भर्गो
देवस्य धीमहि धियो यो न: प्रचोदयात ।।
ॐ शांति शांति शांति. . . . . .

(لس-ٻيلي جا ڪجهه درشيه. ڪجهه قدرتي نظارا. وايو منڊل ۾ ڦهليل "اوم" جي ڌوني. جوڳي پنهنجن جدا جدا يوگ-ڪريائن ۽ سادنائن ۾ لڳا پيا آهن. ڪمل ناٿ پدماسڻ لڳائي ويٺو آهي ۽ پراڻايام ڪري رهيو آهي. نظر نڪ جي چوٽيءَ جي سڌ ۾ اٿس. پر ڪريءَ جو چنچل من لڳي ڪونه رهيو آهي. هو ڌيري ڌيري اکين کي کوڙو ڪري ان طرف نهاريندو جتي مهايوگي پروتناٿ ۽ شاهه لطيف ويٺا آهن.

پروتناٿ ۽ شاهه لطيف ٻه پدماسڻ ۾ ئي ويٺا آهن پر هو ڪجهه ڳالهائي رهيا آهن. ڪمل ناٿ پنهنجيءَ جڳهه تان اٿي هنن جي پرسان پدماسڻ ۾ ئي ويهي ٿو. پروتناٿ چاهي شاهه لطيف هنن ڏانهن بلڪل ڌيان ڪونه ٿا ڏين.)

شاهه لطيف : گهڙو ڀڳو ته گهوريو، پاٽان هو حجاب،
واحد وڃي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ره صواب، آئون گهٽو ٿي گهوريان.

ڪمل ناٿ : (مذاق ڪندي) واه ! واه ! لطيف-ناٿ! سنڌ ٻيا
جي سڀ يوگ - ڪريائن ۾ هي سهڻيءَ جو گهڙو
ڪٿان گهڙي آيو ؟ آسان-پاسان ڪائي لنگهندي
ڏٺيءِ ڇا ؟

(پروتناٿ ڪجهه تکين نظرن سان ڪمل ناٿ ڏانهن نهاريندو. ڪمل ناٿ هڪدم چپ ٿي ٿو وڃي. شاهه لطيف پنهنجن ئي خيالن ۾ مست آهي.)

”ٻارن“ نديءَ جي پاڻيءَ ٿي
آهي. ان ڪري ان طرف
ويندا آهن ته:

وسي جي وڻڪار،
نه سرهي ٿئي سال ڏهاڙي!

ڪوهه جبل جي وڻڪار ڏوت
۾ وسڪارا ٿيندا ته سال
مڪان جون گھرڏياڻيون
سرهيون ٿينديون.

سال مڪان جي آسودگيءَ جا
ڪجهه درشيه ....

شاهه لطيف جوڳين سان گڏ
جبل جھاڳيندو. ٻهاڙن تان
ٻنڌ ڪندو، اٺانگن ٻيڙن
کي پار ڪندو، خوف ۽
خطرن کان بيپرواهه، اچي
ڪس-ٻيلي پهتو.

جوڳين جو قافلو ۽ شاهه لطيف
اٿانگن راهن تان اڳتي وڌندا
ٿا وڃن.

✻

اس ٻيلو / ٻاهر / سنڌيا

(ڪئميرا ڪلوز مهاڀوڳي پروڻناٿ جي چهري تي. هو ڌيان ۾ مگن لڳي رهيو آهي. ڪئميرا جي پل ٻئڪ ڪرڻ سان ئي اسان ڏسون ٿا ته پروڻناٿ ۽ ٻيا جوڳي دسٺ-چٽ تي گايتري منتر جو جاپ ڪري رهيا آهن. شاهه لطيف به هنن سان گڏ آهي، پروڻناٿ جي ڀاسي ۾ ويٺو آهي ۽ ڌيان ۾ مگن آهي.)

ڪمل ناٿ: گرديو، توهان بلڪل ٺيڪ چئي رهيا آهيو. پر جنهن ڪبير جو توهان اُداهرڻ ڏنو آهي اُهي ڪبير ٻئي ڪيترن هنڌ آنيڪ ڪمان جون ڳالهيون رکن ۽ سکن شبدن ۾ ڪيون آهن. شبد-ناد جو ورڻن ڪندي چيو اٿائين:

سڀ ڌُن تالا، سڀ ڌُن ڪونجي، سڀ ڌُن سڀ سمايا!
سڀ ڌُن سڀ سي نارچا پيو، سڀ ڌُن سڀ سمايا!!

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف چپ آهن.)

ڪمل ناٿ: ڪبير ناد-بندو جو ورڻن ته تمام رکي-سکي ڀاشا ۾ ڪيو آهي:

अव्यक्त नादैं बिन्दु गगन गाजै
सब्द अनहद बोले।
अंतरि गति नहि देखै नंदा।
ढूंढत बन बन डोले॥

شاهه لطيف: سوامي جي، ناد ته سمجهم پر بندو ڇا هي؟ ناد-بندو جو ڀاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي.

پروتناٿ: ناد-بندو جو ڀاڻ ۾ اهو ئي سمبنڌ آهي جيڪو آتما ۽ پرماتما جو آهي، جيڪو جيو ۽ برهم جو آهي، جيڪو انسان ۽ الله جو آهي.

شاهه لطيف: سو ڪيئن سوامي جي؟

(ڪمل ناٿ منهن لڪائي مرڪي ٿو. شاهه لطيف جو ڌيان ان طرف ڪونه ٿو وڃي پر پروتناٿ ڏسي ٿو وٺي، ڏسي ڪري به هو ڪمل ناٿ جي حرڪت کي نظرانداز ڪري ٿو ڇڏي.)

پروتناٿ: ڀٽ لطيف، هڪ دفعو وري اسان توکي ناد-بندو جو ارٿ سولي نموني سمجهايون ٿا. اسان جوڳي ناد-بندو شبدن جو پرايوگ اَنيڪ ارٿن ۾ ڪندا آهيون. عام طور ناد جو ارٿ آهي سوکشم شبد

پروتڪات : ڪوئي لطيفي جو سهڻيءَ جي گهڙي سان ڪوبه
مطلب ئي ڪونه آهي. ڪوئي ٻنهي ۾ لڳاءُ سان
انهد ناد جو ورڻن ڪيو آهي ... اها سٽ وري ته
چئبو ته ڀٽ لطيف، رباب واري ...

شاهه لطيف : واڄٽ وڄي وجود ۾،
رهيو روح رباب ...

پروتڪات : ڪمال آهي، اها سٽ فقط ٻڌل-ٻڌايل ڳالهين جو
دهراءُ ڪونه آهي. الله جي آنند جي تصوير
آهي... سالڪ جي سچي سادنا جي سگهه آهي. ان
سٽ ۾ ... اهڙا شبد نه آهن اهي، اهو ته هڪ
جاندار ۽ جاڳرت منتر آهي. سچي هستي کي اڀري
ٿي وڃي آهي ۽ سچيءَ هستيءَ مان ئي انهد-ناد
گونجي رهيو آهي ...

ڀٽ ڪمال، سڀني سنتن مهاتمائن ۽ ڀڳت ڪوين
اهو ئي طريقو اپنايو آهي. ان کان سواءِ ٻيو ڪو
رستو آهي ئي ڪونه. ڪوتا ۾ ڳالهه چوڻي آهي
نه رس پيدا ٿي ٿيندو، مڌرتا آڻي ٿي ٿيندي ۽
سنگيت پڻ ٻول چوڻا ٿي ٿيندا. ڪبير جو هي
دوهو ضرور ٻڌو هوندو :

لڳا ڪي ڪر ڪولري، ٻلي ٻ-لنگ ٻچاءِ !
ٻالڪون ڪي چڪ ڌالڪي، ٻڌ ڪو ليا رجهاءِ!!

ڪوي مهراج، ڇا توهان دوهي کي شرنگار رس
۾ لکندا؟ ڀڳتي انت ۾ ٻاهر جي ساگر ۾ ٿي وڃي
سمائجندي آهي. ڀڳت ڪوي ٻالڪ کي استري
بڻائي يا پيءُ ڪين ناتا جو سهارو وٺي، ڪوئي
فرق ڪونه ٿو پوي.

ڪملناٿ : ڪبير جهڙو المست، نڊر، ڦڪڙ، اکڙ، صاف-گو
۽ همت وارو شايد ئي ٻيو ڪو پنڊت ٿيو هجي،
هڪ هنڌ چئي ڏنائين :

बिन्दु राम जो तरयँ भाई ।
बूझरें क्यों न परम गति पाई ॥

و ٻڏل جي رڪشا ڪرڻ ۽ اڌمئلن پالڻ سان ئي
جي سنسار جي ساگر مان پار پوڻ ممڪن هجي ته
پوءِ جهڪر سڀ ڪڏڙا ۽ هيڏڙا پرم-پد نه پائي
وڃن!

(شاهه لطيف جي چهري تي به هلڪي مرڪ نمودار ٿئي ٿي.
صاف ظاهر آهي ته ڪبير جي صاف-گوئي ۽ دليل جي پختگيءَ
کيس ڏاڍو متعثر ڪيو آهي.)

پرونناٿ : چوڻ جو مقصد فقط اهو آهي ته اڌياتمڪ انڀوتيءَ
کان سواءِ، روحاني احساس کان سواءِ ڪابه ساڌنا
ڪم اچڻ واري ناهي. اندر ۾ اڳني نه هوندي ته
ڪجهه به پچڻ وارو ناهي.

شاهه لطيف : لا تقنطوا من رحمة الله ... ڌڻيءَ جي مهر مان اميد
نه لاهيو.

پرونناٿ : اهو به سچ آهي. پرماتما جي سامهون ته نه ڪو هلي
حيلو ۽ نه حجت. وٽس ته پن پوڙي چڙهي ۽ وٽس
ته پٿر به تاري چڙهي!

(ڪجهه وقت جوڳين جو قافلو ۽ شاهه لطيف چپ چاپ اڳتي وڌندا
ٿا رهن.)

شاهه لطيف : سڀ جوڳي انهن ئي هوندا آهن جيئن توهان
آهيو؟ ڀڀوت، مالائون، ڪن ۾ ڪنڊل...

پرونناٿ : اسان جوڳين ۽ اوڌوتن جو سوروپ اهڙو ئي هوندو

جيڪو ڌيري ڌيري اسٿول روپ ۾ بدلجندو ٿو وڃي ۽ آخر ۾ سرشٽيءَ جي رچنا جو ڪارڻ بڻجي ٿو. ناد جو ارٿ انهد ناد به آهي. ان کان سواءِ ناد برهم ۽ پرماتما جي ارٿ ۾ به ڪم ايندو آهي. بندو شبد جو ارٿ آهي ويرج. ان شبد جو پريوگ اسان جوڳي برهمچريه ساڌنا جي ارٿ ۾ ڪندا آهيون. پر بندو شبد مان جيو آتما يعني منش يا پراڻيءَ جو به ارٿ نڪري ٿو-

اسان جي ڀڳوان مها يوگي گورکناٿ ته ناد - بندو ساڌنا کي ئي رڌيون-سڌيون پراپت ڪرڻ جو هڪ ئي پڪو رستو سمجهيو آهي. ڀڳوان گورکناٿ پنهنجيءَ واڻيءَ ۾ صاف صاف شبدن ۾ گهوشت ڪيو آهي ته:

नाद बिंद हूं फाकी सिला
जिहि साध्या ते सिधैं मिला ॥

اسان ناٿ-پنٿي جڏهن ناد ۽ بندوءَ جي سمائڻ جي ڳالهه ڪندا آهيون ته صاف ارٿ هوندو آهي پرماتما ۾ جيو آتما جو لئه ٿي وڃڻ، لين ٿي وڃڻ.. اڙي او شيطان ڪمل ناٿ، تون لڪي لڪي مرڪين ڇا ٿي پيو؟

ڪمل ناٿ: گروديو، مان اهو سوچي مرڪي رهيو هوس ته توهان بندوءَ جي وياکيا ضرور ڪندؤ پر ”ڪسري“ وارو حصو اُڏائي ڇڏيندؤ...

(ان تي پروتناٿ کان هلڪي کل نڪري ٿي وڃي. شاهه لطيف عجب ڀريل نظرن سان ٻنهي ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتناٿ: هاڻي پنهنجا لطيفي ڪر، جيڪا شيطاني اٿئي دماغ ۾ ۽ دل ۾...

ٻڌوگي آهيون.
اسان ڪنگريءَ جي ٻڌران هرڻ جي سڱن مان ٺهيل
هي واڄو رکندا آهيون. توکي ته ڄاڻ آهي سنگي
واڄو ڪيئن وڄائبو آهي؟...

(اوچتو سنگي جي وڄڻ جو آواز ٿئو اچي. پروفيسر ۽ شاه لطيف ٻئي ورائي ڏسن ٿا ته ڪملناٿ هڻن جي ٻنهان ٻانهن اچي رهيو آهي ۽ سنگي وڄائي رهيو آهي.)

پروفيسر : ۽ هيءَ آئيئي مڪلا...

(پروفيسر ڪمر ۾ ٻڌل هڪ خاص قسم جي رسيءَ کي ڇهي ٿو.)

پروفيسر : هيءَ آهي گهنگهاري چڪر...

(پروفيسر شاه لطيف کي گهنگهاري چڪر ڏيکاري ٿو. لوهه جي شڪل کي ٽيڙو ميڙو ڪري هڪ قسم جو چڪر ٺاهيو ويو آهي. ان جي وچ ۾ هڪ سوراخ ڪيل آهي. ان سوراخ ۾ ڪوڏي ٻڌي آهي.)

پروفيسر : اسان منتر پڙهي ڦوڪ سان هيءَ ڪوڏي ٻاهر ڪيندا آهيون. ان کي ٻي گهنگهاري کي رکندو ۽ ڇڏيو ويندو آهي...

شاه لطيف: ڇا توهان جو انهن سڀني ٻاهران ڳالهين ۽ نشانين ۾ وشواس آهي؟

پروفيسر : خاص ڪري... ان ڪري مان ٻين ٻين ماڻهن کي سمجهائيندو رهندو آهيان ته چڪر ٻاهر ڏارڻ ڪرڻ لاءِ منتر پڙهي، ڦوڪون ڏئي ڪوڏي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪافي ضرورت ڪرڻ آهي...

(شاه لطيف سوالي نظرن سان پروفيسر ڏانهن نهاري ٿو.)

پروفيسر : منتر جون شڪتيون ۽ آڏ ٻانڪ شڪتيون ڪوڏيءَ جي ڪم ڏيڻ ۾ وڌائڻ گهرجن. اسان

آهي جهڙو ڏسڻ ۾ ٿو. بدن تي ڀروسو نه هوندي ٿي آهي ۽ ٻيو سدائين لنڪا ٿي رهندا آهن اسان کي ڪن-ڦٽا يوگي ۽ چوندا آهن ڇو ته اسان ٻنهي کان ڦاڙائي ڪنبل پائيندا آهيون.

شاهه لطيف: سوامي جي، جي ائين نه لڳهو ته توهان ٻڌائيندا ته ان مان ڇا ٿيندو؟ ڪهڙو ٻيو ڦرق پوندو آخر کن ڦاڙائي ڪنبل پائڻ مان؟

پروتنات: پٽ لطيف، هن شرير جي رچنا عجب آهي. ڪهڙي الڳ تي ڇا ڪرڻ سان ڇا نتيجو نڪرندو يا شرير جي ڪرياءُن تي ڪهڙو اثر پوندو ان جو ٺيڪ ٺيڪ جواب ڏيڻ ممڪن ناهي ...... پر اهترو اسان توکي ٻڌائي ٿا سگهون ته ان پرٿا جي شروعات مهايوگي متسيندر ناٿ ۽ مهايوگي گورکناٿ ڪئي آهي. اسان يوگين لاءِ ڪجهه پيون نشانيون ڌارڻ ڪرڻ ضروري هوندو آهي. مثلاً طور اسان ڪنگري، ميکلا، سنگي، گهنگهاڙي، رودراکش، آڌاري، گودڙي، کپر ۽ جهولو ضرور ڌارڻ ڪندا آهيون.

(شاهه لطيف پروتنات جي شرير تي ڌارڻ ڪيل نشانيون ڏانهن نهاري ٿو. سندس نظر پروتنات جي قاتل ڪن ۽ ان ۾ پيل ڪنبل تي ٽڪجي ٿي وڃي.)

پروتنات: ڪنبل ته ڏسڻ ٿي پيو ٿو. ڏس، سڀئي يوگين جا ڪن ڦاٽل آهن. اسان مان ڪنهن وقت ۾ ڪنگري ڪول آهي. ڪنگري هڪ قسم جو واجو آهي ۽ اهو فقط پرترهريءَ جا پوتلگهه ٿي ٻڌڻ سان رکندا آهن ۽ وڄائيندا آهن. اسان گورکنائي ناٿ پنٿي

شاه لطيف: ڪراڙ کي ٿر پٽ ۽ ڏوهان جي سنگ ۾ مون اُس
لڳايو آهي.

پروتنماٽ: اِهي سڀ نشانيون اسان ماڻهن کي ان لاءِ شهر ۾ ڏي
ڏارڻ ڪرڻيون ٿيون هون جيئن اسان کي سدائين
ياد رهي ته هن سنسار جو اصلوڪو روپ ڇا آهي
۽ اسان جي جيون جو ۽ جنم وڃڻ جو انديشو ڪهڙو
آهي. اسان ماڻهن لاءِ سؤ سال به ڏهن پلن جي
برابر آهن.

شاه لطيف: سؤ سال ڏهن پلن جي برابر ڪيئن ٿا ٿي سگهن سوامي جي؟
آهي به سؤ سال سؤ سال آهن ۽ ڏهه پل ڏهه پل.

پروتنماٽ: ڌيان سان ٻڌجانءِ پٽ لطيف - بلڪل ڌيان سان...

(قافلو اڳتي وڌي رهيو آهي، ڪجهه دير سڀ چپ چاپ اڳتي
وڌندا ٿا رهن. ڪمل ناٿ شاه لطيف سان گڏو گڏ هلي رهيو آهي.)

پروتنماٽ: پٽ لطيف، هڪڙو ماڻهو سپنو ڏسي رهيو هو —
تمام عجيب ۽ سلسليوار سپنو ڏسي رهيو هو، اسان
کي اڪثر سلسليوار سپنا ڪونه ايندا آهن. پر هو
ماڻهو سپني ۾ هڪ پوري ڪهاڻي ڏسي رهيو هو.
سڀ کان اول هن ماڻڪي هڪ ننڍڙي ٻالڪ جي روپ
۾ ڏٺو. پل ٿي نه گذريو ته هن ڏٺو ته هو هڪ
ڦاٽوڪو نوجوان آهي. سپني ۾ هو شادي ڪري
ٿو، ٻچڙيءَ کي ماڻي ٿو ۽ ٻارن جو پتا ٿئي ٿو.
پر پل مس ٿا گذرن ته هو ڏسي ٿو ته هن جو هڪ
پٽ جوان ٿي ويو آهي ۽ شادي به ڪئي اٿائين. نه
فقط ايترو پر پنهنجي پٽ کي پتا جي روپ ۾
به ڏسي ٿو- پنهنجو پاڻ هاڻي ڏاڏو ٿي ويو- پوڙهو سن،
وڏيءَ عمر وارو ڏاڏو! لطيف! ڌيان ڏي. سنسار

ٻرڪي چاهيون ٿا پنهنجن سنڌين جي آزار ٿي لڏيءَ
ڪي انهن پار ڪري سگهون ٿا ڇو ته ڏرتيءَ تي
هلي رهيا آهيون. پر ان مان اسان کي ملندو ڇا؟
۽ ان مان اسان وڃائي سين ڪهڙو؟ سمجهڻ پٽ
لطيف؟ جڏهن پوڙي اسان کي ندي پار ڪرائڻ لاءِ
ڪناري تي هڪ ٻيڙي آهي ته مهون جون
شڪتيون ۽ آتمڪ شڪتيون ڇو وڃايون.
سنڌين کي اتي ڪم آڻڻ جتي پيا سڀ رستا بند
ٿي ويا هجن.

(شاه لطيف جي ڇوري تي اهڙا ڀاوَ ڏسڻ ۾ اچن ٿا جنهن ۾ اها
ڳالهه نه فقط هڪ ئي ورتي آهي پر هنجي سڀاوَ سان ٺهڪي به آئي
آهي. ٻروگين جو قافلو هلندو ٿو رهي.)

پروتملات : هيءَ روڊراڪش جي مالا آهي. روڊر ارٿامه شو-
شنڪر ۽ اڪش ارٿامه اک. هيءَ نشان ڏسي
ان کي ٽي اک ڇٽو آهي. جنهن داٽي ۾ هڪ اک
هجي اهو مهاشڪتيشالي ٿيندو آهي. لطيف، اسان
جي هن سڄي مالا ۾ ايڪ - اڪشي روڊراڪش
جا دائا پوئل آهن. ڪنهن ڏينهن روڊراڪش جي
مهما ٻڌائيندا سون. لسون ڪلپنا به نه ڪري
سگهندين ته هنن دائن مان اسان جي شرير کي
ڪهڙي ٿي شڪتي ملي ۽ من، چمڪ ۽ ٻڌيءَ ۾
ڪيترو نه سنتلن رهي. اسان جو هي گهرو رنگ
جو لمبو چولو اٿئي، گودڙي ۽ ڏنڊو ته سدائين پاڻ
سان کڻندا ٿي آهيون. جهاڙ-ڦوڪ جي جهاڙ-ڦوڪ
۽ رکيا جي رکيا. اسان هميشه ڪهڙ به سدائين کڻندا
آهيون ۽ ...

آهن ڏاڍو سهاڻو. سڀ ڌر دان ۾ ڏنا سو گهوڙا، ته سو سلامن ۾ ٿي ڪم ٿورو ڪري ڇڏيو! هڪو ڪري آهن- شبدن جو جادوگر ۽ ڪلپنائن جو ڪاريگر...

پر وتڪات: بس، وڌيڪ نه چئجانءِ... بلڪل نه. لطيفو فقط شبدن جو شهر ناهي، ڪرم - وير به آهي. ڪجهه عرصو ٿي ويو، ڏهه ئي دشائون هن جي ٿورڪاش سان اجلون ٿي ويون - اجلون!

(شاه لطيف خيال ۾ گم، ٿوگهن جي قافلي سان گڏ اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

✻

لس - بيلو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز شاه لطيف جي چهري تي.
ڪئمرا جي ٽل اسٽڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هو هڪ گهاٽي وڻ جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو آهي ۽ ڪجهه سوچي رهيو آهي.)

شاه لطيف: چارڻ لڳو، ٻيڻ گهڻو، ڪي چوڏاڏي چئيج،
هت ڪي هلا نيج، آئي آئون نه اچڻو.
آئي آئون نه اچڻو، هت ڪي هلا نيج...

(شاه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ. خيال ۾ ٻڏل لڳرو ن)

✻

۾ هڪ ماڻهوءَ کي ڏاڍو اهڙو لاءِ گهٽ ۾ گهٽ
پنجاهه کن سالن جي عمر گهرجي. جيترو ٺيڪ پنجاهه سالن
جو ڏاڍو به ڪي قدر جوان ٿي اڳيندو. ٻر سڀني
۾ هڪ انسان ڏهن-ويهن ٿيلن ۾، ڪجهه گهڙين ۾
ڏاڍو به ٿي ٿو وڃي!
پنجاهه سالن جو اڀو پؤ، سڀني ۾، ڪجهه گهڙين ۾
ملي ويو سڀني ڏسندڙ کي!
لطيف! هن دِشتائت جي گهرائيءَ ۾ وڃ. جاگرت
اوستا جا پنجاهه سال سپن-اوستا جي ٻن گهڙين جي
برابر آهن!
اسان ٻڌي اهو ٿي سمجهندا آهيون ته سون سالن جو
جيون ٻن گهڙين جو سپنو ٿي ته آهي!
ان ڪري، لطيف! هي سڄو سنسار، هن سنسار جا
سڀ ٿي الوڙؤ ٻن گهڙين کان وڌيڪ قيمت ۽ اهميت
رکن ٿي ڪو نه ٿا. سو به سڀني جون ٻه گهڙيون!

ڪمل نات: لطيف، هن سڀني جي سنسار ۾ مهاداني "سچڙ"
جهان کي سمت-ڪاري ڪري وڃڻ گهرجن... چولدا
آهن ته هن لس-ٻيلي جو هڪ حاڪم ٿي گذريو
آهي سچڙ. هن جي سخاوت، اُدارتا ۽ دان-ٻاج
جون ڪيئن ڪهاڻيون ٻرسڌ آهن. هڪ دفعي هڪ
منڊي چارڻ کي هڪ سؤ تازي گهوڙا دان ۾ ڏنائي
چڙ ٻانهين... وري چارڻ به ڪهڙو؟ جهڪو نه ڳائي
چاڙي نه وڄائي چاڙي!...

شاه لطيف: سچڙ سردار، لس-ٻيلي جي ڄام کي لطيف جا
سوين سلام!

ڪمل نات: ادا لطيف، ڪجهه سلام اسان لاءِ به بچائي رکه... ٻر

چمن جي صفي ۾ گاهه جي ٿڻن جهڙا ٿڻ جا ڳوڙها هئا- جن سان کير جي ڌارا وهندي هئي، ٽڪاري جي شڪل جهڙو ٻوٽو هئي، ٻيڪڙو ۽ جهولو ٽنگي سگهڻ جهڙا ٻوٽا هئا ۽ نوڪا جهڙو ٻوٽو هئي، اهو استان فقط ”گوڪل“ جي نالي سان سڏجي سگهي ٿو ۽ ”گوڪل“ نالو ئي ان جڳهه کي خاص قسم جي دلڪش معنيٰ عطا ڪري سگهي ٿو.

جڏهن انسان کي پرماتما ذرا به ڪلپنا شڪتي ڏني هوندي ۽ جڏهن ڀارت جي پراچين اتهاس جو ٿورو به اڀياس ڪيو هوندو ان جي منهن مان هي استان ڏسندي ئي اوچتو نڪري ويندو: آها! هي ته جڳ وندن شري ڪرشڻ ڀڳوان جي گوڪل پوري آهي!

(پنج سيڪنڊ شانتي)

گائون، کير، جهولا ... ڪرشڻ ڪنهيا کان سواءِ آهي ڪو ٻيو دنيا ۾ ماکڻ چور ۽ راس رچيا؟

شاه بلاول جي درگاه ۽ لاهوت جو درمياني رستو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪيمرا ڪلوز شاه بلاول جي درگاه جي هڪ خدمتگار تي. ڪيمرا جي پل بيڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هن جو لباس فقط ڪاري ڪفني آهي ۽ پير اگهاڙا اٿس. شاه لطيف هن سان گڏو گڏ هلي رهيو آهي، پروفائيل ۾ جوڳي هن جي پٺيان پٺيان اچي رهيا آهن. پروفائيل، جوڳين چاهي شاه لطيف کي ساڳوئي گهرو رنگ جو پهراڻ اوڍيل آهي.)

خدمتگار: شاه صاحب، توهان سيد آهيو، مومن آهيو،

سوترڌار (فقط آواز)

شاهه لطيف جي حياتيءَ جي احوال ۾ ڄاڻايل آهي ته هڪ دفعي هن لاهوت ڏانهن وڃڻ جو ارادو ظاهر ڪيو هو ته ان تي سندس پيءُ شاهه حبيب روڪيو هوس ۽ چيو هئائينس ته لاهوت وڃڻ ۾ مصيبتن ۽ آفتن کي منهن ڏيڻو پوندو چو ته اُتي ڀاسي جن، ڀوت، ناڳ ۽ بلائون آهن. سڄو رستو خطرن سان ڀريو پيو آهي.

اُنهيءَ تي شاهه لطيف پنهنجي پيءُ کي جواب ڏنو

ابا ميان!

لکو جن جهان ۾، لکو سڄي لانگ......

شاهه لطيف جاکوڙن تي هريل هو: مشڪلاتن کان ڊڄڻ وارو ڪونه هو. پر جڏهن وقت هو لاهوت طرف، جوڳين جي قافلي سان گڏ وڃي رهيو هو ته کيس به محسوس ٿيو ته سندس پيءُ ڪو وڌاءُ ڪونه ڪيو هو. هن اڻانگي ڀاسي، واٽ تي جيڪي خوف ۽ خطرا آهن تن جو ذڪر شاهه لطيف به ڪيو آهي:

ڇپا ڇور ڇڄن ۾، اڙ ۾ بلائون...

پر ۾ بلائون به آهن ۽ ٻئي جبل پاسي ڇپا به جام آهن.

باقي رهيا جن ۽ ڀوت...

ڇون سپ ٿا، ڏٺا ڪنهن ڪونه آهن...

هڪ ئي ڳالهه، الڪ مکيه ڳالهه...

ٻيو جبل ۾ واهڙون آهن جن تي انب، انجير، ڏاڙهون، ڪيوڙا ۽ نارنگيون ٿين ٿيون. هن جابلو ملڪ ۾ هيءَ باغات سچ پچ هڪ قسم جو معجزو آهي. پر اهو چمتڪار ڪو اڄ جو ڪونه آهي بلڪ ان وقت کان وٺي وجود ۾ آهي جڏهن وقت لاهوت کي چوندا ئي ها "گوڪل"- گاڏين جو ٻولڻ استان: گوڪل! جنهن جڳهه تي ميون سان ڀرپور وڻڪار هجي، باغات هجي،

جبل جو صفو لاهوت / اندر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز لاهوت صفي جي ڇت ۾ قدرتي نموني ٺهيل ڳانءِ جي ٿڻن جهڙن پٿر جي ڳوڙهن تي. انهن پٿريلي ٿڻن مان پاڻي ڦڙو ڦڙو ڪري هيٺ ڳڙي رهيو آهي.
ڪئميرا جي پان هيٺ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته صفي ۾ ٻروليانف، جوڳي، شاه لطيف ۽ خادم بيٺا آهن. سڀني کي ڪاري رنگ جي ڪفني اوڍيل آهي. خادم لاهوت جو اتهاس بيان ڪري رهيو آهي.)

خادم : جڏهن شاه بلاول سائين هتي قدم مبارڪ ته رکيا، ان وقت هي جبل، هي زمين ۽ هي باغات گوڪل نالي هڪ ديو جي قبضي ۾ ها. گوڪل ديو هن ملڪ جو حاڪم هو ۽ سوا لک ديو هن جي زيردست ها.

سائين شاه بلاول صاحب هتي اچي چلا ڪڍيا ۽ پنهنجي عبادت جي زور تي گوڪل ۽ سندس تابعدار ديون کي هتان ڀڄائي ڪڍيو. سائين شاه بلاول صاحب اولياء ها ۽ سائين قلندر لعل شهباز جا همعصر ها. شاه بلاول سائين جي درگاه هن جبل جو حقيقي سينگار آهي. هر سال رمضان مهيني جي نائين تاريخ درگاه ۾ عرس لڳندو آهي، جيڪو ساڍا ٽي ڏينهن هلندو آهي...

عرس ۾ اڪثر مومن ئي شامل ٿيندا آهن...

(اوچتو درگاه جو خادم خاموش ٿي ٿو وڃي. هو محسوس ٿو ڪري ته، شاه لطيف ۽ جوڳين جو ڌيان هن جي ڳالهين ڏانهن گهٽ آهي. هو سڀ ڳانءِ جي ٿڻن جهڙي شڪل وارن پٿرن جي ڳوڙهن ڏانهن نهاري رهيا آهن، جن مان ڦڙو ڦڙو ڪري

روزي نماز جا پابند آهيو، توهان لاءِ "لاهوت"
جي زيارت معمولي ڳالهه رکي ٿي ۽ توهان ان جا
حقدار به آهيو... پر هي جوڳي...

شاه لطيف: ادا، جي مون مومن هوندي به هنگلا انبا جي
قدمن ۾ سر جهڪايو ۽ ماتا جو درشن ڪري آتما
آنند ۽ شانتي حاصل ڪئي ته ڪهڙو سبب آهي
جو هي جوڳي "لاهوت" جي زيارت نٿا ڪري
سگهن؟

خدمتگار: جوڳي "لاهوت" جي زيارت ڪن، ان ۾ ڪوئي
هرج ڪونه آهي... پر شڪ پيدا ڪري ٿو هي
جوڳيا لباس - اهو گيرو رنگ..

پروتناٿ: (وچ ۾ ئي خدمتگار کي ڪٽي) پر لطيف! اسان
سڀ جوڳي ڪاري ڪفني اوڍڻ لاءِ بلڪل تيار
آهيون. اسان جوڳين جون ٻيون به جيڪي نشانيون
ڪائي اڙچڻ يا رنڊڪ پيدا ڪنديون، اسان ڪجهه
وقت لاءِ انهن کي ڇڏڻ لاءِ به تيار آهيون... پر
هن بيابان ۾ اهڙيون ڪفنيون ايندڙيون ڪٿان؟

خدمتگار: ان جو فڪر توهان نه ڪريو. هو ذمو هن
خادم جو...

ڪمل ناٿ: نه مهان، ڪاري ڪفني پائي لاهوت جو ديدار
ڪرڻ جو ذمو اسان ابدن جو...
(سڀني کان هلڪي کل نڪري ٿي وڃي.)

خدمتگار: توهان مهرباني ڪري اتي ئي ترسو، مان اجهو ٿو
ڪفنين جو بندوبست ڪري اچان...

(خدمتگار واپس وڃڻ لاءِ مڙي ٿو. پروتناٿ، شاه لطيف ۽
جوڳي اتي ئي بيهي ٿا رهن. خدمتگار تيز تيز قدمن سان شاه
بلاول جي درگاه طرف وڃي رهيو آهي.)

لاهوت واري صفي جي ٻاهران / ڏيکھن

(پروهتاڻ، يوگي ۽ شاهه لطيف خادم سان گڏ لاهوت واري صفي کان ٻاهر نڪري رهيا آهن. ڪجهه ئي قدم هلڻ کان پوءِ پروهتاڻ ۽ شاهه لطيف سيد جي اڳيان ٿي ٿا وڃن. باقي سڀ هنن جي پٺيان پٺيان اچي رهيا آهن. خادم سيد جي پٺيان پٺيان هلي رهيو آهي.)

شاهه لطيف : سوامي جي، مان ڌن ٿي ويس گوڪل جو درشن ڪري، اکيون ٺري پيون گوڪل جي ڪلپنيءَ جو ديدار ڪري!

تهڙا چاليها لک چالهه،
جهڙو پسڻ پرينءَ جو!

پروهتاڻ : لطيف، هي گوڪل ناهي، گوڪل لاهوت ٿي ويو - وجود ٿي وڃائي ويٺو...

شاهه لطيف : سوامي جي، ڇنڊ ڇاڻ نه ڪريو - سڀ ٿو سمجهان - ايترو ابوجهه ناهيان...

(پروهتاڻ مرڪي ٿو.)

شاهه لطيف : سوامي جي، هيءَ سنڌ ناهي، بلوچستان جي سرزمين آهي. هتان جا مڪاني ماڻهون "گوڪل" نالو ڪيئن ٿي برداشت ڪري سگهيا؟ سو "گوڪل" لفظ مسمار ڪرڻ لاءِ هتي افواهه ڦهلايا ويا ته گوڪل هڪ ڀيانڪر جن-ڀوت جو نالو آهي ۽ جيڪو ان لفظ کي اچاريندو ان جو خير ناهي. گوڪل جن اچي پرگٽ ٿيندو ۽ نالو وٺندڙ کي کائي ويندو... ان طرح لاهوت وجود ۾ آيو.

(ڪجهه دير لاءِ چپ چاپ اڳتي وڌندا رهن ٿا.)

شاهه لطيف : گوڪل جي درشن کان پوءِ هنگلا ماتا جا پار پار

پاڻي سمي رهيو آهي.)

خادم : چوندا آهن اڳي انهن ٿڻن مان کير وهندو هو- هاڻي ته بس پاڻيءَ جا ڦڙا ٿي ڳڙندا ٿا نظر اچن...

شاهه لطيف : توهان انهن مان کير وهندو ڏٺو هو ؟

خادم : نه ابا، اسان فقط ٻڌو آهي ته اڳي کير وهندو هو...

شاهه لطيف : شايد انهن ڏينهن ۾ جڏهن هن استان کي ”گوڪل“ ڪري سڏيندا ها...

(خادم ڪجهه تڪڻ لڳڙن سان شاهه لطيف طرف نهاري ٿو. ڪمالات جي ڇوري تي مرڪ نمودار ٿئي ٿي پر هو منهن ڪٽي ٿو ڦيري ڇڏي.)

خادم : هو ڏسو نغاريءَ جي شڪل جهڙو ٻٽو- اها آهي ٻيبي فاطما جي ٽڪري! ٻيبي فاطما سڳوريءَ انهيءَ ٽڪريءَ تي ماني پچائي هئي...

(ٽڪريءَ جو ڪلوز - اپ .)

خادم : ... ۽ هن پٿرن ۾ پنگهو ڏسڪي، ٻيبي فاطما سڳوريءَ امامن کي پنگهي ۾ لوڏيو هو ....

عجب نه ڪاڻو. حضرت محمد ﷺ هتي آيا ها.
حضور جن هتي هڪ پٿر مان ڪشتي پيدا ڪئي هئي- اها ڪشتي اڃا تائين هتي موجود آهي- لاهوت کي معمولي جڳهه نه سمجهو سائين! هيءَ مڪي شريف جو دروازو آهي- خاص دروازو ...

ساڄن مٺڙيس سُور ،
سڪ ۾ مٺڙيس سڏڙن ،
ساڄن مٺڙيس سُور !...

ديويءَ جي اکين جو ڪلوز - اپ.
شاهه لطيف جي اکين جو ڪلوز - اپ.
ديويءَ جون اکيون ڄڻ جاندار لڳي رهيون آهن.
خيالن ۾ گم شاهه لطيف جون اکيون...

سونڊ ڏار (فقط آواز)	درشيه
هنگلاج جو پهريون دفعو درشن ڪري ڪان پوءِ شاهه لطيف ۽ جوڳي واپس ڪلاچي آيا...	واپسي ياترا جا ڪجهه درشيه
۽ پوءِ ديول-ڪوٽ جو ديدار به ڪيائون...	ديول ڪوٽ جي زمين
ليلا - چنيسر جي لوڪ - ڪٿا وارو ديول ڪوٽ شاهه لطيف جي سُر ليلا - چنيسر وارو ديول ڪوٽ...	ليلا ۽ چنيسر جون تصويرون

بيت: (مرداڻو آواز)

چنيسر سڀن ڇاڻ ، مڻان ڪا مٺل ڪري ،
ڪالهه ڪنهين جو نه ڏٺي، ڪهڙب ۽ ڪاڻ ،
جي نئين نور نياڻ، ته دوس دسائي داسڙو ،

مون کي پاڻ ڏانهن سڏي رهي آهي- مان ماتا ڏي
ويندس، اوس ويندس. اسان سڀ ماتا هنگلا ديويءَ
جي درشن لاءِ هلنداسون- هنگلاج هلنداسين!

(پروڊيوسر شاهه لطيف جي پرخيال چهري ڏانهن نهاري ٿو ۽ مرڪي ڪنڌ لوڏي ٿو.)

*

هنگلا ماتا جو ٿان / اندر / ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز هنگلا ديويءَ جي چهري تي. ڪئميرا جي پُل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا پٿر تي اڪريل هنگلا ديويءَ جي شبيهه تي مجاور ۽ جاتري ڪمرو اوتي رهيا آهن. شاهه صاحب ٽڪٽڪي لڳائي ماتا جي چهري ڏانهن نهاري رهيو آهي. لڳي ٿو ڄڻ ماتا جي ڪشش هن تي مقناطيسي اثر ڪيو آهي. پروڊيوسر ۽ ٻيا جوڳي ڪجهه پريان بيٺا آهن ۽ اهو نظارو ڌيان سان ڏسي رهيا آهن.

هن وقت پوڳڻ چاهي شاهه لطيف جي بدن تي جوڳيا رنگ جو لٻو چولو پيو آهي ۽ جوڳين کي پهچڻ سمهڻي نشانيون شرير تي ڌارڻ ڪيل آهن. شاهه لطيف جو هڪ بيت اوو الاپ ڪري ٿو. جنهن ۾ هو پاڻ سڏ- پڏ ڪويل انسان جي حالت ۾ آئي پيو آهي ۽ ديويءَ ڏانهن نهاري رهيو آهي.)

بيت : ويئي ور نه ورن، سڏي مون نه سپرين،
جي مٿي رلدن رُنءِ، ساهن ملي تنکي...

(ڪجهه پل خاموشي)

ڪنهن هڪ سندر سهڻي ڌيءَ
هئي - جنهن جو نالو هو:
ڪونرُو ...
ڪونرُوءَ جو مڱڻو سندس
سوٽ اِنماديءَ سان ٿيل هو...
۽ هڪ ڏينهن....

ڪونرُو پنهنجي سهيلين
سان گڏ باغ ۾ کل - چرچا
ڪري رهي آهي.

*

محل ۾ ڪونرُوءَ جو ڪمرو / اندر / صبح

ڪئمرا ڪلوز ڪونرُوءَ جي چهري تي. ڪئمرا جي پل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هوءَ آدم قد آئيني جي سامهون اُڀي سينگار ڪري رهي آهي. ان سان گڏوگڏ هوءَ ڪجهه گنگنائي رهي آهي:

ڪونرُو : (گنگنائي ٿي) ميري تو گرڌر گوپال، نند ڪي لال،
دوسرو نه ڪوئي!
هان جي، دوسرو نه ڪوئي...

(ڪجهه دير چپ رهي سينگار ڪري ٿي، وري گنگنائي ٿي.)

ڪونرُو : پريت ڪر، ڪاهُو سک نه لهيو - نه لهيو، نه لهيو!
هم جو پريت ڪري ماڌو سون،
چلت نه ايڪ ڪهيو!
پريت ڪر ڪاهُو سک نه لهيو... هون هون هون...

(اوچتو ڪوئي زنانو هٿ ڪونرُوءَ جي ڪلهي تي اچي ٿو. ڪونرُوءَ کان ڇرڪ نڪري وڃي ٿو ۽ هڪدم منهن ورائي ڏسي ٿي.)

ڪونرُو : اڙي جمني! تون آهين؟ مون کي ته ڏڪائي ڇڏيئه...

بيت : (زنانو آواز)

ڳوڙهن ٽمهجون ڳاٽيون، ٽون ڳوڙهن سندو ڳالهه،
مون کي ڇڏ م ڏاسڙا! تـه وڃان نـه، وڏواند،
مــون ڳجهيءَ ۾ ٻانــد، تــو، چندرا هٿ ۾.

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيہ
راجا چنيسر سومري گهراڻي جو هو ۽ "ديبل ڪوٽ" تي راڄ ڪندو هو. جنهن تـه "ديبل ڪوٽ" سندو نديءَ جي هڪ شاخ ٻگهاڙ جـي ڪنڌيءَ تي آباد هو انڪري ان کي "ديبل بندر" بہ ڪري ڪوٺيندا ها.	راجا چنيسر محل ۾ چهل قدمي ڪري رهيو آهي- هو ڏاڍو خوبصورت ۽ ڏاهوڪو آهي. ٻگهاڙ جي ڪنڌيءَ جو درشيہ چٽيو ليون
ليلا سندس پٽ راڻي هئي...	ليلا ۽ چنيسر جو ٻلنگ تي لٽ - پٽ ڪرڻ ۽ پريم ولاپ. ٻئي ڏاڍو خوش آهن.
راجا چنيسر جو وزيـر هو جکرو.	جکرو ڪجهہ سوچي رهيو آهي.
اُنهيءَ ئي زماني ۾، ڪڇ ملڪ ۾، راڻو کنگهار لکپت جو ڇٽ ڌڻي هو...	راڻي کنگهار جو ڪلوز - اپ.

مرڪي : ته ڇا بدناموسيءَ جي ڊپ کان هٿ تي هٿ رکي ويٺي رهون؟

کنگهار : ڪائي رمز ڪرڻي پوندي.

(ڪجهه دير هو سوچي ٿو.)

کنگهار : تون ۽ ڪولو وڻجارڪو ويس ڪري ديول بندر وڃو ۽ ڪنهن حيلي حوالي سان وڃي چنيسر جي ويجهڙائي حاصل ڪريو. پوءِ اسان چاهيون ٿا ته ليلاڻيءَ جو لنهن هٽي وڃي هنڌ ڪندو.

*

ديول ڪوٽ ۾ گلن واريءَ جي گهر جو اڱڻ / اندر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز گلن جي ٽوڪريءَ تي. ڪئميرا جي ٽل - اپ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته گلن جي ٽوڪري هٿ تي رکي آهي ۽ ان جي ڀرسان ئي گلن واري مائي، مرڪي ۽ ڪولو ويٺا آهن.)

گلن واري: ادي، مون کي پنهنجو سمجهي منهنجي اڳيان اندر کوليو اٿو ته مان به اندر جو لڪ ڏس ڏينديس. ڏسجانءِ ادي، پنهنجي ليلاڻيءَ جي راڄ - ڀاڳ نه ماڻي نه پنهنجا ٻيا ۽ منهنجو منهن...

مرڪي : نه نه ادي، اهڙي نه ڇوڙا ٻيا پنهنجن وارن تي!

گلن واري: ادي، پنهنجي من جي ڪامنا وڏي ڪري، هتان ئي پوري ٿيندي. جکرو آهي چنيسر جو جکرو، چنيسر جي جان، چنيسر جي اوچائي... جکري هٿ ڪئي ته سمجهجانءِ ڪم ٿيو - هان..... هل ته ادي مان ئي گڏ هلانءِ جکري وڏي وٽ.

(جمني ڪونروءَ کي ننهن کان چوٽيءَ تائين ڇتائي ڏسي ٿي.)

ڪونرو : ڇا ٿي ڙي جمني؟ ڪڏهن مون کي نه ڏٺو اٿئي يا هي وڏا ڪوڙ ڏٺا اٿئي؟

جمني : ڏٺو ته ٿو ڪي نه، اِهو ته تنهنجي سڀني وڏن کان به واقف آهيان، پر هيڏو سينگار مون اڳهين نه ڏٺو…

(ڪونرو فقط مرڪي ٿو ۽ آئيني ۾ پاڻ کي ڏسي ٿو.)

جمني : ڪوئي نه سبب هوندو هن سينگار جو. پاڻ کي لاهي ورِي، پائي ٿا هين، ڪٿي چنيسر تي ته دل ڪونه اچي وئي اٿئي؟

ڪونرو : چنيسر؟ هاءِ چنيسر! ڪونروءَ جي ڀاڳ ۾ چنيسر ڪٿي؟

جمني : ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته ڪنهن جي ڀاڳ ۾ ڪهر آهي. دل ۾ ويچار اهڙو آهي ته ڪجهه ته ٿيڻو هوندو.

ڪونرو : جمني، چنيسر جي ڳالهه - راڻي ليلا جي اڳيان هليا آهن ڪنهن جا حيلا؟

جمني : ڪيئن نه هليا، اڄ نه هليا ته ڇا سڀاڻي به نه هلندا؟ سؤ ڪان پوءِ سؤ هڪ به ٿيندو آهي ۽ هزار ڪان پوءِ هڪ هزار هڪ به هوندو آهي.

راڻي ڪنگهار جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

ڪنگهار : مرڪي، چنيسر سان سڱ ڪرڻ ته مان - شان وارو پر هي انڪار ڪمائڻ ته جڳ ۾ کلڻ - هاب ٿينداسين.

چنيسر : اسان آخرين ڀيرو دهرايون ٿا ته پٽراڻي ليلا جي ونئي، اي! ڪڏهن ساڻس ناتو نه رکنداسين اسان، توهان هاڻي وڃي سگهو ٿا...

☆

رستو / ٻاهر / ڏينهن

(رستي تي هڪ وڏي وڻ جي هيٺان گلن واري، مرڪي ۽ ڪونرو ويٺيون آهن. رستي تان ڪي لانگهائو اچي وڃي رهيا آهن. هنن ڏانهن ڪنهن جو به ڌيان ڪونه آهي.)

گلن واري: هاڻي ڇا ڪنديءَ ادي؟

(ڪونرو ڏاڍو مايوس لڳي رهي آهي. هن جي اکين مان درد جهلڪي رهيو آهي.)

مرڪي : هاڻي ته بس هڪ ئي رستو وڃي بچيو آهي...

(گلن واري ۽ ڪونرو هن ڏانهن نهارين ٿيون.)

مرڪي : ...... پٽراڻي ليلا وٽ پورهيتڻيون ٿي ڪري وڃي ويهنديونسين. سندس سيوا ٽهل ڪنديونسين. جڏهن سالن جا سمر ٿيندا، تڏهن اسين هلڪو وڃائي چڪيون هونديونسين. ايشور ڪندو ڪنهن ڏينهن اهڙو اوسر اوس ملندو جو چنيسر جو چت ليلا تان ڦري ويندو ۽ ڪونروءَ جا لايا سڀاڳا ٿيندا.

گلن واري: چنيسر کي گهٽ نه ڄاڻجو، ليلا ۾ ساهه اٿس ۽ اُن ۾ ئي ساهه اٿس.

مرڪي : ادي، سيوا - ٽهل جهڙو جڳ ۾ نه ڪوئي جادو نه ڪوئي هٿيار.

جکري وزير جي محل جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

(جکري وزير جي سامهون گلن واري هٿ جوڙي بيٺي آهي)

گلن واري: سائين، هن آسودين جا بس توهان ئي آسرا آهيو...

(مرڪي هڪدم ڪٽي ٿي جکري جا ٻيهر ٻه ٽي ڪولڙو ٻـــ
جکري کي ٻيهري ٻوٽ واري آهي ته جکرو هڪدم ڪٽي ٿو ڪولڙو
جا هٿ ٻاري ڪري ۽ ٻاڻ ۾ ڪجهه ٻوليندي هڻي ٿو وڃي.)

جکرو : تون ٻيائي آهين، مون تي دل نه چاڙهه... اُٿ
اڏي، ويهه ـ دل نه لاهه ـ ڪجهه سائينءَ تي به رک.

(جکرو هاٿي ٻاهر ڪڍي ٿو رهي. مرڪي ۽ ڪولڙو ٻاسي
۾ ئي ٻال گديدار ڪرسين تي ويهن ٿا ٿو ن. گلن واري ٻٽ ۾
ويهي ٿي رهي.)

جکرو : اڏي، سائينءَ تي رک، مڙئي ٺيڪ ٿيندو. سائين
ڪندو سڀ ٺاهي ٿيندي. سپاٽي ٻرڪت جي
ويلي صبح سوير ۽ ٻاڻ چنيسر وٽ چڙهي ويندس.
اُميد ته ڏيءَ، توکي تراس نه ڪندو، ضرور محل
۾ گهرائيندو.

❋

چنيسر جي محل ۾ راڄا جو خاص ڪمرو / اندر / صبح

چنيسر : معتري مهاشه، ٻراڙي ليلا جي وڃي، اِيءَ ڪنهن
سان به ڳالهه نه رکندا سين اسان!

جکرو : (هٿ جوڙي) آسودين جي طرفان هٿ ٻڌي وري
هڪ دفعو وينتي ٿو ڪريان. ڪولڙوءَ تي ڪا
ڪرپا جي ڪٽي وساهو... ٻاسيءَ جي ٻاس ٻڇاهيو.

اسان معصوميت جي ماريل ابلائن ٿي همٿ رکڻ تہ
مهر ٿي هوي.

(ليلا ڪجهہ دير سوچي ٿي. ان وچ ۾ مرڪي ۽ ڪنورُ اُٿي - ٿا پرهل نظرن سان هن ڏانهن نهاريندا رهن ٿيون.)

ليلا : ٺيڪ آهي، اڄ کان وٺي توهان ٻئي ماءُ - ڌيءُ منهنجون خاص ٻانهيون ٿيو... هاڻي منهنجو ٻنهي جو ڪم سمجهي ڇڏيو.

(مرڪي ۽ ڪنورُ گڏجي ڪنڌ جهڪائي ٿيون ليلا جا پير پڪڙين. ليلا هڪدم ڪيئن اُٿڻ جو اشارو ٿي ڪري. ٻئي ڏاڍي ادب سان بيهي ٿيون رهن.)

ليلا : تنهنجو نالو ڪنورُ آهي نہ؟ ... توتي ڪم تي رکان راجا چندر جي سيج وڇائڻ جو - ۽ مرڪي، تون منهنجي دل جي سرتاج چندر لاءِ پڳ اُڻندينءَ - پڳ بہ اهڙي جهڙي ڏسي وڏن وڏن پڳدارن جا سر جهڪي وڃن.

سوتردار (فقط آواز) ..... درشيہ

ڪنورُ هر رات چندر جي
سيج سجائيندي رهي ۽ مرڪي
هر روز چندر لاءِ پڳ
اُڻندي رهي...

ڪنورُ چندر جي سيج
سجائي حسرت ڀريل نظرن
سان اُن ڏانهن نهاري ٿي...
مرڪي پڳ اُڻي رهي آهي...

گلن واري: ڀڳوان ڀلي ڪندو......

✲

چنيسر جي محل ۾ ليلا جو ڪمرو / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز ليلا جي چهري تي. ان وقت مرڪي ڳالهائي رهي آهي.)

مرڪي : سائڻ، اسان غريبڙن تي همت رک. - منهنجي ڪنهن هاڄ ۾ لڳاءِ.

(ڪئمرا جي پل اڳتي ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته مرڪي ۽ ڪونرو غريب عورتن جي ويس ۾ ليلا جي خاص ڪمري ۾ بيٺيون آهن. ٻنهي جا هٿ جوڙيل آهن ۽ نماڻائي ڀري عاجزيءَ جون تصويرون لڳي رهيون آهن. ليلا مهاراڻين جهڙي لباس ۾ شاهي ڪرسيءَ تي ويٺي آهي. مرڪي جهڪي ڪري ڪٽي ٿي، ليلا جا پير اکڙي. ڪونرو ٻيٺي تي رهي ٿي.)

مرڪي : سائڻ، زماني جي ڦيري اسان کي رولي هن در ڏانهن آندو آهي. ڏسو - ٻچڙا، مڙئي جوڻيءَ جو ڪجهه هو سو سواهه ٿي ويو. پرماتما منهنجيءَ ڪرپا سان توکي پٽ-راڻي ڪيو آهي، وڏا ڏان ڏنا آهن... اسان تي همت رک.

(ليلا مرڪيءَ کي پنهنجي ٿان اٿڻ جو اشارو ٿي ڪري. مرڪي اٿي ڪونروءَ سان گڏ بيهي ٿي رهي.)

ليلا : ڪو هٿ جو ڏانءُ به اٿو؟

ڪونرو : سائڻ! اما اڻت جي ڪم ۾ ڪو ثاني نه رکي... مان وري گهرو ڪم ڪار ۾ ڪري تڙي آهيان.

درد، ڪهڙي سوز توکي هڻي، ونءَ لاءِ مجبور ڪيو؟

(ڪنورُ ڪجهه دير چپ رهي ٿي پر هن جي چهري ۽ اکين مان ... ظاهر آهي ته هو هڪ راز ساڻ لاءِ تيار آهي. ليلا هن ڏانهن ... ڏسي ٿي.)

ڪنورُ : ڪو ڏينهن هو جو مان به راڻين وانگر راڄ ڪندي هيس ۽ هندورن ۾ جهولندي هيس... ساڻڪ، راڻين جي وقت منهنجي نو-لکي هار جا هيرا اهڙا چمڪندا ها، جرڪندا ها جو چوڌاري اوندهه ۾ سوين ڏيئا ٻري پوندا ها! سوين شمعون روشن ٿي وينديون هيون! اهي ڏينهن ياد ڪندي ۽ منهنجي اجوڪي حالت ڏسي، تقدير جي تماشي تي روئي ڏيان.

ليلا : مون کي وشواس ڪونه ٿو اچي...

ڪنورُ : منهنجي ڳالهه جي اوچ ٿي؟

ليلا : ها، نو-لکي هار ٿي. اهڙو هار تو وٽ ڪٿي ٿي لڀي سگهي.

ڪنورُ : ترس، ساڻڪ. ترس، هاڻي ٿي ٿي اهو هار ڏيکاريانءِ.

(ڪنورُ چوليءَ ۾ هٿ وجهي اندران هڪ دٻلي ڪڍي ٿي ۽ ... جو ٻڌ کولي ٿي. دٻليءَ جو ٻڌ کولڻ تي ڪمرو تيز پرڪاش ... ن ڀرجي ٿو وڃي. ڪنورُ نو-لکي هار جو هڪ هيرو ڪڍي ... ليلا جي هٿ تي رکي.))

ڪنورُ : ساڻڪ، هيءُ ته منهنجي نو-لکي هار جو فقط هڪ هيرو آهي. ذرا سوچ، جڏهن وقت اهڙا ڪيترا هيرا، هار ۾ پوتل، منهنجي ڳلي جو سينگار

ان طرح ڪيترو ئي عرصو
گذري، ويو پر ڪونروءَ لاءِ
وصال جو وارو نه ورئيو...
ڪونروءَ جي دل جي اڱاري
وڌندي رهي، اداسائيءَ جو
دونهون وڌيڪ گهاٽو ٿيندو
ويو... وڌيڪ گهرو ٿيندو
ويو...
هڪ رات انهيءَ بدقسمتيءَ
تي ڪونروءَ جي اکين ۾
پاڻي اچي ويو...

سجايل سيج...
ڪونروءَ جون اداس اکيون...

چنيسر جو ڪمرو / اندر / رات

ليلا : ڪونروءَ، تنهنجي اکين مان پاڻي ڇو وهي رهيو آهي؟ ڪهڙو درد آهي توکي؟ ڪهڙا سور ستائي رهيا آهن توکي؟

ڪونرو : روئان ڪونه ٿي سائڻ! راڄا چنيسر جي سيج وڇائيندي چادر جي ڪنڊ وڃي اکين ۾ لڳي، سو پاڻي اچي ويو...

(ڪونرو منهن ڦيري اکيون اگهي ٿي ڇڏي.)

ليلا : مون کي ٻار ٿي سمجهين ڪونرو؟ درد جي ڳوڙهن ۽ چادر جي ڪنڊ لڳڻ واري پاڻيءَ جو فرق نه سمجهي سگهنديس؟ ٻڌاءِ ڪونرو، ڪهڙي

سوتر ڌار : (فقط آواز)

ڪونروُ ڪار - ڪلا جي ڄاڻو هئي. اُن ڄاڻ جي سوني تي سهاڳي جو ڪم ڪيو هن جي جدون، ديوانگيءَ ۽ تشنگيءَ هڪ راس ۾ ٿي ڪونروءَ چنيسر کي اهڙن ته جسماني سکن جي هندورن ۾ لوڏايو ۽ جهولايو جو هوُ داسڙي مان داس ٿي پيو! شاهه لطيف اهو سڀ سمجهندي به لنوائي ويو. اُن گهٽنا کي ٽي اُڏائي ويو. هو جڏهن انهن نه ڪري ها ته هن جي سڄي روحاني اڏاوت اڇي پٽ پوي ها! پٽ پوڻ ته پري رهيو، روحاني اڏاوت اڏجي ئي نه سگهي ها! شاهه لطيف کي، آخر ۾، چنيسر مان ڏٺيءَ جو ڪم وٺڻو هوا هن جي پنهنجي مجبوري هئي.

پر، اسان جي ڪهڙي مجبوري آهي جو روحانيت جي هڪ ڪانئنڪ اوچائيءَ کي دنيوي ۽ جسماني پرتڪ سکن کان ۽ لذتن کان پرتر ۽ بهتر مڃون؟

شاهه لطيف جي مجبوري اسان سمجهون ٿا پر اُن مجبوري جا تمنا کي، اسان ڇو صليب واڱر ڪلهن تي ڍوئيندا ڦرون؟

سچ پڇو ته شاهه جي رسالي ۾ دنيوي ۽ جسماني لذتن جي لفظي چاشني ۾ ڪا گهٽ ڪونه آهي ۽ اها هر ڪنڊ، هر طرف کان ڪلاتمڪ به آهي ته ڪاويه - مئه به آهي...

پر عام ماڻهن ۾ اُن ڪهاڻيءَ جو جيڪو روپ مشهور ٿي ويو سو هي آهي!

۞

ٻڌندا هوندا، ان وقت ڇا مان ستارن سان ٻرڻل
چانڊوڪي رات، ٻولن جي رات، نه لڳندي
هونديس ؟

(هيرو ڏسندي ئي ليلا جا هوش اُڏامي ويا آهن. هوءَ هڪ ٽڪ
هيري ڏانهن نهاريندي ئي رهي.)

ليلا : سچ ٿي چوين ڪونرو، سچ ٿي چوين... هيءُ
چوڏس جي چنڊ جهڙو چهرو، ڳلي ۾ هيرن هيرن
جو نو - لکو هار؛ تون اڄ ار جهرمر جهرمر ستارن
سان ٻرڻل ٻولن جي رات لڳندي هوندينءَ، ٻولن
جي رات !

(ڪجهه دير لاءِ خاموشي. ڪونرو اندر ۾ آهي ڇو ته ڪيس پنهنجي
منزل بلڪل ويجهي لڳي رهي آهي. ليلا پس و پيش ۾ آهي
ڇو ته هڪ پاسي اهو هيرو گهرجي، اهڙن هيرن جو هار گهرجي.)

ليلا : گهر جهڙو گهر ٿيو هجئي، مون کي تنهنجو نو - لکو
هار گهرجي. هن هيري سوڌو نو - لکو هار.

ڪونرو : تن - دولت ۽ مال - متاع جي مون وٽ ڪمي ڪونه
آهي... فقط چنيسر سان هڪ رات گذارڻ ڏي،
فقط هڪ رات...

ليلا : فقط هڪ رات؟

ڪونرو : هائو سالڪ! فقط هڪ رات.

ليلا : قبول.

ڪونرو : قبول ؟

ليلا : قبول.

(ڪونرو چنيسر جا ٻه ڪٽي ٿي پڪڙي. چنيسر ڏاڍي پيار ۽ قرب سان ڪونروءَ کي هٿ کان پڪڙي اُٿاري ٿو ۽ ڪٽي ٿو کي سان لڳائيس.)

۞

نديءَ جو ڪنارو / ٻاهر / پرڀات

(ڪئمرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي. ڪئمرا جي ٽِل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته شاهه لطيف خيالن ۾ گم نديءَ جي ڪناري تي هڪ پٿر تي ويٺو آهي. هو ڪومل ڪومل نظرن سان لهرن ڏانهن نهاري رهيو آهي. اوچتو، هو چپن ۾ ڪجهه ٻڙٻڙ ٿو ڪري.)

شاهه لطيف: ليلا! او ليلا!

هيڻيءَ ته گهڻو هوشيار، ڪل نه هئي ڪانڌ جي،
تو ٻانهو موچاري ٿيا ان، اُجهيءَ ٻانهي هار،
ڪانڌ ڪوڙيءَ جو نه وٺي، سڃڻ ٻئي سينگار،
وڃي ٿي وڻجهار، ڏيئون ٿو سرڪي ڏائڙو.

(نديءَ جي لهرن ۾ ليلا جو چهرو ڪڏهن ڪجهه چٽو ۽ ڪڏهن ڪجهه ڌنڌلو ۽ ڪڏهن لهرن ۾ لهرائيندو نظر اچي ٿو. شاهه لطيف ٽڪ ٽڪ نگاهن سان لهرن ڏانهن نهاريندو رهي ٿو. ليلا جي چهري جو ڪلوز-اپ، اکين جو ڪلوز-اپ.

ڪئمرا ڪلوز ليلا جي اکين تي- اکين ۾ لرزندڙ ڳوڙها. ڪئمرا جي ٽِل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته، ليلا ويراڳڻ جي ويس ۾ اڪيلي ويٺي آهي. ليلا جي چوگرد ڀيانڪ ڪنڊر آهن ۽ دور، دور تائين ڪنهن به بشر جو نالو نه ڪونه آهي. ليلا غم ۽ پڇتاءَ جي مجسم لڳي رهي آهي. هوءَ لڙڪ ڳاڙيندي قدمن

چنيسر جو ڪمرو / اندر / پرڀات

(چنيسر اکيون ٻوٽيو پلنگ تي آسي ٿو وهي. هن جي ڀاسي ۾ ڪونرو سمهي پئي آهي ۽ چنيسر هن کي ليلا ٿو سمجهي؛ هن ڏانهن نهارڻ کان سواءِ ئي آلس ڀڃندو پلنگ تان هيٺ لهي جتي پائي، ٻاهر وڃڻ لاءِ دروازي طرف وڌي ٿو ته اوچتو هڪ لئون آواز هن جي ڪن تي پوي ٿو.)

ڪونرو : (مرڪندي، آتم - وشواس ڀريل آواز ۾) ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو منهنجا پراڻ-ناٿ! منهنجي سر جا سائين! پنهنجي لئون لعل کي ڇڏي؟

(چنيسر هڪدم رڪجي ٿو وڃي ۽ ٻت ورائي ڪونرو طرف نهاري ٿو. هن جي اکين ۾ عجب آهي.)

ڪونرو : ليلا ته توهان کي نو - لکي هار تي وڪڻي ڇڏيو آهي!

چنيسر : تون ڪير آهين؟ اسان جي استري ٿي...

ڪونرو : ليلا مون کان نو - لکو هار وٺي هڪ رات لاءِ توهان کي استري سوڊو وڪڻي ڇڏيو. ا ڪونرو جي جند - جان جا مالڪ! هيءَ قرب جي ڪاتيءَ جي ڪٺل، توهان جي محبت جي ماري، توهان جي پد - ڪملن جي داسي، هڪ ته ڇا نو لک نو - لکا هار، توهان جي پيار جي هڪ ڪٽي تي قربان ڪري ٿي سگهي...

چنيسر : اوه! ته ليلا مون سان دوهه ڪيو! جنهن تي مون وشواس ڪيو، ان مون سان وشواس - گهات ڪيو! سو به هڪ معمولي هار تي هرکجي! ليلا! ڪٽي ڇڏيو، ڪٽي ڇڏيو - اسان کي تان پنهنجو [illegible] ڪٽي ڇڏيو..

ليلا : اچي سار لهيج،
ساجن! سُور تماري آئون ماري !
اچي سار لهيج.
١- سُور تماري جي مران،
تان مون ڏوهه م ڏيج !
اچي ......
٢- ڏٻن ٻيري هنڙا،
دارون دوست ڪريج !
اچي......

(ليلا فرش تي اکيون ٻوٽي ويٺي آهي. هڪ طرف کان چنيسر اچي ٿو ۽ ليلا جي ڀرسان اچي بيهي ٿو. ليلا اکيون کولي ٿي ۽ اٿي ٿي چنيسر جا پير پڪڙي.
شاهه جي چهري جو ڪلوز-اپ، اکين جو E.C.U.)

شاهه لطيف: ڪهن تان ڪر لهن، ڪر لهن تان ڪهن،
سڀئي ساه! مهن، سڀئي راحت روح جي!

(ٽرانس-سڪيس. ليلا شاهي ڪمري ۾ چنيسر جي سامهون اچي عاجزاڻي نوع ۾ ٻاڏائي رهي آهي.)

ليلا : ورسيا ويچ وچارا !
دل ۾ درد ڏيرن جو!
ورسيا ويچ وچارا!
١- اڄو وچا ۾ وهو، وجو ٻڌ ڪٺي،
پکي ڏيندا پاڄهه جي، آيا سُور ڏٺي،
آيا جي جهمارا،
دل ۾ درد ڏيرن جو!
ورسيا......

(سڪيس ۾ ڦيرو)

ساڻ هڪ طرف وڃي رهي آهي. شاهه لطيف جا بيت اوور لئپ ڪن ٿا.

بيت (زناني آواز ۾):

اڄ ڪِڪ ڪري اٺار، تو ڏر آئيس ڏاڏڙا!
جئن تو رسڻ سنديون روح ۾،
تئن مون پيٺي ناهه پيار!
سائينءَ لڳا سڌار، ميت منداڻون منهنجون.

(ليلا اڳتي وڌندي ٿي وڃي.)

جي مون موُڙهي مت، ته تون ناٿ سڃاڻج سونهن!
اصل آواڻن جا، عيب ڍڪڻن تون اُمت،
اي، نر! تنهنجي نمت، جئن ولهون ڍڪين، ولها!

(ليلا دور ٿيندي ٿيندي ڌنڌ ۾ غائب ٿي وڃي ٿي.)

شاهه جي اکين جو E.C.U هو ڪالپنڪ درشيه ڌنڌ ۾ مڪو آهي.
ٽرام سيڪيئنس اوور لئپ ڪرڻو.

چنيسر جي تصوير جو ڪلوز اپ

هڪ عاليشان ڪمرو - فرش تي ڳاڙهي رنگ جو غاليچو وڇايل آهي.
ليلا ڊرامو غم جي تصوير بڻجي غاليچي تي اڪيلي ويٺي آهي.
ڪمرو بلڪل خالي آهي. ڪڏهن ڪڏهن وقت ڪڏهن ٻاردي مان، ڪڏهن آئيني مان، ڪڏهن ڪند مان چنيسر جي صورت جهلڪ پائي غائب ٿي وڃي ٿي. چنيسر جي جهلڪ ليلا کي ناٿ وڌيڪ اضطراب ڪري ٿي ڇڏي.
سيڪيئنس جاري آهي.)

ٿيون ليلا جو چهرو گهونگهٽ ۾ ڍڪيل آهي.
نرتڪي ۽ گيت شروع ٿئي ٿو.)

ليلا : دوس منهنجي گهر آيو،
ٿيو ملڪ جو ساعو !
دوس ...
١- ٿڌڙين ٻچائون آئي ايان کي
مولي مڇب هلايو !
دوس ...
٢- ويو وڇوڙو، ٿيو ميلايو،
واحد واڳ ورايو!
دوس ...
٣- هو جنهن جو ڏس ڏوراڏو،
اوڏو اَڄ سو آيو!
دوس :
٤- عبداللطيف چئي ٿو اچي عجيبن،
پاڻ فضل فرمايو،
دوس ...

(ليلا مجنون حالت ۾ رقص ڪندي ٿي رهي. مٿهن اڃا ۾ ڍڪيل اٿس. رقص ڪندي جڏهن اُها چنيسر جي ڪچهري ويجهو ٿي اچي ته چنيسر ڪٺي ٿو ليلا جو هٿ پڪڙي ۽ ڇڪي پنهنجي ويجهو آڻيس.)

چنيسر : اي نازنين منهنجي ماڻهائي مکڙي مٿان گهونگهٽ هٽائي نوراني جلوو ته ڏسائيم.

(ليلا هڪدم ڪٺي ٿي گهونگهٽ هٽائي. ليلا تي نظر پوندي ئي چنيسر جي دل ٽپي اٿڻي ته هوت ٿي لڳي جو اٿي ٿي دم ٻڏائي ڪري ٿو ٻوڏي. حال تي اچو گذري ته ليلا ۾ ...

ليلا : ڳهڻو آسن طبيب،
دارون منهنجي درد جو!
ڳهڻو ......
١- ڪهي ڏينهن ٻاجهه جي، اچي حال عجيب.
ڳهڻو ......
٢- ٻانهن اچي ڀاڪر ڪيو، سڏندو ڪَرُ غريب.
ڳهڻو ......
٣- ڏ ڪندو سهو ٿي ڏور ڪيو، منجهون تن طبيب
ڳهڻو ...
٤- اڏيون عبداللطيف چئي، هاڪ آه حبيب
ڳهڻو ...
(ترڪو - چنيسر جي ليلا ۾ داخلي وَرط.)
شاه لطيف جو محلات شامت)
شاه لطيف: منهنجو سچ پڙ لاشڪ ماهر ويچ آهي... سالن سدا
سڏُرُ هڪ لحظي ۾ لاهي، منهنجو ألهه اهڙو آهي.
(شاه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اَپ.)

شهر جو ٻاهريون حصو / ٻاهر / شام

(لانگ شاٽ. شهر جي ٻاهران ڪڙو ڪمل ۽ شاهاڻي طرح سان سينگاريل هڪ شاهي شاميانو. مکيه رستي تان ليلا ۽ سندس ساهيڙيون نچنديون ٽپنديون شاميانې طرف وڌنديون ڏسڻ اچن. شاميانې ۾ اندر محفل لڳي پئي آهي جنهن ۾ محفل جو مور ڀاڱو چنيسر هڪ شاهي ڪرسيءَ تي ويٺو آهي.
ليلا ۽ هن جون ساهيڙيون ٽپنديون نچنديون محفل ۾ داخل ٿين

ڪهاوتون، ڪافي رسم ۽
ڪافي عادتون، ڪيتريون
درشيه، ڪيتريون وسهه-
وشواس، اهي سڀ ڪافي
هوندا هئا شاهه لطيف جي
ڪلپنائن کي آڪاش ۾ اڏائڻ
لاءِ يا پاتال ۾ اونهو وڃڻ لاءِ!
اهڙو سونهن - شڪل ۽
ڪلپنا - شڪل ڪوي جنهن
ننڍپڻ اهڙن کي آيتون جا
منتر ڪري ٿو ته ان ۾ هو
سؤ في صدي حق به جانب
آهي.

جي تو اسم پانيان،
سي آيتون آهن......
(ڪجهه پل شانتي)

سنڌ جي اڙهوڻ سرزمين ڇچ جي
زماني کان وٺي سمن جي
حڪومت تائين ڪراچيءَ جو
لاڙ وارو پاسو واپار ۽ هنرن
سبب ڪافي مشهور هو.
آڳاٽي وقت جا هاڪارا بندر
جهڙوڪ ديبل بندر ۽ لاڙي
بندر به ان طرف ئي هئا.
پيو هڪ هاڪارو بندر جيڪو
خود شاهه لطيف جي ذهن
۽ وڻج - واپار جي وکر سان
ڀريل، ڇٽي دور وڃي رهيو
آهي.
وڻجارن جون استريون دريا
جي ڪناري تي ٻيهي امرلال
جي پوڄا ڪري رهيون آهن
۽ پاڻيءَ ۾ اکا وجهي رهيون
آهن.

شاهه لطيف جي تصوير...

لاڙ جي سر زمين جا نظارا...

ٿي چنڊ سج جي آسمان تي ڪري ٿي پوي ۽ اونداهه ڇانئجي ٿي.)

⊛

شاهه لطيف (اکيون اگهندي)

ٽڙڪي اسي ٽوڪ، ٽوڪي لڪير ۾ اٿي...
(ڪجهه دير ترسي)
پاڻان ڌار پرياڻ، ڪالهه ڪهڙو نه وٺي...

(شاهه لطيف ڪنڌي ٿو اکيون بند ڪري)

⊛

سوٽهڙ ڌار (فقط آواز)

شاهه لطيف جي دل ۾ عشق،
درد ۽ روحانيت جو سمنڊ
سدائين پيو چولهيون ماريندو
هو ۽ سندس مستڪ ۾
ڪاپنائن جو چوڏسي چنڊ
چوويهه ئي ڪلاڪ ۽ پارهين
ئي مهنا پيو چمڪندو هو.
شاهه لطيف کي فقط ڪنهن
ڀالي پا لنڊڙي سهاري جي
ضرورت هوندي هئي. بس،
اوهه تـ ولي پلت پلٽان
ڪندو هو.
ڪاني لنڊڙي ڪهاڻي، ڪاني

درشيہ

شاهه لطيف جون جدا جدا
تصويرون.
سمنڊ - آڻاهه سمنڊ
آسمان ۾ ڪڙڪيل چوڏس جو چنڊ
چنڊ جون ڪرڻون سمنڊ ۾
جڙ طوفان آڻي ٿيون ڇڏين.

بند ۽ ٿان هڪ جهاز و ٽهارن

ڪارو سمنڊ جهاڳيندڙ وڻجارا سنڌو نديءَ جي مٺي پاڻيءَ رستي موٽيا آهن.
پاڻيءَ جون لهي پٺي جيسون يعني ڪارو پاڻي ۽ مٺو پاڻي ڪراچيءَ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ ئي فقط ملن ٿيون.
(ڪجهه پل شانتي)

عربي سمنڊ ۽ سنڌو نديءَ جا ڪجهه درشيه.

شاهه جو رسالو سفرنامو ناهي، ڌارمڪ گرنٿ ناهي، نيتي-شاستر ناهي، درشن-پستڪ ناهي، اچار جو ساڌن ناهي، ۽ نه ئي ڪويءَ جي ڪاويه-ڪلا جي شڪتين جو ثبوت ڏيڻ اُن جو مقصد آهي... رسالو ته هڪ سچي انسان جي دل جي اندرين تهن جو چٽ آهي.

شاهه جو رسالو ڏيکاريو وڃي ٿو.

تنتر-شاستر چوي ٿو: ڪام رستي به آڌياتمڪ اوچ پد پراپت ٿي سگهجي ٿو، سماڌي واري استٿي اتي ئي سگهي ٿي...
صوفي - پريم مارگي[؟]چون ٿا: عشق مجازيءَ مان ئي عشق حقيقي پيدا ٿئي ٿو.

کجراهو جي هڪ تصوير - سالنت چمڪ سان ميٿن-ڪريا ڪندڙ جوڙي جو درشيه.

مجنون حالت ۾ رقص ۾ محو صوفي.

۾ به زور هو ۽ جڏهن ڪي ميان
غلام شاهه ڪلهوڙو ٺٽي جي
لاڙي ڀرسان ”شاهه بندر“
کولڻ ۾ فخر محسوس
ڪندو هو ۽ جڏهن بندر تان
جهاز به هلندا هئا، اهو ”شاهه
بندر“ به ڪراچيءَ جي لاڙ
واري ڀاڱي ۾ هو.

”شاهه بندر“ جو نظارو.

شاهه لطيف جي رسالي جا ٻه
سُر: سُر سريراڳ ۽ سُر
سامونڊي پڙهندي اها حقيقت
صاف ظاهر ٿي اچي ٿي ته
شاهه صاحب جوڳين سان گڏ
ڪراچيءَ جي لاڙ واري ڀاڱي
جو، چاهي آس-پاس جي
بندرن جو چڱو چوکو سير سفر
ڪيو آهي ۽ سندس ڪلپنا
جي چندرما سندس دل جي
جذبات جي سمنڊ ۾ پيدا
ڇولهون اڀاريون ۽ اڀاريون
آهن!

ٻنهي سُرن جا عنوان ڏيکاريا
وڃن ٿا.

شاهه لطيف جوڳين سان گڏ
بندرن جو سير ڪري رهيو
آهي.

شاهه لطيف سُر سامونڊيءَ جي
داستان ٽئين جي ابتدا ۾ چيو
آهي:

ڪاري ڪيڙانو،
مٿي مڻي موتيا —

سا ست سارنگاڻون، الف جهڙي اڳ ۾،
”لا مقصود في الدارين“، اُن ۾ آڻاڻون،
سگهڙ سوڻاڻون، ٽيا رسيلا رحمان سين.

شاهه لطيف هڪ پانڌي هو.
پاڻر - راهه تي هلندي هلندي
وڃي روحاني - راهه تي پهتو.
عشق الاهه ۾ پداڇي ويو.
اها وڇڙ پانڌا ڪندي ڪندي
شاهه جي مَن ۾ جهڪي اُس
ڀاولائون آيون، جهڪي اُس
خيال آيا اُهي ئي رسالي جا
اهڃ اٿما ۽ انهن مان آئڻون
پڙهي وٺون !

شاهه بندر / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي. ڪئمرا هيٺ پوندي هيٺ تي اسان ڏسون ٿا ته شاهه لطيف ۽ مهاڳوگي پروڊيوسر اندر تي چهل قدمي ڪري رهيا آهن. ڏور ڏور تائين ساگر ڦهليو پيو آهي. ڪناري ويجهو ڪجهه ٻيڙا ۽ ڪجهه ننڍا جهاز نظر اچي رهيا آهن. ماڻهن جي اچ - وڃ جاري آهي. هن وقت هنن سان گڏ ٻيو ڪولي ۽ جوڳي ڪو نه آهي. پروڊيوسر ۽ شاهه اڪيلا آهن.)
شاهه لطيف: چوڏهن ڪتي ڏٺي جي روپ ۾ پيش ڪرڻ سان

انساني پريم ئي اڳتي
ايشوري پريم جو روپ ڌارڻ
ڪري ٿو...

هڪ سوال :
ته ڇا انساني پريم ۾ ڪام
شامل ناهي؟

(ڪجهه پل شانتي)

شاهه لطيف وٽ ڪوئي سلسلو
ناهي- سلسلو ئي ڀڃي ڪو نه
ٿو سگهي. سلسلي جو مطلب
ئي آهي- اول ئي طئه ٿيل
ڳالهيون. شاهه جي زندگيءَ
۾ ڪجهه به طئه ٿيل ڪو نه
هو. ڪجهه به طئه ٿيل هجي
ها ته هو مهاڪاويه لکي ها،
سنڌ ڪاويه لکي ها يا
"مهاڀارت" ۽ "رامائڻ" جي
طرز تي "ڪربلا" جي ڪٿا
کڻي هڪ مهاڳرنٿ جي رچنا
ڪري ها. پر شاهه وٽ ته
ڪجهه به طئه ٿيل ڪو نه هو.
هن ته پنهنجي سڄي هستي،
سڄو وجود هڪ اڪال پرش
الله جي حوالي ڪري ڇڏيو
هو!

شاهه لطيف جي تصوير...

ڪوئي گدا هجي يا غني، مالڪ هجي يا غلام سڀ
هڪ ئي صف ۾ بيهندا آهن، هڪ ئي طريقي سان
سجدو ڪندا آهن...

پروتڏات : جي ائين آهي ته ارڏون کي اعتراض ڇو آهي
هڪ سيد کي پنهنجي ڀاڻي ڏيندي؟ برابري هڪ
اصول آهي جنهنجو عملي روپ آهي روٽي - بيٽي
جو رشتو.

(شاه لطيف جو منهن ڪجهه لهي ٿو وڃي. پروتڏات ڏسي ٿو
وري. هو هڪدم ڪٽي ٿو شاه لطيف جي ڪلهي تي هٿ رکي.)

پروتڏات : پٽ لطيف! انساني من پاڻيءَ مثل آهي جنهنڪو
سدائين هيٺانهين وهندو آهي. هيٺي هيٺانهينءَ جو
مطلب اهڙا ناهي پر نيچتا ۽ سوارٿ آهي. اوتار
۽ پيغمبر ڪهڙا به اصول ناهي وڃن پر انساني من
جو شيطان پنهنجا سوارٿ ۽ مطلب پورا ڪرڻ لاءِ
ڪوئي نه ڪوئي رستو ڳولهي ئي وٺندو. انساني
سڀاءُ ۽ هلت چلت ائي نه گهٽو سوچ ۽ نه گهٽو
پريشان ٿيءُ. دنيا کي پنهنجي دڳ هلڻ ڏي تون
پاڻ کي مٿي چاڙهيندو وڃ.

(ائي ڪجهه دير چپ چاپ هلندا ٿا رهن.)

پروتڏات : اسلام جي مطابق الاه هڪ آهي ۽ تنهن سڀ
مومن بندا آهيو. توهان سڀ هڪ ئي وياڳ ۾ شامل
آهيو - بندا و ڀاڳ. ان ڪري توهان ۾ اصولاً
برابري آهي. پر هندن سان ائين ڪونهي. اسان
وٽ چار ورڻ آهن ۽ ڇٽن ڪسي ڇٽن هزارن ۾
ورهايل انساني من جي شيطان لاءِ هڪ معمولي
ڳالهه آهي...

ڪائي اڄڪ ٿيندي جا سوامي جي؟

(پروتناف شاهه ڏانهن نهاري فقط مرڪي ٿو.)

شاهه لطيف: ڏٺي ٿي، تڏهن پرسانءِ ٿي ٿو سگهي- ڏٺيءَ کي گهرڻ ۽ اهڙين ڪان سخت نفرت آهي. ڏٺي ڪڏهن به اهو پسند نه ڪندو ته سندس پرهيءَ کي ڪو ناهوڙي پدارٿن تي دل هرڪائي...

پروتنات : سوال به پاڻ ٿو ڪرين ۽ جواب به پاڻ ٿو ڏيئين پٽ لطيف! هندن جي ويچار-ڌارا ته اها آهي ته هي سڀ پرمالب پرماتما جو روپ آهي. جڏهن سڀ ڪجهه آهي ئي پرماتما ته پوءِ جيئسر ت۔۔ چا تون نڪر- پتر کي به پرماتما جي ئي سگهن. سڀ گرڊوش، آڪار، پرڪار هن جا ئي آهن. هن کان سواءِ ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه.

شاهه لطيف: منهنجو پاڻ وحدت الوجود ۾ پڪو آهي- ويدانت جي فلسفي ۾ مان سچائي ڏسندو آهيان... پر هڪ ڳالهه مون کي سمجهه ۾ ڪو نه ايندي آهي. توهان هندو ادويت ۾ وشواس رکندي به ذات-پات ۽ اوچ-نيچ جو ڀيد ڇو رکندا آهيو؟

(ڪجهه دير تائين چپ چاپ هلندا رهن ٿا)

شاهه لطيف: اسلام ۾ ته پاڻ ادويت واد آهي. الله الا آهي پيدو پيدو آهي. قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي ته فاذ ڪروني اذ ڪر ڪم- يا ڪريو مون کي ته ياد ڪريان توهان کي. يعني الله ۽ بندو پڻ جدا هيٺيون آهن- هڪ نه آهن. لا تقنطوا من رحمة الله يعني الله جي رحمت مان اميد نه لاهيو. ان مان به ثابت ٿو ٿئي ته اسلام ادويتواد ۾ وشواس ڪوڙو ٿو رکي. پوءِ به انسان مومن ۾ اونچ-نيچ ڪريو ٿي.

ٽو چئو هو:
جڏانهن ڪڙيان ٽڙڪي، تڏانهن صاحب سامهون!
پٽ لطيف! تون جتي پهچندين اُن پد، اُن مقام پاڻ
هن وقت تون ڪاپڙا پاءِ ڪري سگهندين.
(پروفيسر جي تجسوي اکين جو ڪلوز - اپ)

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيہ
شاهه لطيف جي ڏينهن ۾ ٺٽو ٺٽو هو. اُن - ڌن سان ڀرپور، شعر - شاعري سان ڀرپور، عاليشان عمارتن سان ڀرپور، حسن ۽ دلڪش نظارن سان ڀرپور ٺٽو، واپار جو پڻ مرڪز هو.	هوائي شاٽس. ٺٽي جو شهر ڏيري ڏيري ويجهو ايندو ٿو وڃي.
سڀ کان وڏي ڳالهه ته ٺٽي ۾ وڏا وڏا عالم ۽ عارف مقيم هئا. انهن مان ڪيترن سان ئي شاهه لطيف ۽ جوڳين جون ملاقاتون ٿيون ۽ روحانيت تي ڪمال جي ڏي - وٺ ٿي.	مسلم عالمن سان شاهه لطيف ۽ جوڳين جي ملاقاتن جا ڪجهه شاٽس.
ٺٽي جي عالمن ۽ عارفن مان مخدوم معين جو هتي ذڪر	مخدوم معين ڪنهن ڪتاب جي ورق - گرداني ڪري

پر لطيف، قرآن شريف ۾ ضرور اهڙا ڪي اشارا هوندا جن جو سهارو وٺي صوفي اڳتي وڌيا آهن ۽ ادويت برهم تائين اچي پهتا آهن.

(شاهه لطيف ڪجهه دير سوچي ٿو.)

شاهه لطيف: ڪجهه آيتون ته هن وقت به منهنجي خيال ۾ اچي رهيون آهن...
هڪ هنڌ فرمايو ويو آهي:
ما رأيت شيئا” إلا و رأيت الله.
اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله جو حسن نه ڏٺم.

پرونات : اشارو ڪافي چٽو آهي... اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله جو حسن نه ڏٺم. هڪ قدم اڳتي وڌندا ته چوندا: اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله جو روپ نه ڏٺم، الله جو ديدار نه ڪيم ۽ لطيف! آخر ۾ ڇا چوندا؟

شاهه لطيف: آخر ۾ چوندس: اهڙي ڪا شيءِ نه ڏٺم جنهن ۾ الله نه ڏٺم...

پرونات : درشن جو چڪر لئن تي هليو اچي...

(ٻنهي جي چهري تي آزاد مرڪ نمودار ٿئي ٿو.)

شاهه لطيف! پاڻهين پسي پاڻ کي، پاڻهين محبوب،
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو.

پرونات : واه!

شاهه لطيف: پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هيا اڳهين ڪڏ، ٻڌڻ ۾ اُسي ٿيا.

پرونات : جواب ناهي. ها پٽ، تنهنجي هڪ سٽ مان جيون-ٻر نه وساري سگهندس. ياد اٿئي هڪ ڏينهن

ڪلام - پاڪ ۾ موجود آهن. جيڪي شخص ائين ٿا سمجهن ته تصوف ڪتان ٻاهران اڌارو ورتو ويو آهي، اهي عظيم غلطي ڪن ٿا.

شاه لطيف: صوفي انالحق جو نعرو ٿا هڻن، پاڻ کي بندو نه سمجهي حق ٿا سمجهن. ڇا ان کي اسان ويدانت جي هڪ سوتر ”اهم برهماسمي“ تان ڪڍيل يا ورتل نٿا سمجهي سگهون؟

مخدوم: لطيف، جي ائين سوچيندين ته ڪٿي به نه پهچندين. لفظن کي ڪائي معنيٰ ڪونه آهي، ڪائي اهميت ڪونه آهي. اصل چيز آهي اندر جي روشني، اندروني سفر جا تجربا ۽ روحانيت جي آسمان ۾ تصور جو پرواز. جي الله هڪ آهي ۽ هن تائين پهچڻ جا رستا علحدا علحدا آهن ته سڀني جي مونجهارا اُهي ئي آهن. پر هڪ ڳالهه ظاهر آهي ته آخرين آزمودا هر هڪ سالڪ جا ساڳيا ئي هوندا. پوءِ چاهي انهن جو بيان هن ڪهڙن به لفظن ۾ ۽ ڪهڙن به علامتن جي سهاري ڪيو وڃي.

شاه لطيف: ساڳي ئي مشڪلات وحدت الوجود جي باري ۾ به پيدا ٿئي ٿي.

مخدوم: ڪجهه مشڪل ناهي، ڪائي ڏکيائي ناهي. مشڪل فقط اها آهي جو انسان پنهنجي دائري کان ٻاهر نه ٿو نڪرڻ چاهي. انسان لاءِ دائري ۾ بند رهڻ ذرا سهوليت ڀريو آهي. پڃري ۾ بند ٿيل پکي جهڙي حالت آهي انسان جي من جي. دائري کان ٻاهر نڪري هو خطرا کڻڻ نه ٿو چاهي. دائرن ۾ سهوليت به آهي، سلامتي به آهي ۽ پڃرائي اسـ

ڪرڻ تمام ضروري آهي
ڇو ته هن ودوان سان شاه
لطيف جا وڏا ۽ لمبا بحث
ٿيا ها تصوف تي ۽
روحانيت جي راه ۾ ٿيندڙ
رهسيه ۽ اڌيمڪ انوڀوتين
۽ آزمودن تي!

رهيو آهي.
مخدوم معين ۽ شاه لطيف
هڪ ٻئي جي سامهون ويٺي
ڪجهه ڳالهائي رهيا آهن.

ٽيون / مخدوم معين جي اوطاق / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز ڪتابن جي هڪ قطار تي. ڪئميرا جي پُل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته ڪيترائي ڪتاب ديوارن ۾ لڳل ڪئبنٽن ۾ قطارن ۾ پيا آهن. اها مخدوم معين جي اوطاق آهي. اوطاق جي هڪ طرف مسند پيو آهي جنهن تي قالين وڇايل آهي ۽ آس پاس ڪجهه طول وهاڻا پيا آهن. مسند تي طول وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي مخدوم معين ويٺو آهي چهري تي لمبي ڏاڙهي ۽ مڇون اٿس. هن جي اکين ۽ پيشانيءَ مان علميت ۽ ذهانت جا تجلا لڳي رهيا آهن. هن جي سامهون ئي شاه لطيف ويٺو آهي. ٻئي روحانيت ۽ تصوف بابت گفتگو ۾ مصروف آهن. اوطاق جي هڪ ڪنڊ ۾ پاڻيءَ جو گهڙو پيو آهي ۽ ان جي پاسي ۾ لوٽي ۽ ڪجهه گلاس پيا آهن. اوطاق ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڪجهه مجمون به پيون آهن.)

مخدوم: تصوف اسلامي اخلاق جو جوهر آهي، سچ آهي، سار آهي. تصوف جا ارڪان، صوفي مت جا بنيج

ڇو ته هو بي مثل آهي، اڪيلو ۽ يگانو آهي. هن جهان
۾ اسان جو ڪجهه ڏسون ٿا اها ڪثرت وحدت
مان ئي وجود ۾ آئي آهي. اها گهڻائي هڪ ڏٺي،
جي هيڪڙائي آهي... ٻيو ڪجهه به ناهي.

شاهه لطيف: وحدت کان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي ۾ ڀل،
هوءَ هلاچو هل، ٻيا الاهه سڌو سڃاڻن.

مخدوم : بلڪل ائين... هوءَ هلاچو هل،
ٻيا الاهه سڌو سڃاڻن!... سچ چيو اٿن ته عالم فاضل
جيڪو چاهين ٿا، صوفي سو ڏسي ٿو. هڪ سچي
صوفيءَ جي سڄي هستي هڪ چشم ـ وا آهي،
ڪامل اک آهي.

شاهه لطيف: جي ڏٺي وڃن اکيون ـ تنهن کان ٻيو ڪجهه آهي ته
ڇا هن جي جوڙيل ڪائنات نظر جي دائري کان
ٻاهر ٿي سگهي؟ جن وٽ اک آهي انهن لاءِ
ڪجهه به ٻاهر ڪو نه آهي. سائين، سڀ ڪجهه
سڄو تماشو اکين جي سامهون ئي ته ٿي رهيو آهي.

مخدوم : ڏينهن رات، هر پل.

شاهه لطيف: هائو سائين، ڏينهن رات هر پل.

(٢)

ٿئو / ڌرمشالا جو ڪمرو / اندر / رات

ڪئمرا ڪلوز ۾ ٻروٿامع جي چهري تي. هو ڪنهن سان ڳالهائي
رهيو آهي. ڪئمرا جي پل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته

ملي ٿي. ڌاڙا لٽائڻ، ٻاهر نڪرڻ معنيٰ دنيا جي
سامهون سينو تاڻي اٿڻ، لطف، اڙڻ همٿ،
جرئت (ڪجهه مڙڪي) يا حماقت تمام گهٽ ماڻهون
ئي ڪري سگهندا آهن.

شاهه لطيف: مان خود وحدت الشهود کان وحدت الوجود ڏانهن وڌيڪ مائل آهيان. مڪمل ڪائنات ۾ فقط الله ئي موجود آهي. هر شيءِ الهيءَ مان آهي ۽ الهيءَ ۾ آهي. ان فلسفي کي دل مڃي ٿي، دماغ مڃي ٿو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته روح ۾ هڪ قسم جي لوڙش پيدا ٿئي ٿي...

وحدت الشهود جو فلسفو پنهنجيءَ طبيعت سان ميل نه ٿو کائي. انهن چوڻ ته جيتوڻيڪ اسان هر شيءِ ۾ واحد جي موجودگيءَ جي شاهدي ڏيون ٿا پر حقيقت ۾ اها موجودگي آهي ڪونه، ڪجهه پنهنجي وارو نه ٿو لڳي.

(مخدوم ڪجهه دير سوچيندو ٿو رهي.)

مخدوم: هون اون اون! وجود حقيقي هڪ آهي فقط الله ئي موجود آهي. ٻيو ڪجهه به نه آهي... موجون ۽ لهرون مٽجنديون رهنديون پر سمنڊ قائم دائم رهندو. الله به هميشه کان آهي ۽ هميشه رهندو...

هون اون اون! جيڪڏهن هن کان سواءِ ٻيو ڪو وجود تسليم ڪيو ويندو ته — وجود حقيقي نه واحد رهندو ۽ نه ئي لامحدود رهندو. هوائي عالم تنزل ۾ موجود آهي ۽ هو ئي عالم تشبيهه ۾ به جلوه گر آهي. هو حلول ۽ اتحاد کان پاڪ آهي

پڙهي رهيا آهن.)

پروتناث : ٻهراڙون سڄو جنسار ساڪشي - ڀاو سان ڏسندين، تسو پر دويت - ڀاو هوندو. توني ۽ جهڙڪي توني ڏسندين آهي به هوندا ۽ انهن کي جوڙيندڙ هوندو درشن. درشن ٻنهي ڏسڻ جي ڪريا، ڏسڻ جو ڪم.

(ڪجهه دير شانتي.)

پروتناث : ٻڌو، پٽ لطيف! هڪ وقت اهڙو به ايندو جڏهن توني، نظارو ۽ ڏسڻ ٽئي هڪ ٿي ويندا. ڏسندڙ، ڏسڻ پر ايندڙ شيون ۽ ڏسڻ جو ڪارڻ الڳ نه رهندا، ٻاڻ پر ملي هڪ ٿي ويندا. اهو ئي آهي ادويتواد جو رهسيه. اها ئي آهي اها حالت جنهن کي صوفي وحدت الوجود ٿا چون.

شاه لطيف: (مرڪندي) سواميجي، هڪ فلسفي طور ته اهو سڀ ٺيڪ آهي پر حقيقت پر ته سواميجي سواميجي آهي، لطيف لطيف آهي ۽ ڪمل ناث ڪمل ناث آهي.

پروتناث : لطيف، تنهنجي شرارت سمجهان ٿو. حقيقت پر توني جيڪو ڪجهه ڏسي رهيو آهين، پڙهي رهيو آهين، ڇهي رهيو آهين، اهو سڀ مايا نه آهي. مٿيا ئي نه آهي. هن هڪ پرماتما کان سواءِ ٻيو ڪو ئي ڪجهه آهي نه ڇا؟

(شاه لطيف مرڪي ڪنڌ ۽ سر جهڪائي)

پروتناث : هڪڙي ڀيري ادويتواد جو پرچارڪ جڳت-گرو شنڪر آچاريه پنهنجن شاگردن سان گڏ هڪ سوڙهي پل تان لنگهي رهيو هو. اوچتو پل جي سامهون واري پاسي کان هڪ مست هاٿي ايندو نظر آيو. شنڪر آچاريه هڪدم رڙ ڪري شاگردن کي

پروتناف شاهه لطيف سان ڳالهائي رهيو آهي. ڪمرو ڏاڍي ڏاڍي
هونئن هوندي ئي وچ ۾ اسان جي سامهون ڪنهن ڌرمشالا جو
هڪ وڏو ڪمرو آهي جنهن جي بناوت مستطيل قسم جي آهي.
فرش تي فراسون ۽ تڪيا وڇايا پيا آهن جن تي پروتناف، جوڳي
۽ شاهه لطيف جدا جدا صدرائن ۾ ويٺا، اڌ- ليٽيا يا ليٽيا پيا آهن.
ڪمري ۾ ڪجهه جايون آهن جن ۾ ڏيئا ٻري رهيا آهن ۽ انهن جو
ڏڏندڙ پرڪاش انساني پڇاڙين کي لرزائي رهيو آهي. جوڳين
جي ماڻهو - ٻاهر سان لڳي رهيو آهي ته تڪن ۽ فراسن تي ليٽڻ
هنن لاءِ نه فقط لٽڻ ڳالهه آهي ٻلڪ ڪجهه ڪجهه پريشان ڪندڙ
به آهي.

مستطيل ڪمري جي سامهون واري لنڊي ديوار سان وڇايل فراسي
تي پروتناف ۽ شاهه لطيف ويٺا آهن. هنن جي پاسي ۾ ٿي
ڪمل ناف ۽ هڪ ٻيو جوڳي اڌ ويٺو آهي.

پروتناف : ڀٽ لطيف! مخدوم سائينءَ جو الهاس ته گهرو لڳي. وحدت الشهود البتي ساڪشي - ڀاڳ.
ٻوڌ - ساڌنا ۾ ساڪشي - ڀاڳ جو وڏو مهتو البتي.
هن مايا وي جڳت جي مثال ۽ ڪوڙان شين کي
پنهنجي اکين جي سامهون ڀاڄيءَ جي لهرن وانگر
وهندو ڏس. ان وهڪري ۾ پنهنجي من کي،
پنهنجي چت جي ورتين کي وهڻ نه ڏي. هن
مثال ۽ مايامه سنسار جو شاهد - ماتر ٿي رهه. ڏس،
لڙهه نه. ڀٽ، جي ساڪشي - ڀاڳ سان سنسار جي
وهنوار کي ڏسڻ سکي وٺون ته پوءِ پنهنجي لاءِ
ڪجهه نه ڪرڻ ۽ ڪجهه نه ٿيڻ وڃڻ ناممڪن
نه هوندو.

(شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي ڌيان سان مهاپرڳي پروتناف جا وچن

هو. واپار، مال جي ڍوائي ۽ ڌن - دولت جي آمد هنن جي ماڻهن کي ايترو ته ان-ڌن سان ڀرپور ڪري ڇڏيو هو جو انهن کي ٻاهرا ۽ ڪهاوتون ۾ جڙي ويون هيون.

مڪهوٽن جي اوڀان رڙهي نالي هڪ ڳوٺ هو. هاڻي ته اتي فقط ڊٺل قبا نظر ۾ ايندا. پر شاه لطيف جي وقت ۾ ان رڙهي جا واپاري ايتري قدر شاهوڪار ها جو هاڻي ان طرف ايندڙ-ويندڙ خرچ ڪندو آهي ته چوندا ٿي اٿس: اڙي تون ته ڪو رڙهيءَ جو شاهوڪار ٿو لڳين!
شاه لطيف سر سريراڳ جي داستان پنجين ۾ لکيو آهي ؛

ٻرقل، قوتا، ٻارچا، پاٽيمت پاڻاٺون،
ڪولهون قيمت سنديون، تر ۾ تاڪيائون،
لاهون مجهه، لطيف چئي، پنڙا پڌائون،
لنڊ لبيءَ چام جو، چڙهندي چيائون،
جي چوهي چوڙ پائون، سي پڙيون رکن پاڇه سين!

— ۽ سر سامونڊيءَ جي داستان پنجين ۾ شاه لطيف لکي ٿو:

سڙه لسي سيائون، اندر جن اُڙن ٿي،
ملان معلم ڪيو ون، اڳيي پورپائون،
سعڙ سونهالون، اولڙ ڪنهن لء اوليا.

دريائن ۽ سمنڊن شاه لطيف جي دل کي ڪيترو نه ڇڪيو ۽ ڏوڏيو هو. اهي اٺ سر - سر سريراڳ ۽ سر سامونڊي ان جو ثبوت آهن. انهن ٻن سرن ۾ شاه لطيف سنڌ جي ان ڀاڱي جي جو ته زندهه تصوير اسان جي سامهون پيش ڪئي آهي. ان کان

ڇو ته - مڙو ۽ ٻڌو.
ٻڌندي ٻڌندي هڪ شش جڳت-گرو کان ٻڌو -
سوامي جي، هي سڄو سنسار ته مايا آهي ٻڌو ٻڌون
ڇو ؟
جڳت گرو شنڪر آچاريه چيو: هون ڪ ، اسان جو
ٻڌڻ به ته مايا ئي آهي.
(سڀئي کان ٺهڪ نڪري ٿو وڃي.)
شاه لطيف: سوامي جي! روحانيت ۾ به چالاڪيون ٿينديون آهن
ڇا ؟
پروهت: پاڻ سمجهه ٻچا !

سنڌو درياه / ٻاهر / ڏينهن

(وائيڊ شاٽ. سنڌو درياه ڇوليون ماري رهيو آهي. تمام
پريان هڪ ٻيڙو ترندو نظر اچي رهيو آهي. ڪئميرا ڏاڍي ڏاڍي
درياه ڪپي ڪري ٻيڙي جي ويجهو اچڻ لڳي ٿي.
هاڻي اسان چٽيءَ طرح ڏسي سگهون ٿا ته ان ٻيڙي ۾
پروهت، جوڳي ۽ شاه لطيف سوار آهن. پروهت ۽ شاه لطيف
هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا آهن.
سوتر ڌار جو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)
سوتر ڌار : شاه لطيف مهاپرکي پروهت ۽ جوڳين جي ٽولي
سان گڏ ٺٽي وٽان سنڌو درياه وارو سفر اختيار ڪري
سجاول ۽ مکڻ ٻيٽن تعلقي جهڙي ڏي وڃو. شاه
لطيف جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ هيءُ پاڳو جهڙي پارس

(هڙو اڳتي وڌندو اچو رهي. جوڳي جدا جدا ادائن ۾ لڳا پيا آهن.)

شاه لطيف: (چٽ پاڻ سان ڳالهائيندي): انسان جا اهي ناٽڪ ۽ ڪيڏو جدون لـا طلبن ۽ ڪيڏيون قربانيون ٿا ڏيون ... ته سڄاري جيءَ ڪاري رات، ڪاري آسمان مان وسندڙ ڦڙي ميهن، ڪيڏو گهڻو! آها گهاٽي نيڻن جي ديوانگي تي هئي جنهن جي آسري سهڻيءَ ميهار جو پاڻ ڪٽي ٽڪيءَ وهڪ ۾ اڇلايو ... هلو ته پڇون سهڻي، جا ڪر جاڳي نيڻن!

پروتمات : ديوانگي ته صوفين ۾ به هوندي آهي. سڪيمت جي لهرن ۾ جهومندي جهومندي جنهن حال کي وڃي رسندا آهن اهو درشيه چٽ ادوبت جو چٽر هٿي ڇڏيندو آهي.

شاه لطيف: سائين مخدوم، اوائلي صوفين جي باري ۾ هڪ ڳالهه ٻڌائي هئي. سوامي جي، اهو وچٽر واقعو ٻڌي ڪان پوءِ توهان پاڻ لي فيصلو ڪجو ته صوفين جو بنياد ڪهڙن نه اونچن اصولن تي ٻڌل آهي. توهان خود محسوس ڪندا ته هڪ يوڳيءَ ۽ صوفيءَ ۾ ڪوئي فرق ئي ڪو نه آهي.

پروتمات : ۽ هئڙ ا ڇو گهرجي؟

(ڪجهه دير شاه لطيف درياه جي لهرن ڏانهن نهاريندو رهي ٿو چٽ ته ڪهاڻيءَ لاءِ بنياد پختو ڪري رهيو هجي.)

شاه لطيف: ٽائين صديءَ جي آخر ڌاري درٻار جي هڪ غلام حابوءَ ان وقت جي خليفي کي وڃي خبر ڏني ته عراسعان ۾ هڪ نئون فرقو وجود ۾ آيو آهي. ان فرقي جا اولڳ موسيقيءَ جا شاعق آهن. لهن لا،

سواءِ ان تواريخي حقيقتن ڏانهن به اشارو ڪيو ويو آهي: هڪ آ-
سنڌين جو واپار، ڪاٺياواڙ، سيلان، بنگال ۽ ساموونڊي ڪناري
تي آڏيل هر شهر ڏانهن قائم هو. ٻيو فرنگين، ترڪن، ساموونڊي
ڌاڙن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي عربي سمنڊ تي لاماڙا هڻندا
ها ۽ ڦرلٽ ڪندا ها.

(ٻيڙو اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: (پنهنجي ئي موج ۾)

جتي وڃڻ جهاز! گڏيو غراب سين،
ٻيڙو ويندي هن پار ڏي، سڌ ڪڇ ساز،
آڇن ٿا آواز، سڻائي سمنڊ جا.

ڪمل ناٿ: شاهه لطيف، آخر پنهنجي جهاز کي گهڻن غرابن
سان جوڙيندين؟

(شاهه لطيف ڪمل ناٿ جي سوال جو نه ڪو جواب ٿو ڏئي ۽ نه
ڪو ئي هن ڏانهن ڌيان ٿو ڏئي. هو درياهه جي لهرن ڏانهن ٿي
نهاريندو ٿو رهي.)

پروتناٿ: پٽ لطيف! جي جهاز آهن نه سدائين غرابن جي
ڇايا ۾ رهن ٿا جڏهن خود غراب ٿين نه پنهنجي
ڇايا جهازن تي ڌريندا آهن.

شاهه لطيف: سوامي جي! ڇا هڪ ئي ٻيڙو ڪنهن جي اڳيان جهاز
۽ ڪنهن جي سامهون غراب نه ٿو ٿي سگهي؟

پروتناٿ: اسان ڪي ائين ئي جواب ڪيندو هو. ڇايا ۾ رهه،
ڇايا ڏي. آهي نه سڀ مايا ئي مايا، جهاز به مايا،
غراب به مايا، هڪ جو ٻئي سان جنجهٽ به مايا
نه سمنڊ به مايا ۽ سمنڊ ۾ وهڻ يا ٽرڻ به مايا. ٻار
پٽ، مايا جا نانڪي پردا پار ڪرڻ لاءِ جيڪي
اهي نانڪ نه ڪرڻا ئي پون ٿا.

پر هنن جون اکيون ! انهن ۾ ڄڻ ته عشق ۽ عقل جا سمنڊ ڇولهون ماري رهيا آهن. جنهن ڪري خليفو ۽ درباري ڪاوڙ ۽ غصي ۾ آهن ته به هنن کي ڪائي پرواهه ڪونه آهي. هنن جي سڄي وجود جو اطمينان ڄڻ اعلان ڪري رهيو آهي ته اسان لاءِ زندگي ۽ موت ۾ ڪوبه فرق ڪونه آهي.)

خليفو : (ارڙو ٽهڪ ڏيئي) هي پاگل ديوانا ! هنن لئون فتوو جاري ڪيو آهي...... هٽايو هنن ڪافرن کي هتان. دور ڪيو هنن دوزخين کي منهنجين نظرن کان. چاڙهيو وڃي هنن کي ڦاسيءَ تي. حڪم...

(درٻار ۾ خاموشيءَ جي لهر ڦهلجي ٿي وڃي. موت جو فيصلو ٻڌڻ جي باوجود انهن ٻنهي ديوانن جي چهرن چاهي اکين مان نه خوف ٿو ظاهر ٿئي، نه معافيءَ جي خواهش ! هو بلڪل لاپرواهه آهن. ڄڻ موت جي سزا کين نه پر ڪنهن ٻئي کي ملي آهي. سپاهي هنن کي گهليندا درٻار کان ٻاهر وٺي ٿا وڃن.)

⊛

ڦاسيءَ جو ميدان / ٻاهر / ڏينهن

وائيڊ شاٽ. ميدان جي وچ ۾ ڦاسي ڏيڻ جو بندوبست ٿيل آهي. هيٺ ٿي قيدي قطار ۾ بيٺا آهن. ڦاسيءَ جي اڳيان ٻه جلاد موجود آهن. ميدان جي آس - پاس ڪجهه سپاهي بيٺا آهن. ڦاسيءَ جو نظارو ڏسڻ لاءِ عام جنتا به دائرو ٺاهي بيٺي آهي. قيدي قطار ۾ هيٺين بيٺا آهن : اڳيو حمزه، عرقام، شبلي، نوري ۽ آخر ۾ جنيد.

ڦاسيءَ جون تياريون مڪمل ٿي ويون آهن. جلاد سپاهين کي

ٽپا ٿا ڏين، ڳائن ٿا، جهومن ٿا، ناشائستا ڪلما
ٻولين ٿا. هو ايترا ته گستاخ آهن جو نه خليفي کان
ٿا ڊڄن نه دين-ايمان کان. ٻاڪ ۾ ملندا رهن ٿا ۽
بدتميزيءَ جي نمائش ڪندا ٿا رهن.

صبر پڄاڻدي تي خليفو ۽ درباري تپي باهه ٿي ويا.
اُلان ڪماڻون ته جهڙين ته اهو فرقو بددماغ ابراڏين ۽
مجرمن جو آهي ان ڪري جهڪڙهن خليفو انهن جي
اڳوان کي ڦاسيءَ تي لٽڪائي مارائي ڇڏيندو ته
باقي ديوانن جا هوش ٺڪاڻي ۽ نڪاڻي لڳي ويندا.
خليفي حڪم ڪيو ته ڳهاي اچو بدتميز بداخلاق
گستاخن کي منهنجي سامهون. درٻار ۾ ... ۽ ...
ابوحمزه، عرقام، شبلي، نوري ۽ جماعت کي درٻار
۾ خليفي جي سامهون پيش ڪيو ويو...

(ڪئميرا شاهه لطيف جي چهري تي. شاهه لطيف جي اکين جو
ڪلوز-اپ.)

خليفي جي درٻار/ اندر/ ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز خليفي جي اکين تي. ڪئميرا جي ٽل ٽرڪ
ڪري ٿي اسان ڏسون ٿا ته خليفو تخت تي ويٺو آهي. درٻار
لڳي پئي آهي. خليفي جي سامهون قيدين جي حالت ۾ ابوحمزه
عرقام، شبلي، نوري ۽ جماعت بيٺا آهن. هنن جي آسپاس ڪجهه
سپاهي به بيٺا آهن جن جي هٿن ۾ تلوارون آهن. سڀ ئي قيدي
صورت شڪل مان بلڪل معمولي ۽ اڌ-پاڳل لڳي رهيا آهن.

ڪندس، پيءُ ٺليا ۾ اوترو ئي الله جي وڏڪ
ترتيب لهندس- ۽ ڀڄو ويندس.

(جلاد ۽ ٻيا موجود ماڻهون ٽوڙيءَ جي گفتن کي سمجهڻ جي اجا ڪوشش ئي ڪري رهيا آهن ته هڪ درٻاري ٽڪڙو ٽڪڙو اُٿي اچي پهچي ٿو ۽ هڪ ٻئي درٻاريءَ جي هٿ ۾ فرمان ڏئي ٿو، درٻاري فرمان پڙهي ٿو.)

درٻاري : عالم پناه جو حڪم آهي ته هن جي ڦاسيءَ کي روڪيو وڃي. قاضي صاحب اچي رهيو آهي. اهو هن سان گفتگو ڪندو، سوال جواب ڪندو ۽ ان کان پوءِ هن جي نصيب جو فيصلو ٿيندو.

(عام ماڻهن ۾ چؤ پولو مچي ٿو وڃي. پنج ئي دوست خاموش آهن. درٻاري سڏائيءَ ۾ دور نهاري ٿو.)

(٣)

خليفي جي دربار / اندر / ڏينهن

(واقعه شامل خليفو تخت تي ويٺو آهي. درٻاري موجود آهن. پنج ئي دوست هڪ طرف ڪان قطار ۾ اڀا آهن. خليفي جي سامهون قاضي اڀو آهي.)

قاضي : عالم پناه! جيڪڏهن ڪوئي هن پنجن الله جي عزيز عالمن کي بغاوتي ۽ ڪافر سمجهي ٿو ته مان هن ئي وقت صاف صاف لفظن ۾ لکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ته سوره-زمين تي ڪوئي دينداره ڪوئي مذهب جو پابند آهي ئي ڪونه.

(دربار ۾ مڪمل خاموشي. خليفو سواليه نظرن سان قاضيءَ طرف

اشارو ٿو ڪري ته اڀو حمزو کي آڻيو وڃي. جنهن تي سپاهي اڀو حمزه کي اڪيلي ڦاسيءَ جي تختي ڏانهن وٺي وڃڻ چاهين ٿا، نوري هڪدم اٿي ٻنهي سائين جي اڳيان ٿو اچي. هو ڪافي خوش لڳي رهيو آهي.)

نوري : مان سڀني کان اول موت کي گلي لڳائڻ چاهيان ٿو

جلاد : ميان، اڃا تنهنجو وارو ڪونه آيو آهي. ڦاسيءَ جو تختو يا تلوار ڪا اهڙي شيءِ ناهي جنهن لاءِ تون موت کي جلدي ڪرڻ لاءِ چئين. هيءَ موت آهي، انعام ناهي.

نوري : ادا، منهنجي زندگيءَ جو بدلو ئي موت لاءِ بدل آهي. زندگي دنيا ۾ سڀني شين کان وڌيڪ قيمتي شيءِ آهي. مان نذراني طور قربان ڪرڻ چاهيان ٿو منهنجي زندگيءَ جا ڪجھ اهي لمحا جيڪي بچيل آهن، منهنجن دوستن تي، جن انهن جي زندگي، ڪجھ لمحا ئي سهي، دراز ٿي وڃي.

(جلاد ڪاوڙ ڪندي رهيا آهن. سپاهي چاهي عام ماڻهون عجب ڀريل نظرن سان نوريءَ جا لفظ سمجهه ۾ - اڻڄاڻ ٻول پئي رهيا آهن. نوريءَ جا دوست پنهنجو ڳالهه ۾ مگن آهن.)

نوري : منهنجو خيال آهي ته ٻيءَ دنيا يا جنت جي هزار سالن جي عمر کان هن دنيا ۾ زندگيءَ جي هڪ گهڙي، هڪ پل، هڪ لمحو وڌيڪ قيمتي آهي...
هتي مان ٻين جي خدمت ڪري ٿو سگهان، هن دنيا ۾ فقط الله جي قريب هوندس پر ٻين جي خدمت کان وانجهيل...
هن دنيا ۾ جيتري بهتر نموني مان الله جي خدمت

سوا اسان کي ٻيو ڪجهه به نه گهرجي.

خليفو : توهان کي روڪي رکڻ ۽ توهان کي ٻڌائي ڇڏڻ
نه ڪنهن لاءِ ممڪن آهي ۽ نه مفيد......

(ٻئي ٻي ڀيري دربار مان وڃن ٿا. ڪئمرا هنن جي پٺين کي ڪوڙ ڪري رهي آهي.)

۞

درياهه / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز شاهه لطيف جي چهري تي. هو ڪجهه چئي رهيو آهي.)

شاهه لطيف : شريعت ٻڌي رسمن رواجن جي سهاري انسان ۾
وڇوٽيا وجهي ۽ دلين کي ڪٽي جدا ڪري ٿي. پر
صوفين جي طريقت ڪائنات جي هر شيءِ کي هڪ
ٻئي سان جوڙي هڪ ڪري سگهي ٿي.

(ڪئمرا ٿوري ٿوري پل پوئتي ڪري ٿي ۽ اسان شاهه لطيف، ڀروتناٿ ۽ جوڳين کي ٻيڙي ۾ سفر ڪندو ڏسون ٿا.)

ڪمل ناٿ : ڇٽيو طريقت صوفين جو اهو برهم - استر آهي
جنهنجي سامهون نفاق جو گهٽوتڪچ هڪ پل به
بيهي نه سگهندو!

شاهه لطيف : گهٽوتڪچ؟

ڪمل ناٿ : ڀيمسين جو پٽ. وشال آڪار واري گهٽوتڪچ
مهاڀارت جي يڌ ۾ ڪورون جي سينا ۾ هاهاڪار
مچائي ڇڏي هئي...

ڀروتناٿ : گهٽوتڪچ کي مارڻ لاءِ ڪرڻ کي برهم - استر
ڪم آڻڻو پيو هو، جيڪو برهم - استر هن ارجن

نهاري ٿو.)

قاضي : حضور، هي ٻيئي شخص جيڪي توهان جي سامهون مجرم ۽ باغين جي صورت ۾ پيش ڪيا ويا آهن، سچيءَ دربار مان بچائيندو ڪوئي نه. اهي اصل ۾ ڪير آهن؟

(هر ڪو درٻاري هڪ ٻئي جو منهن تڪي ٿو. ڪنهن وٽ به ان سوال جو جواب ڪونه آهي. خود خليفو به حيران آهي.)

قاضي : هي ٻئي اسان جي دور جا شان، عظيم صوفي آهن- ابو حمزه، رقام، شبلي، نوري ۽ جنيد... هنن جي زندگيءَ جي طريقي تي تعجب نه ڪجو. صوفين لاءِ اهو طريقو طريقت آهي ۽ ان جو سلسلو هو آنحضرت محمد صلعم صلي الله عليه وسلم جي سوٽ ۽ ناٺي حضرت عليءَ سان ٿا جوڙين...... اڃا هي پردي ۾ آهن. جلوه-نما ٿيندا ته زمين کي نور سان ڀري ڇڏيندا ۽ الله ۽ ٻندي جي درميان جيڪي دوريون آهن اهي مٽائي ٻهڪي کي هڪ ڪري ڇڏيندا.

(خليفي جي دل ڀرجي آئي آهي. هو آگر سان اکين جون آليون ڪندو ن سڪائي ٿو.)

خليفو : اسان پشيمان آهيون جو اسان توهان جو قدر نه سڃاتو ۽ بنا سوچي سمجهي، تڪڙ ۾ سزا جو اعلان ڪيو. يا الله! هي اسان کان ڇا ٿي ويو...... توهان جيڪو ڪجهه گهرندؤ اسان ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، جيڪو ڪجهه چوندؤ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اسان سچ پچ پشيمان ۽ شرمنده آهيون.

ابو حمزه : اسان کي هتان وڃڻ ڏيو ۽ ڀلائي ڇڏيو- اهو ڪان

ڪئي انهن ٽڪرن جو درشن
ڪرڻو هو، ان ڪري ٽي
اها واٽ ورتائون.
شاهه لطيف "سُر رامڪلي"
۾ ناراڻسر جو ذڪر ڪيو
آهي:

منجهان لاهوت لڪما،
منجهان ناراڻسر.

ماتا جي مندر جو درشن.

ناراڻسر جي پاسان ٽي "ماتا
جو مڙهه" نالي استان آهي
جتي ماتا جو مندر آهي.
شاهه لطيف "سُر رامڪلي"
۾ ٽــي هڪ هنڌ ان ڏانهن
۾ اشارو ڪيو آهي:

مڙهيءَ جو من مذڪور، ڪالهه ڪندا ويا ڪاپڙي.

ڇترالو جا ٿانس.

لکپت ۽ ابراسڻ جي وچ ۾
ڇتراڻو نالي هڪ ڏونگر آهي،
جنهن اڳي هڪ درياهه وهي،
مانڊوي جي ويجهو ڪڇ
جي نار ۾ ڇوڙ ڪندو هو.
اهو ڪي "ٻهلول" يا
"ٻهڳهل" درياهه چوندا ها.

سڪل درياهه جا درشن.

اهو درياهه ڪيترن سالن کان
سڪي ڊبون ٿي ويو آهي.

کي مارڻ لاءِ رکيو هو.

(شاهه لطيف سوالي نظرن سان پروتنداس طرف نهاريندو. پروتنداس هن جو مطلب سمجهي ٿو وڃي.)

پروتنداس : ڪرڻ فقط هڪ دفعو ٿي پوهه - اسان ڪم آڻي ٿي سگهو.

(پوڙهو اڪيلي وڃڻدو ٿو وڃي. دريا ڇوليون ماري رهيو آهي.)

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيہ
مکهه ڀٽائي جي ٻولين ڪوري ڪاري آهي. شاهه لطيف مهاپرڪي پروتنداس ۽ ٻين جوڳين سان گڏ ڪوري ڪاري آڪري ساڌ ڪئي ۽ ڪڇ	پوڙهي ۾ شاهه ۽ جوڳي...
جي هاڪاري بندر "لکپت" اچي پهتو. جوڳين گرنار وڃڻ لاءِ هيءُ رستو جنهن مطلب ڪان چونڊيو هو آهو بلڪل صاف آهي. لکپت جي ويجهو ٻه تيرٿ-استان آهن. هڪ تيرٿ	لکپت بندر جا ڪجهه شاٽس.
جو نالو آهي نارائڻسر ۽ ٻئي تيرٿ جو نالو آهي ڪوٽيسر. اهي ٻئي تيرٿ هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو آهن. جوڳين	نارائڻسر ۽ ڪوٽيسر جا ڪجهه شاٽس.

سالن کان پوءِ کيترا
لاڳ لڳا پيا تن جي
تعمير ڪونه آهي پر
مشهوري ڪيئن واهه جي ملي.
شاهه لطيف ڪيئن اَمر ڪري
ڇڏيو.
جيون جهڙا پار،
پيڙا ويو وماس ۾...
۽ شايد جيون جي حالت لئي
شاهه لطيف جي منهن مان
"سُر ڏهر" ۾ چيو آهي:

صاحب تنهنجي صاحبي، عجب ڏٺي سون،
پن پوڙن پاتال ۾، پهچ ڏاريون تون،
جنڪر اڳئين مون، تہ مهرباني مان لهان!

۽ انهيءَ سر "ڏهر" ۾ پڪار
ڪئي اٿائين:

مديني جا مير! سڀ منهنجا سڏڙا...
۽ دل ۾ چئو هونداٿئين - شهيءَ جي ڇاپا کان بچاءِ!

شاهه لطيف جوڳين سان گڏ
پنج ۾ ويو هو ۽ اتي پالاڙهو
جي درگاهه جي زيارت ڪئي
هئائين..

پالاڙهو جي درگاهه جو درشن.

شاهه لطيف جي ڏينهن ۾ سنڌ
مان پاڙيءَ رستي ڪڇ ڏانهن
وڃي سگهبو هو. ١٦ جون

درياهه جو درشن.

شاهه صاحب رسالي جي "سُر ڏهر" ۾ الهي، ٻوٽي جو نالو ۽ اُن جي حاڪم جسودن موراٽي ڏانهن اشارا ڏنا آهن.
راجا جسودن موراٽيءَ تي شنيءَ جي سايه-ستوريءَ جو گهڻو اثر ويٺو هئس. ساڍين ستن سالن ۾ ڦهل دريا سڪو ملڪ ۾ ڀيانڪ ڏڪار پيو ۽ راجا پاڻ ڦڪر ٿي ڏيش ڇڏي هليو ويو!

ڪنڊا! تون ڪڏو، جڏهن پرڻو ٻوڙ وهي، جسودن جيڏو، تو کو گڏيو پهڙو؟

شنيءَ کي ستانڌڙ ۽ سخت پهڙيون ڏيندڙ گرهه ڪري مڃيو ويو آهي. پر، شنيءَ پاڻ انهيءَ بد ڇيو ويندو آهي ته ويندي ويندي هر فائدي وارو ٿيندو هٿي ويندو آهي. شنيءَ جون سختيون انسان کي سون ۽ سون کي پارس بڻائي ڇڏينديون آهن. راجا جسودن موراٽيءَ کي ساڍي ستين

شني ديوتا جو چتر جدا جدا پهلن کان ڏيکاريو ٿو وڃي.

شني گرهه جو چتر.
سڄو سؤر - منڊل.
سؤر-منڊل جا ٻارنهن ڪاليڪ حصا.
شني گرهه جو چتر.

(ڪجهه آهستي آهستي پل پل ڪندي ٿي وڃي ۽ اسان ڏسون ٿا ته پروتداس، شاهه لطيف ۽ ٻيا جوڳي دوارڪاناٿ جي مندر ڏانهن وڃي رهيا آهن. عام رستو آهي ان ڪري ٻيا به ڪيترا ئي ماڻهو اچ-وڃ ڪري رهيا آهن- پرش، استريون، ٻار ۽ ٻڍا جوان. ڪڏهن ڪن ياترين جي منهن مان ''دوارڪاناٿ ڪي جئه'' ''ڀڳوان ڪرشڻ ڪي جئه'' ''جسوداـنندن ڪي جئه'' وغيره جئه جئه ڪار جا نعرا به ٻڌجن ٿا.)

پروتداس: ست لطيف، سنسار جي اوتارن، پيغمبرن ۽ ايشوري-پرشن تي نظر وجهي ڏس. سڀ جا سڀ گمڀير، اداس ۽ دکي لڳندا. ڪو اوتارن ۽ پيغمبرن کي نه کلندو ڏسندين، نه ٻانسري وڄائيندو ڏسندين، نه راس-ليلا ڪندو ڏسندين ۽ نه شرارتون ڪندو ڏسندين. ڪن يا ته وڻن جي ڇانوَ ۾ اُپديش ڏيندو ڏسندين، يا ريگستانن ۾ اُڙندو ۽ جنگيون ڪندو ڏسندين يا ڪنهن ڪنڊ پاسي اڪيلائيءَ ۾ من سان واد-وواد ڪندو محسوس ڪندين. ڪرشڻ جهڙو پورڻ پرش پيو هن ڌرتيءَ تي ڪٿي ٻيو ڪو نه آهي جنهن ٻانسري به وڄائي سکي ۽ سدرشن چڪر به هلائي سکي- جنهن سڀ ڪجهه ڪندي به هر ڪرم کان مڪت رهي...

شاهه لطيف: منهنجو خيال آهي ته شرو ۾ به اهي سڀ گڻ ۽ شڪتيون آهن.

(پروتداس فخر، خوشي ۽ عجب ڀريل نظرن سان شاهه لطيف طرف نهاري ٿو. شاهه هلڪو مرڪي ٿو.)

پروتداس: منهنجو چوڻ الڪل ٺيڪ آهي. شر جهڙو پورڻ پرش سنسار ۾ پيدا ٿيڻ ممڪن ناهي. پر ست،

١٨١٩ع ۾ هتي ڀيانڪ خوفناڪ زلزلو آيو هو. راڻ جو علائقو ۽ رهندڙ ماڻهن جا سڀ هزار کن گهر زمين دوز ٿي ويا ها. هزارين ماڻهو اجل جو ٻک ٿي ويا ها. ۽ ان زلزلي ۾ ٿي ڀاڱي ۽ ڀنڀور پاسو بدلائي ڇڏيو ۽ ڪڇ سنڌ کان ڪٽجي ويو - ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪوئي دريائي رستو رهيو ٿي ڪو نه ...

زلزلي جو دور شروع.

زمين دوز ٿيندڙ جڳهون ...

شاهه لطيف جوڳين سان گڏ ڀڄ کان مالدوي ويو ۽ اُتان ڪڇ جي نار آکري دوارڪا ويو ...

ڪڇ جي رڻ جو نظارو.

⊗

دوارڪاناٿ مندر طرف ويندڙ رستو / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز مهايوگي پروهتن جي چهري تي. هر هلندي هلندي ڳالهائي رهيو آهي.)

پروهت: ڀٽ لطيف، ڪرشن جهڙو پورڻ پرش نه اڳي ڪوئي ٿيو هو، نه هن وقت آهي ۽ نه اڳتي ۾ ٿيندو. ڪرشن ڪرشن آهي. ڪرشن جهڙو ڪوئي ٻيو ٿئي، اهو سوچي ٿي نه ٿو سگهجي.

ماحول ڪرشن - مَيه، راس - مَيه، آنند - مَيه ۽ نرتيه - مَيه لڳي رهيو آهي.

پروتمانڪ جوڳين جي اڳالي ۽ شاهه لطيف سوڌو دوارڪاناٿ مندر ۾ داخل ٿي رهيو آهي. سوترڌار جو آواز اوورلئپ ڪري ٿو):

سوترڌار (فقط آواز)	درشيه
دوارڪا جو تيرٿ سڄي ڀارت جي مکيه تيرٿن مان هڪ آهي. هي آهي دوارڪا-ناٿ جو وڏو مندر. نهايت اوچو. وچ واري ڀاڱي ۾ ست ٿنڀا.	پروتمانڪ، جوڳي ۽ شاهه لطيف مندر جو درشن ڪري رهيا آهن.
هندستان کي گومتي دوارڪا چوندا آهن.	گومتي دوارڪا جو درشيه. جوڳين جا ڪجهه شاٽس.
گومتي دوارڪا جي ڀرسان آهي مُول دوارڪا. مهاڀارت واري زماني ۾ دوارڪا کي سمنڊ ٻالي ويو هو. ان جي اوري اڇل ڀاڱي کي مُول دوارڪا چون ٿا...... ۽ هي آهي رڻ - ڇوڙ جي جو مندر.	پروتمانڪ، جوڳي ۽ شاهه لطيف مُول دوارڪا ۽ رڻ - ڇوڙ جي جي مندر جو درشن ڪري رهيا آهن.

(پروتمانڪ، جوڳي ۽ شاهه لطيف هلندا هلندا هڪ تلاءُ وٽ اچي ٿا پهچن.)

شو اوتار ناهي. شو ڀڳوان پاڻ آهي. ڀڳوان جو نه ديو آهي. نٽراج نه تانڊو نرتيه سان پوريءَ سرشٽيءَ ۾ پرليه نه ڪري ٿو سگهي. مهاديو جو ترشول نه فقط هڪ هٿيار آهي بلڪ "اوم" جو پرتيڪ به آهي ۽ ٽنهي لوڪن ۾ ٽنهي قسمن جي آپدائن کان مڪتي ڏيندڙ آهي. ٽي لوڪ آهن: آڪاش، ڌرتي، پاتال. ٽن قسمن جا ڏک، يعني ديوتائن طرفان ملندڙ ڏک، پرڪرتيءَ طرفان ملندڙ ڏک ۽ سنسار طرفان ملندڙ ڏک...

(ڪجهه دير سڀ خاموشيءَ سان هلندا ٿا رهن.)

پروهتاڻي: پٽ لطيف، يوگ ۽ تنتر جي باري ۾ ڪڏهن وارتالاپ ٿئي ته شو ۽ شڪتيءَ جي باري ۾ به ڪٿائون ۽ چتر وارتائون ٻڌائيندوسانءِ. شو جو پرتيڪ لنگ ته ڏٺو ئي آهي. جڏهن ڏسان ڪنڌ ته اهو به ڏسڻ ۾ ايندو ته استريءَ جي يونيءَ جي شڪل جهڙي ڪا شيءِ هوندي آهي جنهن ۾ لنگ استاپت ٿيل هوندو آهي يعني ان جي مٿان رکيل هوندو آهي. لطيف، اهي سڀ پرتيڪ آهن، اشارا آهن. پرش ۽ استريءَ جي گڏجاڻ الڳ ڪئي شو ۽ شڪتيءَ جو پرتيڪ ڇو بڻايو ويو؟ ان سوال جي پٺيان انساني من جون وڏيون وڏيون ڪرامتون ۽ شرارتون لڪل آهن.

(پروهتاڻي، شاهه لطيف ۽ جوڳي اٿي وڃي رهيا آهن ڪجهه دوريءَ تي دوارڪاناٿ جو وڏو مندر نظر اچي رهيو آهي. ياترين ۽ درشن-ابلاشين جي اچ وڃ جاري آهي. ڪجهه جوڳي ڀڄن ڀائون لئي دوارڪا جي ڇاپ هڻائي رهيا آهن. سڀ

ڏولي ڳوڙهي رهي آهي.)

پروتنات: ڪرشڻ جهڙو نه ڪوئي ٿيو آهي، نه ٿيندو.
ڪرشڻ جو مرڻ به سنگيت ۽ نرتيه جي راس-ليلا
هو ۽ هڪ آنند ڀريو مها - اُتسو هو.

(جهنڊو اڀري وڃي ٿو.)

پروتنات: هاڻي اسان هلندا سين پور بندر ڏانهن...
جا حاڪم ٻاڻ کي ”راڻو“ چوائيندا آهن.
هو چنڊوا راجپوت آهن ۽ هنومان کي پنهنجو
اشٽ-ديوتا ۽ ڪل-پتا ڪري مڃيندا آهن. راڻن
جي گاديءَ جو هنڌ ”ڇاڀا“ نالي شهر آهي جتي
جهجهي وڻڪار آهي. ڇاڀا شهر کان ٿورو پريان
پور بندر آهي...

(انڌار ٿيندو ٿو رهي.)

پروتنات: چوندا آهن پور بندر اهو استان آهي جتي مهاڀارت
واري زماني ۾ ڪرشڻ جي ٻچپن جي سنگتيءَ ۽
الهه ڀڳت سداما جو شهر ”سداما پوري“ اڏيل هو.

(جوڳي اچي وڃندا ٿا رهن.)

پروتنات: پور بندر جو ڪنارو ڪافي خطرناڪ آهي. تون
ان کي طوفاني ڏڙ ڇڏي ٿو سگهين.

شاهه لطيف: جهاز ضعيفن جو ٻانهيءَ ۾ ٻڏندو،
سيد ساڻ سندوءِ، پور بندر پهچائين!

پروتنات: پور بندر...

(پروتنات جي اکين جو ڪلوز - اپ)

پروتنداٽ: لطيف! هي آهي "گوپي - تلاءُ"...

شاه لطيف: گوپي - تلاءُ!... جنهن تلاءَ ۾ گوپيون سنان ڪنديون هيون يا جنهن تلاءَ جي اڳيان ڪرشڻ سان گڏ راس - ليلا ڪنديون هيون؟...

ڪمل ناٿ: (وچ ۾) يا جنهن تلاءَ ۾ سنان ڪندڙ گوپين جا ڪپڙا چورائي ڪرشڻ وڻ تي چڙهي ويو هو؟ ۽ اهو وڻ ڪٿي آهي؟

(هيڏانهن هوڏانهن نهاري جڻ وڻ کي ڳولهي رهيو آهي سڀني کان ڪل تي نظر وجهي.)

پروتنداٽ: "گوپي - تلاءَ" ۾ سنان ڪرڻ سان من ۾ ڀڳوان شري ڪرشڻ لاءِ اونهو نيم پيدا ٿيندو جيئن گوپين جي هردي ۾ هو. لطيف! هيءَ سچو ڀاونا ۽ وشواس جو ئي ڪمل آهي. ڀاڳوت پراڻ ڏهين ۾ گوپين جي پريم ۾ صوفين واري مستي ڏسندا آهن. ڀڳت جي پريم ۾ ساڪار ۽ نراڪار ڪائي معنيٰ ئي ڪونه ٿو رکي. هڪ ڀڳت لاءِ پرماتما سدائين سامهون ئي آهي - ساڪار. پر هن جي سامهون ڪو ئي آهي ئي ڪونه، ڀاونا ۽ ڪلپنا کان سواءِ - نراڪار.

(گوپي تلاءَ مان پاڻي تي ڪجهه ڇنڊا وجهي پروتنداٽ، جوڳي ۽ شاه لطيف اڳتي وڌن ٿا. ماڻهن جي اچ - وڃ جاري آهي. جتي اڳتي وڌندو ٿو رهي. اوچتو پروتنداٽ هڪ هنڌ بيهي ٿو رهي.)

پروتنداٽ: هيءَ آهي اهو استان جتي هڪ شڪاريءَ ڪرشڻ ڀڳوان کي تير هنيو هو...

(پروتنداٽ، جوڳي ۽ شاه لطيف اُن استان کي پرڻام ڪري اتي ئي ڌيان ۾ ويهي ٿا رهن. ماحول ۾ بانسريءَ جي مڌر

ٻڌ لطيف، ڪڏهن اسان کي خيال ايندو
آهي ته اسلام جو عربستان مان اچڻ وڏي-وڏي،
سنڌ جي دروازي کان پارس ۾ داخل ٿيڻ هڪ
اهڙو چمتڪار هو جنهن مان پارس کي ڪي قدر
لاڀ ئي پهتو آهي...
اسلامي اثر هيٺ، پاکنڊي ۽ اپوتر ڌرمن ۽ متن
جي خلاف جيڪا جاڳرتي پيدا ٿي ان جو نتيجو
اهو نڪتو جو اتر پارس ۾ اخلاقي ۽ نئتڪ
قدرن ۽ قيمتن کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيندڙ
ناٿ-پنٿ جو پايو پيو ۽ ڏکڻ پارس ۾ وشنو ۽
لنگايت متن جو اڀرڻ ٿيو... نه ته پارس اخلاقي
گراوٽ جي انتم چوٽي ۾ وڃي پهتي ها.
(شاهه لطيف ڌيان سان پروتناٿ جا وچن ٻڌي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اکيون آليون ماهه، سدائين سڄاڻين جون،
واري ليڪ نه لاهه، جاڳي جهليا جوڳئين!
جماعون جوڙ ٿي، جوڳيءَ لاٿو جار،
سندو پورب پار، آڇيائين انڌن کي!

پروتناٿ: لطيف، جوڳي انڌن کي ڪجهه به نه آڇيندو آهي.
جوڳيءَ کي جڳياسوءَ جو منهن ڏسندي ئي پتو
پئجي ويندو آهي ته هنن اکين ۾ ڪائي روحاني
روشني آهي يا نه- هن خاڪ جي تهن ۾ لپٽيل
ڪوئي الو آهي يا فقط مٽي ئي مٽي آهي......
پر تون ٻڌ لطيف! اياڻن کي ڪجهه ڏيڻ لعدي پاڻيءَ
۾ ٽپو اڇلائڻ يا اڳياهن لاءِ تڪليفون ۽ ڪشٽ
پيدا ڪرڻ.

شاهه لطيف: جا هر ڌرم، هر مذهب، هر پنٿ، هر قوم جو

پوربندر جو ڪنارو / ٻاهر / پرڀات

(وقت شام. سمنڊ ڇولين ماري رهيو آهي. پوربندر جي
ڪناري تي مهاڀوڳي پروتمات، جوڳي ۽ شاهه لطيف موجود آهن.
اڪثر جوڳي يوگ جي ساڌنائن ۽ ڌيان ۾ رڌل آهن. هرڪو ڪنهن
پنهنجي پنهنجي ڍنگ ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪري رهيو آهي.
پروتمات ۽ شاهه لطيف هڪ پاسي ويٺا هڪ ٻئي سان ڳالهائي
رهيا آهن. ڪمل ناٿ هنن جي سامهون ٿي پدم آسڻ لڳائي ويٺو
آهي.)

پروتمات : جڳت-گرو شنڪر آچاريه جو ادوئيت پرچار ڀارت جي
ڌرمي اتهاس جي هڪ اهم گهٽنا آهي. هن جي
منطقي انداز جي ڪري سمهيل ۽ غافل سناتن
ڌرم وري جاڳي اٿيو ۽ ويدانت جي ادوئيتواد
جو نغارو چئني طرفن ۾ وڄڻ لڳو.

پٽ لطيف، شنڪر آچاريه جي تعليم ۽ ٻڌ مت
جي سامهون عمل، وقت ۽ ناستڪ ٻڌ-
ڌرم جا پير اڳتي نه سگهيا...

(شاهه لطيف سوالي نظرن سان پروتمات طرف نهاري ٿو.)

پروتمات : هائو پٽ، عجب نه ڪاءِ. ٻڌ-ڌرم جنهنجو باني
گوتم ٻڌ ٿي ان لاءِ هو جيئن سناتن ڌرم جي
پاکنڊن کان عام جنتا کي مکتي ڏياري سگهي،
اهو ئي ٻڌ-ڌرم اڳتي هلي خود به پاکنڊ ۽
اناچار جي چڪر ۾ ڦاسي ويو ۽ تنترن-منترن جو
سهارو وٺي عام جنتا کي اندوشواس ۾ ڦاسائڻ لڳو.
اڳتي هلي سڌ-پرمپرا ۾ سهج-ياني ۽ وجر-ياني
ته اُهي ته اناچار جي حد ڪري ڇڏي.. اصل
هرڪو ليکو لٽائي ويا!

استان مان مار کائي ونهن ۾ شرڻاٽي ٻڌي وڃي
وسهو! ٻرهمڻ جي ليلا اپرمپار آهي، ڀٽ!

شاهه لطيف: ڇو نه شنڪر آچاريه انسان نه پر وديا، گيان ۽ علم جو اوتار هو...

پروهت: شنڪر آچاريه لاءِ مشهور آهي ته:

अष्टवर्षे चतुर्वेदी اٺن سالن جي عمر ۾ ئي هن چار ئي ويد ازبر ياد ڪري ڇڏيا.

द्वादशे सर्व शास्त्र वित् ٻارهن سالن جي عمر ۾ ئي هو سڀني شاسترن جو پارنگت ودوان ٿي ويو.

षोडशे कृतवान भाष्य سورهن سالن جي عمر ۾ ئي هن شاسترن تي ڀاشيه لکيا ۽

द्वात्रिंशे मुनिरभ्यगात ٻٽيهن سالن جي عمر ۾ ئي هن سدا لاءِ سمادي ورتي.

(جوڳي ڀڄن ڀڄن ڪارڻ ۾ مگن آهن. ڪمل ناٿ ڀساڻ جهٽڪو پدم آسڻ ۾ ٻڌي ويٺو آهي ۽ هٿ کي ڌيان ۾ گم ٿيڪاري رهيو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اکيون کولي ڪري سامهون جي ڇوڪرن کي يا پروهت ۽ شاهه لطيف ڏانهن به نهاري ٿو.)

شاهه لطيف! ماشاءالله! جگت گرو شنڪر آچاريه گلاب جو گل هو - جو گهڙين ٿڙيو پر سڄي گلشن کي معطر ڪري ويو، سڳنڌن سان ڀري ويو.

ڪمل ناٿ: (اوچتو ڌيان اچي ڪري): لطيف، گل ته ماڻهو به آهن - ڪمل جو! ڪيچڙ ۾ جنم وٺڻ پر سدائين اڇلجي رهن...

شاهه لطيف: ڀلي ۾ ڇا رکيو آهي ڪمل ناٿ! هار ڪنهي گل سڳنڌ ڀرن ته ڇا ان مان خوشبوءِ اچڻ لڳندي؟ مون ته اڪثر رهمڻ ۽ ڪرمن کي ڇنڪاري ظلم ڪندو

انهن اهڙو ئي ڌنڌو آهي؟

پروتناٿ : سنسار جا سڀ پدارٿ - جڙ، چيتن، سٿول يا سوکشم - وناش شيل آهن، پرڻامي آهن. ڪنهن تي ڪٽ چڙهندي، ڪوئي ٽڪجي ويندو، ڪوئي ڪاٽجي ويندو، ڪوئي گسي ويندو، ڪوئي ڀڄي ويندو، ڪوئي سڪي - سڙي ويندو ۽ ڪوئي لسو ٿيندو ٿيندو نشٽ ٿي ويندو. هي لطيف، سنسار جا سڀ پدارٿ وناش - شيل ۽ پرڻامي شيل آهن! - اهو سنسار سڀاءُ آهي، اٽل نيم آهي.

(پروتناٿ ۽ شاه لطيف ڪناري تي ڪجهه پنڌ ڪن ٿا. سمنڊ جون ڇوليون ڪنهن - وقت ته بلڪل موزون ۽ ڪرائوڻيون ٿي رهيون آهن.)

شاه لطيف: ڇا اهو سچ آهي ته جڳت-گرو شنڪر آچاريه ٻڌ - ڌرم کي هڪالي ڀارت کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو؟

(جواب ڏيڻ کان اڳ پروتناٿ ڪجهه سوچي ٿو.)

پروتناٿ : ان حقيقت کي ٻن شبدن ۾ چئي نه ٿو سگهجي. واد - وواد ۾ جڳت - گرو جي سامهون ڪوئي ٽڪي نه سگهندو هو. ٻڌڌرمين وچڙ - وچڙ دليلن سان سامهون واري جو آتم - ٻل ئي نشٽ ڪري ڇڏيندو هو... حقيقت ۾ جڳت-گرو جي دليلن مار سان گڏو گڏ ٻڌ - ڌرم ۾ گهسي آيل خاميون ۽ پاکنڊن نه ان کي عام جنتا جي دلين تان لاهي ڇڏڻ ۾ وڏو ڀاڱو ورتو... ۽ ان طرح هڪ مهان وچار - ڌارا، هڪ مهان ڌرم ٻڌڌرم جي جنم-

ته ڪهڙا منتر پڙهجن ۽ جيئن ڪنهن کي وس ۾ ڪرڻو هجي ته وشيڪرڻ منترن جو جاپ ۽ ڌيان ڪرڻ کپي. مطلب ته مورکن کي ڀرڪائڻ جو ڍؤنگ ۽ ڍؤنگ ۽ اندو ٻسم ڪم آهي انهن گرنٿن ۾.

شاهه لطيف: سوامي جي! ڇا تنتر - شاستر آهي اهي انهن ۾ اهڙن شيطاني ڪارستانين لاءِ؟

(پروتمانند شاهه لطيف جي سوال جو جواب هڪدم ڪونه ٿو ڏئي. هو ڏؤر خلائن ۾ نهاري ڪجهه سوچي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: سوامي جي! ڪرپا ڪري منهنجي سوال جو جواب صاف صاف لفظن ۾ ٻڌايو. مون کي سچو جواب گهرجي.

پروتمانند: نه، ائين ناهي. تنتر - شاستر ڪڏهن ڪڙو تن جو ويري - ودان ڪونه آهي... تنتر يوگ کان ٻه مهان شڪتي آهي. جتي يوگ پورو ٿو ٿئي، تنتر اتان شروع ٿو ٿئي. يوگ ڏوري پڌن ٿو وجهي. يوگ چوي ٿو: هي ڪر - هي نه ڪر - هي سٺو آهي، هي برو آهي. يوگ تنهنجي ۽ دشٽيءَ کي ٻاهران ۾ وهائي ٿو ڇڏي... پر تنتر ائين نه ٿو چوي...

(ڪجهه دير خاموشي)

پروتمانند: تنتر لاءِ نه ڪجهه برو آهي، نه سٺو. تنتر ۾ ودجا - روڪ ٽوڪ آهي ئي ڪونه. تنتر صفتن ۽ وشيشن ۾ وشواس ئي ڪونه ٿو رکي. تنتر لاءِ نه ڀوت آهي نه ڀوشيه. تنتر لاءِ هڪ ئي ڪال آهي - ورتمان ڪال، زمان حال.

تنتر ڌارا سان گڏ جي، هڪ ٿي وهندو وڃڻ ۾ ئي وشواس ٿو رکي. تنتر چوي ٿو: ڌارائن هي

ڏنو آهي.

پروهت: پتا ناهر ڏٺا گرڻ جا مثال مشڪل سان ملندا آهن.
(ڪجهه پل تائين خاموشيءَ سان هلندا رهن. سمنڊ جون
ڇولين ڏاڍيون زور واريون لڳي رهيون آهن. ٿيڻي ڇپا هڪ
هنڌ وهي ٿا رهن.)

شاهه لطيف: سوامي جي! ويدڪ ڌرم ۾ اناچار ڦهليو ته ٻڌ ڌرم
جو پايو پيو...

پروهت: ٻڌ-ڌرم ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو- هينيان ۽
مهايان. هينيان سنياس-پرڌان رهيو ان ڪري عام
جنتا تي نه- جهڙو اثر وجهي سگهيو. عام ماڻهون
هينياني ٻڌن کي مان عزت ته ڏيندا هئا پر
لوڪ لاءِ اُپيوگي نه سمجهندا هئا. مهاياني لوڪ-
پرڌان هئا. عام لوڪن سان لهه-وچڙ ۾ ايندا هئا.
ان هوندي به هو پنهنجي پراچين سنياس-پرڌان
مدو رتن جو تياڳ نه ڪري سگهيا. جنهوڪ
اڳتي هلي ٻڌ-ڌرم ارڙهن شاخائن ۾ ونڊجي
ويو، ان جي باوجود عام جنتا لاءِ ٻڌ-ڌرم
سنياس جو ڌرم ئي رهيو.

پٽ لطيف، اهو ٻڌ-ڌرم جنهن پوريءَ طرح
ٻڌاول ۾ پورڻ وشواس رکندڙ هو، هڪ ڏينهن
منترن-تنترن جو جهمڪو وڃي رهيو. ٻڌ-تنتر-
گرنٿن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪهڙي سڌي پا
شڪتي پراپت ڪرڻ لاءِ ڪهڙي ديوتا جي ؟
ڪهڙن پوڄا-اُپاسنا ڪجي. تنتر گرنٿن ۾ ٻڌايل
آهي ته ڪنهنکي مارڻو هجي يا بيمار ڪرڻو هجي
ته ڇا ڪجي، ڪنهنکي پنهنجو غلام بڻائڻو هجي

سنڌ - ٻرندڙا جو آرنڀ ٿيو. سنڌ جي سڀيتا ڇوراسي
آهي. هن جي دل ۾ سنڌ کي چاهي ٻوڌ ٻنهي
ڌرمن لاءِ ورونڌ جي ڀاونا هئي. ٻرهمڻن ۽ ٻوڌن
جي ٻاکنڊ ٻريل وهنوار. سنڌ جي آتما کي کنڀائي
ڇڏيو ۽ هو اڀچار، اتياچار ۽ ٻاکنڊ جي جڙ ڪٽڻ
لاءِ تيار ٿي ويا......

شروع شروع ۾ سنڌ سچ - ٻالي هيا - سانوڪ، ٻويتر ۽ تياڳي! سچ - ٻالي سنڌ ساڌنا ۾ چت - شڌي تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. هن جي مکيه ٻرو رتي کنڊن - منڊن جي هوندي هئي. سامهون واري فرقي جي مڃتائن جو کنڊن لفظن ۾ کنڊن ۽ پنهنجي مت جو ٻرچار منڊن......

شاه لطيف: کنڊن - منڊن... لفظ تمام سٺا آهن ۽ منهنجو خيال ۾ وڏا مطلب به رکن ٿا.

(ڪجهه دير خاموشي)

پروتناٿ: پٽ لطيف! سچ - ٻالي پنهنجن اونچن وچارن، آدرشي هلت چلت ۽ سچ - سرلتا کي گهڻو وقت قائم نه رکي سگهيا. سچ - ٻالين مان ئي وجر - ٻاني ڦٽي نڪتا. وجر - ٻاني سنڌ جي مکيه ساڌنا وئي ٿي: ڪمل - ڪلش ساڌنا!

(شاهه لطيف پروتناٿ ڏانهن نهاري ٿو.)

ڪملناٿ: سوامي جي! لطيف کي ڪمل - ڪلش ساڌنا مان سمجهايان؟

(پروتناٿ ڪملناٿ ڏانهن شوڪي نهاري ٿو.)

پروتناٿ: ڪمل معني استري جي اندري ۽ ڪلش معني پرش جو لنگ. وجرياني سنڌ، ڪمل - ڪلش معني

اُٿڻ وهندين ته ٿڪجي پوندين ۽ ٿڪل انسان نه ڪجهه پرواهه ڪري ٿو سگهي ۽ نه وري پرواهه ڪري وڃڻ سان آنند ئي ماڻي ٿو سگهي. ننڍڙو جوڙيو : ڌاڙن سان گڏجي هڪ ئي وهندو هل ، ائين ۽ واڳر وهندو هل، سمهندو هل، گسرڻ ڪندو هل، ٻوڙيندو هل چڙهندو هل، پسائيندو هل ۽ آخر ۾ مهاساگر سان ملي هڪ ٿي وڃ.

شاهه لطيف: شايد اِن جي ڪري ئي ننڍڙو جو ارٿ ئي اُٿڻ ٿي ويو آهي.

پروتنات : ننڍڙو هڪ مهاشڪتي آهي. پر جي اِن جو اُپيوڳ فقط سنساري سک پرواهه ڪرڻ لاءِ ڪبو ته اها شڪتي بدنام ته ٿي ئي ويندي.. هڪ ڏانتڙڪ لاءِ انسان جي دماغ کي، انسان جي سوچڻ واري شڪتيءَ کي پنهنجي وس ۾ ڪرڻ هڪ ساڌارڻ ڳالهه آهي. ۽ پڻ لطيف، جي دماغ ئي پسروس ٿي ويو ته باقي ٿو وڃي رهيو ئي ڇا ؟

شاهه لطيف: (اکين ۾ چمڪ آڻي) اوه! ائين آهي؟

پروتنات : هائو، ائين آهي.

ڪمل‌نات : هائو، لطيف! ائين ئي آهي. ڏسين ڪونه ٿو ته انسان سڀئي جوڳين جا دماغ ۽ مغز پروس ٿيا پيا آهن! هڪ به جوڳيءَ جو دماغ پنهنجي وس ۾ ڏسين ٿو؟

(وڃي اچي ٿو ۽ شاهه لطيف جي ڪن جي ڀرسان منهن ڏئي چوي ٿو)

ڪمل‌نات : تنهنجي دماغ جو ڪهڙو حال آهي لطيف؟

(شاهه لطيف فقط مرڪي ٿو.)

پروتنات : پنڌ - ڌرم ۾ ڦهليل اناچار جي پرتڪريا ۾ ئي

ڇڪرويو هن ۾ قائل سمجهان ٿو ... جڏهن ان
”هانو“ کي ڪلي اجازت سمجهيم ته پوءِ ٻرمالما
۾ لهن ٿيڻ جو ته سوال ئي نه ٿو اٿي، اُلٽو ڪام-
واسنا جي دلدل ۾ وڌندين ڦاسندو ...

جن ڪبير تنهري سون آيو ،
راکس لهه ڀڳوان !

(سنگيت)

تنهري گم ٿُوهي جاني ،
ڪبير ٿو تيري سرنا !

(شاه لطيف جون اکيون آهسته ٻرجي جهڪي ٿيون وڃن . ڪمل ناٿ اکين جون کنبون اگهي ٿو . مهايوگي پروتناٿ جي ٺهيوي اکين جو ڪلوز - اپ.)

جهوناڳڙه وينڊز رستو / ٻاهر / ڏينهن

(وائيڊ شاٽ. مهايوگي پروتناٿ، ڪمل ناٿ، جوڳي ۽ شاه لطيف جهوناڳڙه طرف وڃي رهيا آهن. سوترڌار جو آواز اوورليپ ڪري ٿو .)

سوترڌار (فقط آواز) : جهوناڳڙه !... شاه لطيف مهايوگي پروتناٿ ۽ جوڳين جي جٿي سان گڏ جهوناڳڙه وڃي رهيو آهي. ٻور ٻڌر جو دم سڪائيندڙ دهشت ٻرٻو ساگر ٻوڙي رهيو آهي. هاڻي هنن سڀ جي ٻولهاڻ ۽ حق جي طالبن جي منزل آهي جهوناڳڙه ... سنگيت تي سڀي لاهي ڏيندڙ ، وهن - ويڙ راهه ڏيکاج جو جهوناڳڙه !

پوني - ليکڪ جي مطلب ڪهي ٿي سڀ کان وڏي
مهانتم سادنا ۽ آتما - پرماتما جي مطلب جي هڪ
ٿي اڪيلي ۽ سرل راهه مڃڻ لڳا! جڏهن انسان
جي جسماني ڪامڪ سنگم کي پرماتما تائين پهچڻ
جي آڌياتمڪ ۽ روحاني ذاتڪ مڃيو ويو ته ان
حالت ۾ لطيف، ڪهڙا ڪهڙا نه الچار ٿيا هوندا
ذهن ۽ روحانيت جي ناڻي ۾؟... شاعرڪ سگهه ٿي
سادنا جو مقصد وڃي رهيو هو لطيف! هو چوندا ها
ته ڌيان کي پختو ڪرڻ لاءِ شراب پيئڻ، شرير کي
بلوان رکڻ لاءِ گوشت کائڻ ۽ ويراڳ جي رڪشا لاءِ
استرين سان سهواس ڪرڻ تمام ضروري آهي!

(شاهه لطيف پروتنامه ڌانهن نهاري ٿو. هن جي نگاهن ۾ شڪ
۽ سوال آهن.)

پروتنات : بت لطيف! هاڻي اسان ڌانهن نهارڻ ڇڏي ڏي.
پهنجي آتما کان پڇ. پهنجي آتما جو آواز
ٻڌڻ سک. پهنجي آتما ڌانهن نهار - پاڻ فيصلو
ڪر ...

(ڪجهه پل خاموشي.)

پروتنات : اسان تنهنجي ايمان ۽ تنهنجي لاءِ وڃون ٿا کڙڪيون
کوليندا - چولڻ جي جوابداري تو تي آهي.

(ڪجهه پل شانتي)

شاهه لطيف: مون کي فقط هڪڙي سوال جو جواب ڏيو -
فقط هڪڙي... ڇا ڪمل - خلش سادنا رستي ئي
پرماتما ۾ ليه ٿي سگهجي ٿو، سوامي جي؟

پروتنات : (ڪجهه دير سوچي) لطيف بيٽا! جي هڪ شبد ۾
جواب گهرين ٿو: هائو! ۽ اهو "هائو" هزار

گيان جو امرت جو سار آهن. هڪ ڀڳت جو اهڙي ويدانت آهي- اهڙي وديا جو انت آهي ۽ انتم وديا آهي. جنهن ڀڳت ۾ ٻوليءَ-ڀاؤ هوندو ان لاءِ سڀ سنسار رج- ڪڻ جي برابر آهي- مٽيءَ جي هڪ ڪڻي جي برابر آهي!

(شاهه لطيف گيان وارتا ٻڌي نه ٿو ٻڌڪ پئي رهيو آهي.)

ٻروتفات : سنت دادو ديال هڪ المست ۽ آتمڪلي انسان هو. هڪڙي ڀيري رتن ڪندو ڪندو وڃي فتحپور سيڪري پهتو. اتي سمراٽ اڪبر سان مڪالمو ٿيو.

اڪبر پڇيو- سائين، ڪرپا ڪري ٻڌايو ته، خدا جي ذات، انگ، وجود ۽ رنگ ڪهڙو آهي؟

دادو ديال ان تي مستيءَ ڀريو جواب ڏنو ته:

اسڪ الک ڪي جات هئه، اسڪ الک ڪا انگ!
اسڪ الک اوجود هئه، اسڪ الک ڪا رنگ!!

سمراٽ اڪبر سنت دادو ديال جو اهو جواب ٻڌي باغ باغ ٿي ويو ۽ سنت دادو ديال کي اڪبري دربار ۾ رهي ان جي شوڀا وڌائڻ لاءِ عرض ڪيائين. پر جنهن ديواني هڪ دفعو الک جڳائي ڏنو، ان ڀوءِ جي شرط جو الله مٿي ڏنو تنهن جو راجدربارن ۽ راج-محلن ۾ ته نسورو دم پيو گهٽبو. سنت جي المستيءَ جي اڳيان سمراٽ جي هڪ نه هلي......

(اوچتو آلاپ جو آواز اوور لئپ ٿو ڪري. ڪمال ناٽڪ دادو ديال جو هڪ سنڌي ڀڄ ڳائي رهيو آهي.)

جهوناڳڙهه جو شهر راءِ ڏياچ جي ڏاڏي راءِ گرهار ٻئي ٻڌايو هو. راءِ گرهار پهرين جهڙو راءِ گوراري جي نالي سان بہ سڏبو ويندو هو تنهن سنہ ٨٩٢ع ۾ فاني دنيا مان چالاڻو ڪيو. راءِ گرهار ٻئي کان پوءِ راءِ ڪاوت گاديءَ تي ويٺو ۽ هن کان پوءِ سنہ ١٠٠٣ع ۾ راءِ ڏياچ تخت نشين ٿيو. راءِ ڏياچ جو محلات جهوناڳڙهه جي نزديڪ گرنار ٽڪريءَ تي اڏيل آهي.
(جيڪو اڃتائين وڏي رهيو آهي.)

پروتدات : پرم - پد پراپت ڪري پرماتما ۾ لئہ ٿي وڃڻ جو سولي ۾ سولو ۽ سلامتيءَ ڀرو رستو آهي ڀڳتي! ڀڳتيءَ جي ڪٿڙ ۾ وري پرمتي يعني شرڻاڳتيءَ جو وڏو ۾ وڏو مهتو آهي. ڀڳت جو سڀ ڌرم ۽ سڀ نيم ۽ سڀ ساڌن ڇڏي هڪ ايشور جي اوٽ ۽ آسرو وٺڻ ئي پرمتي آهي - شرڻاگتي آهي. ان ڪري پت لطيف! ڀڳت اهڙئي ڪندو جهڙو پرڀوءَ کي وڻندو هوندو. اهڙو ڪجهه نہ ڪندو جيڪو پرڀوءَ کي ناراض ڪندو هوندو. ڀڳت کي پورو پورو وشواس هوندو آهي تہ پرڀو هر حال ۾ هن جي رکيا ڪندو. ڀڳت سدائين ايڪانت ۾ پرڀوءَ جو ڳڻ گان ڪندو رهندو آهي ۽ پرڀوءَ جي ڌيان - چنتن ۾ مگن رهندو آهي. ڀڳت پوريءَ رمت پرڀوءَ جي آڌين هوندو آهي ۽ سدائين دين - هين ۽ ويچارو ٿي ڪري ٿو ڀڳت ڀڳوان جي شرڻ ۾ ويندو آهي. پت لطيف! هڪ سچي ڀڳت ۾ انهن ڇهن ڳڻن جو هجڻ تمام ضروري آهي. اهي ڇهہ ڳڻ ڇهن شاسترن ۾ سمايل سموري

٣- ڦاڙل ڪمائيِ ڪري وه ماڪيجي ڪن

(اهمس ٿين ڪمٽن آهنون)

ڪمل ناٿ: حال اسان جو لال ڏسي،
توکي سڀ معلوم ڏسي ! حال ...
١- مڇڻن ڪامان، مڇڻن ٻران آلا !
مڇيڻي لاڳي ٻاري ڏسي! حال ...
٢- مڇڻن مون ڏسي مڇ ڏيو آلا !
ڪڏهن ڏ ڪرهان داڻهن ڏسي؟ حال ...
٣- اُره ڪمائي مون ڳهر آلا !
مڇڻن ٻري ٻاه ڏسي ! حال ...
٤- سڪون ڪري ڪباب جڻن آلا !
لاٿن دادو ڇي ڇمانو ڏسي ! حال ...

(ڪمل ناٿ جي ڏرڏهلي آواز جوڳيڻن تي اُن اثر ڪيو آهي، هر ٻهڊ جي لهه - تال تڙڪندا اڳتي وڌي رهيا آهن. ٻوڳ جي ٻدران ڦيڻيءَ جو ماحول پيدا ٿي ويو آهي.)

پروتناٿ: ٻت لطيف! ڏسيلو تي ڏهجانءِ، هتيلو نه ...

شاه لطيف: ڦيڻيءَ ۽ عبادت جي ڏس ٻه ٻڌل ڏهان، هت ٻوڳ ٻه نه ... انهن سوامڃي؟ سمجهم.

پروتناٿ: ٻت لطيف! مهران واري وشواس - ٻري مسٽيءَ سو ڏداس واري چمتڪاري ۽ تمجسوي ڪلپنا ۽ تلسيداس واري هڪ ٻه نشا !:

شاه لطيف: تند تماريءَ تان، ڪهڙو سو قبول ٿيو،
خاڪ مٿيءَ ڪاهان، ڪانما ٻره ڪجهه نهن!
سائين، ڪاٿيا ٻره ڪجهه نهن... ڪجهه نهن!

(چنگ جو ڏرڏهلو آواز. پروتناٿ ۽ شاه لطيف هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

گرنار ٽڪري / ٻاهر / ڏينهن

(وقت شام. جهوناڳڙهه جي نزديڪ گرنار ٽڪريءَ جو درشيه. رام ڏياچ جي مهلات جون ڪجهه جهلڪون. ڪئمرا گرنار ٽڪريءَ جي مختلف چوٽين کي جدا جدا ڪور ڪري ٿي. آخر ۾ سڀ کان اوچي چوٽيءَ تي فوڪس.
وايو منڊل چنگ مان نڪرندڙ سوز ڀريل سرن سان ڀرپور آهي. اوچتو ”جئه گورکناٿ“ جو نعرو اوورلئپ ڪري ٿو. گرنار ٽڪريءَ جي ترائيءَ ۾ مهاڀوڳي پروتناٿ، جوڳي ۽ شاهه لطيف بيٺا آهن ”جئه گورکناٿ“ جو نعرو انهن جوڳين ئي هنيو آهي.)

پروتناٿ : لطيف، گرنار جي ٽڪريءَ جي اِها جيڪا اوچي ۾ اوچي چوٽي ڏسي رهيو آهين، اِها اٿئي گورکناٿ شکر...

(جوڳي ”جئه گورکناٿ“ جو نعرو هڻن ٿا.)

پروتناٿ : هيءَ سڄي ٽڪري شوالن، مندرن، غارن ۽ غفائن سان ڀري پئي آهي. اسان جوڳين جو هيءُ هڪ تيرٿ استان آهي.

(سڀ اڳتي وڌن ٿا. شاهه لطيف چپ آهي. هو ڪجهه سوچي رهيو آهي. هن جي اندر جي جنگ هن جي خاموشي چهري مان سمجهي سگهجي ٿي. اوچتو شاهه لطيف ۾ هڪ عجيب ڦيرو اچي ٿو وڃي.
هُو گرنار جي ٽڪريءَ ڏانهن نهاري ٿو.
رام ڏياچ جو مهلات !
گورکناٿ شکر !
رام ڏياچ جو مهلات !
شاهه لطيف مستيءَ ۾ اچي ڳائڻ لڳي ٿو.)

شاه -

قاتل ڪمائي ڪري، وه ماکي جي ڪن،
وڻان وڃي ڏن، ماڪ کي ماليون.
(سر يمن ڪلياڻ-۴)

ڏوري ڏوري ڏيهه، ڪـــاهوڙي آئيا،
من ۾ رين ڪيهه، ڪهه جاڳان ڪنهن پار جي.
(سر ڪاهوڙي-۳)

جا ڪر ڏلي گودڙي، سا لڳي لاهيندي لڄ،
سندا تنهن سهج، چيلو چولـــڊو ڪهڙا؟
(سر رامڪلي-۹)

ڏان ڪي ساٽن اور، جان آهين اوطاقن ۾
چولـــ،
سڏي جوڳيان ذات، پٽي ڀوري مس مڙي
؟
وڃا جي هنگلور، لـــ ڪرم ملده ڪاپڙي
ان ڪوي
ڏه ڏه ڀيرا ڏيهن ۾ پـــاڻ مٿانئن گهور.
(سر رامڪلي-۸)

هر روپ ۾. هن تائين پهچڻو ناهي، هن کي ڏسڻو
آهي، سامهون، بلڪل سامهون. ان لاءِ ٻاهرن جي
نه، پر اکين جي ضرورت آهي — اندر جي اکين
جي، ڪلپنا جي اکين جي ۽ گيان جي اکين جي!
(ڪجهه پل شانتي)

پروتڌات : ڌيان ... سمادي ... ۽ اندر جي اک جي سامهون
پرماتما... ڪنهن به روپ ۾، ڪنهن به رنگ ۾!
۽ آنند ۾ ... لطيف، پٽ! آنند ۾ ... ڪجهه به نه —
شونيه—شونيه—شونيه-اوم! نه - اوم به نه!
اوم کان به پري — شونيه—شونيه—شونيه!
اوم پد جي پراپتي آهي- شونيه!
آتما سان ۽ پرماتما ۾ ملي وڃڻ آهي—شونيه!
شونيه— ڪيول شونيه...

شاهه لطيف: جهاڳي سج، وسعتن کي وڃها ڏنا!

پروتڌات : نه! لطيف پٽ، نه! تنهنجي ان سچ جو اُن شونيه
سان ڪوئي سنبنڌ ئي ڪو نه آهي. تنهنجي سچ
لتاڙڻ کان پوءِ وسعتن ئي اچي... پر شونيه کان
پوءِ ڪجهه آهي ئي ڪونه...

شاهه لطيف : شونيه کان پوءِ اوم پد جي پراپتي ناهي سوامي جي؟

پروتڌات : نه.

شاهه لطيف: شونيه کان پوءِ ايشور يا الله سان ميلاپ ڪونه ٿو
ٿئي؟

پروتڌات : نه... شونيه کان پوءِ ڪجهه ڪونه آهي. شونيه ئي
اوم پد آهي - شونيه ئي پرماتما آهي. پٽ، جڏهن
اوم پد پاتئه، پرماتما ۾ لين ٿي ويئن ته ان کان
پوءِ باقي اڃو ئي ڇا؟

شاهه لطيف: اوهه!

شاهه لطيف: اکيون پير ڪري وڃجي،
وو! وڃجي.
١- سپريان جي ڳالهڙي،
ڪنهن سان ڪين ڪجي.
اکيون...
٢- لڪائي لوڪ کان،
ڳجهڙي ڳوڙ لهجي.
اکيون...
٣- محبتي مهار جو،
سور نه ڪنهن سلجي.
اکيون...

(شاهه لطيف جي سر پرڀاتي واري هو اثر نه فقط جوڳين تي بلڪ پروتنات تي به ٿيو. واري ماحول کي درد جي تصوير بڻائي ڇڏيو آهي. ڪمل ناٿ پروتنات ڌيان نهاري ٿو. شاهه لطيف اڃا به خيالن ۾ گم آهي.)

پروتنات: (شاهه جي ڪلهي تي هٿ رکي) پٽ لطيف! اکيون پير ڪري وڃجي! ٿو پرم پد پراپت ڪرڻ جي ڪنجي ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏي آهي... سمجهين ٿو؟ سمجهين ٿو اسان جهڙو ڪجهه چئي رهيا آهيون؟ سمجهين ٿو، ٿو جو ڪجهه چيو آهي؟... اکيون پير ڪري وڃجي! پٽ لطيف، پيو ڪوئي طريقو ئي ڪو نه آهي...

(شاهه لطيف پروتنات ڌيان نهاري ٿو.)

پروتنات: پرماتما ڪٿي وينو ڪونه آهي، جو اسان پنڌ ڪري، ڇاڙهون چڙهي، لڪ لتاڙي هن تائين پهچون. هو موجود آهي — هر هنڌ، هر وقت ۾

شاهه لطيف: ره مصاحب مڱڻا قصر ڪين اچن،
نوُر تجلو نوُر سين، نميو انگ پسن،
خمي ۾ ڪنگهار جي، چانڊوڻا چمڪن،
لٽائين لطيف چئي، سندا ڏاڻ ڏسن،
ٿللان ملڪ ڏٺين، ٿيو مڱڻهار ڪي .

هڪ جوڳي: جئه گورکناٿ جئه ...

(ٻروتناٿ جوڳيءَ جي اشاري سان روڪي ٿو، شاهه لطيف وري پنهنجن ئي خيالن ۾ گم ٿي ٿو وڃي. جوڳي ٻروتناٿ جي رخ مان سمجهي ٿا وڃن ته هوُ هاڻي ڪجهه وقت اتي ئي شاهه لطيف سان گڏ گذارڻ ٿو چاهي. ان ڪري هرڪو جوڳي پنهنجي پنهنجي ڪرت ڪار ۾ لڳي ٿو وڃي. ڪرت ڪار يعني ٻوٽا، ايڪاس، آسڻ، ڌيان ۽ چنتن.
ٻروتناٿ به شاهه لطيف کي اتي ئي ڇڏي اڳتي وڌي ٿو وڃي ۽ هڪ ڪنڊ وٽ ويهي ڌيان ۾ مگن ٿي ٿو وڃي. شاهه لطيف جي اکين جو ڪلو زاب.
شاهه لطيف جي ڪلپنا ۾ ڪي درشيه اڀرن ٿا.)

(ٻئڪ گرائونڊ ۾ وڄندو رهندو ڪنڊرو. سڀني افسانن جو مرڪز آهي چنگ. سرلدي مان لڪولدا رهن ٿا درديلا سرـ ٿنبار سر!)

(درويش ۽ راءِ ڏياچ جي ملڻ)

درويش . توکي هڪ پٽ ڄمندو پر اهو پنهنجي پاءُ راءِ ڏياچ
جو سر ڪٽيندو .

(ڪجهه ماڻهو هڪ صندوق درياهه ۾ وجهي رهيا آهن. صندوق

پروتمات: سڀ لڙائي وسنديءَ ۾ اچڻ جو مطلب سمجهين ٿو؟
(شاهه چپ آهي)

پروتمات: ڇا نٿو سمجهين؟ وڏي پند تي ڦهليل وري واپس مايا جار ۾ ڦاسڻ چاهيندين؟ لطيف، ٻڌ، تنهنجي ان ست جي ٺهيل ڪلپنا اها آهي ته انسان حرص هوس جو تياڳ ڪري، تن کي تسما ڏيئي پرماتما کي پراپت ڪري ٿو... هلي چلي جي انوسار حال ستو آهي پر "شونيه" واري منزل چڙهي ئي ٿي آهي.

(پروتمات شاهه لطيف ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتمات: تون ڪائي چنتا نه ڪر ٻڌ لطيف! سڀ ڇهائي وسنديءَ ۾ داخل ٿيڻ ۽ اڪيلن ڪـــي ٻير ڪري ٻند ڪرڻ جي وچ ۾ ڇڪا وڃي آهي، اها تو لاءِ ٺاهڻ بلڪل ڏکيو نه ٿيندو... اهي ته روحانيت جي راهه جا پڙاءُ آهن. پڙاءُ نه هٽندين، ساهي نه پٽيندين، آس-پاس جو جائزو نه وٺندين ته "شونيه" تائين پهچي ئي نه سگهندين.

(سڀ ٽولو گرنار تي چڙهندي اچي راءِ ڏياچ جي محلات تائين پهتو آهي. محلات جي بلند شان جون نشانيون اڃا قائم آهن.)

شاهه لطيف: سو هي آهي راءِ ڏياچ جو محل — اُن سخي سردار جو محل جنهن سنگيت تي سر ڏنو، جنهن ڪلا جي قدر ۽ قيمت کي ان حد تائين پهچائي ڇڏيو جنهن حد کي اڄ تائين نه ڪو ٻي لڙائي سگهيو آهي ۽ نه آئينده ۾ لڙائي سگهندو...

(اوچتو شاهه لطيف چپ ٿي ٿو وڃي.)

(رتنو ڪمري دريءَ جي ڪپ تي پيل صندوق مان هڪ ٿاٽي ٻاهر ڪڍي رهيو آهي. هو ڪجهه پل ٿاٽيءَ جي چند جهڙي ڇهري ڏانهن تڪيندو ٿو رهي.)

رتنو : ڪهڙي ڪمائيءَ تو سان هيءَ ڪاسائڪي ڪار ڪئي آهي؟ ملڪ جي راجا ڏياچ کي هيرَ پوري ته هوند ڪارائيءَ سان ڇيرائي ڇڏيس ان هڇاري کي......

(ان وقت اوچتو ئي اوچتو دور ڪان مندر آلاپ پڌڻ ۾ اچي ٿو. ڪوئي سادو پنهنجي موج مستيءَ ۾ يڪتاري تي ميران جو پد راڳ سورٺ ۾ ڳائيندو، دريءَ جو ڪپ وٺيو ڪيڏانهن هليو ٿو وڃي.)

سادو : (ڳائي ٿو، راڳ سورٺ ۾)

ٿاني ڪانئي ڪهه سمجهائون
مهارا بالا گرڌاري! ٿاني...
١- پورب جنم ڪي پريت هماري
اب نهين جات نواري! ٿاني...
٢- ميران ڪهي گوپين ڪو بالهو
همسون ڪيو پرهچاري! ٿاني...
٣- چرڻ سرڻ هئي داسي تمهاري،
پلڪ نه ڪيجئي نياري! ٿاني...

(گيت جي وچ وچ ۾ رتني کي ٿاٽيءَ ڪي پيار ڪندو ڏيکاريو ٿو وڃي. لڳي ٿو جڻ صندوق مان نڪتل ڪنها کي ٻه ميران جو پڇن آلند ڏيئي رهيو آهي.)

رتنو : سورٺ راڳ وڻيئه، لڳي ٿو. ڏاڍو خوش ٿي نظر اچن. ڇگو ڏيءِ هگو. رتنو ڪمري جهڪو مٽڪا لاهيندي مٽڪا وڃائڻ لڳو ۽ مٽڪا

لُڙهندي لُڙهندي اڳتي وهڪري ۾ وهندي ٿي وڃي.)

۞

راجا اندرا: (رڙ ڪندي) اسان جي مٿان اول ٿي سٽ ڏيڻ جو بوجهه آهي. هيءَ ٻالڪڻن بلا ڪٿان آئي؟ ڦٽو ڪريوس وهندي درياهه ۾...
(سپاهي هڪ صندوق درياهه جي حوالي ڪري رهيا آهن.)

۞

(چارلس ۽ سندس زال درياهه جي ڪناري تي بيٺا آهن. هڪ صندوق ترندي ترندي هنن جي پاسان اچي ٿي بيهجي. چارلس صندوق درياهه مان ٻاهر ڪڍي کولي ٿو ته ڏسي ٿو ته ان ۾ هڪ ننڍو ن چاول ٻالڪ مزي سان ليٽيو پيو آهي ۽ آڱوٺو چوسي رهيو آهي.)

زال : اڙي هي چنڊ جهڙو ٻالڪ ته ڪنهن راڄ-گهراڻي جو ٿو لڳي.

چارلس : شل ٻيج جي چنڊ جيان وڌين ويجهين... آليراه جي ديش ۾ چارلس تنهنجو سواگت ٿو ڪري.

زال : جي هن لال کي ٻيج جو چنڊ ڪوٺيو اٿو ته نالو ئي ٿا رکونس ٻيجل...

(زال مڙس ٻيجل کي گود ۾ کڻائن ٿا. ٻيجل مرڪي رهيو آهي.)

۞

لاءِ منهن ڦيري ويٺو رهيو آهي.

راءِ ڏياچ : ٻڪري وٺي اچوس رلي... ڪنيز جي هٿ ڪي...

(راءِ ڏياچ جي سامهون رتنو ڪنيز هٿ ٻڌي اٿو آهي. هو ڏر ڏر ڪنبي رهيو آهي.)

راءِ ڏياچ : ڇو ڙي رتنا! ڪالهين اسان جو ۽ ڌڻي ٻهڄاڻين انيراءِ وجيا هن ٻيڙي ڪوسٽ ۾ ڇا ڏٺئه جو اسان ۾ نظر نه آيئه ڙي؟ تنهنجيءَ ڌيءَ جي ڏوليءَ جي منزل اچي وئي. ڇا هي نالو تنهنجي ڌيءَ جو؟

رتنو : سائين سورٺ.

راءِ ڏياچ : سورٺ، مٺڙو راڳڻي سورٺ! سورٺ راءِ ڏياچ جي محلات ۾ جادو جاڳائيندي ۽ سون جهڙن اهارون وسائيندي...

(انيراءِ بيحد غصي ۾ محلات جي ڪمري ۾ اچ وڃ ڪري رهيو آهي.)

انيراءِ : ايمان! گهور ايمان!... هوڪو ڏيارو سڄي ملڪ ۾ ته جهڙو راءِ ڏياچ جو سر وٺي منهنجي سامهون ايش ڪندو تنهنکي سونين مهرن سان ٻوڙي ڇاليه ڏانو وٺندو... اهو ان جهڙو ڪجهه گهرندو، سو ڪيس ملندو! مٿو، مٿو! اسان کي راءِ ڏياچ جو ونءِ مٿو گهرجي!

وڄائيندي وڄائيندي ڇار – ٻنهي راڳ – راڳ ڳائڻ ۽
سکي ويو... اهو رتنو ننڍپڻ ٿالڙي ڪٽي ٿو رکي–
سورٺ... راڳ پڙهو جي ٽِن ٿو ٻڌن سورٺ...

(ريڍون ٻڪريون چري رهيون آهن. ٻيجل جوان ٿي چڪو آهي ۽ وڻ جي هيٺان ويٺي چنگ وڄائي رهيو آهي. چنگ مان اهڙا ته مڌر سُر نڪري رهيا آهن جو نه فقط چوپايو مال مستيءَ مان چري رهيو آهي بلڪ ٻيجل جي آس پاس ڪيترائي پکيءَ ۽ ٻکي اچي ڪٺا ٿيا آهن.)

(رتنو منڪو وڄائي رهيو آهي. سورٺ اچي رهي آهي. سورٺ جون ساهيڙيون اچن ٿيون. سڀ ڪلڪليون ٻاهر نڪري ٿيون وڃن.)

(ڄڃ وڃي رهي آهي. شادمانا. شهنائيءَ جا سُر. ڏوليءَ ۾ ڪنوار. ڏوليءَ جي اڳيان اڳيان رتنو اڳيدو اڳيدو وڃي رهيو آهي... ٻنهي محلات جي ڪوٺي تان راءِ ڏياچ شادمانا ڏسي ٿو.)
راءِ ڏياچ : هيءَ ڪنهن جي ڄڃ وڃي رهي آهي؟
انگرکشڪ: سائين، ڄڃ لاهي– مڃ آهي. رتنو ڪنهيار ٻنهي ڌيءَ جي شادي راجا انيراءِ سان ڪرائي

شاهه لطيف: ادا ڪمل، منهنجو راهه ڏاڄ ۽ سرت جي ڪهاڻيءَ
سان نه ڪوئي مطلب آهي ۽ نه ڪوئي لڳاءُ يا
واسطو. منهنجي اکين جي سامهون ته هڪڙو
ڪلاڪار آهي جنهنجي ڪلا ۾ جان کي جسم کان
جدا ڪري ڇڏڻ جي طاقت آهي- جنهنڪو سرندي
جي سرن سان سر ويهي ڇاڻي!... منهنجي سامهون
ڪلا جو هڪ پوڄاري آهي جنهنڪو سنگيت جي
سرن مان ايترو آنند وٺي ڇاڻي جو ڪنهن زندگي ۾
خصوص لڳڻ ٿي لڳي، تنهن ٿي لڳڻ لڳي! ۽
منهنجي سامهون آهي هڪ مندر راڳڻي سرت
جنهنجي منابر ۾ اها مدهوشي پيل آهي جو ماڻهو
منهنجو پاڻ کان ئي جدا ٿي وڃي!...

ڪمل ناٿ: لطيف، ياڳ لطيف! ارت جو انرت نه ڪر.

پرونناٿ: هن ڪمل، لطيف جي وچار ڌارا کي سمجهڻ
جي ڪوشش ڪر. لطيف تصن- ڪهاڻين جي لفظي
۽ ڊنيوي مطلبن کان گهڻو گهڻو مٿي چڙهي چڪو
آهي.

(شاهه لطيف چپ آهي. ڪمل ناٿ مهاڙوگي پرونناٿ ڏانهن
نهاري ٿو.)

پرونناٿ: لطيف جو درشٽيڪوڻ سمجهه. هڪ طرف پسجل
جهڙو سنگيت جو جادوگر، ٻئي طرف سرت
جهڙي مندر راڳڻي ۽ انهن ٻنهي جي وچ سنگمت
جو پوڄاري راهه ڏاڄ.
آنند جڏهن انتر سما ۾ پار ڪري وڃدو آهي ته
پوءِ سڀئي هستيءَ فنا ٿي وڃدي آهي. هستيءَ
سان گڏ آهي سڀ شيون ۾ فنا ٿي وڃدون آهن

(ٻيجل راءِ ڏياچ جي سامهون ڇنگ وڄائي رهيو آهي. راءِ ڏياچ جي حالت منتر مگند انسان جهڙي ٿي وئي آهي- مدهوش، بيخود، مفتون، قربان ٿي وڃڻ واري تصوير.)

راءِ ڏياچ : گهر جيڪي گهرڻو اٿيئي چارڻ!

ٻيجل : راڄن! ڏيڻو اٿئي ته ڪنڌ ڪپي ڏي.

(ڇنگ مان سورنهن ۽ مارو سُر نڪرن ٿا. راءِ ڏياچ ڪٽارو ڪڍي ڪنڌ ڪپڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي.)

⊛

(شاهه لطيف جي جهڙي جو ڪلوز-اپ.)

شاهه لطيف: ڪنهن ڪيرت ڪيرو، واڄو وڄائي،
هڻي تند حضور ۾، تنهن ٻاروس ٻُرائي،
ڏسندئي ڏيـاچ کي، ظاهر ٿيو ذاتي،
ڪيڏي تنهن ڪاتي، وڏو ڪرت ڪاٻار ۾.

(اوچتو ڪمل ناٿ شاهه لطيف جي سامهون اچي ٿو اٿي)

ڪمل ناٿ: لطيف! هڪ خوني خصم کي ٻاروس ڏيو ڇو ٿا؟!
ٻوڙڻ گروهه جي ٻڌوي ٿو ڏين؟! ٻيجل-ٻيت پڙهت
ڪلاڪار، جنهن ڪماچ ڪان ڪاٺيءَ جو ڪم ورتو!
بد اخلاق ڪلاڪار جنهن ڪيتري ڪسي ڪٽارو
هڻائي ڇڏيو! ٻڌس ٻيجل، ٻڇڙو ٻيجل، دشت ٻيجل،
اهو ٻاروس!

(شاهه لطيف ڪمل ناٿ کي هڪدم جواب ڪونه ٿو ڏئي. هو سوچ ۾ گم آهي. اسان ڏسون ٿا ته ٻروتماتت اهي شاهه لطيف جي منهن ڏانهن نهاري رهيو آهي ڄڻ ڏرا مرڪندڙ نظرن سان.)

۾ ۽ انهن کي آئين ۾ تبديل ڪري ٿو سگهجن.
(مذاقيه انداز ۾ آشيرواد ڏيندي)
ٺل اهو مقام توسان ۽ تون ان مقام سان جڳ - جڳ
جڙيو رهين...
(پروهت ۽ شاه لطيف مرڪن ٿا.)

هڪ جوڳي: (اوچتو اچي ڪري) جئه گورکناٿ! سوامي جي، هلون ؟

(پروهت ڪنڌ سان هاڪار ڪري ٿو. سڀ اڳتي وڌن ٿا. گورکناٿ - شکر آسمان سان ڳالهيون ڪري رهي آهي.)

گورکناٿ شکر / ٻاهر / ڏينهن

(پروهت، شاه لطيف ۽ ٻيا جوڳي گرنار ٽڪريءَ جي سڀ کان اوچي چوٽي گورکناٿ شکر تان پرماتما جي رچيل ليلا جو آنند ماڻي رهيا آهن. اهڙن استانن تي پهچي انسان جو من خود به خود پرماتما ڏانهن ڇڪجي ويندو آهي.)

شاه لطيف: لسه گندا، نه گهري، نه لانگوٽي لڪ،
جيڏانهن پرين وڪ، تيڏانهن صاحب سامهون.

(جوڳي پدماسڻ ۾ ويهي "اوم - اوم - اوم" جي ڌن لڳائن ٿا. سڄو ماحول اوم جي گهن گڀير سُر سان ٻرجي ٿو وڃي.)

شاه لطيف: جا اسلامان اڳي هئي، سا سڃاتون ٻانگ،
سامي ڇڏي سانگ، گڏيا گورکناٿ کي!

(اوم شبد جي گونج اڃا برقرار آهي.
شاه لطيف پاڻ به پدماسڻ لڳائي ويهي ٿو رهي.)

شاه لطيف: اوم......

(چئني طرفن کان اوم جو پڙاڏو)

جن جو آنند سان لاڳاپو هوندو آهي.

(ڪمل ناٿ ۽ شاهه لطيف پروتناٿ ڏانهن نهارين ٿا. هو اجا به وڌيڪ چٽائيءَ سان سمجهڻ چاهين ٿا.)

پروتناٿ : هڪ ڀڳت جي ڀڳتيءَ جي آنند جي وهڪري ۾ وهي اشٽ - ديوتا جي چرڻن ۾ پراڻ ارپڻ ڪري ۽ شوليهه ۾ سمائجي ٿو وڃي. ته هن سان گڏ ٿي ڀڳتي ۽ خود اشٽ - ديوتا به شوليهه ۾ سمائجي هڪ ٿي ٿا وڃن.

(شاهه لطيف جي اکين ۾ آنند ڀري عجيب چمڪ اچي ٿي وڃي.)

پروتناٿ : اڪيلو راهه ڏياچ ٿي مهنجا پراڻ لٽو ٿاڳي، هن سان گڏ ٿي ساڳي ٿي چڪيا ۾ سورت ۽ ٻجل اس - پسر ٿين ٿا. آنند پوچيندڙ ويو ته آنند پيدا ڪندڙ به ويو ۽ آنند جي وسٽو به وئي... اجا به وڌيڪ ڪولي چوان؟ راڳ - پريمي ويو ته پاڻ سان راڳ ۽ راڳي به کڻي ويو. لطيفي جي سوچ جون لهي آهن سيمائون.

(شاهه لطيف ڏاڍو گد گد لڳي رهيو آهي.)

شاهه لطيف : سؤ سون پاڻي، جي تند ٻرابر تو رباب،
اُنل اوڏانهن ٿئي، جڏانهن ٻجل پراڻي،
سڪتو هند آهي، سر ۾ سچڻ ناهه ڪي.

پروتناٿ : لطيف، تون پاڻ به سنگيت جو ڪمل راهه ڏياچ آهين تڏهن تو اهڙا پول پولي سگهين. اٿي جي جاهه ناهي.

ڪمل ناٿ : ادا لطيف، جي تون پاڻ کي ٿئين راهه ڏياچ ته پوءِ تو ٿي ڪاٿي مهار ناهي. جو پولين سو واهه واهه! جو آکين سو سچ!... مهنجو خيال آهي ته هاڻي تون ان مقام تي پهچي چڪو آهين جتان آيون ڪي پهچن

ڪنڀات ۾ مهاديو جو تلاءُ / ٻاهر / ڏينهن

(وائيڊ شاٽ. شنب تيرٿ تي جوڳي ڌيان مگن ويٺا آهن. شاهه لطيف هڪٽڪ شولنگ ڏانهن نهاري رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اوليارا در درون - ي - نغمهاست
طالبانرا زان حياتي-بي بهاست

ڪمل ذات : (اکيون ٻوٽي) يعني؟

شاهه لطيف: مولانا روميءَ جو ڪلام آهي. چوڻو: طالب مرشد وٽان روحاني رمز ٻروڙي پاڻ کي هن ۾ فنا ٿو ڪري. ان کان پوءِ طالب ۽ مطلوب ٻئي هڪ ٿي ٿا وڃن. راجا راڳائي هردو ئي هڪ ٿيا...

ڪمل ذات : اچا تمهيدو من ڏياچ ۽ ٻيجل کي ٻڪڙي وينو آهي. مهاديو جي لنگ ڏانهن نهار. سڀئي سرشٽي ان ۾ سمائي پئي اٿئي.

شاهه لطيف: آهو ٿي ته ڏسي رهيو آهيان. ڏسي رهيو آهيان ۽ سوچي رهيو آهيان.

ڪمل ذات : لطيف، ڏسڻ ۽ سوچڻ کان سواءِ ٻيو اسان لاءِ آهي ئي ڇا ؟

شاهه لطيف: ڪڪ آهين ان حالت مان ؟

ڪمل ذات : ڪڪ ٿي ڪري ۽ ڪندس ڇا؟

شاهه لطيف: ڪميا ٿڙي ٿڙوري آئي ٿڙ واجهاءِ،
مان اچڻون ڪاءِ، سوادائي سڄڻين.

(ڪجهه پل خاموش رهي ٿو)

شاهه لطيف: ڏيهون ڏيهن لڏيون،
مون ڪي ور و ٿاڃن جو،
ڏيهون ڏيهن لٿون......

گرنار ٽڪريءَ جي هڪ غفا / اندر / ڏينهن

(ڪئمرا ڪلوز مهايوگي ڀروتناٿ جي چهري تي. هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي.)

ڀروتناٿ : مهايوگي گرو گورکناٿ اسان ناٿ - پنٿين کي من - وچن - ڪرم جي پوترتا جو مها منتر ڏنو آهي. اسان ناٿ - پنٿين جي اِهو - ابلا جو اُپديش آهي : من - ساڌنا، پراڻ - ساڌنا، اِندريہ - ساڌنا، پاتنجل يوگ ۽ آچار - وچار جي پوترتا...

(ڀروتناٿ جي سنواد سان گڏوگڏ ڪئمرا به پوئتي هٽندي ٿي وڃي ۽ اسان ڏسون ٿا ته ڀروتناٿ شاهہ لطيف سان ڳالهائي رهيو آهي. آس پاس ٻيا جوڳي به ويٺا آهن. جيئن ته هو هن وقت گرنار ٽڪريءَ جي هڪ غفا ۾ ويٺا آهن ان ڪري ڪجهه انڌيرو محسوس ٿي رهيو آهي.)

ڀروتناٿ : اسر يوگيندر گرو گورکناٿ سوامي انهن پوترتائي ۽ تپسيا ولان پوشن سان هيو جنهن پدوي کان ڪنهن لاءِ به اُچ ممڪن نه هو - پوءِ اهو چاهي عام ماڻهو هجي، ڪوي - ڪلاڪار هجي يا تپسوي ۽ سنت پرش هجي. پٽ لطيف، ڪبير جي واڻي پڙهي ڏس. تون ڏسندين ته ڪبير جهڙي اکڙ ۽ فقير طبيعت انسان تي به يوگيراج گورکناٿ ۽ سندس سڌانتن جي امٽ ڇاپ آهي...

جوڳي : جئه گورکناٿ...
الک نرنجن......

سڀ کان اول هتي ٻيو ڏريا انب جي وڻن جون قطارون.
ننگر پارڪر ۾
ننگر جهڙو شهر،
جنهن ۾ نمر ڀاڙي لهر.
هي ننگر پارڪر آهي ڪارونجهر
ٽڪريءَ جي هيٺ ۾ —
ڪارونجهر ٽڪري جيڪا
اراولڙ جبل جي ڀاڱي آهي.

ڪارونجهر ٽڪريءَ جي مٿان
گڙ گڙاهٽ جو خوفناڪ
آواز ٿئي ٿو.

ڪارونجهر يعني ڪالنجر —
ڪال جو آلمه آڏيندڙ مهاديو.
هتي انهلا سر، سارڻ ڙو ۽
گئو مکي ڏالي ٿي تيرٿ استان
به آهن.

جوڳي ۽ شاهه لطيف شو- لنگ
جي اڳيان سر جهڪائن ٿا...
انهلا سر ويجهو شاهه لطيف ۽
جوڳي. سارڻ ڙو تي شاهه لطيف
۽ جوڳي. گئو مکي ويجهو شاهه
لطيف ۽ جوڳي.

سٽيءَ سبڻي سارنا جي ٻاڙر جا پڌوهار...

سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ واري ٿر
کي "ٻاڙر جو ٿر" ڪري
سڏيندا آهن. هتي سر زمين
ڏانهن جوڳي ۽ شاهه لطيف جو
چٽڻي ڪشش سان ڇڪيندا
ڇڪيندا آن ڪري آيا جو
جوڳين کي گوريءَ جي مندر
جو درشن ڪرڻو هو ۽ شاهه
لطيف کي ڏسڻو هو مارئيءَ
جو ملڪ — ملير...

ٻه وقت، جوڳي ۽ شاهه لطيف
تيز رفتار سان اڳتي وڌندا ٿا
وڃن.

ڪمل ناٿ : سچ آهي- بلڪل سچ آهي. پيار جو پاڻ آر پار نه وهندو آهي، هڏهن ۾ اٽڪي پوي ، حالتن پٺيان ڇپندو آهي. هڪ دفعو ٻه ٻه-پاڻ سان جو ڦٽڻو سو ڦاٽو. پوءِ موٽ تائين ڦٽڪندو .

پروتمات : (اوچتو اٿي ڪري) ڦٽڪندو ، لڇندو ، ٻرندو ، جلندو پر همت نه ڪندو ......

گهٽ ۾ گهٽ لطيفي لاءِ ته اسان اهو دعويٰ سان چئي ٿا سگهون ... مهاديو شو شنڪر جي اکين سر جهڪالي، وڏون ٿا اچن...

سوتر ڌار (فقط آواز)

شاهه لطيف جي ڏينهن ۾ گهرامڻ جي شهرن ۾ گوري جو ميلو لڳندو هو . ميلي ۾ عام جنتا سان گڏو گڏ ڪيترا ئي جوڳي به وڃي ڪٺا ٿيندا ها ...

درشيه

پارسناٿ جي جهانڪي. ميلو. گوري جا ڪجهه درشيه راس ليلا

پروتمات، شاهه لطيف ۽ جوڳي ميلو ڏسي رهيا آهن. سڀ پارسناٿ (گوراچو) جو درشن ڪن ٿا.

شاهه لطيف ۽ جوڳي ڪيترن کان ساڻو جهلڻو ڪري ويا ها پر گهرامڻ جا بت لغاڙي ساڻ ڏاڍو رخ رکيو هيائون.

شاهه لطيف ۽ جوڳي بت لغاڙي رهيا آهن.

ٻاٽي ٻڌندا آهن؟

(آواز کي وڌندا ويندا ٻٽائيندي)

هڪڙي اندر خاني جي ڳالهه ٻڌايانءِ؟

عمر ڪمتري ئي ڪوشش ڪئي ته مارئيءَ جو مڻڪو ٽٽي — پر نه ٽٽو، نه ڀڳو — اڙي ميان! ڏس الله جا ڪرشما! عمر پاڻ ٽٽي پيو. ٽٽي پيو، ڀڄي ويو -

(اوچتو مڻڪي کي ڪٽي ۽ ڇاتيءَ سان لڳائي.)

اڌ - چريو: هيءَ مارئيءَ جو مڻڪو - مان ڪنهن کي نه ڏيندس، ڪنهن کي نه ڏيندس، ڪنهن کي نه ڏيندس...

(ساڳيا لفظ دهرائيندو دهرائيندو هڪ طرف ڊڪندو ڊڪندو هليو ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: (اکين کان دور ٿيندڙ اڌ-چريي فقير ڏانهن نهاريندي) اشارا سمجهڻ اٿائين سو اشارن ۾ ڳالهائي ٿو. زمان ۽ مڪان کي فتح ڪري چڪو آهي.

پروقذات: ٻت لطيف، فقير جي جهڙو - دنيا ٻاورا ٿا ڏسن. دنيا جا هوش حواس دنيا کي ڏيئي ڇڏيا اٿائين، پر لوڪ - ڪلهاڻ کان منهن نه موڙيو اٿائين... اخلاق جي قيمت اڄا سمجهي ٿو...

(شاهه لطيف ٻڪڪ ڪولڊيءَ طرف نهاريندو ٿو رهي.)

ڪمل ذات: ڪولڊيءَ جو ڪندو ڪويءَ جي قلب ۾ اڙجي ويو ۽ ويو ڪوي ڪم ڪان!

پروقذات: ڏيهون ڏيهن لطيفو ڪم جو ٿيندو ٿـو وڃي... ڪمل پت، هي لوڪ - ڪهاڻيون ته ڪلهون آهن جن تي لطيفو آڏياتمڪ اٿيون ۽ آزمودن جا وستر ٽڪيندو. ڪٿائون ڪهاڻيون ته ڌاڳا آهن جن ۾

(سنگيت - ڇيمس عورتاڻي آواز ۾)

جهڙي آهس جهڙن، جي تهڙي وڃان تن ڏي،
ته لالائي جا، لطيف چئي، ڪر مدن اُتا منهن،
ماڙي لڳم مهٽو، سڀ ڇاندر سڀڻن،
تهس ڪاڻاري ڪانڌ جي، هتي اچي هيڻن،
ڪنڌ ڪٽنديس ڪهڻن، منهن ماروئڙن جي؟

(درد ڀريو سنگيت ۽ هالڪو.)

ملير ۾ ميدان / ٻاهر/ ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز اپ ۾ رکيل پٿر جي هڪ وڏي ڪونڊيءَ تي. هڪ اڌ - چريو فقير مٽڪي مان ڪونڊيءَ ۾ پاڻي اوتـي رهيو آهي. ڪئميرا جي اولٽي هٽڻ تي اسان ڏسون ٿا مهاڀوڳي پروتداف، جوڳي ۽ شاهه لطيف ان ڪونڊيءَ جي آس پاس ويٺا آهن ۽ تپرس مان اڌ-چريي فقير ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

اڌ-چريو : ايندي — ايندي — هاڻـي ايندي - پنهنجن ڇولن ڇولين سان گڏ ايندي — هو هو —

شاهه لطيف: آها، ڪير ايندي؟

(اڌ-چريو فقير عجب مان هنن سڀني ڏانهن نهاري ٿو - ڄڻ ڪيس ڪل ئي ڪو نه هجي ته هن کان سواءِ به ڪوئي اٿي آهي.)!

اڌ-چريو : (شاهه لطيف جي منهن سامهون هٿ لوڏيندي) ڇيهن ٿو ڪير ايندي؟ هو هو هو — ماڙئي ايندي ماڙئي!
پنهنجن ڇولن ڇولين سان گڏ ماڙئي ايندي...
خبر ڪو نه اٿئي ته هن ڪونڊيءَ مان ڇولا ۽ ڇوليون

علاج آهن. ڪبراهو جي پٿرن جي ٻاهرئين پاسي ڪام - ڪريا جون ڳنڍيون ۽ ڳنڍيون تصويرون آهن. ڪٿهن ڪامي ٻاگل جو من جهڙي ڪلپنائون ڪري ٿو سگهي انهن کان به گهڻو وڌيڪ ڀيانڪ. ڪمال اهو ته جهڙا اهي واسنا ڀريون تصويرون ڏسندا رهندا، ڏسندا رهندا جيسين هُن جو من ڀرجي نه وڃي، ٿڪجي نه... پوءِ اندر داخل ٿيندا. اندر، ديوارن جي ٻئي پاسي، ڪجهه نه ڪونهي... سمجهيئه لطيف؟ ڪجهه نه ڪونهي.

ڪام - واسنا جون سڀ ڪلابازيون ٻاهر رهجي ويون. هاڻي آهي- ڪجهه نه نه. شونيه-شونيه-شونيه. لطيف! ڀوڳي، ڀوڳي، ڀوڳي، ٿڪجڻ ۽ ٿڪاوٽ کان سواءِ پرم پد جي اپراپتي، شونيه جي پراپتي ٿيڻي ٿي ڪونه آهي. هاڻي اسان گوڙي مندر جو درشن ڪرڻ لاءِ هلنداسين. پارسناٿ گروپ جي گوڙي مندر ڏانهن...

۞

گوڙي مندر / اندر / ڏينهن

(دالان. گوڙيءَ جو مندر حاطي اندر آهي ۽ اڳيان دالان اٿس. پروهيت، جوڳي ۽ شاهه لطيف دالان جو ديدار ڪري رهيا آهن. دالان ڏسڻ وٽان آهي. سڄو ڪم سنگمرمر ۽ جرٽ پوري ڪٽ جو ٿيل آهي. دالان جا ٿنڀا ۽ سنگمرمر جا آهن. گولائيءَ واري ڇت. ديوارن تي دلڪش چٽ چٽيل.

دالان جي سوڀيا ڏسڻ کان پوءِ سڀ هڪ وڏي صفي ۾ داخل

لطيفو روحاني هيرا موتي جواهر، لعل ٻوليندو.

شاہ لطيف: ٻاڇاهي نہ ٻاڙهان، سرلهون سنئين سانگ،
ٻيکي آگهاڙن کي، ڪن ٻيڪاڻين پاڻ،
ٻهر چاپي چاڻ، اهر جي اوصاف ڪي!

ڪمل ناٿ: يعني سنڌي جا ڳڻ سمجهڻ لاءِ ٻيو جنم وٺڻو پوندو؟ يا اهنڪار مارڻو پوندو؟

پروتناٿ: ڪمل پٽ، هاڻي تون ئي ٻڌاءِ تہ لطيفو ڏيهون ڏيهون اڙجندو نہ رهي يا آزاد ٿيندو نہ رهي؟

ڪمل ناٿ: (شرارت مان) اهو تہ سڀ ٺيڪ آهي گروجي! پر ... ڪن ٻيڪاڻين پاڻ... انهن لفظن جي پٺيان ڪائي صورت مورت تہ ڪو نہ لڪائي رکي اٿئي؟ ڀڳوان ڄاڻي، ڪلپنا ۾ ڪنهن کي تو آگهاڙو ڏٺو!

(اهو ٻڌي دفعو شاہ لطيف هڪ ٿاڦي ڪمل ناٿ کي جهٽڪو ڏئي ماري. پر ڪمل ناٿ هڪ طرف هٽي ٿو وڃي. شاہ لطيف چاهي ڪمل ناٿ جي ڇيري کي مرڪ آهي جڻ ٻئي ان مذاق مان آنند ماڻي رهيا آهن. اوچتو ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن نهارن ٿا، کلن ٿا ۽ کڻي ٿا هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ پائن.)

پروتناٿ: پٽ لطيف، ڪمل جو علاج ڪرڻو پوندو. اسان هن کي کجراهو جون غفائون ڏيکاريندا سين.

شاہ لطيف: کجراهو جون غفائون؟ ان مان ڇا ٿيندو سوامي جي؟

پروتناٿ: ڪمل جي وڪارن جو علاج - وڪرت سوچ جو علاج ...

(ڪمل ناٿ مرڪي رهيو آهي. شاہ لطيف پروتناٿ ڏانهن نهاري ٿو.)

پروتناٿ: کجراهو جا ڀيانڪ ڪاماڪ چٽر واسنا جي روڳن جو

سوتردار (فقط آواز) : هيءَ آهي وڏهي جهب ڳوٺ جي ٻاهران ٻارو فقير جي سماڌي. ٻارو فقير جنهنکي عام طرح "ٻار ٻرهم" چوندا آهن سو اصل ڪڇ جي انجار شهر جو وينل هو ۽ ڪڇي برهمڻ هو. منڪن نالي هڪ سناسيءَ کان ڀوڳ - ڪريائون سکيو ۽ سڄي عمر برهمچاري ٿي رهيو.

سياءَ جو ونراڳي هو - گهڪڙ هو. رڳن ڪندو ڪندو اچي سنڌ پهتو. وڏهي جهب جو ڳوٺ اهڙو نه وڻي ويس جو هتي ئي رهي پيو ۽ هن ڳوٺ کي ئسي ٻهنجو سيوا - استان، ڪرم - ڀيتر ۽ سماڌي - استل بڻايائين !

ان وقت بس هن ڳوٺ ۾ ٻهل رهندا ها. شوُدر ۽ اڇوت ۽ گهٽ جاتيءَ وارا ٻهل، جنکان سڀ اونچين جاتين وارا ڇوُ ڇوُ ڪري دور ڀڄندا ها ۽ جنکي ڌڪاريندا ها! سو ٻارو فقير ٻهلن جو سيوڪ ٿي ڪري رهيو! برهمڻ ٻو ٻهلن جو سيوڪ!!

⊛

(ڪئل ٿئل ٻهل زمين تي سمها پيا آهن. ٻارو فقير گهر ۾ اندر اچي ٿو. هنجي منڍي تي هڪ وڏي گهاگهر پاڻيءَ سان ڀريل آهي. هو هڪ ڪنڊ ۾ رکيل منڍيءَ جي منڪن جي اڳيان اچي بيهي ٿو. منڪا صاف ڪري ٿو ۽ گهاگهر جو پاڻي انهن ۾ اوتي ٿو.)

ٻارو فقير : ويچارا ڪم ڪري ڪري ڏاڍا ٿڪجي پيا آهن. سمهيا انهن پيا آهن جهڙ ڪو لوڙون...

(ٻارو فقير هڪ گهر ۾ ڪاٺين جي ٻاري رکي ٿو.)

ٿين ٿا. صفيءَ جي پٺيءَ پاسي کان ڇهه ڇهه، يعني ڪل ٻارنهن ڪوٺيون ٺهيل آهن. جوڳي صف ڏسي رهيا آهن. پروٽگانسٽ ۽ شاهه لطيف هڪ ڪوٺيءَ ۾ داخل ٿي ٿا وڃن. ڪوٺيءَ جي ڇت گنبذ جهڙي آهي ۽ ان ۾ هڪ ننڍڙو ٿلهو به ٺهيل آهي- يوگ، ابياس لاءِ يا چلي-ڪشي ڪرڻ لاءِ.

ڪوٺيءَ ۾ ڏسڻ لاءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه آهي. ان ڪري اڳتي واپس صفيءَ ۾ اچن ٿا. پوءِ سڀ هڪ ٻئي صفيءَ ۾ داخل ٿين ٿا جنهن ۾ هڪ وڏو ٿلهو ٺهيل آهي.)

پروٽگانسٽ : ارڙهن ڪال جو گرو ڪل لڳي رهيو آهي... هي وڏو شاهي ٿلهو ڏسو، سڀ گرو ڪل واسي ملي ڪري هتي پوڄا ڪندا هوندا... من ارپڻ ڪي ويو - آنند اچي ويو.

(سڀ واپس وڃن ٿا ۽ مندر جي ٻاهران پر احاطي جي اندر هڪ غفا جي پاسان اچي ٿا بيهن. پروٽگانسٽ، جوڳي ۽ شاهه لطيف ان غفا ۾ داخل ٿين ٿا. غفا ۾ هيٺ وڃڻ لاءِ ڏاڪا ٺهيل آهن.)

پروٽگانسٽ : هي گرڀ-گهر آهي آچاريه جي. يوگ ابياس لاءِ ۽ شاسترن جو چنتن ۽ منن ڪرڻ لاءِ...

ڀٽ لطيف! هي اُهي آستان جتان الماس لال ۽ هيرا تراشجي نڪرندا ها.

ويڙهي ڇهين / پارو فقير جي سماڌي / ٻاهر / ڏينهن

(ڪئميرا پارو فقير جي سماڌيءَ کي ڪور ڪري رهي آهي. سونڙ تار جو آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

ٻارو فقير : هاڻي منهنجي
مٿان مٽي وارو
۽ مٿون ڪـي
ڇڏي ٿـي
سماڌي ڏيو.

ٻارو فقير جي سماڌي جڙندي
ٿي وڃي.

ٻارو فقير جي سماڌي / ٻاهر / پرڀات

(پرڀات جو سمو آهي. پکين جي چهچهاٽ وارو ماحول ڪي قدرتي سنگيت سان ڀريو رهي آهي. سج اڃا نڪتو ڪو نه آهي. اوڀر طرف اُفق تي لالاڻ آهي.

ٻارو فقير جي سماڌيءَ جي ڀرسان مهاڀوڳي پروتداس ويٺو آهي. هن جي سامهون شاهه لطيف ويٺو آهي. باقي سڀ جوڳي اڌ - گول ٺاهي پروتداس جي سامهون ويٺا آهن.)

پروتداس : هيءَ جاڳرت سماڌي آهي. مهاپرش ٻاربرهم جـي هيءَ سماڌي جاڳرت سماڌي آهي. هيءَ سماڌي اُن شڪتيءَ جي سماڌي آهي جنهن جاتي - پاتي ۽ اونچ - نيچ جو ڀيد مٽايو ۽ منش کي منش ٿي ڪري ڇڏڻ جو پاٺ پڙهايو. هتي جيڪڏهن ڪائي شيءِ دفن ٿيل آهي نه اُها آهي نفرت. انسان جي انسان سان نفرت هتي پوريل آهي. ان ڪري اسان چئون ٿا ته هيءَ هڪ جاڳرت سماڌي آهي.

اڄ اسان هن جاڳرت سماڌيءَ جي سامهون ڌرم ۽

(ڀارو فقير هڪ گهر ۾ جهڙ هلائي اُن ۾ سمهي رهيو آهي.)

سوترڌار (فقط آواز)

ڪجهه عرصي کان پوءِ ڀارو فقير موٽي انهار وٺو ۽ پنهنجي مائٽن کي چيائين :

سائين وڻڙهي جهڳ ۾ پوڄا ڪندس. توهان منهنجي سماڌي اتي ٺهي جوڙائجو. دنيا کي ڀل نه ياد رهي نه ڏاڍو - ڀاڄه جي ٻيهر پوڄا جو آرليب سب کان اول سنڌ جي وڻڙهي جهڳ ڳوٺ ۾ ٿيو هو ۽ سو اڄ هڪ ٻوهڙ جي هيٺان...

پوءِ هو پنهنجن مائٽن کي وٺي وڻڙهي جهڳ ۾ آيو.

۽ هڪ ڏينهن...

درشيه

ڀارو فقير مائٽن سان ڳالهائي رهيو آهي.

ڀارو فقير وڻڙهي جهڳ ڳوٺ جي ٻاهران هڪ ميدان ۾ لوڳ آسڻ لڳائي ويٺو آهي.
هن جي آس پاس هن جا ست مائٽ ۽ ڳوٺ جا ماڻهو اڀا آهن.

مولادار جو ڏنو، سوادستان آهي واپس ورتو. باقي جو ڪجهه رهيو اهو آهي: توهان پاڻ، توهان جي نج هستي... ۽ توهان جي نج هستي، توهان جي ماتا - پتا جي شريرن کان به اڳ، هزارين هزارين سال اڳ به وجود ۾ هئي......

پٽ لطيف، ٻڌاءِ: تون ڪرشڻ کي سڃاڻين؟

شاهه لطيف: ڪرشڻ؟ مان نه ڪرشڻ کان به اڳ جو آهيان.

(جوڳين جي چهرن تي مرڪ اچي ٿي وڃي.)

پروتناٿ: بلڪل ٺيڪ، تنهنجو شرير ڀلي اڄ جو هجي پر تنهنجو "آتم"، تنهنجي "هستي" انادي ڪال جي آهي.

شاهه لطيف: انادي ڪال کان وٺي نه؟

پروتناٿ: ها پٽ، نه پٽ! "نه" ان ڪري جو چيتنا ڪونه ٿي رهي... اڳين جنمن يعني پراڻن ٿيل شريرن ۽ تن جي ياد گيري ڪونه ٿي رهي. پر آتما امر آهي، توهان جي نج هستي امر آهي. گيتا جو سار به اهو ئي آهي. گيتا ۾ ڀڳوان شري ڪرشڻ ارجن کي اهو ئي سنديش ڏنو آهي ته مهاڀارت جي جنگ ۾ جيڪي به شوروير مرتيو کي پراپت ٿيندا آهي مولادار طرفان ڏنل قرض کان فقط آجا ٿيندا ۽ سوادستان ۾ استٿت ٿي پنهنجي نج هستيءَ کان واقف ٿيندا. حقيقت ۾ موت ڪائي سزا ڪونه آهي، فقط قرض جي ادائگي آهي...... موت ئي توهان کي ٻڌائي ٿو سگهي ته، توهان اصل ۾ ڇا آهيو ۽ توهان جو اصلي روپ، نج هستي ڇا آهي. ڪبيرءَ جي ڏاڪڻ جو ٽيون ڏاڪو آهي:

مذهب جا پهلو مڃائيندا آهن. اڄ اسان ڀٽ لطيفي
جي سامهون ڇٽن لفظن ۾ اهو پهلو کولينداسين جنهن
جي ڄاڻ کان پوءِ ڪٿي به، ڪنهن به قسم جي
فرق جو سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي.

اڄ اسان ڀٽ لطيفي ڪسي ياترا ڪرائينداسين.
ڪنڊلني - چڪرن جي ياترا - مولاڌار چڪر کان
وٺي سهسرار چڪر تائين سڀني چڪرن جي ياترا...
ڪنڊلنيءَ جي چڪرن جي شروعات ٿئي ٿي
مولاڌار چڪر سان. مولاڌار يعني بنياد. اهو بنيادي
يا شروعاتي چڪر آهي. ان کي اسان واسنا چڪر
به چئي ٿا سگهون ته جنم چڪر به چئي ٿا سگهون.
استري ۽ پرش جا مولاڌار چڪر ئي پهريون روپ ۾
ملي سرشٽي کي ٿا، جيون کي اڳتي وڌائن ٿا.
اسان سڀني جو شرير اسانجي ماتا - پتا جي مولاڌار
چڪرن جي ڪراپ ئي اسان کي پراپت ٿيو آهي.
مولاڌار کان پوءِ آهي سواڌستان چڪر. سواڌستان
يعني خود جي رهڻ جي جاءِ. اها جاءِ جتي جيو
پنهنجي اصلي روپ ۾ رهي ٿو. ان کي مرتيو -
چڪر به چوندا آهن...... عجب نه ڪائو. جيو، اصل
۾، مرتيو ۾ ئي نواس ڪري ٿو. ڀٽ لطيف، انسان
مري ڪري ئي پنهنجي نج هستيءَ کي پراپت ٿئي
ٿو... جو نه مري فقط اهو ٿو، البته فقط ان جو
اچي ٿو جيڪو توهان نه آهيو. فقط توهان جي شرير
جو انت اچي ٿو ۽ شرير نه توهان جي ماتا - پتا
جي مولاڌار چڪرن جو ڏنل ته آهي. موت فقط
ان ته کي کسي ٿو.

(پروفيسر ۽ سڀ جوڳي هلڪي کل کلن ٿا. شاهه لطيف جي اکين ۾ به چمڪ آهي.)

پروفيسر : وري شيطاني ڳالهه! انسان جو ذهني سوارٿ لالچين ۽ کي ڀڪي ٿو رکي جهڙين ڳالهين پڇن. وري جي ڪوي چوي ته ليکڪن کي ڀڪي رکجي ته اهو چوڻ به ته ٻار کي ٻڌرو ڪرڻ آهي. لطيف پٽ، دل جون ڀاونائون لکڻ جون نه آهن. انهن کي انيڪ نڪال آهن ...

پٽ لطيف! ڏاکڻ جا اهي ئي هنيان ڏاڪا آهن. هنيان، اهميت جي لحاظ کان نه، پر سلسلي جي لحاظ کان. ان کان پوءِ چوٿون چڪر آهي: اناهت چڪر - هردية ڪمل ر. ڪنٺ تي سنڌر شبد آهي- اناهت. اناهت يعني اهو آواز جيڪو ٽڪرائجڻ بنان ئي پيدا ٿئي! سمجهين ٿو لطيف؟ بنان آواز جي آواز! شبد هين شبد. هڪ هٿ سان وڄايل تاڙيءَ جو آواز!

(شاهه لطيف عجب ڀريل نظرن سان پروفيسر ڏانهن نهاري ٿو.)

پروفيسر : ڪنڊليءَ جو اهو اناهت چڪر ڪاڻ سان ئي انهد ناد ٻڌي سگهبو آهي. اناهت کي ئي ڪبير ۽ ٻين سنتن انهد ناد چيو آهي. اناهت چڪر بلڪل وچ ۾ آهن- ٽي چڪر هيٺ، ٽي چڪر مٿي. اناهت چڪر دروازو آهي- هيٺان کان مٿي چڙهڻ لاءِ يا مٿان کان هيٺ لهڻ لاءِ ... هردية چڪر جو وڏو مهتو آهي. نشڪام پريم، امر پريم، پورڻ پريم اناهت يعني هردية چڪر مان ئي اڀرن نڪرندو آهي. ڌيان، سماڌي ۽ ڀڳتي ان هردية چڪر مان ئي اڀرن ٿئي

مٺڙو چڪر: اهو چڪر انسان جي جذبات ۽ احساسن
جو مرڪز آهي. انسان جون ڀاونائون ئي مٺڙيون آهن،
هيرا آهن. ڀاونائن، جذبن ۽ احساسن جي ڪري ئي
انسان جو جيون قيمتي آهي. ورنه، انسان جي شرير
۾ رکيو ئي ڇا آهي؟ پرماتما ڀاونائن ۽ جذبن جي
دولت فقط انسان کي ئي ڏني آهي. مٺڙو
چڪر ئي انسان کي انسان بڻائي ٿو. نه ته هو
جانور آهي، حيوان آهي، درندو آهي، اڇاچاري
آهي- نرڪشو آهي. ڀٽ لطيف، هتي اسان هڪ
ڳالهه چٽي طرح صاف ڪرڻ چاهينداسين... يوگ،
خاص ڪري هٺ يوگ، ڀاونائن، جذبن ۽ احساسن کي
روڪڻ جو آديش ڏئي ٿو پر تنتر شاستر چوي ٿو:
وهڻ ڏيو، ڀاونائن کي بي روڪ-ٽوڪ وهڻ ڏيو. تنتر
شاستر هر قسم جي ڀاونائن کي وهڻ، پڌرو ڪرڻ ۽
ٻاهر ڪڍڻ جي صلاح ڏئي ٿو...

شاهه لطيف: سوامي جي! ان معاملي ۾ توهان جو پنهنجو مت
ڪهڙو آهي؟

پروتمات: هڪ ناٿ-پنٿي يوگي هئڻ جي ناتي هئڻ ته اسان
کي هٺ يوگ جي طرف گهرجي پر اسان ڀاونائن
جي وهڻ جي فائدي ۾ آهيون. آخر نه روڪڻ، ڪاڻ
۽ ڇرڇو گهيو ڪرڻ ۾ ڏوهه ئي ڪهڙو آهي؟ بيڪار
شين جو نيڪال هئڻ ئي گهرجي جيئن دل ۾
قيمتي شين لاءِ جاءِ پيدا ڪري سگهجي.

شاهه لطيف: سوامي جي!
نهائين ۾ ڪان نيهن، سڪ مهنجا سپرين!
سڙي ساڙو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

پيا ته ڏنا ويندا آهن. اسان توکي اڳي به ٻڌايو هوسي ۽ هاڻي به ٻڌايون ٿا ته ويدن جي رچائڻ کي رشين ڏنو هو. ان کري انهن کي منتر-درشٽا به چيو ويو آهي. رشين ويد-منترن کي سوچي ڪو نه لکيو هو، پر اهي پاڻمراد ۽ هنن جي اکين جي سامهون پرگهٽ ٿيا ها... حضرت محمد به قرآن جون آيتون ٻڌايون هيون. جنهن ڏينهن حضرت محمد سان اها گهٽنا گهٽي هئي ان ڏينهن هن جي جهڙا حالت ٿي هئي، ان کي عام ماڻهن لاءِ سمجهي سگهڻ به ممڪن ڪو نه آهي.

(جوڳي پاڻ ۾ ڪجهه سس پس ڪن ٿا.)

ڪمل ناٿ: گروجي، اسان اها گهٽنا ٻڌڻ چاهينداسين.

پروتناٿ: ڇا اناهت ناد جي توهان کي ڄاڻ ڪو نه آهي؟

هڪ جوڳي: گروجي، اسان کي سڌن ٿي چڪرن جي ڄاڻ آهي پر ته به اسان جي پربل اڇا آهي اهو ٻڌڻ جي ته حضرت محمد سان اها گهٽنا ڪيئن گهٽي.

(پروتناٿ ڪجهه دير چپ ٿو رهي.)

پروتناٿ: هڪڙي ڏينهن محمد پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي ويٺو هو ته اوچتو هن پنهنجي اندر مان پاڻمراد ۽ پيدا ٿيل قرآن جون آيتون ٻڌيون. هو مدهوش ٿيو. هن کي سمجهه ۾ ٿي نه آيو ته هي ڇا ٿي رهيو آهي...... گهر آيو، ڏڪندو ڏڪندو، پگهر سان شل! پنهنجيءَ زال خديجه کي چيائين: گهر ۾ جيترا به ڪمبل آهن، وجهه منهنجي مٿان. مون کي الائي ڇا ٿي رهيو آهي. مون هڪڙي ڏڪڻي ڪڏهن به محسوس نه ڪئي آهي...

ٿي. جڏهن ڪنڊلنيءَ جو ڦوٽون چڪر- ڀيدي- چڪر
کلي ٿو ته اندر مان ٿي انهد ناد ٻڌڻ ۾ اچي ٿو -
اوم اوم اوم. اهو انهد ناد پاڻمرادو لڳاتار جاري
رهندو آهي.

اٿي هڪ ڳالهه جو ڌيان رکجانءِ ڀٽ لطيف! منهن
مان چوَل شبد، ڳلي مان نڪتل شبد يا سوچ سان
ڳنڍ هلندڙ شبد اناهت ناد ۾ شامل ڪونه آهن. ڀلي
تون زندگيءَ ڀر ويٺو نام جو جاپ ڪر يا منترن جو
اچارڻ ڪر، پر اهو انهد ناد ناهي. اهي- آواز آواز
پاڻمرادو اندر مان اٿڻ ٿي، اندر ۾ ٿـي وڃڻو
رهندو ۽ تون اهو ناد فقط ٻڌي سگهين ٿو. ان ۾
تنهنجي ڪائي ڪريا، ٻڌڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوئي ڪرم
شامل ناهي. هرديه جو آواز ٻڌڻ لاءِ توکي ڪجهه
ٻولڻو ناهي، فقط شانت رهڻو آهي. اناهت ناد
شانتيءَ مان اٿڻ ٿيل ٻغير آواز وارو آواز آهي.
ڀٽ لطيف! توکي ته خبر هوندي. مسلمانن جي مڃتا
آهي ته حضرت محمد قرآن ٻڌو هو، اهو بلڪل
سچ آهي. محمد قرآن نه لکيو، نه چيو. ٻڌو،
فقط ٻڌو. دنيا ڪجهه به چوي پر اسان چونداسين-
اهو بلڪل سچ آهي. قرآن جهڙو گرنٿ فقط ٻڌي
ٿي سگهجي ٿو...

لطيف. ڀٽ! هندن کي اها ڄاڻ پراچين ڪال کانوٺي
آهي. اسان وٽ سڀني ڌرم گرنٿن لاءِ هڪ شبد
آهي: شرتي! شرتيءَ جو ارٿ ٿي آهي: اهو جيڪو
ٻڌو ويو. ويدن جهڙا گرنٿ، قرآن جهڙا گرنٿ
لکيا نه ويندا آهن. اهي گرنٿ يا ته ٻڌا ويندا آهن

جي شڪتيءَ سان ئي مهران ڏهر جو ٻالو ٻي وئي
۽ هن کي ڪجهه به ڪو نه ٿيو!
وشڌي چڪر جو نواس ڳلي وٽ آهي. تنتر شاستر جو مت آهي ته - تڏهن ئي ڳالهاءِ جڏهن پڇجين چڪر وٽ پهچين، چوٿون چڪر پار ڪري- تنهن کان چالاڪي لڳائي ڪري ته.

(جوڳين ۽ شاه لطيف جو هلڪو ٽهڪ)

پروتمات: ڳالهائڻو اٿئي ته پريم مان ڳالهاءِ، نه ته نه ...
ڳالهائڻو اٿئي ته ڪروڌ مان ڳالهه، نه ته نه ...
جيڪڏهن تنهنجو هردي چڪر ڪليل آهي، جيڪڏهن تو اناهت وارو بي-آوازي شبد ٻڌو آهي، جيڪڏهن تنهنجي اندر ۾ اوم شبد جو سوکم ويد پاڻمرادو گونجيو آهي ته پوءِ توکي ڳالهائڻ جي اجازت آهي. پوءِ تون پنهنجي ڳلي مان نڪتل آوازن جي رستي پرماتما جو سنديش لوڪن جي زبان ۾ لوڪن تائين پهچائي سگهندين- ان وقت تون چپ هوندين، تنهنجي منهن مان پرماتما ڳالهائيندو ... پٽ لطيف! جڏهن الاهه ڳالهائڻ شروع ڪيو ته تو وٽ چوڻ لاءِ باقي رهندو ئي ڇا!

شاه لطيف: سوامي جي! وشڌي چڪر بابت ڪجهه پيو ٻڌايو.

پروتمات: وشڌي چڪر جو استان آهي ڳلو. ڳلو سڀ ٿا ڪم آڻن پر اجايو. وشڌي چڪر بند ٿيو هوندو آهي- ايجان! جڏهن وشڌي چڪر کلي ٿو ته پوءِ لفظ ماکيءَ کان به وڌيڪ مٺا ٿي وڃن ٿا، لفظن مان خوشبوءِ اچڻ لڳي ٿي، لفظ سگنڌ ۽ نرتيه سان ڀرجي ٿا وڃن. پوءِ تنهنجي منهن مان جو ڪجهه

خديجه کي مڙس جي چهري ۾ عجيب نور ڏسڻ ۾
آيو. هوءَ سوچڻ لڳي ته هيءُ ماجرا ڪهڙي آهي.
محمد جڏهن اکيون ٻاهر ٻرن ٻهون ٿيون. پر ڪنهن
بيحد دلڪش نور سان! جڏهن ٿي گهر ۾ قدم رکيو
ائين ته سڄو گهر ڄڻ نور سان ٻرجي ويو آهي.
خديجه خود به ڪجهه پڙهڻ لڳي. سو مڙس کي
چوائين: توهان کي ڪجهه به ڪونه ٿيو آهي. الله
جو رحم ٿيو آهي توهان تي! ڏچو نه. مون کي
سڄو حال ٻڌايو ته، اڄ توهان سان ڇا ٿيو آهي...
مون کي لڳي ٿو الله جي توهان تي خاص مهرباني
ٿي آهي- خاص رحمت ٿي آهي. توهان جي دل
مان ڪجهه نڪري سڄي گهر کي ٻاري رهيو آهي.
توهان خود سراپا نور ٿي ويا آهيو.
۽ محمد خديجه کي سڀ ڪجهه ٻڌايو...
۽ خديجه بيگم، اسلام کي قبول ڪندڙ پهرين
شخص هئي!
پٽ لطيف! اهو ٿيو چمتڪار اناهت چڪر جو-
هردي چڪر جو...
ٻيون ڏاڪو آهي - وشدي چڪر. پويترتا جو
چڪر. اهو بلڪل سچاويڪ آهي. هڪ دفعو انسان
جي اندر ۾ جي سچي پريم جو نواس ٿيو ته پوءِ
هن جي هر ڪاري ۾، هر ڪرم ۾ پويترتا رهندي
۽ ٻالڪ جهڙي معصوميت رهندي. پويترتا جو جنم
پريم مان ئي ممڪن آهي ۽ پريم امرت آهي.
پريم ۾ موتمار زهر کي به پاڻيءَ جهڙو
نرمل ڪري ڇڏڻ جي شڪتي آهي... وشدي چڪر

جهڙو سنڪلپ ڪندين سو اوس پورو ٿيندو.
پٽ لطيف! ڪن فيڪون جو مطلب هاڻي ڇڱيءَ
طرح سمجهي ويو هوندين. حضرت محمد انهن لفظن
۾ ان اسٿتيءَ جو ذڪر ڪري رهيو آهي جڏهن
ڇهون چڪر ڪلاڪ کان پوءِ پيدا ٿيئي ٿي. ان وقت
بندو بندو نٿو رهي، هو مالڪ ٿي ٿو وڃي. ڪن
۽ فيڪون - ٿيءُ ۽ ٿي ويو!

(شاهه لطيف اکيون مٿي ٿو.)

پروتڻات: ڏاڍيءَ مشڪل سان ڪوئي انسان ڇهين چڪر تائين پهچي سگهندو آهي. جيتوڻيڪ ڪنڊلنيءَ جا ست چڪر آهن پر حقيقت ۾ ڇهون چڪر ئي انتم چڪر آهي. جيستائين هن دنيا جو واسطو آهي، ڇهون چڪر ئي آخرين چڪر آهي. بندو مالڪ ٿي ويو! ان کان وڌيڪ هن دنيا ۾ ٻيو ڇهڻو ئي چاهي؟ هن دنيا جي حوالي ۾ ڇهون چڪر آخرين سرحد آهي، انتم سيما آهي. ان کان پوءِ جي گهڙين سان هن سنسار جو ڪوئي به واسطو نٿو رهي. ڇهين چڪر تائين پهچڻ يعني سنسار جي سرحد تائين اچي پهچڻ. هاڻي جي اڃا به اڳتي وڌڻ چاهيندين ته سنسار سان سمورا سنبنڌ ٽوڙڻا پوندءِ. اسان ته انهن چونداسين ته ان کان پوءِ سنسار آهي ئي ڪونه. سمجهئي؟ سنسار آهي ئي ڪونه.

(شاهه لطيف پوري پوري ڌيان سان ڪنڊلنيءَ چڪرن جي باري ۾ ٻڌي رهيو آهي.)

پروتڻات: ڪنڊلنيءَ جو انتم ۽ ستون چڪر آهي: سهسرار چڪر! هڪ هزار پنکڙين وارو ڪمل جو گل!

نڪرندو سو ڪوئنا ٽي ٽرندو، منهن تي ٽولندو،
آپس ۾ ٻولندو. تون جو ڪجهه ٻولهندين انهن ۾
آنند ۾ آنند هوندو.

شاه لطيف: سوامي جي!
"مون" مراهين ۽ سمجهين، مون کي "مون" جڳاءِ،
مونهن جي ساڃاهه، مونهن منجهان "مون" ٿئي،
انهن انسان جڳاءِ، آن کي انسان نه چوڙو.

پروتنات: جستائين نيم جي وياڪيا جو سوال آهي، اهو ٺيڪ آهي. پر وشني چڪر جي ڪارڻ جو اهو سمپورڻ ڪاويه مان ٿي پئي سگهندو. انهجي ڪلام جي مترتا، سچائي، انسر ۽ سڳنڌ ٿي لاائندا ته ڪم ٿو ٻالهائي- تون، انهجو اهڙڪارا ڀا پرماتما! وقت اچڻ ڏي، تانون کي پڇڻ ڏي پٽ!

(ڪجهه پل خاموشي ٿي رهي.)

پروتنات: ڪنڊلنيءَ جو ڇهون چڪر آهي "آگيا چڪر" انهيءَ چڪر جي ڪارڻ ٿي انسان جي جيون ۾ هڪ سلسلو اچي ٿو وڃي، هڪ ترتيب اچي ٿي وڃي ۽ انسان کي زنده رهڻ جو صحيح شعور ۽ صحيح طريقو ملي ٿو وڃي. انسان جيون-ڪلا کان ٻاريءَ طرح واقف ٿي ٿو وڃي...
پنجن چڪرن جي ڪارڻ تائين ته انسان غلام آهي، گولو آهي، ڪنهن نه ڪنهن جو ڪاٺيارو آهي پر، ڇهين چڪر جي ڪارڻ سان ئي هو مالڪ جو پد پراپت ٿو ڪري.
ڇهين چڪر جي ڪارڻ کان پوءِ تون جهڪي ڪجهه چوندين، سو ٿيندو ۽ جيڪو گهرندين سو ملندو،

ڪير ڪندو ؟

پروتڊات : جڏهن ڀاڳيشاليءَ جو ستون چڪر ڪلندو، ان جي
ساٿين جي شڪلين ۽ چمڪندڙ چکبي ڪري آيا پر
تہ هن جا ٻير چنٽ ۽ چمڪ لڳندا. سهسرار چڪر
ڪلنڪ ڪان ٻوهہ تون ٽيج ۽ نور جي تارا ٻٽبي ٻوندان.
اهو هزار ٻهڪڙين وارو ڪمل ئي آهي نروان، پرم-ٻڌ
۽ پرماتما ۾ لين ٿيڻ!
ان ڪري ئي اسان چوسي تہ، هن سنسار جون
حدون ڇهن چڪرن تائين آهن. ستون چڪر آهي
نروان، مڪتي، سنسار کي پار ڪري انادي-اننت
استتيءَ ۾ نواس!
مول آڌار شرير ۽ حواسن واري جيون کي جنم ڏئي
ٿو. سهسرار اننت انادي جيون ڏئي ٿو - اهڙو
جيون جنهن ۾ نہ شرير آهي، نہ حواس آهن، نہ
من-وچن-ڪرم آهي، نہ چيتنا آهي. شونيہ، شونيہ ۽ شونيہ!

(شانتي-ڪجهہ پل بلڪل شانتي)

پروتڊات : پرت لطيف! ڌرتيءَ پنهنجو ڌرم نڀاهيو - پنهنجو
فرض پورو ڪيو. پاڻ کي سانڀيو. پاڻ کي شڪتي
ڏني. پاڻ کي نوڙيو هٿي پاڻ ساهي جي روپ ۾
ڌرتيءَ جو سينو ڦاڙي ٻاهر نڪتو آهي. پاڻ پوڙو
ٻئي چڪر آهي. پوڙو وڌندو. وڌندو ۽ نم، پيل
۽ پڙ جهڙو مضبوط وڻ ٿيندو. ان شڪتشالي وڻ
جي ڇانو سڄي سنسار کي ٺاڍ ۾ سموهي ڇڏيندي.
اهو وڻ بيشمار جگماسڻ جي ... - اڄ دور ڪندو-
آڌياتمڪ مارگ تي هلندڙن کي سڌين دڳ لڳائيندو.
پرت لطيف! اڄ اسان تہ ڪي آهي لفظ ٿا پڙهيون

شاهه لطيف: سوامي جي! ڇا ان جي ڪري ئي ڪمل ۽ ڪمپ چڪ
ڪي ايترو مهتو ڏنو ويو آهي؟

پروتناٿ: هائو. پٽ لطيف، تو بلڪل ٺيڪ سمجهيو. مولاڌار يعني واسنا يعني ڪمپ چڪ. انسان جي شڪتي اتان مٿي چڙهي ٿي ۽ آخر ۾ هڪ هزار پنکڙين واري ڪمل جي گل جي روپ ۾ پرگهٽ ٿي ٿي! ان ڪري ئي سنت ڪوين "ڪمل جان ڪن ۾ رهڻ" واري ڪلپنا ڪئي آهي. آخر ۾ هڪ هزار پنکڙين واري ڪمل جي گل جو مول ڪام - واسنا جي ڪن ۾ ئي ته آهي نه! اها آهي ڪمل جي پاترا. اها آهي انسان جي چيتن جي پاترا. اها آهي انسان جي اوچائيءَ تائين پهچڻ جي پاترا. اها آهي انسان ۾ سمايل شڪتيءَ جي پاترا.

(سڀ ڌيان سان ٻڌي رهيا آهن.)

پروتناٿ: جڏهن سڀئي چڪر - سهسرار - کلندو ۽ تنهنجي شڪتي اوستائين پهچي ٿي ته پوءِ تون خود هڪ ڪمل جو گل ٿي ٿو وڃين. هاڻي، ماکيءَ لاءِ توکي ٻن گلن ڏانهن وڃڻ جي ڪائي ضرورت ڪو نه آهي. هاڻي ماکيءَ لاءِ مکيون تو وٽ اينديون. سڀئي چڪر کلڻ کان پوءِ تون چمڪ جو پهاڙ ٿي پوندين. هر شيءِ - جاندار چاهي بيجان - تو ڏانهن ڇڪجندي رهندي...

ڪمل ناٿ: (وچ ۾) گروجي! سهسرار چڪر جي کلڻ ته وڏيون مصيبتون پيدا ڪري ٿو سگهي - جيڪڏهن شينهن، چيتا، بگهڙ، نانگ، بلائون سڀ ڇڪجندا ڇڪجندا اچي اڳيان پهچندا ته. ڪمل جي گل جي رکيا

دوئيءَ کي پريم جي پرڪاش ۾ ٻڏ لاٿو آهي...
دوزخ مان جنت جي راهه ڪڍي آهي...
دوئيءَ مان دلبر جو ديدار ڪرايو آهي...
پرت جي پرواهه ڇو ٿو ڪرين؟ تون ڪمل جو گل
آهين- سهسرار!... هزار پنکڙين وارو ڪمل جو گل!

شاهه لطيف: ٻيو جو پاتار،
سو ڪيئن پرت کان پاسو رهي؟

پروتناٿ: ان سوال جو جواب ته دنيا کي تون ٻڌائيندين!

(ڪمل ناٿ چاهي ٿو جوڳين جي چهري تي گنڀيرتا ڇانيل آهي اها گنڀيرتا هنن جي سڀاءَ کان جدا آهي ڇو ته ان گنڀيرتا جي پٺيان دک جي لهر صاف نظر اچي رهي آهي. جوڳي هرک-سوک کان مٿي هوندا آهن- ان هوندي به هنن جي زندگيءَ ۾ ڪي گهڙيون اهڙيون گهڙنديون آهن جڏهن هنن جي انساني سڀاوَ جي رد-عمل جو احساس ڏينديون آهن. هرڪو جوڳي سمجهي رهيو آهي ته شاهه لطيف کان موڪلائڻ جو ويلو اچي ويو آهي. ڪن ڪن جوڳين جا چهرا اهڙا ٿي ويا آهن جو لڳي ٿو- اڃا هو رنا ڪ رنا!)

پروتناٿ: هلي آءُ ڀاءُ لطيف!

(پروتناٿ ڪٽي ٿو ٻئي ٻانهون ڦهلائي، شاهه لطيف جي اُٿندي ئي ڪٽي ٿو کيس ڳلي سان لڳائي. پوتر پريم جو هيڏو نرمل نظارو ڏسي جوڳي به گد گد ٿي ٿا وڃن. هنن جي اکين ۾ اٽڪي اُلاڻ آهي ۽ منهن تي آنند جي لهر!... پروتناٿ ۽ شاهه لطيف هڪ ٻئي جي سامهون بيٺا آهن. ڪمل ناٿ ۽ ٻيا جوڳي هنن جي ارد گرد بيهي هنن ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

پروتناٿ: پيار پريم جي هيءَ سماڌي سنگم- استان آهي- جاتين جي سنگم جو- فرقن جي سنگم جو، ڌرمن جي سنگم جو ۽ وشواس جي سنگم جو! اسان لاءِ ٻ—،

جهڙي گوتم ٻڌ ڇنڊڪ کي ان وقت ڇڏيا ها جنهن وقت ٻڌ ڇنڊڪ کان جدا ٿي ويرانين ڏانهن وڃي رهيو هو. گوتم ڇنڊڪ کي چيو هو: ڇنڊڪ، مون کي سڄي سنسار ۾ باهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ٿو اچي. سڄو سنسار ٻرندڙ باهه ۾ جلي رهيو آهي. مان ڪجهه به تياڳي ڪونه رهيو آهيان. سنسار ۾ تياڳڻ جهڙو ڪجهه آهي ئي ڪونه! باهه کي تياڳڻ ۾ ڇا ڪو تياڳ آهي؟ مان ته فقط باهه کان پاڻ بچائڻ لاءِ فرار ٿي رهيو آهيان- ڀڄي پاڻ بچائي رهيو آهيان. ڀٽ لطيف! ٻرندڙ اگني* ۾ جلندڙ سنسار کي توکي بچائڻو آهي. گوتم ٻڌ وانگر توکي باهه کان ڀڄي دور وڃڻو ناهي. توکي باهه ۾ رهي، نه فقط پنهنجو پاڻ کي باهه کان بچائڻو آهي بلڪ سنسار کي به باهه جي ٻرندڙتا ڏيکاري بچڻ جي راهه ڏسڻي آهي... اسان توکان اها گرو-دڪشنا ٿا طلبيون.

(مها ڀوڳي پروميٿيس سڄو لهو لهڻو آهي. شاهه لطيف ڏيري ڏيري جهڪندو هن جي قدمن وٽ وڃي ٿو رهي. هن جو من ڏاڍو اُداس آهي ڪجهه دير کان پوءِ مٿهن مٿي ڪري پروميٿيس ڏانهن نهاري ٿو.)

شاهه لطيف: مون کي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾،
اُڀا اُنهن چون — مرڻ ٻالڻ ٻسائين!
سوامي جي!
هن ٻرندڙ ۾، دوزخ جو دونهون...
ٻيئرا ٻرندڙان، ٻچو ٿيان اڀو...

پروميٿيس: نه، ڀٽ لطيف! توکي ٻچڻو ناهي. دوزخ جي

پيا لهرن واري مَن - ساگر ۾ ٿي،
عڪس صاف نظر اچي سگهن ٿا،
۽ عڪس جي اندر
آهي سچ جو وجود!

(شاهه لطيف جي اکين مان ڪجهه ڳوڙها نڪري سندس ڳلن کي آلو ڪري ٿا ڇڏين.)

شاهه لطيف: عڪس جي اندر
آهي سچ جو وجود!
مان هرگز هرگز ڪين وساريندس ته:
عڪس جي اندر
آهي سچ جو وجود!

(شاهه لطيف پروتهاس جي ٻنهي ٻانهن تي هٿ ٿو رکي. پروتهاس کيس ڳلي سان لڳائي ٿو. پوءِ شاهه لطيف ڪمل ناٿ چانهي ٻنهي جوڳين سان ڳلي ملي ٿو. بئڪ گرائونڊ ۾ شاهه جو ڪلام مرلي ۽ آواز ۾ ترنمي انداز ۾ ڳايو ٿو وڃي.)

ڪلام : واجهه ويراڳين جا، مون وٽ وڏي وٿ،
سو ن سيوني سگهون، ٻئي ڪين م ڪٿ،
وساهي وصل کي، پورب ويندو ٿٽ،
هل! ڪمائون هٿ، آئون نه جيئندي آن ري!

(سڪوت)

وائي : ڪي آئين منجهه آهي،
هُو جي جهرنا پسن جهو پڙا!
ڪي آئين منجهه آهي!
ابن دُر سهجي اکيا،
جن کي ڪو نه ڇهائي!
ڪي...

هي سنگم - استان آهي. هن استان تان اسان ان طرح الڳ ٿينداسون جو سدا لاءِ ملي هڪ ٿي وينداسين. گنگا - جمنا ملي سرسوتيءَ جو روپ ڌارڻ ڪنديون ۽ پت لطيف، سرسوتي ڏسڻ ۾ اينديئي ڪونه آهي! سرسوتي هڪ خيال آهي، هڪ ڪلپنا آهي. گنگا ۽ جمنا جي شونيه ۾ لئه ٿيڻ وڃڻ جي هڪ اسٿتي آهي! شونيه - جهڙو برهم آهي، پرم پد آهي، نرواڻ آهي!

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف هڪ ٻئي جي اکين ۾ نهاري جڻ نگاهن جي ڏي - وٺ ڪن ٿا. سڀ جوڳي هنن ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

پروتناٿ : پت لطيف، اسان پنهنجي جوڳين جي جٿي سوڌو ڪڇ ڏانهن گوڙي مندر ۾ رهڻ ٿا چاهيون. اتان جي گروڪل جهڙي واتاورڻ اسان جي من کي موهي ڇڏيو آهي.

شاهه لطيف : سوامي جي، مان ملير جي اُن مٽيءَ جي سڳنڌ سان پنهنجي هستيءَ جو ڪکو ڪکو سرابور ڪري ڇڏڻ ٿو چاهيان جنهن مٽيءَ ماروئڙيءَ کي جنم ڏنو...... ملير ماروئڙن، حڪم ساڻ حبيب جي!

(پروتناٿ ۽ شاهه لطيف جون اکيون ملن ٿيون. پروتناٿ جون اکيون پاو - هن آهن پر شاهه لطيف جي اکين ۾ ڪجهه ڪجهه آلاڻ آهي.)

پروتناٿ : (شاهه لطيف جي پنهنجي ڳوڙهن کي هٽڻ جي وچ ۾ جهلمندي ۽ اکين ۾ نهاريندي) نه، نه، نه! پت لطيف! من کي نه ڏوڙ، اڏول رهه......

ٿر جو ڏيک / ٻاهر / ڏينهن

(آسمان مان ورندڙ شانتي. ٿر جو ڏيک. هر طرف واري ئي واري سڄو ٿر ڄڻ سان ٺريو پيو آهي. قسمين قسمين جون ٻوٽيون. ڪي ٻوٽيون هڪ ٻئي سان لڳيون پيون آهن. ڪٿي ٻن ٻوٽن جي وچ ۾ ڪشاد ميدان آهي ڪٿي ٻوٽن جي وچ ۾ ننڍا ڳوٺ ٻڌل آهن جتي ماڻهون پنهنجن روزمره جي ڪمن ۾ مشغول آهن. ڪٿي ڀٽن جي وچ ۾ پوک آهي. ڪن ڍورن ۽ ٽلين ۾ پوک جا نشان صاف ظاهر آهن. جن ٽلين ۾ پوک نه ڪئي آهي اُتي ڪافي انداز ۾ قدرتي وڻ، ٽڻ ۽ ٻوٽا نظر اچي رهيا آهن جن ۾ چوپايو مال چري رهيو آهي.

شاهه لطيف هڪ ڀٽ تان هيٺ لهي رهيو آهي. مٿو لتاڙي ٻي ڀٽ تي چڙهي ٿو...

چوطرف ٻوٽن ئي ٻوٽن!)

⊛

سنگيت + سور + ڪلام	درشيه
هون اون اون اون هون اون اون اون هون اون اون اون آئون نه جيئندي اُن ري...	شاهه لطيف مٿي جو وچارو ٽڪر ”منڊر“ لتاڙي رهيو آهي.
هون اون اون اون هون اون اون اون هون اون اون اون آئون نه جيئندي اُن ري...	عورتون کوهه مان پاڻي ڀري رهيون آهن. شاهه لطيف اُتان لنگهي ٿو.

٢- ڏاڍا پاڻهن ڏاڍو،
پاڻ مارڻان سهن ڪاني!
ڪي ...

٣- ٻهڪجي چڙهي ٻٽ ۾،
رڙه آهن جي رائي!
ڪي ...

٤- خدمت ڪر خلق سهن،
پالڻ ڳچيءَ ۾ پائي!
ڪي ...

٥- آديون عبداللطيف چئي،
اتاهون ڪي آهي!
ڪي ...

(وائيءَ جي هلندي ني شاھ لطيف هڪ طرف هلندو ٿئو وڃي. هر هڪ پورو ١... ٻٽ و وائي جوڳين ڏانهن ڪونہ ٿئو نهاري. مهابوڳي پرونتانت ۽ ٻيا جوڳي هن ڏانهن نهاريندا رهن ٿا. شاھ لطيف دور ٿيندي ٿيندي اکين کان اوجهل ٿي ٿو وڃي. جوڳي به هنان آواز جي گهڙي منڊر جي طرف جي راه و ٺيو رمندا تا رهن.

آس-پاس جي و ٻرانهن کي ڪور ڪندي ڪندي هڪڙا ٻار ٻرهم جي سماڌيءَ تي ڪلوز.)

ٽري : نه سائين نه! اسان ٻر وارن سان اهڙا وچن ڏٺي نه ڪو نه ٿياري... گاهه ڪائون ۽ رب ٿيئون...

شاهه لطيف: رب ڪهڙن رڏيو؟

ٽري : ٻه چار لڏون ڪنهن گاه جي آڻي جو ن وڏي ڪمي ۾ وجهون. ان ۾ اڪثر ڏاڍو پاڻي وجهي پوءِ واهي رڏيون. جڏهن اٽو رجهي رهي تڏهن وٺو ٻه ٽي ٿت ٿيا پيون.

شاهه لطيف: ابا، اهو ته ٿيو ڏلو پاڻي!

ٽري : سائين جي اهو ٿلهو ته ٻه ڀيرا ڪٽيا سون. سڪار هتي ڪڏهن ڪڏهن ڏڪاري. ڏڪار جا ڏينهن سدائين رهن. سوڪهڙن ٽي ٿاڻ ڪي ڏيرڙو ٿيندو آهي سائين! ڏر جا ڏڪار اهڙا جو مسڪين پنهنجا ٻچا وڪڻو ڇڏن. ٻچا ته ڇڏيو، آن ڪٽن ٽي ننگ ٻه وڪڻو ڇڏين! ڪاڻ لاءِ وٽن جا چوڏا ٻه نه ملن! وڃ - ٽڻ سڪو وڃن، مال مري وڃي!

شاهه لطيف: ابا، هتي ته نسورا ناحق ٿيا ڏين!

ٽري : (آسمان ڏي هٿ کڻي) هن وڏي سرڪار سان ڪهڙو ٿڃي؟ ڪهڙو سوال ڪري؟... سائين، مارئي جهڙي ستياڻي ڪي جڏهن سو ر سهڻا ڏسا ته اسان ڪهڙي حساب ۾ آهيون؟

شاهه لطيف: برابر ابا! ماڻهو ڪهڙي مڃهه حساب؟

(جڏهن وقت شاهه لطيف ٽري سان گفتگو ڪري رهيو آهي ان وچ ڪجهه ٻار ۽ ڪي ٻيا ٽري ۽ آئي اچي ڀيهن ٽا. ٻه چار ٽڪاڻيون ۽ هن جي گفتگو ۾ دلچسپي وٺندي ٻڌيان اچي ويهن ٿيون.)

پيرسن ٽرياڻي: ابا، اسان ٽر وارن کي اهڙا ٿاڻ ڪيا آهن جو

هون اون اون اون
هون اون اون اون
هون اون اون اون
آئون نه جيئندي اُن ري ...

شاهه لطيف کي اکين ۾ ڳوڙهن
وٽان لنگهي رهيو آهي جڏهن
آس پاس ٽوري ۽ ٽوراٽيون
نظر اچي رهيون آهن جيڪي
پنهنجن ڪمن - ڪارن ۾
پورهيون آهن.

(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اَپ)

شاهه لطيف: نُوري ۽ ناري جو ڳوڙها جهان ۾ ،
پري جن پاري آئون نه جيئندي اُن ري!

وارو ! ويراڳين کي، وڃـل م وساريج ،
قدم ڪاپڙين جا ، لطائـي لهج ،
پرس ساهو پيٽ جي ، وُجڻ کي وڃج ،
راتو ڏينهن ر ڙهيج ، آئون نه جيئندي اُن ري!

(شاهه لطيف هڪ ٻڪري جي پاهران کنهن ٽوري سان ڳالهائي رهيو آهي.)

ٽوري : سائين، ڪهڙا ٽو حال اٿيئن؟ تو آهي ٽڪ ٽي، نه ڪڏ ٽي. تو ڪيڏ ۽ ڪٿو تڏهن ڏني جڏهن وئي.
سو اَبا ، وسهو تو ڪر لـه ڪه بت ۽ تو .

شاهه لطيف: اَبا ، ڏٺي ٽي وڻلا ڏيڻ لاءِ تو ڀڏل آهي.

ڪلام (عورتاڻي آواز ۾)

آلا! اُن ۾ هوءَ
جنهن آن مران بند ۾ !
جسو زنجيرن ۾
راتو ڏينهان روءِ،
ٿرَ ان و چان لوءِ،
اوءِ مون ٻاجهه ڏينهڙا !

درشيم

مارئي عمر جي قيد ۾ بند
آهي.
وار اُٽيا،
زرد چهرو،
اکين ۾ ڏورا،
ڦاٽل ۽ ميرا ڪپڙا...
مارئيءَ جي اکين جو ڪلوز-اپ.

آئون بندياڻي بند ۾،
ڪ ڪي ٻيس بند ؟
مٺهن لڳو مٺو
ڪ مٺهن ڪڙو ڪنڌ؟
مران جي هن هنڌ،
ڏ لڄاءِ مٺ مڻو ڏي !

ڪوٽ جي ٻوسان
مارئي عمر کي
ٻاڏي ٻياري رهي آهي.
ڪوٽ تي مارئيءَ جون سرتيون
۽ امڙون آهن...

واجهائي وطن کي،
ساري، ڏيان ساهہ،
امڙ منهنجو بند ۾
قيد م ڪر ٻجاهہ،
ارڏيهاڻي ٻارڻ ري
ڪار م ڏ رڄاهہ،

عمر مارئي کي ڪمهي زوريءَ
اُت ئي ڇاڙهي ٻڌائي لـو
رهي...

سپني ۾ به سڪ نه پسون... ڏک سور ته اسان سان
سڄا ڄما آهن، ادا!

شاهه لطيف: تن ولهن وڙ ڄڃن ۾ سدائين سڪار،
چمڪيو، آئيو چاڙهين، سڀڪو ڏونرن ڏار،
جن جو وڻن سين وايار، سي ڏوٿي هون نه ڏيرا.

(سڀ عجب مان شاهه لطيف طرف نهارين ٿا.)

شاهه لطيف: لوري ۾ قسمت قرار پيا، رهن سڀر سمت،
ڪٺيءَ ۾ ڪنهن پڪلها، پوٽن اهڙيءَ پت،
پنوهارڪي پت، پنهجي پنج ملهير ۾!

پيرسن ٿري: ابا، تون ته اسان جو آهين، اسان وانگيان پنهو پولهين!
ڪوهير آهين. هن پٽ ۾ پهر ڏري اسان جو مان
وڌايو اٿئي ابا! جي اهين اسان کي وسٽن ته اسان
جا سور ۽ سورهن کي پوندا، اسان جا ڏک ـ ڏاکيڙا
امر ٿي ويندا.

شاهه لطيف: پرم پاروڙيءَ رهي، جنهن ۾ اچي آن،
تن پڪ وٺي وندپان، توڙي پولس تن،
غافل رک غريب کي، عمر! منجهه امن،
سرتين ساڻ سمن، آهم التي ممهڙي!

(ٿري مرد، عورتون ۽ ٻار شاهه لطيف ڏانهن نهاريندا ئي ٿا رهن.
هو ٽڪڙو ٽڪڙو اٿئي وڌي لڳو وڃي. عجب پرول نظرن
سان، ويندڙ شاهه لطيف طرف نهاريندڙ پيرسن ٿريءَ جي چهري تي
ڪئمرا ڪلوز.)

شاهہ لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ .
ٻروتدائف امنو مرڪي رهيو آهي.
جوڳين جو جٿو هڪ طرف گامزن آهي.
شاهہ لطيف جوڳين کان دور هلندو ٿو وڃي.
شاهہ لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ .
شاهہ لطيف: اکين ۾ ٿي ويهہ، تہ آئون واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آئون نہ پسان ڪي ٻيو!
(ڪجهہ دير ٻنهين ٿي خيالن ۾ گم سم ٿو رهي.)
شاهہ لطيف: هڪڙو ڏک ٻئي ڏکہ سان ڪٽڻ ٿو چاهيان…

سوترڌار (فقط آواز)	درشيہ
جيسلمير جو شهر جيسل نالي هڪ ڀٽي راجپوت سنہ ١١٥٦ع ۾ ٻڌو ۽ اتي قلعو بہ جوڙايائين. علاؤالدين جي لشڪر اهو قلعو اڏائي ڇڏيو ۽ سڄو جيسلمير جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو . جيسلمير ڪيترا سال ويران رهيو هو …	جيسلمير جي ويراني جا ڪجهہ درشيہ ……
سنہ ١٦٥١ع ۾ سبلسنگهہ نالي هڪ ڀٽي راجپوت ٻيهر وڏن جا وسائل هٿ وسايا ۽ شهر جو اصلوڪو نالو قائم	اوس جا ڪجهہ درشيہ

ٽڙي وسائڻان ٽرن جي
مٺي مٺيءَ مٽاڪ،
جي ٻوٻون لئي ٻساڪ،
تہ نجانءِ مٽڪ ملير ڏي.

واجهائي وطن کي
ساري ساهہ ڏيان،
هيءَ سر سانڍيو ساهُون
منهنجو نج، ميان!
مٿاماڙي مارئن
وَڃي ٿر ٿيان!
ميائي جيان،
جي وڃي مڙه ملير ڏي.

عمر مارئيءَ کي قيد ۾ بند
ڪري ٿو.
مارئي جي اڳيان زيورن،
اطلس ۽ ڪيمخاب جي لباس
سوادي طعامن جا ڍير ٿو
لڳائي ڇڏي.
پر مارئي انهن ڏانهن نهاري
بہ ڪو نہ ٿي.

واجهائي وطن کي
آئون جي هت ميان،
گو ۽ منهنجي، سومرا!
ڪچ پنوهارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهہ جي
منجهان ولڙين واس،
ميائي جياس،
جي وڃي مڙه ملير ڏي.

مارئي دريءَ مان ٻاهر نهاري
ڇڪ وطن ڏانهن واجهائي رهي
آهي.
پوءِ قيد جي هڪ ڪنڊ ۾
وڃي لڳي وهي.
سڏڪا ۽ سڏڪا...

ڪاڪ نديءَ جو ڪپ / ٻاهر / ڏينهن

(شاهه لطيف اڪيلو جهڪي ڪاڪ نديءَ جي لهرن ۾ ٻهڪندڙ
پرچاڇي ڏسي رهيو آهي.)

شاهه لطيف: اڙي او لطيف!

ڪهڙو نصيب ڪٺي آئين تون جهان ۾؟
محبت ڪيئي - دل جا درد مليئي،
جوڳين جو سنگ ڪيئي - وڇوڙي جا سور مليئي،
ماروئڙن جي ملڪ جي مٽي مشڪ لاتئي تن،
مسڪينن جي مصيبتن ماري وڌو...

(شاهه لطيف اُٿي ٿو بيهي ۽ آسمان ڏانهن ٻئي ٻانهون کڻي منهن
مٿي ڪري ڌڻيءَ کان ٿو پڇي.)

شاهه لطيف: او منهنجا ڌڻي! تون ئي ٻڌاءِ شاهه لطيف جو ڇا
ٿيڻو آهي؟

(شاهه لطيف ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تان اٿي وڌندو ٿو وڃي.)

شاهه لطيف: جيءُ منهنجو جن، انگڙيارو وينو.
پڇاڙان پرين، سڄان، سڄو نه لڌي،
پڇاڙا پرين، سڄان، سڄو نه لڌي.

(ڪجهه وقت شانتي)

شاهه لطيف: مٺ مٺ سوُرن سپ ڪنهن، مون وٽ وڻاڻان،
پريـون ڪيو پٺان، ويا وهاڻو نڪري.

(ڪجهه پل شانتي)

شاهه لطيف: مون پالهو مون وٽ، هميشه هوندا پريـن،
ويڙهو ڏيئي وڪرو، پهري ويا پٽ،
ساهه جهن جي سٽ، ڪيو اُسي وڪار ۾.

(ڪجهه پل شانتي)

رکيو ڀنڀور.
هي آهي اهو ڀنڀور شهر
جنهن سنڌ جي شاعرن جو
سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي
پنهنجا ٻيو ڳهائڻ آيو هو.
ڀنڀور کان ٻيج ڪوهه پري
الهندي طرف هڪ ٻيو
قديم شهر آهي ليلاڙو!
مومل - راڻي جو قصو انهيءَ
ليلاڙي شهر سان واسطو آهي.
ليلاڙي جي اتر طرف ڪاڪ
جي ڪنڌيءَ تي هڪ پٿر
جي عمارت جا نشان مليا
آهن جنهنکي عام طرح "مومل
جي ماڙي" سڏيو وڃي ٿو.
اهو ئي آهي اهو "ڪاڪ
محل" جنهنکي مومل جي
جي ڀيڻ سومل پنهنجي جادوءَ
جي ڪلا سان اڏيو هو ۽
جنهن ڪيترن ئي قسمن جون
طلسمي ڪاريگريون رکيون
ويون هيون.

ڀنڀور شهر جا ڪجهه درشيه

ليلاڙي جا ڪجهه درشيه

مومل ۽ راڻي جون تصويرون

ڪاڪ نديءَ جو درشيه

طلسمي ڪاڪ محل جا ڪجهه
درشيه

پورو پورو ٿيان مومل-راڻي ۽ سومل-ڪاڪ محل جي لوڪ-ڪٿا ڏانهن لڳاءُ. پنهنجي سانسارڪ ڪشٽن کي، دنيوي دردن کي ڪاڪ محل جي طلسمي ٿلاءَ ۾ ٻوڙي ڇڏ. تنهنجي درد جو اهوئي دارون آهي...

ڀٽ لطيف! ٻوڙ ڪرم-ڪٽور ۾ ٽپي پئو...
ڏس ته ٻوڙ ڪهڙا ٿا چمتڪار ٿين...

(پروگرام جو آواز اوچتو ان طرح بند ٿي ٿو وڃي ڄڻ ڪنهن آواز جي ڏور ڪٽي ڇڏي هجي. شاهه لطيف ٿوري ڪنڌ ڌوڻ ڪري اکيون مهٽي ٿو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. هر طرف ويراني آهي ڪٿي به ڪوئي به نظر ڪونه ٿو اچي. باقي مومل جي ماڙيءَ جي ڍٺل عمارت جا نشان بچيا آهن جيڪي ڄڻ ته پروگرام جي ڳالهين جي شاهدي ڀري رهيا آهن.
مومل جي ماڙي— هڪ پٿر جي ڍٺل عمارت!)

سوتر ڌار (فقط آواز)	درشيه
ٻارهين صديءَ جي شروعات ۾ گجر جاتيءَ جو راجا نند مهرپور مالپلي تي راڄ ڪندو هو. کيس نَوَ ڌيئر هيون، انهن مڙني ۾ مومل سونهن ۾ اڪمل هئي ته وري سومل سياڻپ ۾ پنهنجو ثاني نه رکندي هئي. سومل جادوءَ ۽	راجا نند دربار ۾ تخت تي ويٺو آهي.
	مومل پنهنجي ڪمري ۾ هار سينگار ڪري رهي آهي.
	سومل اگني-ڪنڊ جي اڳيان ويٺي ان ۾ آهوتيون وجهي رهي آهي.

شاه لطيف: ڏسي سنڌ ڪڇن، پرديسي ڪهڙا پرين؟
لڏيو لاڏ وڻا ڪيو، پنهنجي ديس وڃن،
ٻاڏائان پرين، ڪجي اس پيئور ڪان.
(شاه لطيف ڪناري اڳتي وڌندو ٿو وڃي.)
شاه لطيف: جان جيئن تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تني تڏهه هل، ڪانهي ويل وهڻ جي!...
(شاه لطيف اڳتي وڌندو ٿو وڃي. اوچتو سوگهراج پروتداس جو آواز هنن جي ڪنن تي پوي ٿو.)
پروتداس: (فقط آواز) پٽ لطيف!... پٽ لطيف!
(شاه لطيف هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. پر هر طرف ويراني لڳي پئي آهي— نه آدم نه آدم- ذات.)
پروتداس: (فقط آواز) پٽ لطيف! ڪيڏانهن ڳولهي رهيو
آهين اسان کي؟ اسان ته تنهنجي اندر ۾ آهيون.
اسان ته تنهنجي اندر مان ٻولي رهيا آهيون.. پٽ!
ڪاڪ ندي جنهن جو ڪنارو وٺيو تون اڳتي وڌندو
ٿو وڃين اها ڪاڪ ندي لڏاڻي شهر جي ڀر
تان هڪ چشمي مان نڪري ڪيئي ٿي. ڪنهن زماني
۾ ان چشمي وٽ هڪ يوگي رهندو هو جيڪو مهان
تانترڪ به هو. ان تانترڪ يوگيءَ جو نالو هو ڪاڪ.
ان ڪري هن نديءَ کي به ڪاڪ ندي ڪري،
ڪوٺيون ٿا. ڪاڪ نديءَ جي آس پاس تنتر جون
ڪيئي سادنائون ٿيل آهن. ان ڪري هن استان
کي پنهنجو مهتو آهي...
پٽ لطيف! سؤمل، ان ڪري ئي طلسمي ڪاڪ محل
جي رچنا هن جڳهه تي ڪئي هئي...
پٽ لطيف! جو ٿيو، سو وساري ڇڏ. هاڻي پنهنجو

انگ جي آهي. جڏهن سونُ جو ڏنڊ پاڻيءَ سان ڇهائي ٿو ته پاڻي سڪي ٿو وڃي.)

راجا نند : اَڇا! ته هيءَ سچي ڪرامت هن ڏنڊ جي آهي. هاڻي اسان پنهنجو سڄو خزانو سنڌو نديءَ جي تهه ۾ لڪائي رکنداسين......

سنڌو نديءَ جو هڪ وڏو ٽڪر سڪو پيو آهي. ان سڪل ٽڪر ۾ وڏي کڏ آهي جنهن ۾ راجا نند پنهنجي خزاني جون پيٽيون لڪائي رکي رهيو آهي. اها شاهي کڏ پيٽين سان ڀرجي ٿي وڃي.

اونداهي رات. ڀيانڪ سناٽو. شمشان. ڪي مردا جلي رهيا آهن. اڳ جي لرزندڙ روشنيءَ ۾ اسان ڏسون ٿا ته هڪ شاهي ٻڙ جي وڻ جي هيٺان هڪ تانترڪ ڌيان ۾ ويٺو آهي.

تانترڪ ڌيان ۾ ڏسي ٿو:

راجا نند پنهنجو خزانو صندوقن ۾ ڀري رهيو آهي.

راجا نند صندوقون سنڌو نديءَ جي سڪل تهه ۾ لڪل قدرتي شاهي کڏ ۾ رکي رهيو آهي.

راجا نند جي ساڄي هٿ ۾ هڪ ڏنڊ آهي جنهنجي ڪري پاڻي وڃي ٿو سڪندو ۽ نديءَ ۾ رستو وڃي ٿو ٺهندو.

تانترڪ : هاڪ هو! ته اهو آهي اهو سونُ جو ڏنڊ جنهنجو ذڪر سامري شاستر ۾ ڪيل آهي... هاڪ هوُ!

تنتر- وديا جو ڄاڻو هئي. هڪڙي ڏينهن راجا نند پنهنجن اميرن سان، سنڌو نديءَ جي ڪناري تي شڪار پئي ڪيو ته سندس نظر وڃي هڪ سوئر تي پئي جيڪو سنڌو ندي پار ڪري رهيو هو. راجا نند جي حيرت جي حد نه رهي جڏهن ڏٺائين ته، جيئن جيئن سوئر وڌيو ٿي هلندو تيئن تيئن پاڻي ويو ٿي سڪندو.

راجا نند ۽ سندس امير گهوڙي تي سوار، شڪار ڪري رهيا آهن.

سوئر جي اڳتي وڌڻ سان ندي وڃي ٿي سڪندي ۽ رستو ٺهندو ٿو وڃي.

راجا نند : اسان جا پيارا ۽ وفادار مترو ! هاڻي توهان واپس وڃو. اسان اڪيلو شڪار ڪرڻ چاهيون ٿا...

هڪ امير : پر سائين...

راجا نند : (محڪم ارادي سان) وفادار متر سوال نه پڇندا آهن. اسان اڪيلو شڪار ڪرڻ چاهيون ٿا...

(سڀ امير هليا ٿا وڃن ۽ راجا نند اڪيلو رهجي ٿو وڃي. هو پنهنجي گهوڙي تي چڙهي سڪل نديءَ جي ٽڪر رستي سوئر جي پٺ ٿو وٺي ۽ جيئن ئي سوئر ۽ راجا نند نديءَ جي ٻيءَ پار پهچن ٿا ته راجا نند ڏڦو هڻي سوئر کي ماري ٿو ڇڏي.)

راجا نند : ضرور هن سوئر جي ڪنهن عضوي ۾ اهڙو ڪو اسرار آهي جو پاڻيءَ کي سڪائي ٿو ڇڏي!...

(راجا نند سوئر جا عضوا هڪ هڪ ڪري ڪٽي ٿو ۽ ڪناري وٽ ٿوري پاڻيءَ ۾ وجهي آزمائي ٿو ته آخر اها ڪرامت ڪهڙي

تانتهڪ راجا نند جي خزاني جون صندوقون ڀڃيءَ تن ۾ ونئي شاهي ڪڏ کان ٻاهر ڪڍي رهيو آهي.

⊛

(راجا نند تمام گهڻو غصي ۾ آهي. هن جي هٿ ۾ ننگي تلوار آهي)

راجا نند : ليپاڪڙ! نالائق! بيوقوف! تو اسان کي تباهه ڪري ڇڏيو - برباد ڪري ڇڏيو. اسان توکي اصل نه ڇڏينداسين.

(راجا نند غصي ۾ مومل کي تلوار سان ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ وارو ٿي آهي ته وچ ۾ سومل اچي ٿي وڃي.)

راجا نند : تون هٽي پري ٿي وڃ سومل! اسان اڄ مومل کي هرگز نه ڇڏينداسين!

سومل : مومل کي مارڻ مان ڪو خزانو ڪونه ملندو. شانت ٿيو. اهو خزانو توهان مون کان لٽيو.

⊛

سوتر ڌار (فقط آواز)

مومل جي ڀيڻ سومل منتر - وديا جي ڄاڻو هئي ۽ جادوءَ جي فن ۾ به ماهر هئي. هن سوچيو ته اهڙو ڪو رستو اختيار ڪجي جو دولت جو وهڪرو سدائين اسان ڏانهن

درشيه

سومل اسان ڪمري ۾ اڪيلي- ڪنڊ جي ٻرسان ويٺي آهي ۽ آهرلهون وجهي رهي آهي. سومل جي ڪمري ۾ ڪاٺ لڳيءَ جي ڪباڙي لي اڏ پل ڪاٺ مهل جي ڏڏلي تصوير

اِهو ڏند اسان هر حال ۾ حاصل ڪنداسين - اِهو
هزاري ڏند اسانجو آهي، اسانجو!

راجا نند جي محل جو باغ. باغ جي وچ ۾ ٺهيل هڪ شاندار گول چبوترو. چبوتري جي وچ ۾ ٻيل هڪ شاهي گديدار ڪرسي. ڪرسيءَ تي مؤمل ويٺي آهي. آس پاس ڪجهه ساهيڙيون بيٺيون اٿس. چبوتري کان ڪجهه دور هٿيارٻند پهريدار بيٺا آهن.
چبوتري جي ڏاڪڻ وٽ ڊانٽرڪ بيٺو آهي. هن وقت هو ڪمزور روڳي ۽ ٻڍو ويچارو لڳي رهيو آهي.

ڊانٽرڪ : سائنڻ! مان هڪ اهڙي لڪري مرض ۾ ڦاسي ويو آهيان جنهنجو علاج سؤنر جي ڏند سان ئي ٿي ٿو سگهي. توهان راڄ - ڏٽي آهيو، اهڙيون بيشقيمتي شيون توهان وٽ ضرور هونديون. سؤنر جي ڏند جي آس رکي راجا نند جي در تي سوالي ٿي آيو آهيان.

مؤمل : (ڪجهه وقت سوچي) پتاجيءَ وٽ اهڙو هڪ ڏند آهي نه سهي پر پتاجي ياترا تي ويا آهن...

ڊانٽرڪ : سائنڻ! هيءَ غريب سوالي وڏيون آسون رکي توهان جي در تي آيو آهي.

مؤمل : تون اتي ترس، مان اهو ڏند ڳولهي اچي ٿي توکي ڏيان.

ڊانٽرڪ : ڀڳوان توهان جي ڀلي ڪندو - سدائين شان - مان وڌندو رهندو، اقبال بلند ٿيندو رهندو...

گجگوڙ آسمان تي ڏاريو ؟
دليون ٿي لوڏائون !
ديوان خاني ۾ هڪ جهڙا
سينگاريل سنواريل ست ڪٺولا !

ديوان خاني ۾ ٻاهر ست هڪ جهڙا ڪٺولا .

ڇهه ڪٺولا ڪچي سٽ سان
واٽيل-
جن جي هيٺان اونها کوهه !
باقي هڪ ڪٺولو ڏوهه ؟ فريب
کان آجو !

هڪ اونهي موڙهار ڪوهه جو
در شيء .

ڪاڪ محل اڄ جي راس ٿيو
تہ ليلائي شهر ۾ هوڪو
گهمايو ويو .

هوڪيوار : (ڪجهه پل دهل تي ڏڪو هڻڻ کان پوءِ)
ٻڌو — ٻڌو — ٻڌو .
ڪاڪ محل جي رچناڪار ، راجڪماري سومل جو
ٻڌرنامو ٻڌو -
جيڪو بہ ماڻهو ڪاڪ محل جو باغ لنگهي، تلاءُ پار
ڪري، شينهن جي چنبي کان پاڻ بچائي، ديوان
خاني ۾ وڇايل ستن ڪٺولن مان سچي ڪٺولي تي
اچي ويهندو تنهن کي سونهن جي ديوي راجڪماري
مومل جو هٿ نصيب ٿيندو ...
ٻڌو — ٻڌو — ٻڌو !
(هوڪيواري جي ارد گرد ڪٺا ٿيل ماڻهون ٺـاٺ ۽ ڳالهائڻ شروع
ڪن. ماڻهن جا آواز هڪ ٻئي سان ان طرح وڃي ويا آهن جو

جاري رهي ۽ همېشه مال
متاع هٿ ايندو رهي.

جهلڪ ڏيکاري غائب ٿي
وڃي ٿي.

هڪڙي ڏينهن سُومل ٻنهي ڀيڻين
ڀينرن ۽ داسين کي ساڻ ڪري،
ماڻهو چڙهي، جهمپير جي
و ٻجهر لڏائي شهر ۾ وڃي
ڏيرو ڄمايو.

سڄو آنالو ڪامزن آهي.

ٿوري ئي عرصي ۾ سُومل
لڏائي جي ٻرسان ڪاڪ نديءَ
جي ڪناري تي هڪ طلسمي
رنگ محل جوڙايو.

ڪلپنا ۾ ٻڌرگهٽ ٿيل محل
جڙي راس ٿي ويو آهي.

ڪاڪ محل جي چوڌاري هڪ
عمدو ۽ خوشنما باغ!

باغ جا ڪجهه درشه.

باغ جي چوگرد وڏاڻ ۾ ٻوُل
ٻلئمان وارو پهچرو!

ٻوُل-ٻلئمان جا هوائي شائس.

محلات جي اڳيان وٽ هڪ
شيشي جو تلاءُ - ٻيو ڏسندڙ
کي اُتين لڳي جڻ دريا
چوليون ڀاري رهيو آهي!
سائين مهاڀارت واري
ڪارمنڊالي!

تلاءُ جو درشه.

محلات جي چئني ڪنڊن تي
۽ دروازي وٽ جادوءَ جا
شينهن! شينهن جي ٿڪاي

شينهن گرجنائون ڪري رهيا
آهن.

جي هٿ ۾ هيرن لعل خزاني کان سٺو خزانو لڪل
آهي، سو توهان کي ملي رهيو آهي. سومل کي
ماري ڇا ملڻو ها؟

راجا نند : سومل ڌيءَ، اهو ته سڀ سچ، پر ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته توهان اسانجون ڌيئر ڪڏهن ڪڏهن مصيبت ۾ نه ڦاسي وڃو

سومل : اهڙيون اڻ ڳالهيون توهان سوچيندا ئي نه ڪريو. جهڙي ريت نوجوان ۽ راجڪمار ڪاڪ محل ۾ لڙهندا آهن، اهي شرم کان پاڻ ۾ ٻاهر نه ڪڍندا آهن. اهڙو منهن ڪري لڪائي مان ئي لڏي ويندا آهن.

راجا نند : ٻيو ڌيءَ سومل، ڪي ته ديوان خالي ڪانئن اچي پهچندا هوندا؟

سومل : اهڙا ڪي - ڪتا، ڦريجي - ڪنڌولي ئي ويهي وڃي ڪڏهن جي ڏري ۾ هوندا آهن ۽ ان ئي ڇهڪلاٽي ڇهڪلاٽي دم ڏيندا آهن.

راجا نند : سومل! اهي ته نروا اهڙا ٿيا، ڪون ٿيا!

سومل : پتاجي، بيشمار خزانا ڪڍ ۾ ويهي هري رام هري رام جپڻ سان ڪونه ملندا آهن!. ٽيسٽ - وديا جو ستاءِ آهي ته ڪامنا جي پراپتيءَ لاءِ ڪوڙ رستو ٻيو نه آهي. در اصل سنسار ۾ ڪجهه سنو - ٻيو آهي ئي ڪونه. ڪرم ڪرم آهي - بس!

ٽن لفظن "سؤمل"، "مومل" ۽ "ڪاڪ محل" ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به سمجهه ۾ ڪو نه ٿو اچي .)

⊛

(هڪڙو ٺاهوڪو ڏٺوان نوجوان ڪاڪ محل جي مکيه ڦاٽڪ وٽ رکيل نغاري تي ڏونڪو هڻي رهيو آهي. جلد ئي مومل جي خاص خدمتگار ناتر ڦاٽڪ جو ننڍو دروازو کولي ٻاهر اچي ٿي ۽ نوجوان کي پنهنجي پٺيان پٺيان اچڻ جو اشارو ڪري ٿي.

⊛

نوجوان ناتر جي پٺيان پل پاڇان واري پيچري تان هلندو ٿو وڃي .
اوچتو ناتر غائب ٿي وڃي ٿي .
نوجوان وائڙن جان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي ٿو .
مومل جا نمرا اچي ٿا نوجوان جي مٿان مارو ڪن ۽ هن جا سب هيرا جواهر ۽ زيور ڦري اڌمئو ڪري ڦاٽڪ جي ٻاهران ڦٽي ٿا ڪري اچنس .

⊛

(راجا نند جي محل ۾ راجا نند ۽ سؤمل)
سؤمل : پتاجي، جيڪڏهن سؤمل ڏند ڏهڻي چڙڻ واري غلطي نه ڪري ها ته ٻيشمار خزانا توهان وٽ ڪيئن ڪٺا ٿين ها؟ توهان جي پاڳ ۾ سنڌو ندي.

هوس پر ڪاڪ محل جي
مومل مون سان هيءَ ڪار
ڪئي آهي...

(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز-اپ)

شاهه لطيف: ڪالهه ڳڻيو سون ڪاڙهي پهر سج کان ٿيو،
ٿيو سونهن ساويءَ جي، رت ورنو روءِ،
جو مٺهن مومل جي پوءِ، موٽڻ تنهن مس ڏٺي!

(جوڳيءَ تي ڪيف (خمار) چڙهي ٿو وڃي. هن جي اکين مان جهر جهر ڳوڙها ڳڙي رهيا آهن. هڪ وڻ جي اوٽ وٺي هو اتي ئي نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ ليٽي ٿو پوي.
همير ۽ سنڌس ساٿي ڏک ۽ عجب مان جوڳيءَ طرف نهارن ٿا.)

شاهه لطيف: پهڪاريءَ کي پر ۾، ويو ڪيف چڙهي،
ڳالهيون هنڌي ڪاڪ جون، ڳوڙها پيس ڳڙي،
ڪا جا الڪ آڙي، جنهن ڇڏا قمت چڙي ٿيا!

سوتر ڌار (فقط آواز)

هلو هلو ڪاڪ ڏسڻ
ڇـــرو جمع چڙهن،
ڪرڙا رنگ رچن
ٿالو ڙي هڪ هين!

درشيه

همير ۽ سنڌس ساٿي ڏاڍو
جوش و خروش سان مومل جي
ڪاڪ محل طرف وڌندا ٿا
وڃن.

سوتر ڌار (فقط آواز)

جنهن وقت ميرپور ماٿيلي ۾ راجا نند حڪومت ڪري رهيو هو ان وقت ٿر جو ملڪ سومرن جي حڪومت هيٺ هو. انهيءَ گهراڻي جو پويون حاڪم همير سومرو ١٤٠٠ع ۾ گاديءَ تي ويٺو هو. سندس راڄڌاني هئي امرڪوٽ. همير سومري کي ٽي پڪا يار ها: ڏونگر ڀٽي، سينهڙو ڏاچاڻي ۽ راڻو مينڌرو. راڻو مينڌرو همير سومري جو سالو به هو.

درشيه

راجا نند جو محلات

همير سومرو پنهنجي محل ۾ خاص ڪمري ۾ ويٺو آهي. سندس اڳ ۾ سندس ٽي يار ويٺا آهن.
ڏونگر ڀٽي-
سينهڙو ڏاچاڻي-
راڻو مينڌرو ...

چارئي يار عيش و عشرت جا ڪوڏيا ۽ شڪار جا شوقين! هڪ ڏينهن شڪار ڪندي کين اڳ ۾ هڪ ”بابو رلڳو پيوس“ ڏٺو. جوڳيءَ جو سچو روپ مستڪ ڏسي کين نمسڪار ڪيائون ۽ ڪاڪ رنگ ۾ ڀيڪ جو ڪارڻ پڇيائون؟

شراب جو دور - هلندڙ.
شڪار جا ڪجهه درشيه.

جوڳي: مان به هڪ راجڪمار

همير ۽ سندس يار جوڳيءَ کي نمسڪار ڪن ٿا ۽ ڪجهه ڳالهائن ٿا.

مومل : چار شڪار اچي ويا آهن ناتر؟
ناتر : هائو راجڪماري، پورا ۽ پڪا چار شڪار.
مومل : صبح ٿئي- پوءِ هنن جي خبر وٺڻ وڃجانءِ.
ناتر : ٺيڪ آهي...

ڪاڪ محل جي ٻاهران ميدان / ٻاهر / پرڀات

(چار ئي يار ميدان ۾ وڇايل فراس تي ويٺا آهن. ناتر خوب هار- سينگار ڪري هنن جي مرحبا لاءِ آئي آهي. هن سان گڏ چار ٻانهيون به آهن جن مان هر هڪ جي هٿن ۾ هڪ ٿالهي آهي. ناتر هر هڪ اميدوار جي اڳيان چٽن جي ٿالهي رکي ٿي ۽ منجهيل سٽ جي ڦاري رکي پاڻ پوئتي هٽي بيهي ٿي رهي.
راڻي مينڌري کان سواءِ باقي ٽنهي يار چٽن کي جهٽي ٿا وٺن ۽ کائي پوءِ ٿا ڪن. صاف ظاهر آهي ته هو ڪجهه ڏينهن جا بکايل آهن.
ناتر سڀ ڪجهه چتائي ڏسي رهي آهي.
راڻو چٽن جي ٿالهي ڪڍي گهوڙي جي اڳيان ٿو رکي.
همير ۽ هن جي ٻن يارن چٽا کائي پيٽ پورو آهي ۽ هاڻي هو منجهيل سٽ سلجهائي رهيا آهن پر ڪاميابي ملڻ جا آثار نظر ڪونه ٿا اچن.
راڻو منجهيل سٽ کي ڪاتيءَ سان ڪپي ٿو ۽ اُن مان مهارو ٺاهي پنهنجي گهوڙي جو سينگار ڪري ٿو. ناتر سڀ ڪجهه عجب مان ڏسي رهي آهي.)

راڻو : وڃ ۽ وڃي پنهنجي راجڪماريءَ کي ٻڌاءِ ته گهوڙي لاءِ موڪليل مال گهوڙي کي ئي ڏنو ويو.

هلو هلو ڪاڪ ڙان،
جتي گهڙجي نيهن،
نه ڪا رات نه ڏينهن،
سڀڪو ٻاسي ٻران کي!

هوءَ سڀ آئيناءَ ۽ ايڊيائي
جي تصوير لڳي رهيا آهن.
ته اُنن جي تيز رفتار جا
ڪجهه درشيه.
راڻو گهوڙي تي سوار آهي-
سمند گهوڙي تي.

مئدان / ٻاهر / نماشام

وائيڊ شاٽ. ڪاڪ محل جي ٻاهران سنهي ـ ديوار جي ڀرسان همير ۽ سندس يارن اچي ديرو ڄمايو آهي. اُنن جي سواريءَ سڀ چار ئي يار ٿڪجي پيا آهن ۽ مئدان تي ليٽي ٿڪ مٽائي رهيا آهن.

ڪاڪ محل صاف نظر اچي رهيو آهي.

ڪاڪ ندي مستاني وَهڪ سان وهي رهي آهي.

ٽي اُٺ جڳالي ڪري رهيا آهن. سمند گهوڙو گاهه چري رهيو آهي.

ڪاڪ محل ۾ مومل جو خاص ڪمرو / اندر / رات

(ڪمرو بيحد خوبصورت طريقي سان سجايل آهي. مومل پلنگ تي ليٽي پئي آهي. سندس ڀرسان هن جي خاص داسي ناتر ويٺي آهي.)

ميدان.
(راڻي جي پرسان نانءُ بيٺي آهي. هن جي هٿن ۾ ٿالهه آهي.
راڻو پيڪٽ لاهي ٿو ۽ پسٽن، بادامن، ڪاجن ۽ طرح طرح جي
شڪل مِٺن سان ڀريل حلوو ڏسي ٿو. راڻو هڪدم زور سان
ڪڍي ٿو پيڪٽ ٿالهه جي مٿان رکي.)

راڻو : ڇا تنهنجي راجڪماريءَ اسان کي زالون سمجهيو
آهي جو هيڏڙو ننڍو زنانو طعام موڪليو اٿائين؟

(نانءُ ٻچي تڪڙو تڪڙو واپس وري ٿي.)

همير : راڻا مهندرا! تون آهين ته اسانجو سالو،
پر ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ ائين چوندو آهيان
ڇڪ ڪو زهريلو پالو!
گهوڙن وارا ڇٽا اسان کي ڪاٺ ڏنئه پر پسٽن بادامن
وارو حلوو موٽائي ڇڏيئه...

راڻو : منهنجا يار همير! دل نه لاهه!
اڃا پيو طعام آيو، آيو...

ڏونگر . اڙي — آيو — آيو...

سنهڙو : سچ پچ آيو — ٻلڪ اچي ويو —

نانءُ : (اوچتو فريم ۾ داخل ٿي.)
هي ڇتيهن ٻيدارن وارو ڀوڄن راجڪماري مؤمل
منهنجي شيءِ هٿن سان پاڻ تيار ڪيو آهي ۽ منت
ڪئي آهي ته ڪرپا ڪري هي ڀوڄن سوُ ڀڪار
ڪري اسان کي ڪرت-ڪارٿ ڪريو...

(نانءُ پاڻ سان گڏ آيل ڇٽن داسين جي هٿن مان سونيون ٿالهيون
وٺي هرهڪ نوجوان جي اڳيان رکندي ٿي وڃي. ٻيڇن داسي

(ناٿر جو منهن لهي ٿو وڃي. هوءَ چٺي پانهن سوڌي واپس وڃي ٿي. راٺو هن ڏانهن نهاري به ڪونه ٿو. گهوڙو ۽ چٺا ڪاٺي رهيو آهي.)

مومل جو خاص ڪمرو / اندر / ڏينهن

(مومل جي سامهون ناٿر بيٺي آهي.)

ناٿر : راجڪماري، چار پروانا توهان جي روپ جي جوالا ۾ پاڻ اربڻ لاءِ آيا آهن. آهن ته چارئي ڏاهوڪا ۽ من موهيندڙ ٿو... پر، راڻو راڻو آهي...

(مومل ناٿر جي اکين ۾ نهاري ٿي.)

ناٿر : منهنجي ته مرضي به آهي ۽ صلاح به آهي ته راڻي کي ڪٺي پنهنجي هردي جي سنگهاسڻ تي ويهاريو... هونئن به اهڙي روپوان ۽ پدمان نوجوان جي جان وارڻ کو عقل جو ڪم ڪونهي.

(مومل ڪجهه پل سوچي ٿي.)

مومل : ناٿر، جي روپوان راڻو سچ پچ اهڙو سهڻو به آهي ته ڀاڻهي اڄ اسان تائين پهچندو... هو سامهون پيو آتشي حلوي جو ٿالهه - مهمانن جي ناشتي لاءِ ڪٺي وڃ...

(ڪمري جي هڪ طرف ميز تي چانديءَ جو وڏو ٿالهه پيو آهي ٿالهه جو ڍڪڻ به چانديءَ جو ئي آهي. ناٿر ٿالهه ڏانهن وڌي ٿي.)

مَيدان

(راڻي جي سامهون ناٿر بيٺي آهي.)

ناٿر : جي همت اٿوَ ته هڪ هڪ ٿي اچي ملاقات ڪريو ۽ پنهنجو نصيب آزمايو.

سڀ : (هڪ آواز ۾) ائين ئي ٿيندو.

(ناٿر واپس وڃڻ لاءِ پوئتي مڙي ٿي.)

همير : ترس ۽ اسان همير سُومرا آهيون- ٿر ملڪ جا حاڪم. سڀني کان اول اسان تو سان گڏ ڪاڪ محل ۾ داخل ٿينداسين ۽ پنهنجو نصيب آزمائينداسين.

ناٿر : ته هلو حضور !

ڪاڪ محل جو باغ / ڏينهن

(همير ۽ ناٿر ڪاڪ محل جي باغ مان لنگهي رهيا آهن. باغ جو در لتاڙي پول پٺيان واري ڀڄري ۾ داخل ٿين ٿا. اوچتو ناٿر غائب ٿي وڃي ٿي ۽ همير اڪيلو رهجي ٿو وڃي. ناٿر جي لاپتا ٿيڻ تي سڄو وايومنڊل ڀيانڪ آوازن سان ڀرجي ٿو وڃي. آواز اهڙا ته خوفناڪ آهن جو انسان کي پاڳل ڪيو ڇڏين. همير جيئن تيئن ٿاٻا کائيندو کائيندو پنهنجي جان بچائي ٿو. ٺهڪن جو ڀينڪر آواز.

همير پنهنجي ٻارن جي اڳيان ڦان ٿي اچي ٿو ڪري. سڀ حيران ٿي ٿا وڃن.)

همير : مُومل مَنهنجي مؤت. پنهنجي جان بچايو. سر سلامت هوندو ته مُومليون به ماڻيون ...

سوني صراحي نوجوانن جي ڀرسان رکي ٿي ۽ اُن جي پاسي ۾ چار
سونا گلاس به رکي ٿي.
همير ۽ هن جا ٻه يار ڳائڻ شروع ڪرڻ وارا ٿي آهن ته راڻو هنن
کي روڪي ٿو.)

راڻو : همير، تون اڄ منتريءَ جي صلاح شايد ڀلائي ويٺو
آهين... او بيري جو ڏنل کاڌو ۽ پاڻي اسان جاچ
ڪرڻ جي ڪڏهن به نه ورتائي.

(راڻو ڪجهه کاڌو سامهون ٻڌل هڪ ڪتي جي اڳيان ڦٽي ٿو
ڪري. ڪتو کاڌو کائڻ سان ئي وڏي ٿو ڪوڪون ڪري ۽
ڦٿڪي ڦٿڪي اُتي ئي مري ٿو وڃي.
همير هڪدم هوش ۾ اُتي ٿو کڙو ٿئي. هن سان گڏ ٻيا ٻه اُٿي
ٿا اٿهن.)

همير : هلو ته موٽي وطن هلون. اسان لشڪر وٺي ايندا سين
۽ هن طلسمي محل جي هڪ هڪ سرزي جا ٽڪرا
اُڏائي ڇڏينداسين.

راڻو : (شانت - ڀاو سان) دوستو، واپس ورڻ وارن جو
ڪم ناهي. هاڻي ته ماڻهو مڙس ٿي ميدان ۾ لٿي
پونداسين ۽ ميدان ماريندا سين.

(ان وچ ۾ ناٽر ۽ پڙدو داسڻون کسڪي هلي ٿيون وڃن.)

مومل جو ڪمرو

(مومل جي سامهون ناتر ويٺي آهي.)

مومل : ڪوڙي! زبان بند ڪر. راڻي جي اڳيان جهڪي مان
ڪا پاڻ کي ڪلڻ - ماب ڪندين ڇا؟ ...... هاڻي
سڏو وڃ ۽ وڃي ڇٽين ته......

ڪري رهيو هو. ويچارو باغ مان ئي وڃي پيو.
سچ ٿو چون، جي ڀول-ڀليان ۾ پير رکي ها ته
پڪ ئي پڪ دل ٽٽي پوس ها ۽ اسان کي...

مومل : (وچ ۾ ئي ناتر کي ڪٽي) هڪ ٻئي لاش جي
انتم ياترا جو بندوبست ڪرڻو پوي ها.

(ناتر زور سان کلي ٿي. مومل جي منهن تي هڪ کوٽي مرڪ
آهي — ڀيانڪ، ڪٺور ۽ حيواني.)

ناتر : ٿيڻو راڻو وري سمجهڙي سمجهو ساهو. سمجهڙو ته
ڀٽيءَ کان ٻه ٻه رتون وڌ بزدل لڳو. باغ جي
پاهران ئي هيبتناڪ آوازن جا پڙاڏا ٻڌي وڃي ڀڄي
ڀاڳي پيو.

مومل : باقي اڪيلو آهي راڻو؟

ناتر : هائو راجڪماري! پر... مان چاهيان ٿي ڪاش هو
سوڀارو ٿئي — ته هان ٻنهي جي جوڙي لاجواب
رهندي.

مومل : (اک ٽوڙي ڪري) ناتر! مٿان اسان کي دوکو ڏيڻ
۽ راڻي جي مدد ڪرڻ.

(ناتر چپ آهي.)

مومل : چڱو، هاڻي وڃ ۽ وڃي راڻي مهندري کي آزماءِ.

ڪاڪ محل جو باغ / رات

(ڪئمرا ڪلوز راڻي مهندري جي چهري تي. ڪئمرا هڻي پل
اڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته راڻو گهوڙي تي سوار آهي ۽
ڀول-ڀليان واري ڀچري تان اڳتي وڌي رهيو آهي. ناتر

راڻو : دوستو، تو پنهنجو نصيب آزمايو. پر ڪي به وارو ڏنڊ گهرجي. اڄايو نه ته خلق اڳيان شرمندا ٿينداسين.

(هو جواب ۾ ڪجهه به نه ٿو چوي.)

مَيدان / رات

(پُراسرار ماحول. جهڪي روشني)

ناتر : (ٽنوليون ڪندي) قبلا! توهان ته همير سُومرا آهيو! هن ملڪ جا حاڪم آهيو! طلسمي آوازن کان ڏڪي ويا پڳا! ولهون اِئين همت ڪيئن آهن؟

(ناتر چپ ٿي وڃي ٿي. چار ئي يار شرم کان خاموش آهن.)

ناتر : آهي ڪو جيڪو ڪاڪ محل ۾ داخل ٿيڻ جي همت ڪري؟

ڏونرو ڀٽي : (مُڇون مروڙي) مان ٿو هلان— مان ڏونرو ڀٽي!

مومل جو ڪمرو / رات

(مومل پلنگ تي ليٽي پئي آهي. ناتر ٽڪ ڏيئي رهي آهي— مومل جي پلنگ جي پاسي ۾ اچي ڪري)

ناتر : سو راجڪماري، ڏونرو ڀٽي هليو. پهانڪ راس. اولده. هر پاڇو چٽو ڪر پوس. باغ جو هڪ هڪ گل پوس جي پهانڪ اک. اٿهي پٽي جو روح قبض

محلات جي اڳيان راڻي کي ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪوئي تلاءُ هجي پاڻيءَ جي ڇولين جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي.)

راڻو : تلاءَ ۾ ڇوليون!؟ يعني طلسم — هون...

(راڻو زمين تان هڪ ڪول ننڍڙو پٿر کڻي تلاءَ ۾ اُڇلي ٿو. پٿر ٻڏي ڪو نه ٿو بلڪ ٽڙڪندو ٽڙڪندو اونده ۾ غائب ٿي ٿو وڃي.
راڻو اُهو طلسمي تلاءُ گهوڙي تي سوار ٿي پار ٿو ڪري ۽ محلات جي ڏيڍيءَ تي وڃي ٿو پهچي.
اوچتو هڪ داسي اچي ٿي نرگهت ٿئي.
راڻو گهوڙي تان هيٺ لهي ٿو.)

داسي : (هٿ جوڙي) سائين، ڪاڪ محل ۾ توهان جو سواگت آهي... اچو.

(اُن وقت هڪ ٻي داسي به اچي ٿي اُتي پهچي.)

داسي : توهان پنهنجي گهوڙي جي چنتا نه ڪريو. گهوڙي جو ته پورو پورو خيال رکيو ويندو.

(راڻو اول آيل داسيءَ سان گڏ محلات ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ هن جي پٺيان پٺيان هلندي اچي ٿو ديوانخاني ۾ پهچي. اُتي ست کٽولا هڪ جهڙا سينگاريل پيا آهن. راڻو کٽولن ڏانهن چتائي نهاري ٿو)

داسي : سائين، توهان کٽولي تي ويهي آرام ڪريو — مان راجڪماري مُومل کي وٺي ٿي اچان.

(داسي هڪ طرف هلي ٿي وڃي.)

راڻو : طلسمي محل ۾ ست کٽولا — يعني حرڪتبازي ۽ حرفتبازي. چڱو، جي تون مُومل آهين ته اسان به راڻا آهيون. تو وٽ طلسمي تالا آهن ته اسان وٽ طلسمي چاٻيون...

(راڻو مياڻ سوڌي تلوار سان کٽولي تي ٺڪ ٿو هڻي. کٽولي

گهوڙي جي اڳيان اڳيان هلي رهي آهي. پهاڪ رات. ڏڌي روشني.
هڙ ڪنبائيندڙ آواز. پوڙهن. هانڪا. چيخون. پٺن جا ٺڪ.
سرگوشيون. اهڙا لفظ جيڪي ڪوئي ارٿ نه ڏين. شين جو
ڪرڻ. سازن جو وڄڻ. چوڙن جي ڇماڇم. پر راڻي جو هوش
برقرار آهي. هو هڪ پل لاءِ به پنهنجي نظر ناٿو تان ڪونه ٿو هٽائي.
اوچتو راڻي جو گهوڙو ٺهڪ جي ڪري ٿو.)

راڻو : يار سمند! هيءُ وقت ٺهڪ جو ناهي. فولادي دل
سان هر مصيبت جو مقابلو ڪندي اڳتي وڌڻ جو
آهي.

(راڻي جو ڌيان گهوڙي طرف ويندي ڏسي ناٿو گوهي ڏيئي
ڪسڪڻ جي ڪري ٿي ته راڻو هڪدم گهوڙي تان ڇلانگ لڳائي
وڃي ٿو ڪمس ڳچيءَ کان جهلي ۽ گهلي پڃري تي آڻي ٿو اڇاريس.)

راڻو : خبردار! جي چالاڪي ڪئي اٿئي. ورنه اسان جي
تلوار جي پياس سڀ کان اول تنهنجي خون سان
بجهندي. گهوڙي جي اڳيان اڳيان هل ۽ شريف
عورتن وانگر نه ڪاٻي نهار نه ساڄي نهار. اکيون
جهڪائي اسان جو رستو صاف ڪندي هل.

(اڳيان اڳيان ناٿو ۽ پٺيان راڻو سمند تي سوار پوڙل پلٽما وارو
پڃرو پار ڪري رهيا آهن پڃري جي ٻاهرين ورم بلڪل
اونده آهي. اوچتو ناٿو وجهه وٺي گهوڙي کي ٺوڪر تي ڏئي ۽
اونده ۾ غائب ٿي وڃي ٿو. راڻو گهوڙي تان هيٺ ڪري ٿو پوي.
راڻو پاڻ سنڀالي اٿي ٿو. اکيون مهٽي ٿو. سامهون محلات جو
ڪارو روپ ڏسي ٿو. ڪاري اونده ۾ پڌل محلات ۾ اندر ڪٿي
ڪٿي روشني آهي جنهن جا هلڪا ترورا محلات کي ڪجهه
ڪجهه پڌرو ڪري رهيا آهن.
خوفناڪ آواز اڃا به جاري آهن.

راڻو : اڇا ! ڪو امتحان هجي ته اسان تيار آهيون.
مومل : (مخاطب ٿي) اي منهنجا راڻا ! اسان کي وڌيڪ
شرمندو نه ڪريو. اسان جي جان، توهان تي قربان.
اسان زندگيءَ ۾ توهان جا گولا ٿي گذاريندا سين.
(راڻو ۽ مومل ٻوهور ڀاڪر پائن ٿا.)

شاديءَ جا شادمانا.
شادي.
سهاڳ رات.

(شاه لطيف جي ڇهري جو ڪلوز - اپ.)
شاه لطيف: ڪجهه گهڻا ئي گهائيا،
هاڻي نه —
پاڻا لڳندس گهاءَ!
ڪان ڪپار ۾!

امرڪوٽ: همير جو قيد خانو / اندر / ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز راڻي مينڌري جي ڇهري تي. ڪئميرا جي پل ٻئي ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته راڻو قيد آهي. قيدخاني جي ڪمري جي ٻاهران سپاهي پهرو ڏئي رهيا آهن. راڻو ٻنڌڻن ۾

تي وڇايل گديون، غاليچا ۽ طول وهاڻا وڇي ٿا هيٺ اوڙاھ ۾
ڪرن. راڻو اندر اوڙاھ ۾ لهڻو پائي ڏسي ٿو ۽ سندس اکيون
ڦاٽي ٿيون وڃن.)

راڻو : سُومل! حسين آهين ۽ خوبصورت به آهين، ڀالا! ٻرچيون!
(راڻو هڪ ڪٽولي کي آزمائي ڏسي ٿو. ڇهن ڪٽولن جا بسترا
وڃي ٿا اوڙاھ ۾ ڪرن. ستين ڪٽولي جو بسترو جهڙين جو تهڙين
برقرار رهي ٿو. پوءِ به ٻختائيءَ جي خيال کان راڻو ان جي هيٺان
۽ آس پاس چڪاس ڪري ٿو. سڀ ڪجهه ٺيڪ ٺاڪ آهي — اهو
ڏسڻ ٺهڻ کان پوءِ راڻو بالم اٿجي، طول وهاڻي کي ٺيڪ ڏئي
ڪٽولي تي ويهي ٿو رهي. تلوار پنهنجي پاسي ۾ ڪٽي ٿو رکي.
ان وقت هڪ داسي اچي ٿي.)

داسي : ڪرپا ڪري مٿي هلڻا اچو.

ڪاڪ محل جو شاهي ڪمرو / رات

(ڪمري ۾ شاهي لباس پهري پندرهن رو ٻوٽيون جو پتليون
جدا جدا جڳهين تي ويٺيون آهن. سڀني جي چهري تي هڪ
جهڙي مرڪ آهي.
راڻو داسيءَ سان گڏ اندر داخل ٿئي ٿو.)

داسي : هنن پندرهن سومرن مان پنهنجي سومل پاڻ ڳولهيو.
(ان وقت هڪ ڀونرو ڀون ڀون ڪندو اچي ٿو ۽ حقيقي سومل
جي چوڌرد ڦيرا ڀون پائي ٿو. راڻو اندازو لڳائي ٿو ته اها ئي
ڪاڪ محل جي راجڪماري سومل آهي. هو سندو وڃي ٿو سومل
جي اڳيان بيهي رهي.)

ڪري ٽوڪي ان شرط تي آزاد ڪيوسين ته، اُن
ذهريلي ناڳڻ جو وري منهن نه ڏسندين. ڇا تو
انجام پاتو؟... نه، تو انجام ڪونه پاتو. تون
اسان جي اکين ۾ سرمو پائي مومل سان ملڻ لاءِ ويندو
رهئين... ٻڌوسين ملڻ ٿي اسان وري ڪٺي ٽوڪي قيد
ڪيو...... اسان جي راڻي يعني تنهنجي ماڻ جهڙي
منٿن ۽ ايلازن جي ڪري اڄ اسان هڪ دفعو
وري ٽوڪي آزاد ڪري رهيا آهيون... دل ته
اسان جي بلڪل نٿي چاهي ته ڪو تنهنجا بند خلاص
ڪجن، پر... پر اسان پنهنجي راڻيءَ کي به هرو ڀرو
ناراض نٿا ڪرڻ چاهيون. راڻا تون آزاد آهين...
اسان اُميد ٿا ڪريون ته تون وري اسان کي ڪوئي
اُگرو قدم کڻڻ لاءِ مجبور نه ڪندين......

(هيمر تيز تيز قدم کڻندو بندي خاني مان ٻاهر نڪري ٿو وڃي.)

راڻو ڏاچيءَ جي هڪ ڳوڙوه تي سوار ٿي مومل سان ملڻ لاءِ
ڪاڪ محل طرف وڃي رهيو آهي.

خيالن ۾ گم هڪ ڪنڊ ڪان زمين تي ويٺو آهي.
همير اچي ٿو. پهريدار کيس باعزت سلام ڪن ٿا. همير پهريدارن
کي هٿ خالي جو دروازو کولڻ لاءِ اشارو ڪري ٿو. پهريدار دروازو
کولين ٿا. همير اندر وڃي راڻي جي سامهون بيهي ٿو رهي.
راڻو پنهنجي ئي خيالن ۾ گم آهي. کيس اها به سڌ ڪو نه
ٿي پوي ته ڪو دروازو به کليو آهي ۽ همير اندر داخل ٿي چڪو
آهي. پر جڏهن همير هن جي پرسان اچي بيهي ٿو ته هن قدمن
جي آواز ۽ پڻ ٽنگن جي اڳيان اچي بيهڻ جو درشيه هن جي
تندرا کي ٽوڙي ٿو ۽ هو اکيون مٿي کڻي نهاري ٿو. پر پوءِ
وري اکيون جهڪائي ويٺو ئي ٿو رهي.)

همير : جنهن حسن جي اسان تمنا ڪريون اهو حسن اسان
کي، فقط اسان کي حاصل ٿيڻ گهرجي. اسان پنهنجي
پيار کي ٻئي جي ٻانهن ۾ هرگز گوارا نه ڪري
سگهنداسين، پوءِ چاهي اهو اسان جو سالو - اسان جي
راڻيءَ جو ڀاءُ ئي ڇو نه هجي ا...

(راڻو ڪوئي رد عمل ظاهر نٿو ڪري. هو ٻروڪار روپ سان
سڀ ڪجهه ٻڌي رهيو آهي.)

همير : تنهنجي ڪري اسان جي سراسر بي عزتي - زبردست
بي عزتي ٿي آهي. اسان مهارڪو وس ڪري
توسان گڏ ڪاڪ محل ۾ هلياسين ته مومل چاڙهي واري
اسان کي مينهن ڏيڻ لاءِ ڇيو! ۽ تون؟ تون مومل
کي پاڻ سان گڏ وٺي هليو وئين ۽ وڃي عيش ڪئي!
ڇا اسان غلط آهيون؟

(راڻو اڃا به خاموش آهي.)

همير : اسان غصي ۾ پنهنجي پاڻ تي وياسين ۽ توکي ڪٽي
ڪاٺ ۾ وڌوسين، پر جيئن ڄڱن جي وچ ۾ اوڻ

روڪي ٿو ڇڏي ۽ پنهنجي تلوار مومل جي پاسي ۾ رکي ڇپڇاپ ٻاهران ٻاهر ڪري هليو ٿو وڃي.)

(ڪاڪ محل ۾ مومل تڙپي رهي آهي. سين اوور لئپ ڪري ٿو - زناني آواز ۾.)

بيت : شمع ٻاريندي شب، پره ڦاٽڻ ڪيئون،
موٽ، مران ٿي، مينڌرا! واڻا ڪارڻ رب،
تنهنجيءَ ناس طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا!

(مومل، سومل ۽ سندن داسيون ڪاڪ محل ڇڏي امرڪوٽ طرف وڃي رهيون آهن.
سين اوور لئپ ڪري ٿو - آواز زنانو.)

بيت : سوڍا صبر تنهنجو، مرڪ لڄائين،
چپ سڄڻ جي چون، ادب ڪجي اُن جو.

(شاهه لطيف جي چهري جو ڪلوز - اپ)

شاهه لطيف : جڏهن انسان جا سڀ حيلا وسيلا ناڪام ٿيا ٿين،
هارائي ٿا وڃن تڏهن هڪ ئي آهر ين سهارو وڃي
ٿو بچي...

(مومل باهه ۾ جلي رهي آهي. راڻو ۽ ڊڪندو ڊڪندو اچي ٿو مچ ۾ ٽپي پوي!)

سوترڌار (فقط آواز)	درشيہ
اُن ڪوٽ جي قيدخاني ۾، جي هڪ طرف راڻو مومل جي ياد ۾ بيقرار هو ته ٻئي طرف ڪاڪ محل ۾ راڻي جي جدائيءَ ۾ مومل به بيحال هئي!	راڻو قيدخاني ۾.
ڏينهن ته جيئن تيئن ڪري گذاري ڇڏيندي هئي پر جدائيءَ جي رات جو هڪ هڪ پل ڪارنهر ٿي ڪري ڏنگيندو رهندو هو.	مومل بيجان بت بڻيو ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺي آهي مومل بستري تي ڦر ڦر پاسا بدلائي رهي آهي.
پاڻ کي ان پاڻ لاءِ ۽ انجڻ من کي ڪجهه تسلي ڏيڻ لاءِ مومل پنهنجي وڏي ڀيڻ سومل کي راڻي منڊري جا ويس وڳا پهرائي راڻي جو پلنگ تي پاڻ سان گڏ سمهاريندي هئي- ان ڪيس ڪهڙي خبر ته: هڪ ڏينهن......	مومل ۽ سومل هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي سمهيون پيون آهن. سومل کي راڻي جو لباس پهريل آهي.

(راڻو منڊرو پڙدو هٽائي مومل جي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ اوچتو رڪجي ٿو وڃي. مومل هڪ غير مرد سان ڀاڪر پائي سمهي پئي آهي !

راڻو غصي ۾ تپي لوهه ٿي ٿو وڃي. تلوار ڪڍي ٻنهي جا سر ڌڙ کان ڌار ڪرڻ وارو ٿئي آهي ته اوچتو ڪجهه سوچي هٿ

سائين، اها سٽ ساهه سان وڃي اهڙي نموني سمجهي
ويٺي آهي جو ساهه وڃي ته وڃي، ان سٽ جو
سمجهو نه ويندو...

شاهه لطيف: ميان، جي مرضي هجئي ته سڄو بيت ٻڌايانءِ جنهن
جي هيءَ سٽ آهي.

جت : سائين، ان کان وڌ ته مون جهڙي لاءِ قارون جو خزانو
به ڪونه ٿيندو... ڌڻي توهان جو ڀلو ڪندو...

شاهه لطيف: ٻڌ ميان -

هڪلائي هل، پورينديس پنهونءَ ڏي،

(جت خوشيءَ ۾ اُٿي اهڙي جهومڻ ٿو لڳي.)

شاهه لطيف: آڏا ڏونگر لڪڙن، سوُر ٿيُون سڀن سيل،

(جت وجد ۾ اچي رقص ٿو ڪري.)

شاهه لطيف: نه ڪر ٿولهي آهن ٿيل، جي سوُر پريان جا ساڻ مونءِ

(جت جو تن ست پڌڻ ۽ بيهوش ٿي ڪري پوڻ.
شاهه لطيف جهڪي جت کي جاچي ٿو. هو مري چڪو آهي.)

شاهه لطيف: ميان، تو جهڙو دردوارو انسان نه مون ڪڏهن
ڏٺو آهي ۽ نه وري ڏسڻ جي اُميد ٿي آهي...
رب تنهنجي روُح کي مغفرت بخشي.

(شاهه لطيف پنهنجن هٿن سان اڪيلي سر قبر کوٽي ٿو ۽ عشق
جي تصوير، جت جو لاش دفن ڪري ٿو. زمين جي اُن ٽڪر
تي شاهه لطيف خاص قسم جون سرُون رکي نشان - دهي ڪري
ٿو جيئن اڳتي هلي قبر جڙي سگهي.
شاهه لطيف ان جڳهه ڏانهن ڪجهه دير نهاريندو رهي ٿو.
شاهه لطيف جي اکين جو ڪلوز - اپ.)

— فيڊ آئوٽ

باهه جا الا آسمان ڇهي رهيا آهن.)

شاهه لطيف: اڳتي... اڳتي... ۽ اڳتي......
سڀ ڪجهه سواها... سواها... سواها......

ننگر ٺٽي ڏانهن ويندڙ رستو / ڏينهن

(شاهه لطيف اڪيلائي ۾ اڪيلو ننگر ٺٽي ڏانهن واپس وري رهيو آهي. اوچتو سندس ڪن تي ڪلام جي هڪ سٽ ڏاڍي دردناڪ آواز ۾ ادا ڪيل ڪن پويس ٿي.)

سٽ: هيڪلائي هل،
پرينديس پنهونءَ ڏي...
هيڪلائي هل، پرينديس پنهونءَ ڏي...

(شاهه لطيف دردناڪ آواز طرف نهاري ٿو.
(سامهون هڪ غار ۾ هڪ شخص مايوسيءَ جي عالم ۾ ويٺو آهي ۽ ورور مٿين سٽ پيو ٿو دهرائي.
شاهه لطيف غار طرف وڃي ٿو.)

شاهه لطيف: ابا، تون ڪير آهين؟

شخص: سائين، مان هڪ جت آهيان.

شاهه لطيف: ابا، تون ورور ڇا پيو ٿو دهرائين؟

جت: سائين، جون ۾ ڪاڪ پوري لکيل ڪنهن دردناڪ ڪلام جي هڪ سٽ آهي.

شاهه لطيف: ابا، اها سٽ ڪٿان مليئي؟

جت: سائين، حال جي پرسان لڳڻي رهيو هوس ته ڪن فقيرن اها سٽ ورور پئي دهرائي..

ويڊيو پبليڪيشن جو اسڪرپٽ - ساهت

(۱) جوڳي جادو لائي ويا (۱۹۸۷) - منوهر - جگديش
[مرڪزي سرڪار جو انعام حاصل ڪيل]

(۲) ڳليءَ ڳليءَ ڏو ڳاڻان (۱۹۸۷) - منوهر - جگديش

(۳) پؤ - ڦٽي پوڻي (۱۹۸۸) - منوهر - جگديش

(۴) ڪر يو نہ تنهنجو ڪير (۱۹۹۰) - منوهر - جگديش

(۵) جل ۾ جوتين وارو (۱۹۹۲) - منوهر - جگديش

(٦) نيڻين ننڊ حرام (۱۹۹۳) - منوهر - جگديش

Cover Designed & Printed by **ART SPOT**, BOMBAY-Tel: 464134-395057



منوهر بيدي - جگديش لڇاڻي

عشق تمام، بِرهه تمام، ووءِ! مَٺن لوُنئِي يارُ لوڪو!
سيجَ سُتي نوُن جهپَ نه آوي، نيڻين نند حَرامُ،
راتيان جاڳڻُ، صاحبُ سنڀالڻُ، اِي فقيرانِ دا ڪامُ،
مَتِ عقلَ دي مُنجهه گئي، آيا عشق اِمامُ.

NENEN NIND HARAM

—MANOHAR BEDI
JAGDISH LACHHANI.

VEENA PUBLICATION